
# گنڍيون منجهه گنڍير

(لطيفيات)



## عطا چانهيون

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

گنڍيون منجهه گنڍير (لطيفيات)
عطا چانهيون
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

naeemdeswali

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

# ڳنڍيون منجهه ڳنڍير

## لطيفيات

ليک

**عطا چانيهون**

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

هن ڇاپي جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڳنڍيون منجهه ڳنڍير |
| ليک: | عطا چانيهون |
| لي آئوٽ: | ظفر علي چانگ |
| ٽائيٽل ڊزائن: | نعيم ديسوالي |
| سال: | 2018ع |
| ڇپيندڙ: | نيو انڊس پرنٽنگ پريس |
| ڇپائيندڙ: | ثقافت کاتو حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 250/- |

**ملڻ جو هنڌ**

ثقافت ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي، سنڌ. 77400

فون: 021-99206073

# فهرست


پبلشر پاران ........ 5

پنهنجي پاران ........ 7

مونکي ماءُ مجاز؛ پِڇياري جيئن پِڇيو ........ 13

سورهَ مرين سوپَ کي؛ ........ 21

کو جو کنهن پار؛ اکيون پسي آئيون ........ 27

تون پُڻُ کَريجُ تيئن؛ ........ 35

سِرُ ساندارڻ کري پُڇج گهرُ لوهار جو ........ 41

پائي پانڌ کپاهه؛ جان مون آتَڻَ نهاريا ........ 47

ککر منجهه کپار؛ جهڙ نيٽئون نه لَهي ........ 53

مونکي چاڙهي چينءَ؛ ويو وٽجهارو اوهيري ........ 61

وَرُ اها ئي وير جيئن ڏَڻُ تسي تڙ اچي ........ 67

جاءِ نه سارو ڏينهن؛ هينئڙو اوٺي وڳَ جيئن ........ 77

جوڳَ نه جو ڳوتون؛ ڪرين پچارون جوڳَ جون ........ 81

عشق ايئن کري؛ جيئن چارو چامَ کُلهي تي ........ 89

سنها پانءِ مَ سَپَ؛ وياءَ واسينگن جا ........ 97

اُتَنِ وِهَنِ اَدَبَ سِين؛ ڳالهائين نرم ........ 103

هُئس وڏيرو وَڳَ جو ........ 109

هنجنِ سِينِ هيکار؛ جي ٻاجهه کري نهارينِ ........ 113

وَڳَر کِئو وَتَنِ؛ پِرتِ نه چنن پاڻَ ۾ ........ 121

تَنِ سُورَنِ کي شاباس؛ جَنين مُون سِينِ گهاريو ........ 127

کانگ نه کوڙا هُونِ؛ پريان سندي پارَ جا ........ 135

گهوڙن هَنيُون گهٽيُون؛ اُنَنِ هَئِي آءُ ........ 143

چندَ چَوَئِين سچُ؛ مَرُ مَنيائِين پانئِيين ........ 153

آٽينِ ۾ چاڙهينِ؛ ڏُٿُ ڏِهاڙي سومرا ........ 159

لاکا لَکَ سُجَنِ؛ قلاٺيءَ قيرُ پيو ........ 169

جي پائين پرين مڙان ........ 177





اڳڻ تازي پَهرِ کُنڍِيُون؛ پَکا پٽ سُونهَن ........ 183

مُومَلَ کي مجازَ جا اکڙين ۾ اَلِماسَ ........ 189

موکي منڌُ پيارُ؛ اُونچو اُونچي مَٿَ مان ........ 205

جي لِيلائي نه لَهين؛ ته پُڻُ لِيلائيجُ ........ 215

محرم موٺي آئيو؛ آئيا تان نه امام ........ 225

رَچي جي ريتو تيان؛ کِينَ اُباتِجَنِ اُوءِ ........ 235

کَڙهي ۾ کَڙي؛ پَرَ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو ........ 241

پونچا ڏِٺُمُ پيرَ؛ ڍَکَڻَ مٿي ڍولَ جا ........ 247

مارِيءَ ميرا کپڙا؛ بَغَلَ منجهه بندوق ........ 259

هيرائي هَٿِ کيو؛ هينئڙو حبيبَنِ ........ 267

مينهيُون هِنَ ميهارَ جون؛ الله سَپِ بَچَنِ ........ 273

ثابت ٿيندي. ۽ اميد آهي تہ شاهہ سائين جي آفاقي شاعريءَ جا اجا ٻيا بہ رخ سامهون ايندا. ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائين جي شاعري جو هر پاسو عظيم آهي!

هنج مڙيو ئي هنج، ميرو منجهن ناهہ ڪو!

**غلام اڪبر لغاري**
سيڪريٽري ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومت سنڌ، ڪراچي



## پبلشر پاران

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي ڪيترين ئي شرحون لکيون ويون آهن، ڪيترن ئي محققن ۽ دانشورن شاهہ سائين جي بيتن ۽ واين جون سمجهاڻيون ڏنيون آهن. سندس شاعري مان اشارا ۽ رمزون هٿ ڪري ناول لکيا ويا آهن، ڪهاڻيون ۽ سفرناما بہ لکيا ويا آهن تہ ڊراما پڻ تحرير ڪيا آهن. مطلب تہ هر محقق، ليکڪ ۽ ناولنگار پنهنجي سمجهہ آهر لطيف سائين جي شاعريءَ جي سمنڊ مان موتي ميڙيا آهن. پوءِ ڪن کي تصوف جو جهان مليو آهي تہ ڪن علامتون ڪڍيون آهن، ڪن کي جماليات جا جلوا مليا تہ ڪن کي وري سنڌي ثقافت جا روشن باب مليا تہ ڪن کي وري قومي ۽ فڪري ڌارائون هٿ آيون آهن. پر پوءِ بہ محقق چون ٿا شاهہ جي شاعريءَ ۾ اڃا ڪيئي املهہ موتي پيا آهن، جيڪي اسان جي ڏاهن کي هٿ ناهن آيا. عجيب صورتحال آهي تہ شاهہ سائين جي شاعري هر دؤر ۾ نئين ۽ نرالي ٿي سامهون اچي ٿي ۽ هر ماڻهوءَ کي الڳ انداز سان متاثر ڪري ٿي.

زير نظر ڪتاب "**ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير**" ڀٽائي جي ئي هڪ چاهيندڙ عطا چانهيون جي محبتن ۽ محنتن جو ثمر آهي. هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ ليکڪ ڪوشش ڪري شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ ڪتب آندل شين، پکين، جانورن، هنڌن، ماڳن، ريتن، رسمن، سنوڻن سائن، ڪِرت ۽ پورهين کي جديد انداز ۾ بيان ڪيو آهي. يقيناً لطيف سائين جي شاعريءَ کي نئين طرز سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪارگر

# پنهنجي پاران

تہ ڳر ڪنهن سُئي، جي سيرَ نہ ڳهڙي سُهٽي

سرڪار جي هن سٽ منجهان متاثر ٿي مون فيصلو ڪيو تہ.

آئون بہ ڪجهہ اڳيري ٿيان،

بنيادي طور تي آئون ڪو ليکڪ تہ نہ آهيان ۽ لکڻ تہ مون کي ايندو ئي ناهي، وري بہ لکيم سو بہ لطيف تي، ڏپ بہ وڏو هو پر وري لطيف جي هن سٽ همت وڌائي.

چاهت پائي چتَ ۾، رندا روڙيا جَنِ،

سو ڪينم پنهنجو موبائيل ۾ ان تي لکڻ شروع ڪيم. منهنجو پهريون ليک لطيف جي هنن سٽن جي ڳولا جو هو.

جي پانئين پرين مڙان، تہ سِڪَ چوران ڪي ڏاڪ.

هري ڏاڍي اهو ليک سنڌ ايڪسپريس اخبار ۾ ڇپيو. ڪجهہ دوست يارن وڏو همٿايو تہ يار ان ڪم کي جاري رکينس. ان همت افزائي منهنجو حوصلو وڌايو ۽ مون بہ لطيف سرڪار جي هيئين سٽ جو ڏڍُ وٺندي اهو فيصلو ڪيو تہ.

ڳهِڙيا سي چَڙهيا، ايئن اٿيئي،

لکڻ ۾ وڏي ۾ وڏي منهنجي مدد لطيف پاڻ ڪئي، هن جي هڪ هڪ بيت ۾ رهنمائي، همراهيءَ، همت، حوصلو عشق، مجاز، قرب، ڪمائي، جهڄڻُ، جُهوري، لنءُ، لوري، سِڪَ، اُڪيرَ، ڏنڌا ڏاڙيون، ريتون، رسمون، سنوڻ سانسٽ، عزت، غربت، لَڄَ، حياءُ، ڄڻ تہ هڪ وڏي سمنڊ کي هڪ ڪوزي ۾ پري ڇڏيو اٿس. جنهن جي شاهدي هن سٽ ۾ ملي ٿي.



جيڪي منجهہ جهان، سو تاري ٽڳي تنهنجي،

مطلب تہ پوريءَ ڪائنات کي هڪ سٽ ۾ پروئي ڇڏيو اٿس. ان هستيءَ تي مون جهڙي اَلهڙ جو لکڻ ڄڻ ايئن آهي جيئن،

تري پڳي ڪنگري، ٿلها ڦيرا ڏي،

نہ آٽي نہ نئي، تہ سلهاڙي وتي ساڻَ سِين.

هن ڪتاب ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي هر داستان يا سورميءَ مان ڪجهہ ورچ ڪڍان، لطيف تي لکندي الاهي اديبن جو اکيون انڌيون ٿي ويون، پر پورائو ڪري ڪو نہ سگهيا سو مون مسڪين جي ڪهڙي مجال جو رسان ان جي رمز کي،

ڪنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رَسي ان رمز کي.

ان سڄي سفر ۾ محسوس ڪيم لطيف جي هڪ هڪ بيت تي جيڪڏهن ڪتاب لکجن تہ بہ گهٽ آهن. لطيف تمام وسيع ۽ گهرو آهي، هن جي هڪ ئي بيت کي هر پيري پڙهڻ سان هڪ نئي راهہ ملي ٿي. تنهنڪري لطيف تمام گهرو لکيو آهي ايترو گهرو جو ڪنهن جي رسڻ جي مجال ئي ناهي.

منهنجي هن ڪم ۾ خاص رهنمائي لطيف ئي ڪئي آهي، جيڏاهن بيت وٺي ويندا هئا آئون بہ هڪ مقناطيسي ڪشش وانگر اوڏانهن ڇڪبو ويندو هئس. ايئن ئي قصو هلندو رهيو. لطيف پاڻ رهنمائي ڪندو رهيو. جڏهن لطيف جي ڳالهہ هجي تہ اسان جا سنڌي سمورا لطيف جا عاشق آهن تن اچي هٿ ونڊايو. جن مان اڇڙي ٿر ۾ لوڪ ڏاهپ جو ڏاڏو حاميد فقير، بدين جو ڪاهوڙي ماڻهو چاچو موسيٰ جوکيو، بدين مان ئي عشق جو ڪاريل عبدالڪريم لنڊ، عمرڪوٽ مان سنڌ جو الست عاشق جمن دربدر، ڊوري ناري مان لطيف سان نئون نينهن لڳل غلام نبي سمي، ۽ ٻين دوستن هن فقير جي هن ڪتاب لکڻ ۾ وڏي رهنمائي ڪئي.

قاتل ڪمائي ڪري، وهہُ ماڪي جي ڪن،
وٺان ويهي ٿَن، پُيُجُ ڪي پيااليون.

هڪ راز جي ڳالهہ اها تہ هنن لکڻين ۾ جنهن فقير جو ذڪر آهي سو آئون ئي آهيان، اهي ڳالهيون، اهي پنڌ اهي پيچرا مون کي لطيف ڏيکاريا، آئون لطيف جي انهن گسن، انهن پنڌن، انهن پيچرن، انهن پيڙهين تي ويس جن تان لطيف گذريو هو ۽ هر شيءِ منجهہ لطيف کي پسڻ جي ڪوشش ڪيم. انهن ڪردارن سان ملاقاتون بہ ڪيون جيڪي لطيف جا آئڊيل رهيا. ۽ پوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ جيڪر آئون انهنس ان نہ ملان ها تہ، اهو ڪم مون لاءِ لطيف جي هن سٽ وانگر آهي.

آئون ڪُهہُ جاڻا پنڌ ڪيچَ جو.

سچ ۾ انهن لطيف جي گسن پنڌن کان پهريان مون چڱي ريت سنڌ بہ ڪو نہ ڏٺي هئي. جڏهن سرڪار کي پڙهيم تہ سرڪار مون کي سنڌ سموريءَ تہ ڏيکاري ئي ڏيکاري پر ان سان گڏوگڏ دنيا جا ٽيويهہ ڏيهہ ڏيکاري ڇڏيا.

ٿورا مَر ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

هن ڪتاب ۾ مون گهڻو ڪري لطيف سرڪار جي ڪلام وارو لهجو ۽ لفظ رکيا آهن، ڇو جو لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جن ڪردارن جو ذڪر ڪيو آهي تن جو بہ سادڙ و نِجُ ٻهراڙي وارو لهجو آهي ۽ مزي جي ڳالهہ اها تہ آئون جنهن علائقي اچڙي ٿر جي ڳوٺ بانڪو چانهيون ۾ رهان ٿو اتي بہ اهي لطيف جي ڪلام وارا لفظ ۽ لهجي سميت ڳالهايا وڃن ٿا. سو مون لاءِ لطيف جي ڪلام ۽ ان جي ڪردار جي ٻوليءَ وارو لهجو هڪ طرح سان ٿورو آسان بہ رهيو.

جي پڇن پنڌُ پري، تہ اُماٽيو اوراهون ڪري.

هن ڪتاب ۾ مون جيڪو لطيف جي ڪلام کي گواهہ ڪندي



لکيو آهي تنهن جو خاص مقصد اهو آهي تہ لطيف جي فڪر ۽ ڪردارن تي مختصر ۽ جامع ڪهاڻيون لکي لطيف جو پيغام کي توهان تائين پهچايان.

پانڌي پرين پونهارن کي، ڏِجُ نياپا نيڪي،

هن ڪتاب جي هر ڪهاڻي جي عنوان جي چونڊ لطيف سرڪار جي ڪلام جي سٽن سان ئي ڪئي اٿم. ڇو جو منهنجو هي ڪم سڄو لطيف جي ڪلام تي آهي ۽ اهي عنوان ئي انهن ڪهاڻين لاءِ موزون آهن.

جڏهن مون لطيف کي لَنوَ سان پڙهيو، تڏهن لطيف جي ڪلام ۾ جن شين جو ذڪر ڪيل آهي تَنَ جي ڏسڻ جو شوق ٿيو. پوءِ انهن، وڻن، ٽِڻن، ٻوٽن، پکين، پکڻن، جانورن، بلائن، مطلب هڪ هڪ ڪري سڀ ئي شيون وڃي پنهنجي اکين سان ڏٺم. ان سان گڏوگڏ جن پيڙهين جو سرڪار پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر ڪيو آهي جهڙوڪ، لوهار جي پيڙهي، ڪنڀار، سونار، واڍو، ڪتي، ڌوٻي، آتڻ مطلب تہ انهن جي ڪم جي هر اها شيءِ جنهن جو لطيف جي ڪلام ۾ ذڪر ڪيل آهي اها مون نہ صرف ڏٺي ۽ ان جو ڪارج سمجهيم پر انهن شين جنهن کي لطيف سرڪار ڳايو آهي. اهي ڪٺي اچي پنهنجي وطاق تي بہ رکيون ۽ انهن سان هڪ ميوزيم پڻ ٺاهيو اٿم. انهن سڀني شين جو تصويري ڇاپو شاهہ جي بيتن سان گڏ جلدي آڻڻ جو ارادو پڻ اٿم. جنهن جو نوي فيصد ڪم پڻ ٿي چڪو آهي. شاهہ سائين مون کي انهن رولاڪين ۾ سيکاريو تہ ڪتيءَ ڪپڙي کي ڪوڙ ۽ پاهہ ڪيئن ٿو ڏي، ڌوٻيءَ جو ڪنڀُ ڪپڙن کي ڪيئن ٿو ڪاري، لوهار جي مترڪن جي مارَ سان سانداڻ ڪيئن ٿي سهڪي، ڏَوَڻَ جي ڏَئِڻَ سان اڱار ڪيئن ٿا ٻرن، ڪنڀار ڇا ٿا مٽيءَ ۾ پايو مَنين، يا انهن جي نهائينءَ وانگر نيهن ڪيئن ٿو نبيرجي، واڍو وڻ کي ڪيئن ٿو وَڍِ ڏئي. سيراهي ڪيئن ٿي سَلَ ڪڍي، ڪرٽ ڪپار ۾ ڪيئن ٿو وهي، ڪونجَ ڪيئن ٿي

ڪُرلائي، هنجُ ڪيئن ٿو هيرائي، ڪانءُ ڪيئن ٿو ڪُرنيشيون ڪري، ٻاٻيهو ڇا ٿو ٻولي، تاڙو ڪيئن ٿو تنواري، هرڻ ۽ هماءُ ڪيئن ٿا سنسار ۾ سرگردان ٿين، اُنن جا اوٺار ڪهڙا آهن، توڏا تڙٻنگ ڪيئن ٿيا، گورا نيش ڪيئن ٿيا، موڏا مهيري ڪيئن ٿيا، پلن جا پاٽا، وَڄُن جا وٿاڻ ۽ ڪُنڍيين جا پُورَ ڪهڙا ٿيندا آهن.

گهوڙا ۽ گهوٽ ڪيئن ٿا سينگارجن، رُڃَ ۽ رُهي ڇا آهي، ٿرَ جي ٽاڏيل ڪهڙي آهي، مليرَ جا ڏوٿيڙا ڪيئن ٿا ڌُٿَ لاءِ ڏورين، لنبُ سان لاپسي ڪيئن ٿي پيٽجي، ڏنورا، پسي، پڪا ڇا آهن. ٿَرَ جا ٿوهر، ڪارا ڪبڙ، منيون مڪٽيون، ٻاڙهيون ڀُولهون، ٿهڪيل توههَ ڪهڙا ٿا ٿين، پيرون مَڪُون ٿيندي ڪيئن وڃي ڪوڪڙ ٿين ٿا، انهن مَڪُن جون مارئڙيون ڪيئن ٿيون ڦڪون پرين، مومل جو مجاز ماڻڻ لاءِ ڪهڙا لوڏي لڊاڻي تي آيا هئا، گجميل جي گجرين عمرڪوٽ جي راجائن جي دلين تي ڪهڙيون تبرون هنيون، سسئيءَ کي سيڻ ڪهڙو وڇوڙي جو ورههُ ٿا ڏين، پوءِ هوءَ وڃي هاڙهي کي هڪلي ٿي، مِروئن سان ملي، پيرَ پٿون ڪري رائو رُلي ٿي، نوريءَ جو نياز ڪهڙو آهي، لِهورَ جي ليلان ڪيئن مَٽين تان موهجي ڏهاڳڻ ٿي، سورٺ جا سوال، راءِ ڏياچ جي سخاوت، لاکي جون لوڙايون ڪهڙيون هيون، اوڏن جا ڪهڙا ٽڪاٽا ۽ ٽول آهن،

سامونڊڪو سَڱُ ڪيئن ٿو وڇوڙي جون وايون ڳارائي، ٻيڙياتا ڪيئن سُڪاڻ کي سولو جهلي وڃي پنهنجي منزل ماڻيندا آهن، سُهڻي ڪيئن سههَ سياري جي راتين ۾ سيٽاهہ تي سوار ٿي درياهہ جي پرئين ڪپ تي ميهار سان ملڻ ويندي هئي، ماروئڙا مينهن جي ملهاڙَ ڏسڻ لاءِ ڪيئن ٿا تاڙي جي تنوار جو انتظار ڪن، پوءِ جڏهن مينهن وسي ٿو تہ ڪيئن ٿي گاهن جي گلزاري ٿئي، ڪاپائتين جو سُٽُ ڪيئن ٿو سفرو ٿئي، ترڪُ ونگي هوندي تہ پوءِ مالهہ ڪيئن ٿي ڏَري ٿئي، سهيليون پوٽيون



۾ پَهيون ڪيئن ٿيون ساههَ کي سانڍي صاف ڪن، گهاتو ڇو نہ گهر آيا، مارئيءَ جي ملڪ ۾ مارو ڪهڙو ٿا ڌُٿُ ڏورين، عمر مارئيءَ تي ڪوههَ تان ڪٽي وڃي ڪوٽ ۾ قيد ڪري ٿو، پوءِ سهيپلون سِيلُ جَهلڻَ لاءِ مارئيءَ کي ڪهڙا سنيها ٿيون ڏين، عاشق زهر پياڪ ڇو ٿا ٿين، موکيءَ جي منڌ ۾ ڪهڙو مزو آهي، جوڳين جون جوڳون، سامِيَن جو ساٿُ، ڪاهوڙين جي ڏِسِ ڏورڻ، چورين جا چالَ ڏيڻ پوءِ بہ لاهوتين جو لنگهي وڃڻ، ٿَرَ جا ٿوري، ڍَٽ جا ڍاٽي، ملير جا مارو، لُڊاڻي جا لوڏي، ڪاري جا ڪيڙائو، موکيءَ جا مستانا، اهو سڀ ۽ ان سان گڏ ٻيون انيڪ ڳالهيون هن ڪتاب ۾ آهن.

غلطين جي معافي ڏيندا ڇو تہ لطيف سائينءَ تي قلم کڻن بہ هڪ وڏي همت جي ڳالهہ آهي. ڪجهہ ڪلام جيڪو لطيف سائينءَ جي انهن موضوعن سان ٺهڪندڙ هئڻ سبب ٻيو بہ آيو آهي پر ان جي تعداد نہ هئڻ برابر آهي. لکڻ ۾ ڪچاين کي نظر انداز ڪري اصل مقصد کي سمجهڻ جو عرض ڪندس. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن کي لڳي تہ لطيف جو بيت غلط لکيو آهي يا حوالو غلط ڏنو آهي تنهنجي بہ معافي.

جلد ئي لطيف سرڪار جي ڪلام ۾ آيل شين جو تصويري ڇاپو آڻيان پيو، دعا ڪريو تہ ڪامياب وڃان، ساٿ سلامت، سنگت سلامت.

جيئي لطيف، جيئي سنڌي ٻوليءَ!

**عطا محمد چانيهون**
ڪپرو

# مونکي ماءُ مجاز، پِڇِياري جيئن پِڇِيو

سندس ۽ محبوب جو نالو راز ۾ رکڻ جي شرط تي مجاز جي ماريل المست عاشق سان ڪچهري ٿي. چيم ڏي خبر؟ چيائين خبر وري ڪهڙي.

مونکي ماءُ مجاز پڇياري جيئن پِڇِيو،
هٿن ڇڏي هاجَ، وئي سار سنڌن مان.

چيم "فقير مجاز ۾ ئي ڪپي وئين اجان تہ وڏو پنڌُ آهي." چيائين "هائو پر اوڏانهن وڃڻ لاءِ مَنُ ڪري ئي نہ ٿو." پڇيمُ "ايڏو مزو آهي ڇا؟" وڏي آهَ ڪري چوي ٿو "منا مجاز جي مزن جو مزو ئي پنهنجو آهي." مون چيو "ماڻهو چون ٿا عشق الاهيءَ ۾ مزو آهي" چوي ٿو "جي چون ٿا انهن کي مزو ايندو هوندو پر اسان کي تہ مجاز جي قرارن ئي ڪُهي ڇڏيو آهي."

سِڪَڻُ وڏو سُورُ محبت وڏو مامرو،
اَنَئي پَهَرَ مَلُورُ ساعتَ نہ سگهو جندڙو.

چوي ٿو هڪ ڏينهن نما شام ڏاري سڄڻن جي ايڏي تہ اُڪِير ٿي جو دل ڪري محبوبن سان گڏ هجان. مون پنهنجي ساٿي اوٺارن کي عرض ڪيو يار موڪل ڏيو تہ وڃي محبوب سان ملي اچان، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن محبوبن سان مليو ئي ڪون آهيان.

ڏني ڏينهن ٿِيامِ ڪوهُ جاڻا ڪهڙا پِرين،
سَهَسِين سِجَ اُلَهِي، واجهائيندي وِيامِ،
تَن رِيءَ سالَ پِيامِ، جَنِ ريءَ ساعتَ سَهان نہ هيڪڙي.

يارن وڏي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، چوڻ لڳا، رات ٿيڻ واري آهي، پنڌ پري آهي، ملڪ ٻيو آهي، چريو اڃي ٿيو آهين.



واهُڙَ وَهَنِ نوان، اجان وَهُ اڳي ٿيو،
گهر وينيُون گهڻا ڪريو، سرتيُون سَڱ سنوان،
صورتَ جا ساهڙَ جي، سا جي ڏني آن،
هوندَ نہ پليو مان، ڳِهڙو سڀِ گهڙا ڪٺي.

نيٺ وڏيون منٿون ڪرڻ بعد ساٿين موڪل ڏني، پوءِ آئون هٿس، ٽڙ هو، رات انڌيري هئي، ۽ پرين ڏانهن پنڌ هو نہ پاٽيءَ جي پرواهہ هئي، ۽ نہ ئي ڪا ٻُڪَ جي.

هلندي هوتَ پُنهوءَ ڏي، ڪُهِجَنِ ڪي ڪوڙِيُون،
پَهَڻُ تَنِي پَٽُ ٿئي، جي لالڻَ لاءِ لُوڙِيون،
سَڀِ سهيلون سِڪَ ڪي، چُنجِهيُون ۽ چُوڙِيُون،
ٻانيڙِ ٿي ٻوڙِيون، تہ ڪُتا ڪِينَئِي ڪيچَ جا.

محبوبن جو ڳوٺ هندستان ۾ هو دنگ لتاڙي وڃي ملڻو هو. انهن ڏينهن ۾ هندستان پاڪستان جي دنگ تي ڪا بہ تار ٻڌل ڪو نہ هئي، ڪليل بارڊر هو. هيڪڙِ ٻيڪڙِ رينجرِ وارا گشتُ ڪندا هئا. انهن کان لڪي وڃي هن پار پهتس.

اڪيون منهن ميهار ڏي، رکيون جنهن جوڙي،
اُپَ ڳپي اوڙاهَ ۾، تارِ گهڙنِ توڙي،
تَنِي کي ٻوڙي، ساهڙُ سِگهو ڪِينَ ڪِي.

سياري جي راتِ هئي سيءَ سامهون پنڌُ هو گُهپُ انڌيرو هو پر مون کي پرواهہ ئي ڪون هئي.

سيارو، پاٽي پارو، جِتِ جُهڙُ جَهڪَ ۽ جهولَ،
مَنَ اندر ميهارَ جا، هينئڙي اچن هولَ،
جيلانهن ٻَڌِيَسِ ٻولَ، ٿي اَڙانگي آرِ َ ٽَران.

وڃي فجر مهل پرينِ جي پَڊَنِ جي ويجهو رسيسُ، اتيُ. اها سڄي

رات بنا پاڻيءَ بنا مانيءَ جي گذري، پر مون کي پاڻيءَ يا مانيءَ جي ڪا پرواهه ئي ڪون هئي.

نَڪا طَلَبَ طَعامَ جي، نَڪا بُکَ نہ اُڃَ،
اَصُلُ اباڻي ڏيجَ تي، ساري ڏنم سُڃَ،
رائو رُلَڻُ، رُڃَ، ڪميڻيءَ ڪُوٽُ ٿيو.

راتِ جو آخري پَهَرُ هو پنڌُ پري هو دل ۾ اهو خوف هو تہ سج اڀري کان پهريان وڃي جانبِ جي جوءِ ۾ رسان.

جيئن جيئن پڇي رات، تيئن تيئن تاڻي پنڌَ ۾،
پوري پِئِي نہ تاتِ، جيڪا سا جَتَنِ جي.

وڏيءَ تيزيءَ ۾ هلندي ٿابو اچي ويو جنهن سان ڪِرِي پيس تنهن تان پير ۾ موچَ اچي وئي پوءِ هلڻَ کان اصل معذور ٿي پيس ڪجهہ دير ساهي کائي وري پنڌُ ڇڪيمُ پير ۾ سور بہ وڏو هو ۽ ٿڪل بہ ڏاڍو هوس. پر مون همٿ نہ هاري.

آءُ اوراهون پرين، وڃ مَ اڳاهون،
ٿڪي ڪٽي ٿَرِنِ ۾، ٻاڪاريو ٻاهون،
موٽُ محبَ ٻانهون، تاڪُنِ تَڪِي آهيان

وڃي جانب جي جوءِ ۾ رَسِيُسُ هاڻ بَسِ اُلڪو اهو هو تہ نڪو ڪو سڄڻن جي ملڻ جو. ڪو آجام آهي ۽ نڪا ڪا انهن کي خبر آهي تہ ڪو آئون هتي آيل آهيان. ۽ دل ۾ اهو ڊپُ ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن مونکي هت ڏسي ورتو تہ سڄڻن تي ڪا آڱر نہ کڻي.

ڪُهُ ڄاڻا، ڪُهُ ٿيو ڪيڏانهن ٿي وڃان،
هَٿَ، ڪرايون، آڱريون، سَڀِ مروڙي پَڇان،
ٻين گهرِ ڳِجان، مون هاريءَ هوتُ وڃايو.

ڏينهن سارو جهنگ ۾ گذاريم اچي شام تي جيئن ئي انڌيرو ٿيو



آئون سِرِي وڃي سڄڻِن جي ويڙهي جي ويجهو ٿيسُ. اتي هڪ ڪِرِڙَنِ جو ويڙهو هو جنهن ۾ اسين اڳي ملندا هئا سين.

وَڻَنِ وينا ڪانگَ، وِڇِڙِيين ٿي ويلا ڪري،
ڳِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، سُڻي سانجهي ٻانگَ،
سي ئي ڀونديِ سانگَ، جِتي ساهڙُ سُپَرين.

ان ڪرڙن جي ويڙهي ۾ ويهي رهيسُ. پوءِ سڄو ڪجه پاڻ ئي ٿيندو ويو جنهن ۾ منهنجي ڪا بہ ڪارستاني ڪون هئي. گهڻي رات گذرڻ کانپوءِ ڏسان تہ ڪو ماڻهو پيو اچي مونکي ڊپُ ٿيو تہ ڪو شايد مونکي ڪنهن ڏسي ورتو آهي. جڏهن ويجهو ٿيو تڏهن ڏسان تہ اها تہ هڪ عورت آهي. اها عورت سڌي اچي مون واري ڪِرِڙَنِ واري ويڙهي ۾ گهڙي، ڏسان تہ اهي تہ مون وارا محبوب آهن.

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، ساهڙُ ساڻِي تَنِ جو
لَهَرن سِرِ لَطيفُ چئي، ڪُلَهَنِ چاڙِيو نِئي،
جي پُڇَنِ پنڌُ پري، تَنِ اُماڻِيو اوراهُون ڪري.

هڪ ٻئي کي ڏسي حيران بہ ٿيا سين ۽ خوش بہ ٿيا سِين. مونکان پڇيائين تون هتي ڪيئن؟ چيم تنهنجيءَ ياد اچي ورايو جنهن اچي هتي رسايو آهي. سڄڻن کان پڇيمُ توهين هتي ڪيئن؟ چوي ٿي ٻن ڏينهن کان ننڊ نہ پئي آئي سو سوچيمُ وڃي پاڻ واري ملڻ واري ويڙهي مان ٿي اچان شال ننڊ اچي وڃي.

سُتي سنڀِريومُ، ڪو ڳُڻُ ٻاروچنِ جو،
ڳَلِ وِهاڻو ٻِنُو هَريو هَٿُ ٿِيومُ،
پرينءَ پُورُ پِيومُ، جاڙ جيان ٿي جيڏيون.

سڄي راتِ وِرهُ وِهايو سِين، محبوب منهنجي هنجه ۾ هئا، ۽ دل ايئن پئي چيو شالَ ڏينهن ٿئي ئي نہ.

ڏولُ مَ ڪٽي ٻانهڙي، پِرهَ مَ ڪٽي پانڌُ،
آئون پنهنجو ڪانڌُ، لوڪان لِڪِي رائِيان.

فجر مهل ملين ٻانگَ ڏني تڏهن هوش آهيو سڄڻ موڪلائڻ جي ڪئي. مون ڪان پڇيائين تنهنجو ڇا پروگرام آهي. مون چيو جيڪو سڄڻن جو حڪم.

جيڪر چونمُ بَسِ، تہ روحُ پريان ڪان نہ رهي،
ساهَ جي سيدُ چئي، واڳَ پِريان جي وَسِ،
جي بيهارين تہ بَسِ، جي هلائين تہ هليو وڃان.

چوي پئي اڄوڪي راتِ مون لاءِ وڏي پاڳِن پري آهي. آئون ڪيئن چوان تہ تون هليو وڃُ دل تہ چوي ٿي ساري حياتي ساڻ هجون.

رهيا اٿئي راتِ، صُبحَ ويندئي صابري،
لئُون، لئُون منجهِ لطيف چئي، ڪَرُ تَنِين جي تاتِ،
سندي جوڳين ذات، ٻئي پيري مَس ملي.

پڇيم "پلا سڄڻن ڪو ماني ٽڪر بہ ڪارايو يا نہ؟" چوي ٿو "فقير اسان جون صدين جون اڃون، بکون هڪ لحظي ۾ لهي ويون."

محبت جَنِ جي مَنَ، تَنُ تَشِنگي تار،
پي پيالو اُڃَ جو، اُڃَ سِين اُڃَ اٿيارُ،
پنهُون پاڻَ پيار، تہ اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائيان.

پُڇيمُ "اهو پيچُ ڪيئن پيو؟" چوي ٿو "هن سان پيچ پراڻو هو، هن جو ڳوٺ اسان جي ڳوٺ جي ويجهو هو، هنن جو ۽ اسان جو پاڻي پيئڻ وارو کوهُ هڪڙو هو. هوءَ پاڻي پرڻ لاءِ ايندي هئي ۽ آئون اُنِين کي پاڻي پيارڻ ويندو هُئَسِ. اکين ئي اکين ۾ پيچَ پيا. پورا ٻہ سال اکڙين اکڙين جي عشق ۾ گهاريو."



ڪوڙي ڪرڻُ مَ سپرين، ڪنيَئي تان ڪوڙ،
اهلَ اکڙين جا نيئِي نيائجُ توڙ،
مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سجاڻجُ سپرين.

سو بہ وڃي اسان جي هڪ ويجهي دوست ملڻ جا انتظام ڪيا. ملڻ واري ڏينهن اسان ٻئي ڏاڍا رُنا هئا سين. پڇيم "رنا وري ڇو؟" چيائين "محبوبن سان ٻن سالن ڪانپوءِ ڳالهائڻ ٿئي روئڻ تہ ضرور ايندو."

اڄُ پُڻُ اکڙيون، ساريو رُوئن سڄڻن کي،
جانبَ جي جمالَ لَءِ، تاڻِن ٿيون تَڪِڙِيون،
جي وَهَمَ پِريان وَڪِڙِيُون، تنِ اُڄَ نہ لهي اکڙِين.

اها ڳالهہ ڪندي پاڻ روئي ڏنائين. چيم اڃان بہ اوترا ئي پيار آهن يا ڪجهہ ويڃو آيو آهي. چوي ٿو "يار تون تہ ڪو پورو ماڻهو آهين پلا سڄڻ بہ ڪي ڪنهن کي وسريا آهن. اهي جيترا پراڻا ايترا ئي نوان."

هِنَ تاري هُنَ هنڌ، هُتِ منهنجا سُپرين،
سَڄڻَ، ماڪي، منڌُ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهين.

پوءِ گهڻا ئي سال اسان جا هڪ ٻئي سان انگلَ هلندا رهيا. هُوءَ مون سان گهڻي محبت ڪندي هئي ۽ آئون هن سان. پوءِ هڪڙي سال اسان وٽ ڏڪار آيو محبوب جي گهر وارا مالَ چاري جي سانگي لڏي وڃي سرحد جي هُنَ پار ويئا، اهي ڏينهن مون لاءِ ڄڻ عذاب هئا.

سي ئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻَ سفر هليا،
رُئان رهنِ نہ سُپرين، آيلَ ڪريان ڪيئن،
مونکي چاڙهي چِيئن، ويو وڻجارو اوهيري.

پوءِ گهڻو عرصو آئون اڪيلو اڪيلو پيو بَرَ پَٽَنِ ۾ پِٽڪندو هوسِ.

سجڻَ نہ ساڻِ پيتِ، ڳُجهہُ ڳِرهِيان ڪن سين،
ڳالهيون انهيءَ ريتِ، سَلا ٻڌي موريُون.

هڪ ڏينهن همٿ ڪري ويچي سڄڻ جي پارِ نڪتسُ پوءِ اهو سلسلو هلندو رهيو جدائيءَ جا ڏينهن جيءُ جهوريندا رهيا.

سڄڻَ ساعَتَ هڪڙي، جي ٿِئي اکيان ڌارَ،
تہ ڪر سڀ ڄمارَ، ڪونَ ڏِٺو سِين ڪڏهن.

پڇيم "محبوب جي غيرموجودگي ۾ ڇا محسوس ٿيندو آهي."

چيائين "سڄڻ جي ساڻ نہ هوندا آهن تہ ان جون يادون جيءَ کي جهوريندڙيون آهن."

پَلِ پَلِ پَلِيانسِ، پَلُ نہ رهي پِريَنِ رِيءَ،
جيئن جهوريءَ ڪان جَهلِيانسِ، تيئن جِهجِيو پئي جهوريءَ ۾.

چوي پيو "اسين ڪڏهن بہ جدا ڪون ٿيا آهيون. جي گڏ نہ آهيون تہ انهيءَ جو اهو مطلب تہ ڪون آهي جو اسين جدا آهيون."

گَڏِيا آهن گَڏُ ساهَ ڪان بہ اوڏا سُپَرِين،
ڪهڙو ڪريان سَڏُ، اهڙَنِ اوڏَڙَنِ کي.

پڇيم "ڪيتريءَ ساعتَ ڪان پوءِ ملڻ ٿيندو هو." تڏهن وڏي اوڇينگار ڏئي چوي ٿو "يار هاڻِ سڄڻ هن جهانَ مان هليا ويا، ۽ اسان کي وڇوڙي جو وِهُ ڏئي ويا آهن. هاڻِ مولا ڪان اها ئي آسَ آهي تہ جلدي مِلاءِ محبوبن سان."

جي قيامَ مِڙَنِ تہ ڳرِ اوڏا سُپِرين،
تِهان پوءِ سُڄَنِ واڌايون وصال جون

# سورهَ مرين سوڀَ ڪي،
# تہ دل جا وهمَ وسار

سورهہ مرين سوڀَ ڪي تہ دل جا وهمَ وسارِ،
هَڻُ پالا، وڙهُ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مارُ تہ متارو ٿيين.

سورهَ بادشاهہ کي12 سالن جي عمر ۾ پاڳاري جو لقب مليو. خوبصورت نوجوان، وطن پرستي جو رَڱِن ۾ رَتُ هو ۽ مريد بہ جان قربان ڪرڻ لاءِ اتاولا هئا. هن جي خاندان پهريان بہ ظلم خلاف حق ۽ سچ جو آلمُ کنيو هيو. ڪنڌنڌو بہ ڪيئن ڪون. جو هن جي رَڱِن ۾ حسيني رَتُ هُيو.

چون ٿا سورهہ جڏهن جوان ٿيو تہ هُن انگريز سامراج جي ظلم خلاف پنهنجا جوهر ڏيکاريا. تنهن تان انگريز کي ڊپُ ٿيو تہ ڪٿي سورهہ اسان جي حڪومت خلاف ڪا تحريڪ نہ هلائي. سو هنن سورهہَ کي پهريان تہ دڙڪا دابا ڏيڻ شروع ڪيا، پر هيءُ ڪو مڙي ڏنائون هاڻ قصو چڙهي پيو تہ سورهہَ کي هڪَ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايائون. ۽ ان ڪيس ۾ سزا بہ ڏنائونس ۽ سنڌ کان پري وڃي رتنا ڳڙهي جيل ۾ قيد ڪيائون. اُتي سورهہَ جي ملاقات آڳُ قيد ٽيل، ٻِگت چندر شيکر، ۽ ٻين آزادي جي متوالن سان ٿي.

قاتل ڪمائي ڪري، وِهُ ماڪي جي ڪن،
وٽان ويهي تن، پِيُجُ ڪي پيياليون.

قيد ڪاٽي وطن ڏانهن وريو تہ ايندي ئي سامراج خلاف تحريڪ



۾ زور آڻي ڇڏيائين. ڳڙنگ بنگلو تحريڪ جو مرڪز هو. حر ايندا ويا تحريڪ ۾ شامل ٿيندا ويا. حرن کان پنهنجي گهرن واريون هيءُ وعدو وٺي تحريڪ ڏانهن اماڻينديون هيون.

پڳو آئون نہ چوان، ماريو تہ وسهار،
ڪانڌَ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سُنهان،
تہ پڻُ لَڄَ مران، جي هئنس پُٺِ ۾.

مرشد جو حڪم هو ۽ وطن تان سِرُ ڏيڻو هو سو هَرُ حُرُ گهر کان نڪتو اچي ڳڙنگ بنگلي تي گڏُ ٿيو. مرشد جا ديدار وٺي، حڪم تي عملُ ڪرڻ لاءِ وڃي مڪيءَ ٻيلي ۾، مخالف سان وڙهڻ جي سکيا ورتائون.

پتنگن پَهُ ڪِئو، مڙئا مٿي مَچَ،
پسي لَهَسَ نہ لڇئا، سَڙِئا مٿي سَچَ،
سنڌاڳچين ڳَچَ ويچارن وڃائيا.

انگريز سختيون ڏيڻ شروع ڪيون. ۽ حرن ڪاروايون ڪرڻ شروع ڪيون. سورهُ ساٿِن گڏ هو هنن کي ٻئي ڪنهن جي پرواهہ ئي ڪون هئي. سورهہَ انگريزن جي ڪاروبار کي ڌڪُ رسائڻ لاءِ حُرن کي حڪم ڪيائين تہ پرديسي ڪپڙو، تماڪ، ربڙ جون چوڙيون پائڻ ڇڏي ڏيون اِهي ٽئي شيون انگريز جي واپار جا اهم ايٽم هئا. تنهن تي انگريز حرن سان گڏو گڏ سورهہَ سان سختيون ڏيڻ شروع ڪيون پر هيءُ ڪو مُڙي.

اڳيان اڏين وَٽِ، پوين سِرَ سنباهيا،
ڪاٽِ تہ پوي قَبُولَ ۾، مَچِڙِ پاڻيين گهَٽِ،
مٿاَ مَهاڻِن جا، پٽانہ پسين پٽِ،
ڪلاڙڪي هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪوپُ وَهي.

نيٺِ حر تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ انگيز سورهہَ کي وري گرفتار

ڪري ڪيس هلائڻ شروع ڪيو. ۽ هوڏانهن حرن جي ڪاروايون ۾ شدت اچي وئي. جڏهن تہ سامراج جي نانگ تي پير اچي ويو.

پهرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڇرڪيلُ ڇيڙ ڪري،
جي هٽي ڏنگ ڏسائيو ويجهو ڪينَ وري،
جيڪي ٿُپُ مري، جيڪي سِڪي صحت ڪي.

انگريز سوچيو تہ حرن جي اڳواڻ کي قيد ڪرڻ سان حر ڪمزور ٿي ويندا. پر ان جي اُلٽ حرن جي ڦوري ڪاروايون ۾ تيزي اچي وئي. ڪٿي انگريزن جي ڪيمپن تي حملا ٿيا، تہ ڪٿي جوڏا جيل ٽوڙائي نڪتا، ڪٿي ريل جي پٽڙين کي اکيڙيو ويو تہ ڪٿي انگريزن جي خابرن ۽ واٽن کي موت جي گهاٽ لاٿو ويو اصل ممڻ مچي ويو. بدلي ۾ انگريز مکيءَ ٻيلي ۽ پير پاسي جتي حُرَ رهندا هئا، اتي هوائي جهازن سان بَمَ اڇلايا. اهڙي ڦوري ڪاروائي بري صغير جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٿي هئي. جنهن سان حرن کي وڏو نقصان ٿيو پر حرن کي مرڻ جي تہ پرواهہ ئي ڪونہ هئي، سِرُ وڃي پر فرنگيءَ وطن کان تڙڻو آهي.

اصل عاشقن جو سِرُ نہ سانڍڻُ ڪمُ،
سٺو سسيان اڳرو، سندو دوسان دَمُ،
هيءُ هڏو ۽ چَمُ، پڪَ پريان جيءَ نہ پڙي.

حُرن جون آباديون گهڻو ڪري نارا ڪئنال جي ٻنهي ڪنڌين تي هيون، سو انگريز ناري جي ڪابي پاسي جنهن پاسي اَچڙوٽڙ هو اُتي عام واهپي جي شيئُ جي رسَدَ تي پابندي لڳائي ڇڏي جيڪا سکر کان وٺي عمر ڪوٽ تائين هئي. ۽ ساڄي پاسي جي حرن جي ڳوٺن کي لڏائي شهرن جي ويجهو لوڙهن جون ڪئمپون ناهي قيد ڪيو ويو.

سِڪڻُ سپوئي سُورُ، محبتَ وڏو مامرو،
انئي پهرَ مَلُورَ ساعتَ نہ سِگهو جندڙو



فرنگين ڪيسُ هلڻ دوران سورهہَ بادشاهہ کي وڏيون آڇون ڏنئون تہ تحريڪ تان هٿُ کڻُ بدلي ۾ جيڪا شيءِ گهرين سا ملندي، پر سورهہَ انڪارُ ڪندي فرنگيءَ اڳيان هيءَ نعرو هنيو. وطن يا ڪفن، آزادي يا موت، چيائين.

سورهہَ مرين سوڀَ کي، تہ جنگ جامي سين جوڙ
وهم حيلا خطرا، منجهان منَ واڍوڙ
آرڻِ جا عشق جي، تنهن کان مُنهنُ نہ موڙ
ناچِي نفسُ نهوڙ، تہ رازُ پسين هِنَ رِڻَ جو

انگريز سوچيو تہ سورهہَ کي ڦاهي ڏيندا سين تہ تحريڪ ختم ٿي ويندي نيٺ ظالم سورهہَ کي حيدرآباد جيل ۾ ڦاهي ڏني ۽ سندس مڙهہ مائٽن جي حوالي ڪون ڪيائين.

سُوري آهہ سينگارُ، اڳهين عاشقن جو
مُڙڻ موٽڻ مهٽو، ٿيا نظاري نِروار،
ڪُسڻَ جا قَرار، اصل عاشقن کي.

سورهُ شهيد ٿي ويو پر حُرَنِ پنهنجون ڪاروايون جاري رکيون. هاڻِ تہ حُرَ تہ اهو مڃڻ لاءِ ئي تيار ڪونہ هئا تہ انهن جو اڳواڻ شهيد ٿي ويو آهي. هو تہ ائين ئي مرندا ۽ ماريندا رهيا جڏهن سورهہُ ساڻن گڏُ هجي.

ڪاناريا ڪُٽِڪِنِ، جَنين لوهَ لڱِنِ ۾،
محبت جي ميدان ۾، ٻيا لال لُڇن،
پاٽهين ٻڌِنِ پٽيون، پاٽهين ڇڪِيا ڪِنِ،
وٺان واڍوڙين، رهي اڇجي راتڙي.

سورهہَ جي ٻنهي شهزادن کي انگريز سرڪار انگلينڊ موڪلي ڇڏيو. درگاهہ شريف واري گهر کي ڊاهي ڇڏيو گادي ختم ٿي، گاديءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا وارث دعويدار ٿي ويا. پر انگريز سمجهيو تہ

جيڪڏهن گادي اصل وارثن جي حوالي نہ ٿي ۽ ٻين دعويدارن ي حوالي ٿي تہ حر ان گادي نشين کي ماري ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن گادي اصل وارثن سورهہَ جي شهزادن جي حوا ٿي تہ رکي حُرَ وڙهندا رهيا مرندا رهيا ۽ پٽڪندا رهيا.

ڏاگهَنِ، ڏيرنِ، ڏونگرنِ، ڏِنِهي ڏِنَمِ ڏُکَ،
سي سَڀِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاند ڪارڻ هوتَ جي.

حرنِ وچي ٿَرُ ۽ جنگلَ وسايا. جيڪڏهن ڪو حرُ بيمار يا زخمي ٿيندو هو تہ ان جو علاج هو پاڻ ڪندا هئا،ڇوجوجيڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر انهن جو علاج ڪيو تہ ان ڊاڪٽرتي انگريزسرڪارسختي ٿي ڪئي تنهن ڪري جهنگ جي جڙي ٻوٽين ۽ لانيڪي علاج مان فائدو وٺندا هئا.

سگهنِ سُڌِ نہ سور جي،گهايل ڪيئن گهارين،
پيَلَ پاسو پَٽَ تان. واڍوڙ نہ وارين
پَر ۾ پَچَنِ پرينءَ لئي. هئي هنجون هارينِ.
سَجَڻَ جي سارينِ، تَنِ رويو وهامي راتڙي.

سورهَ جا ٻئي پُٽَ 1952 ۾ پاڪستان موٽي آيا گادي بحال ٿي سورهَ جي وڏي پُٽَ کي پاڳاري جي پڳ ٻڌرائي وئي.

پاچاڻِئان پئي وُٺو آڳاڻِئان ٻہ آڳرو،
ڇُڪَسُ سَڀِ ڇئي، تِهان پوءِ مولا مينهنَ وسائيا.

ﰡ

# ڪو جو ڪنهن پار، اکيون پسي آئيون

ڪو جو ڪنهن پار اکيون پسي آئيون،
ٿيون ديوانيون دل ۾، اپر لڳيِن آر،
ٿهان پوءِ قرار، سُتيون ڪينَ سيد چئي.

هالار چيو هاٽي ته "منهنجن ٻڪرين ڪي به ان گس سان عشق ٿي ويو. جنهن گس تي ڪونج جو گهر هو." هالارَ ۽ ڪونج جو عشق اکين ئي اکين جي اشارن ۾ عروج تي هو. هو روز ٻڪريون ڪاهي ڪونج جي گهر وٽان مٽيندو هو. اکين ئي اکين ۾ ملاقاتون. محبتون، مٺا ناز نخرا، چڻ ته اکين ئي اَکين ۾ پرينءَ پاتو سُپرينءَ ڪي.

اکيون آسروسنديون، هنئن حُبَ گهٽي،
سَرَهيون ٿيون سيد چئي. ساجن جو سٽي،
جنهن جي گهُرِجَ گهٽي، سو پرين پيهي آيو.

ٻنهي جيونِ راتيون جڻُ عذاب هيونِ اِجهو ڏينهن ٿئي ته دلبر جا ديدار پسنِ. اک ملي اک سان تڏهن وچي هينيون ٺري.

ڪوڙي ڪڻُ مَ سپرين، ڪَئُئي تان ڪوڙ،
اهل اکڙين جي نيهي نيائج توڙ،
مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سجاڻج سپرين.

هڪ ڏينهن ڏسان تان هالار جون اکيون ڳاڙهيون هجن ۽ بيحال هجي. حال پڇيمُ، چيائين ٻه ڏينهن ٿيا آهن جو محبوب جو ديدارڪو نه ٿيو آهي. ڏسان ته پسان تڏهن وچي اکڙين آرام ٿئي. نه ته نياڳين ننڊ نه ٿي اچي.



اکڙين آرام ڪڏهن تان ڪين ڪيو،
هيون منجهه حمام، ڪاٽيون ڪوريءَ وچ ۾.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مونکي چيائين "يار هاڻ سهٽيءَ جو ديدار مشڪل ٿي ويو آهي. ۽ جي ديدار ٿئي ٿو ته پري ڪان اها به ڪا جهلڪ. اکڙيون ڏسي ڏيءَ رکڻ ڪان سِڪي ويون آهن لڳي ٿو ته ڪنهن ڪونج ڪي روڪيو آهي."

اَڄُ پُرڻ اکڙيون، ساريو رونِ سڄَڻَنِ ڪي،
جانب جي جمال ڏانهن تاڻِن ٿيون تڪڙيون،
جي وهَمَ پريان وڪڙيون، تنِ اُڄَ اکڙين نه لهي.

هڪ ڏينهن وچان ته هالار ڏاڍو خوش هجي، وجهه پڇيم، چيائين "يار اڄ مون ٻڪريون پئي چاريون ڏسان ته ڪونج ساهيڙين سان گڏ ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ نڪتي آهي. جڏهن منهنجي ويجهي لنگهي خمار مان اهڙيون نظرون وڌيئن جو اصل دل کي قرار اچي ويا. چيائين هن جو هرُ حربو ديدار ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو هو. منهنجي ٻڪرين جي ننڍڙن چيلڙنِ کي ياڪرَ ۾ پائي اهڙو پيار پئي ڪيائين جڻ منهنجي روح جيون تارون پئي وڄيون. ان مهل سڄڻن جو نظرون مون ڏانهن هيون.

پڇيم صرف ديدار ٿيا، ڪا ڳالهه ٻولهه؟ مسڪرائي چيائين "يار ڳالهين کان قصو چڙهيل هو" هڪ ته :

پنيپيون هڏ مَ پير، ڪَڻ سبتون سپرين،
تو جي چاهَ چلائيون، تنِ وڏو جيءَ سين ويرُ،
ڪجلُ اکين مَ قيرُ، تنهنجُين رُکين ئي رِڻُ ڪيو.

هڪ ڏينهن مون وٽ آيو چيائين يار رات لِڪِي لِڪِي سُهڻن جا ديدار ڪري آيا سين. مون پڇيو اهيو وري ڪيئن چيائين، ڏينهن جو ديدار ڪون ٿيا هئا سو اکڙين آرو ڪيو ته هَلُ ته پرين پسون. سو سج لٿي جو

وڃي محبوب کي ڏسان تہ چلهہ تي پيو ماني پچائي. پڇيم توکي ڏنائين، چيائين نہ رڳو مون ديدار پسيا ۽ گهڻيءَ دير تائين ڏسي ڏِۂ ڪيمُ.

اکين کي آئون جان ڪِي جَهلُون پائيان،
لوڪُ لتاڙي نِندَ ۾، ساجنُ سوئائون،
مون کي مارِيائون، پاڻ پرچي آئيون.

همراهن جو عشق عروج تي هجي، چيائين هڪ ڏينهن آئون جيئن ئي ٻڪريون ڪاهي ڪونج جي گهر اڳيان گذريسُ تہ اسانجون اکيون هڪ ٻئي سان ايئن اڙيون جو گهڻيءَ دير تائين هوش ئي ڪون رهيو جو منهنجيون ٻڪريون ٽِڙِپکڙِ ٿي ويون ۽ ڪونج کي اُڱڻ تي ٻهارو ڏيڻ وسري ويو. هوش تڏهن آيو جڏهن ڪونج کي ماءُ سڏ ڪيو.

ڪُتيون ڪِينَ ڪِسنِ، ڪنهن جنهن آگمَ آئيون،
نيڻنِ جهيڙو پاڻَ ۾، ويٺين ڪينَ وڙهنِ،
اکين ۽ پرين، پوريون پاتيون پاڻ ۾.

هڪ ڏينهن مليو حال احوال پڇيم، چيائين "اڄ تہ اکيڙين هڪٻئي تي ميارنِ۽مهڻن جا تيرهلايا. پاڻ ۾ گهڻو تقرارڪيئون پرآخر ۾روئي پاڻَ ۾پرچي ويو."

اکڙيُون اکڙِيُن تي، ڏَمر ڏوسَ ڳرينِ،
جيلانَہ سِڳَڻُ سِڪيون، تيلانَہ دعوىٰ منجه دَرينِ،
کِلن ۽ کَرينِ، رُسَنِ پَرچنِ پاڻَ ۾.

پڇيم "جنهن ڏينهن ملاقات نہ ٿيندي آهي تہ اهوڏينهن ڪيئن گذرندوآهي" تڏهن هيءُ بيت ڏنائين.

اُپرندي ئي سج، پرين جي نہ پسنديون،
ڪڍي ٻيئي ڏج، اکڙيون ڪانگن کي



پڇيم پلا ڪڏهن ملڻ لاءِ مَنَ ڪري ٿو؟ چيائين ملڻ ڪنهن ڏنو آهي اسان ملڻ، وڇڙڻ، رسڻ، پرچڻ اکين ئي اکين ۾ آهي. مٺا اسين تہ اکين جي عشق مان ئي آجاڪون ٿيا آهيون تون تہ ملڻ جون ڳالهيون ڪرين ٿو.

اکيون سي ئي ڏار، جِنِ سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيمَ نهارِ، گهڻو ريسارا سپرين.

هڪ ڏينهن وينا هئا سين مون چيو تہ "ڪونج تنهنجي نظرن کان پري هلي وئي تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟" "مسڪرائي چيائين "مٺا اهي ڏور نہ دل ۾ آهن. دلين جي ڳانڍاپي کي ڪو پري جو پنڌ ڏور نہ ٿو ڪري سگهي. ڏور اهي هوندا آهن جيڪي وسرندا آهن. اسان کي تہ اٺندي وهندي سارَ سڄڻِ جي هوندي آهي."

ڪي اوڏائي ڏور. ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين
ڪي چڙهن نہ چت تي، ڪي وسرن نہ مور،
جيئن مينهن ڪنڌيءِ پورُ، تيئن دل وراڪو دوست سين.

هڪ ڏينهن وينا هئاسين، تہ ٿاريءَ تي ڪانوَ ٻوليو، هالارَ جو ڏيان ڪانوَ ڏانهن ويو ۽ اکڙين مان لڙڪَ لهي آيس. پڇيم ڇا ٿيو؟ چيائين پرين جا پيغام ڪٺي آيو آهي. ڇَپُمُ چريو ٿيو آهين ڪانوُ ڪهڙو پيغام آڻيندو؟ مڙئي ويچارو ٻُکَ مرندي پيو رڙيون ڪري. مون ڏانهن ڏسي اکين ۾ آب آڻي چيائين مٺا منهنَ ۾ تڪينس پرينِ جا موڪليل ڪانوَ ڪڏهن بہ ڪوڙُنہ ڳالهائيندا آهن

اڇئو اڇئو پوُنِ واڪا ڪِئو وٽن ۾،
سنيها سيڻن جا، چوٽيءَ چڙهئو چونِ،
ڪانگ نہ ڪوڙاهون،پريان سندي پارجا.

پڇيم تون ڪهڙو پيغام ٿو ڏئين. شاهہ سائين کي ياد ڪندي

چيائين.

ڪيڏي ڪي ڪانگا تو ڏيان، هنيُون ساڻ هڻنِ،
وجي ڪاءُ ولاتَ ۾، اڳيان عجيبن،
پرين مان پڇن، تہ هيئڙ قربان ڪير ٿيو.

هڪ ڏينهن هالار مون وٽ آيو چيائين يار ٻڌو آهي ڪونج جي شادي ٿئي پئي. پڇيم ڪنهن سان؟ چيائين آهي ڪو خوش نصيب، چيم تون چونئو شادي ڪرين. چيائين منهنجا اهڙا نصيب ڪٿي، آئون غريب ٻڪرار اِهي تہ ڪونج جا قرب جومون ڏانهن نيڻ ڪٽي نهاري ٿي. نہ تہ مون مسڪين جي ڪهڙي مجال جو آئون ڪونجَ جي قيمتَ لَهان.

اڪڙين آرو، مونهان پُڇي نہ ڳيو،
اتي وجي اڙيون،جتي چوڻ نہ چارو،
هنئڙو ويچارو، واتون جهليووجُهلي.

شام ٿي آئون هالار جي ٻڪرين جي وٿاڻ تي ويس. ڏسان تہ همراهہ اُڪڙيو اُڪڙيو وينو آهي، چيمُ چا ٿيو؟ اکين ۾ آب آٽي چيائين يار اڄ سمجهہ تہ اکڙين جي آخري ملاقات هئي. چيم وري چا ٿيو؟ چيائين يار اڄُ اکين جي اشارن ۾ وڇوڙي جون وايون هيون، اکڙيون آب ۾ پريل هيون، ۽ هڪ ٻئي سان وري ديدارن جو وعدا، هڪ ٻئي جو خيال رکڻ جون پارتون ڪندي وڇڙيون، مون ٿهڪُ ڏئي چيو تہ واعدا وري ديدار جا ڪيا. ملڻ جا چونہ؟ تنهن تي چيائين يار اکڙين جي عشق جي ڳالهہ ئي پنهنجي آهي. ملڻ ڳالهائڻ جو ڪڏهن سوچيو ئي ڪونہ. ٿڏو ساهہُ پري مونکي ڏسي چيائين اڙي پورا ملڻ ۾ چا رکيو آهي، ڳرُ ڪي ڏسڻ جيون ڳالهيون. اتي مونکي شاه سائين جو هيُ بيتَ ياد آيو.



ڳوليان ڳوليان مَ لَهان، شَالَ مَ مِلان هوتَ،
مَنَ اندر جا لوچَ، مَچُڻُ ملڻُ سان ماني ٿئي.

ڪونج جي شادي ٿي وئي، پڇيم ڏي خبر ڪي ديدار ٿيا. چيائين ها منا ڪونج جي شادي واري ڏينهن لڪي ديدار ڪيا سين ۽ ٻنهي جي اکين ۾ لُڙڪَ هئا. انهن لڙڪن ۾ هڪ ٻئي جون پارتون، وري ملڻ جا وعدا هئا. اهي لڙڪَ نہ هئا پرروحُ تڙپي پي اکين مان ٻاهرپئي نڪتو.

اکين ڪين ڪيو، رَتُ نہ رنائون،
پلاٽيندي پرين، بيئي ڏنائون،
تن اکين کي آئون، ڪهڙو ڪجل پائيان.

چيائين محبوب جي نظر تہ اهڙاڪرم ڪياآهن جو هاڻ جنهن ڏانهن بہ نظرٿوڪٽان،ان ۾ محبوب جوعڪس ٿو ڏسڻ ۾ اچي.

مون تي اکڙين وڏا ٿورا لائيا،
تہ پُڻ ُپرين پسن،جي ڪٽا ڪَرَ سامُهيون.

پڇيم يار اوهين نہ مليا، نہ کليا، نہ ڪڏهن ڳالهايو پوءِ بہ ايڏي محبت، اهو وري ڪيئن؟ اک اک سان ملائي چيائين لڳي ٿو تنهنجي ڪڏهن ڪنهن سان اک ناهي لڳي نہ تہ اهي ڳالهيون ڪونہ ڪين ها.

ديکُ مَ توُن سين تَنِ، هي جي مَجازِياٽيوُن مُنهن ۾،
ڪِينَ سُجاتو سُپرين، نهاري نيڻَنِ،
پرين سي پَسَنِ، ٻَئي جنيِن ٻوُتيوُن.

چيائين تنهنجي ڪنهن سان اک اڙيل هجي ها تہ هيئن محبوب سان ملاقات ٿئي ها.

اُپٽيان تہ انڌيون، پُوريان تہ پرين پسنِ،
وڃيو روز رَسِنِ، حبيباٽي حُجري،

چيُمُ هاڻِ محبوب تہ وياهليا،تنهنجي اکين جي عشق جو ڪيئن ٿو پورائو ٿئي، مسڪرائي چيائين اڙي درويش اهو تہ تون ٿو چوين تہ محبوب ويا هليا. پر منهنجي مَنَ کان تہ پُڇُ محبوب مون ۾ ئي آهي. ويندا انهن جا آهن جيڪي مَنَ جا ڪچا هوندا آهن سچن جي دل ۾ محبوب ديرو ڏئي رهندا آهن. اسان سان تہ ستي ويٺي سجڻ ساڻِ آهن.

جي ٿيا حَل حبيبَ سين، سُمهڻُ تن ثواب،
نيڻ هيرائي ننڊَ سين، خوش ڳيائون خواب،
اوسيئڙو عذابُ، دِليان تنهِن دُورِ ٿيو.

ᘓᘐ

# تون پُڻُ ڪَريجُ تيئن،
# جيئن ڪنڀار ڪرنِ ڪمَ سين

نيھُن نھائينءَ جيئن، ڏِکِئو ڪوھُ نہ ڏِکئين
جہ جَرَ جيري چڙھي، تہ رَچَ پچندا ڪيئن،
تون پڻُ ڳَريجُ تيئن، جيئن ڪنڀار ڪرن ڳمَ سين.

هن بيت جي ڳولا ۾ وڃي هڪ جهوني ڪنڀار ڪي ڳولي لڌمُ. پُٺَنِ تان لٿلُ هو مٽيءَ تي ڏُکيءَجي اصل وارو وار هئي. ڇَيمُ چاچا مٽيءَ کھڙو ڏوھ ڪيو اٿئي؟ نماڻو نِھاري چيائين مٽي ڪونَ پنھنجو ڪرمُ پيو ٿو ڪُٽِيان، هجين جي مون واريءَ جاءِ تي تہ اهي خبرون ڪون ڪرين ها. بابَل سائين اهي ڏَڪَ مٽيءَ تي نہ پر منھنجي پيٽ بکئي تي پيا لڳن، اها مٽي منھنجي ٻچن جي روزي آهي. انهيءَ مٽيءَ کي ماري اصل ميڻُ ڪرڻو آهي تڏهن تہ وڃي ٿانوَ پچندا. مٽي ڪُٽي سنھي ڪپڙي ڇاڻ (ڪپڙي سان بہ ڇٽي وڃي) ڪري پاڻي ڏنائين، پوءِ تہ اصل چا، اڇي مٽي کي پيرن سان لتاڙيائين، پيرن سان لتاڙي ٿَڪو تڏهن ڪجهہ دير ساهي پٽي، هٿن سان ڳوهڻ شروع ڪيائين. ڳوهي مٽيءَ کي ميڻ ڪري هڪ وڏو ڳوڙهو ٺاهي رِليءَ سان ڍڪي ڇڏيائين.

ڪي جو ڪنڀارن، مٽيءَ پائي مَنَيو
تنهن مان تِرَ جيتري، جي پئي خبر ڪرن،
هي تان هوندَ مَرَنِ، هنَ اگھڻ اوراتو ٿئي.



انهي ڳوهيل مٽيءَ کي وري ڳوهَ ڏئي ننڍا مٽيءَ جا پنوڙا ٺاهي چَڪَ جي پرسان رکندو ويو. چَڪَ کي چورڪو ڏئي گوڏو منڍي ڊِلا ٺاهڻ شروع ڪيائين، جو اصل منٽن جا فيصلا ٿيا. انهن دلن کي ڪجه هوا تي رکي وري پاڳوڙي ڪوڙي هڪڙي هٿ ۾ ڪُنيرُ تہ ٻئي هٿ ۾ فريءَ سان ٺَپڻُ شروع ڪيائين. اهڙي تہ ڪاريگريءَ سان ٺپيائين جو دِلو ننڍڙيءَ سائيز جو هو سو وڏو ٿي ويو. وري انهن دِلنِ کي هوا ۾ سُڪڻ لاءِ اوٺينگائي اڇي وري چڪُ چوريائين، هاڻي مٽَ، ڪُنا، ماٽورا، تسيا، پيالا ۽ ٻيا ٿانوَ ٺاهڻ شروع ڪيائين.

پر ۾ سندس زال دانگي پئي ٺاهيا. مون سوال ڪيو تہ دانگي چَڪَ تي نہ ٺهندي آهي ڇا؟ چيائين دانگي، پاٽِ، ٽپڻو نادي ۽ تندور چَڪ تي نہ پر هٿ تي ٺهنديون آهن. ۽ اهي خاص ڪري ڪنڀاريون ٺاهينديون آهن. اوچتو گڏهہ هينگ ڪئي، انهيءَ تي زال کي چيائين تہ ويچارو بکيو ٿيو آهي ڪو داڻو پاڻي ڏئي اچ. پڇيمُ اهي ٿانو پچائيندين ڪڏهن؟ چيائين ٽن ڏينهن ڪانپوءِ اڇجانءِ تہ توکي نھائينءَ جو رنگ ڏيکاريان.

انهيءَ ڏينهن آئون بہ اچي حاضر ٿيسُ، همراهہ نھائينءَ واريءَ جاءِ تي پئي مال جو ڀاڻُ وڇايو. ڀاڻ کي پاهوڙيءَ سان سڌو ڪري اچي ٿانو رکيائين. سي بہ اونڌا. پڇيمُ اهو وري ڇو؟ چيائين ٿانوَ سِڌا هوندا تہ اصل پچندائي ڪونہ. انهن مٿان ڀِڳَل ٺڪر رکي مٿان سُڪلَ گاهہ جوَ لہُ ڏئي وري ڀاڻ جو تَهُہ ڏنائين. انهيءَ نھائينءَ ۾ هڪ نالي رکي جنهن جو منهن ٻاهر ڪڍيائين. اُن مُنهنَ کي مو کي چوندا آهن.جنهن مان نھائينءَ کي باهہ ڏنائين. اتي مون کي هيءُ بيت ياد آيو.

نيڻَ نِھائينءَ جان، سُتي لوڪَ ڏِکيان،
اُجھاميو ٻَران، توکي ساريو سُپرين!

پڇيمُ ٿانوَ ڪڏهن پچندا؟ چيائين ٽي ڏينهن، ٽي راتيون اها

نهائين مسلسل ٻرندي رهندي تڏهن وڃي ٿانوَ پچي راس ٿيندا. پڇيم "ڪيئن خبر پوندي تہ نهائين پچي وئي آهي؟" چيائين "پڪل نهائينءَ جي خوشبوءِ ئي سِهِڃاري"

مون بہ تئي ڏينهن وڃي نڪاءُ ڪيو. ڏسان تہ همراهہ خوش آهي ۽ منهنجي انتظار ۾ ويٺو آهي. چَيمُ ڏي خبر نهائي پچي وئي؟ چيائين هائو سائين. مون ڦري ڏٺو تہ باهہ ڪٽان بہ ٻاهر ڪونہ نڪتي هئي. اتي مون کي شاهہ سائين جو هي بيت ياد آيو.

نهائينءَ کان نينهنُ، سِکُ منهنجا سُپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻَهرِ ٻاڦَ نہ نڪري.

ٿانوَنِ مٿان رکَ لاهڻ شروع ڪيائين ڏسان تہ چار دِلا ڪچا هئا. پڇيم اهو وري ڇو؟ چيائين اها اسان جي ڏاڏي جي دعا آهي. چيائين هڪڙي دفعي ٻليءَ جا ٻچا ڪنهن دلي ۾ هئا ۽ ڏاڏي نهائينءَ کي باهِ ڏئي ڇڏي. ٻليءَ اچي نهائينءَ جي چئو طرف ڦيريون پاتيون، تنهن تي ڏاڏي کي شڪ ٿيو تہ شايد ٻليءَ جا ٻچا اندر آهن. تنهن تي ڏاڏي اچي الله کي ٻاڏايو. جڏهن نهائين کوليائين ڏسي تہ ٻچن وارو دلو ۽ ان جي چئو طرف دلا ڪچا ۽ ٻچا جيئرا هئا تنهن ڏينهن کان نهائينءَ ۾ ڪجهہ ڪچا دلا ضرور هوندا آهن.

سَرَ ۾ پکي هيڪڙو ماري هجنس لک،
جي اٿس رب سندي رک، تہ سَرَ هو گهمي سرہِ.

پَرِ ۾ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو ٻوڙيندو ٺاهي رهيو هو. مون چيو هن کي وڃائي ڏيکار، جنهن تي هن ٻوڙيندي مان ڪجهہ سُرَ ڪڍيا. مون چيو سريلو ڪونہ آهين، چيائين ڪَچَنِ مان کهڙا سُرَ نڪرندا، اهي جڏهن نهائينءَ ۾ پچي راسُ ٿيندا تڏهن سريلا سُرَ ڪڍيندا. اُتي پر ۾ هڪڙيءَ ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ دلي تي چِٽَ پئي چٽيا. چيمُ تہ ننڍڙي ڏاڍا پيارا چٽَ چٽي پئي. چيائين هائو سائين خاص ڪري اسان جون ڇوڪريون ٿانون



تي چٽ چٽينديون آهن. اتي مون کي هيءُ بيت ياد آيو.

پيلي پُلائي، پَسي چِٽَر چَرِي ٿي،
ٻَرِ ٻَرِ ٻُڏي سهٽي، ويرنُ ۾ وائي،
ڪچي ڪيرائي لال لَهرنِ وچ ۾.

چَيُمُ توهان سهٽيءَ سان ڇڱو ڪون ڪيو. ويچاريءَ کي پيلو هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو؟ چيائين سائين سهٽيءَ تہ اسان جي ڪم جي واکاڻ ڪئي آهي هُنَ اسان کان ڪون پنهنجي ڪرمَ کان پانئيو آهي. اتي هيءُ بيت ڏنائين.

پڪا رَڃَ ڪنيار جا، پڪي نهائين،
مون کي تئائين، پيلو پاڳي آئيو.

اِتي مون چيو تہ شاهہ سائين هيئن بہ چوي ٿو.

ڪڍيا جي ڪُلالَ سي پسي خالَ خوشِ ٿئي،
پاٽيءَ چِٽَ پُسائيا، ڏاءَنءُ جهلي ڏمالَ،
سُپَڪَ پانئيا سهٽيءَ، جوڀنَ جي جَمالَ،
آڪي جا اَحوالَ، مُعلُمُ ٿيا مهراڻَ ۾.

چيائين نہ سائين سهٽيءَ کي تہ انهيءَ دريا ۾ ٽِپو ڏيڻو هو پيلو دلو تہ مڙئي بهانو هو. نہ تہ پڪي تي تہ هوءَ روز درياہ پار ڪري ويندي هئي. پر هُنَ کي آرام ڪونہ هو. پيلي تہ هُنَ کي محبوب سان ملايو. اتي هيءُ بيتُ ڏنائين

گهڙو پڳو تہ گهوريو پاڻان هو حجاب،
واڄٿُ وڄي وجودَ ۾، رهيو روحَ ربابُ،
ساهڙَ ريءَ صوابُ، آئون گهٽو ئي گهوريان.

سائين اسان جو تہ ٿورو آهي سُهٽيءَ تي جو ڪچو ڪنيائين جيڪڏهن ٻڏي نہ مري ها تہ ڪنهن کي خبر پوي ها تہ سهٽيءَ ڪير هئي

نہ ئي شاهہ سائين ڳائي ها، نہ وري تون آئون هُنَ جو ذڪر ڪريون ها. شاهہ سائين چوي ٿو.

تہ ڪَر ڪينءَ سُئي؟ جي سيرَن گهڙي سهڻي،
هتِ حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هئي،
چَڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنُس اُنَ ڏُهي
سهڻيءَ کي سَيَدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهي
هنئين هوندَ مئي، پَرَ ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا.

ٿَهڪُ ڏئي چيائين انهيءَ ميهار کان تہ سنوٿيو سهڻيءَ درياءَ ۾ ٽپو ڏنو. نہ تہ چَري پئي لوڙي ها. پڇيمُ اهو وري ڪيئن؟ اِتي شاهہ سائينءَ جو هي بيت ڏنائين.

اُيو تَڙِ ميهارُ، ملاحن سَڏَ ڪري،
آئون پڻُ وجهان هتڙا، اَئين پُڻُ وجهو چار،
گهوريُون ڪارؤنيارُ، مانَ ملَنِئُون سُپرين.

چيائين سهڻيءَ جو سچو عشق هو جيڪا نڪو ٿي ملاح کي سڏي ۽ ئي وري ڪنهنجو ٿورو ٿي کڻي. هوءَ تہ اهو بہ چوي ٿي.

سُپيرِيان جي ٿُرهي ٻُڏين، هٿُ نہ لاهِ،
سُياءِ ائين چونداءِ تہ اسان تو اُڪاريو.

ميهارُ سچو هجي ها تہ ڪاهي پئي ها ڪُنَنِ ۾، جيئن سهڻيءَ صدقو ڪيو.

گهڙيا سي چڙهيا، ائين آٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پئو ٽِپو ڏيئي،
تہ ميهارُ مليئي، سنيُوڙو سِڻاهہ سين.

پُڇيمً ڪهڙا ٿانو سَولا نهندا آهن؟ مسڪرائي چيائين، جي سچو عشق آهي تہ سِراڻي ۾ سئو ڪوهہَ ۽ جي ڪچو آهي تہ اڱڻ بہ آسِي ڪوهہَ



اتي مون کي هيءُ بيت ياد آيو.

محبتي ميهار جون، دل اندر دونهيون،
آٽيو وجهي آرَ ۾، لُهاٽو لوهيون،
جي ساهڙ جون سونهيون، سيرَ سِراڙو تن کي.

پڇيم پڙهيو آهين؟ ٽڏو ساهہ پري چيائين پيٽ پڙهڻ ئي ڪو نہ ڏنو. ننڍي لاڪون گڏهہ تي متي ۽ پاڻ کڻي ايندو هوس ڪجهہ وڏو ٿيس تہ ابي ٿانوَ ناهڻ سيکاريا، چَڪُ هلائڻ جي شوق ۾ رات ٿي ويندي هئي ٿڪبو ئي ڪونہ هوندو هوس. تان جو اجان چڪ پيو هلايان.

پڇيم اڄ ڪلهہ متيءَ جي ٿانوَنِ جو وڪرو تہ گهٽ آهي پوءِ گذارو ڪيئن ٿئي؟ چيائين دنيا پليل آهي سون چڏي وجي ڪوڙ پي وٺي. چيُمُ اهو وري ڪيئن؟ چيائين متيءَ جا ٿانو صحت لاءِ سون آهن. اڳي دنيا متيءَ جي ٿانون ۾ ڪائيندي هئي هاڻ تہ اسپتالون اصلً پريون پيون آهن. متي تہ دوا بہ آهي تہ پرهيز بہ اسان جو مالڪ سائين ڪو پيو روزگار جو در کوليندو پر دنيا کي ڪنيارن جهڙا ڪاريگر ڪونہ ملندا. اتي مون کي شاهہ سائين جو هيءُ بيت ياد آيو.

قاتل ڪمائي ڪري، وِهُ جي ماکي ڪن،
وٺان ويهي تن، پِيُجُ کي پيالِيون.

ഌശ

# سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهرُ لوهار جو

سِرُ سانداڻ ڪري پُڇج گهرُ لُهارَ جو!
ڏڪنِ هيٺ ڏري، مانَ گڏيندئي رُڪَ سين!

ڏسان تہ لهار جي هٿ ۾ هڪ وڏو انبور هجي جنهنجي جي مدد سان تَتَل لوهہَ کي سانداڻ تي رکي مٿان اصل هٿوڙن جي وارووار هئي. زال جي هٿ ۾ وڏو هٿوڙو جيڪا بيني ڏَڪَ پئي هڻي، مڙس جي هٿ ۾ ننڍڙو هٿوڙو جيڪو وينو ڏڪ هڻي زال جو هڪڙو وارُ ڪري تہ مڙُس ايتريءَ دير ۾ ٻہ ڏڪ هڻيو ڪڍي. اُنَ مان جيڪو آواز پئي نڪريو سوتہ ايڏو سُريلو هو جو مون کي تہ سلام وارڻ ئي وسري ويو. وڃي ماٺ ڪري ڏڪن جي آواز ۾ گُمُ ٿي وهي رهيس.

جيئن ئي لوهہُ ٺڏو ٿيو تہ لوهہ کي کُوريءَ ۾ رکي ڌَئڻِ سان هوا ڏيڻُ شروع ڪيائين، تانجو وري لوهہُ تپي تاندو ٿي ويو. وري ساڳئي سانداڻ تي رکي مترڪن (هٿوڙن) جي مارَ ڪڍيائون. انهيء سانداڻ جي باري ۾ پٽ ڏٺي چوي ٿو.

سَهي جيئن سانداڻ، ڏَڳن مٿي ڏَڳڙا،
وَهُ وجائي پاڻِ، ڏي ڏوائون ڏُنگرين.

کوريءَ جي باهِ وسامي وئي جنهنکي وري باه ڏنائين ۽ مون ڏانهن نهاري پڇيائين پائوُ تون ڪير؟ چيمُ يار تنهنجو ڪم ڏسڻ آيو آهيان. چيائين ٺيڪ آهي پر ٿورو وٿيرڪو ٿي ويهہ متان باهِ جي چڻنگن ۾ سڙي نہ وڃين.



ٻارئو اُجهائين پرين، اُجهايو ٻارين،
مون کي ٿا مارين، لونئا لُهارن جا.

پڇيم چا پيا ٺاهيو؟ چيائين ڪُهاڙي پيا ٺاهيون. جواب ڏئي، وري اصل ساڳئين ڌُنَ ۾ لڳي ويا. هاڻ جڏهن ڪهاڙي پهنجي شڪل ۾ آئي تہ لهار پنهنجي زال کي چيو تہ ڪوئلا ڪڍي کُوريءَ جي پَر ۾ رکُ ۽ پاڻ ڪهاڙيءَ جي ڌارَ ٺاهيندو ويو ۽ اُنَ کي پاڻي ڏيندو ويو جڏهن تيار ٿي تہ سراڻ سان ڪهاڙيءَ جي ڌار تکي ڪرڻ لڳو. پڇيم پاڻي چو ٿو ڏيئين؟ چيائين پاڻي تہ ڌار کي پڪو ڪندو، نہ تہ ڪُهاڙي ڏَڪَ ۾ ٽُٽي پوندي.

اَجُ آڳڙيا آئيا، سُوڌا سراڻِي،
پياري پاڻي، تيغون ڪندا تکيُون.

انهيءَ وچ ۾ هڪ همراهہ هڪ ڪوڏَرِ ۽ ڪجهہ ڏانٽا جيڪي ڪَٽُ ۾ پريل هئا سي اچي لوهار کي ڏنائين، جنهن تي مون کي ڏسي چيائين اُهي هاري ئي هاڻِ ڪونہ رهيا، نہ تہ ڪوڏر ۽ ڪٽُ چا لڳن، اڳي هاريءَ جا اوزار ڳَنَلَ هوندا هئا پر ڪَٽُ ڪڏهن ڪونہ هوندي هئي، هاڻ ڏسِين پيو ڪَٽُ جا انبار آهن.

ويا سي وينجهارَ هيرو لال ونڌينِ جي،
تني سندي پوئيان، سيهي لَهَنِ نہ سار،
ڪُٽين ڪُٽ لُهارهاڻِ انئينءَپيٽينِ.

ڏانٽن کي گرم ڪري مترڪن سان ماري سڌو ڪري تيز ڌار واري بليڊ سان ڏندا ڪڍڻ شروع ڪيائين. ڏانٽا تيار ڪري اچي ڪوڏر کي لڳو. ڪوڏر کوريءَ ۾ گرم ڪري سانداڻِ تي رکي اچي مُترڳنِ جي مار ڏنائين جو ڳٽ بہ لهيوئي۽ڪوڏرماپ ۾ بہ وڏي ٿي وئي. پوءِ سراڻِ تي آرائِڻ شروع ڪيائين تانجو ڪوڏر چوي وهائڻ وارو ڪٿي.

سَرها ڏِنمِ سي، جَنِ ساڃاءِ سِراڻ سين،
تيغ تَني جيِ کي، ڪَٿُ نہ لڳي ڪڏهين.

سليماني ڳُڙَ واري چانهہ چاڙهي، مائيءَ کي چيائين ماني ڏي جيڪا ڇَپِري ۾ ٽنگيل هئي، سا ڪولي مون کي صلاح ڪيائين، مون کي بہ بک لڳل هئي پر حجاب مان انڪار ڪيُمُ. چيائين اسان غريبن جي ماني اوهان کي ڪٿي ٿي وڻي، سو مون کي بہ ہلُ مليو اچي ماني کائڻ شروع ڪيمُ، مانيءَ ۾ چماٽن جي چٽني ۽ بصر جي پتي هئي، سا ايڏي تہ لذيذ هئي جو وچي ٿيا ست خير، ماني کائي سليماني چانهہ جو ڪوپُ بہ ڏنائين. چانهہ پوري ڪري پَنَ جي ٻيڙي دکايائين مون کي صلاح ڪيائين پر مون انڪار ڪيو تنهن تي چيائين توهان هيءُ غريباڻي ٻيڙي ڪٿي ٿا پيئو توهين پيئندا "گوڊليف" تنهن تي مون چيو تہ اهڙي ڪا ڳالہ ناهي ڏي مون کي تہ آئون بہ سوٽان هڻان. جيئن ئي پهريون سوٽو هنيم تہ کنگهہ اچي شروع ٿي تنهن تي ٺهڪُ ڏئي چيائين سائين مون سچ چيو هو نہ. هو وري اچي ڪم کي لڳو. اڱارن کي کولريءَ ۾ وجهي باهہ ڏنائين ۽ ڌَئڻِ سان هوا ڏئي مچُ ٻاريائين.

اِيءَ ٻَرِ اڱارنِ، ٻَڏاهين ٻَرنِ جي،
هڪ ڪوُريءَ ڪائيا، ٻيو ڌوڏيءَ ساڻِ ڌڳنِ،
پاٽا لُهارن، ميڙي رکيا مَچَ تي.

پُڇِيمُ ڌَمَڻَ (ڌئڻ) ڪير ٺاهي ٿو چيائين يار اُهي موچي مري ويا جيڪي نندڙي گهيٽي (رِڍَ جو ڦر) جي کَلَ ماري ٺاهيندا هئا جيڪا عُمِرِ ڏينڌي هئي هاڻ تہ اها اٽئي جيڪا ڏسين پيو. ڌنئي ڌنئي اچي بغل ڏُکَڻَ آيا آهن مجالُ ڪو هوا ڏئي.

ڌَنءُ ڌَنءُ ڌَمَڻَ وارَ اَڄُ پُڻ آٻڙِيَنِ جي،
ٻاري مچُ مجازَ جو، اوتيائون اَڱارَ
ڌوڏِئان ٿيءُ مَ ڌارَ جم ڪچو رُڪُ ڪٽِيون ٿئي.



ٽريڪٽر جي هَرَ جي ٿالهي ڪڍي. مختلف سائيزن ۾ ڇيٽيءَ جي مدد سان ٿالهيءَ کي ڳَتيندو پئي ويو ۽ مَچَ تي رکندو ويو. ۽ ڌَئڻِ سان هوا ڏئي مَچَ کي تکو ڪندو ويو. ۽ انبور جي مدد سان انهن لوهہ جي ٽڪرن کي سانداڻ تي رکي متڙڪن جي مار ڏئي مختلف لوهند (لوهہ جا اهي اوزار جيڪي وَڍِ ڪُٽَ جي ڪم اچن ) ٺاهيندو ويو.

ڪَٿُ ڳَڙهي، لوهُ ٻَري ڌُوڏا جِتِ ڌَڳِنِ،
مُترڪَنِ منهہ ڪيئا، سانداڻِيُون سَنڪَنَ،
اَڄُ پُڻِ آٻڙِين، ميڙو آهي مچَ تي.

پُڇيمُ لوهَ ۽ رُڪَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ چيائين لوهُ ڌڪَ سان مُڙي ويندو ۽ رُڪُ ڌَڪَ سان بہ اَڌ تي ٽُٽي ويندو آهي.

پَچائي پَهاڻُ، جَنِ رساٽئو رُڪَ کي،
تنيِن سندو، ڄاڻُ، آهي آٻڙينِ کي.

جيئن ئي ڌئڻِ جي تيز هوا اڱارن کي لڳي تہ باهہ پڙڪو کاڌو ڪجهہ باهہ جون چڻگون اچي مون کي لڳيون آئون بہ پاڻ بچائڻ لاءِ اتان ٽِپو ڏئي اُٿيس تنهن تي لُهار کِلي هيءُ بيتُ ڏنو.

ڌُوڏا! تون نہ ڌنين! آڳ اوڏو نہ وڃين
اُلا جي عشق جا سي تان تون نہ سَهين!
اُپو اِيَ چئِين تہ آئون آٻڙيو آهيان.

پڇيُم پلا ڪا موڪلَ ڪو آرامُ ڪريو؟ چيائين سائين آرام ڪٿان باهِ سان ڪيڏڻ وارن کي آرام ڇا جو رات جو گهر، صبح سوير اچي آڳِ سان ڪيڏيندا آهيون. سڄو ڏينهن اڱارَ اجهايون، اڱارَ ٻاريون، اِهي متڙڪا، اهي سانداٽيون، اهي ڌئٽيون، اِها باهِ ۽ اهي اسين.

اجان تنُوراءِ، ڪاله ڪڍياسون سَڄَٽين،
پُڻُ تايائون تڪڙو، وحدت جي وَڏاءِ،
محبتين مٿاءِ، مَچُ مُورائين نہ لهي!

پِتِ تي ڪجهہ چنگ ٺنگيا پيا هئا، پڇيُم اهي تو ٺاهيا آهن؟ چيائين هائو چنگ تہ ٺاهيندو هو بابو اسين تہ مڙي لَڪَڻَ پيا ڪريون بابي جو ٺاهيل چنگُ وڄڻ ۾ ايئن جو ڄڻُ مينهن جو سانير پيو وڄي. پري پري کان شوقينَ چنگُ ٺاراهڻ لاءِ ايندا هئا. هاڻ تہ اهي شوقين ئي مري ويا ۽ اسان کان بہ اهڙا سريلا ساز نہ ٺا ٺهن. بابا سائين تہ بندوقون تلوارون ڀالا، بڙڇيون، ڏڦا ٺاهيندو هو. اسان جو ڏاڏي جي ٺهيل زَرهہَ ۽ ڍال اڄان بہ اسان وٽِ محفوظ آهي. اُهي ڪاريگر نہ رهيا آهن ۽ نہ ئي وري قدردان. اڳئين زماني ۾ سٺو اوزار ٺاهڻ تي انعام اڪرام ملندا هئا. هاڻ تہ اصل معاوضو بہ ڪونہ ٿو ملي. شوقين واري شيءِ ٺهرائڻ لاءِ پلو گهوڙو اٺ يا ڍڳو ڏيندا هئا. هاڻ تہ ڪاگر وارا لوٺ سي بہ مٿيئن مَنَ سان شامَ تي لُهار ٺپڙَ ويڙهڻُ شروع ڪيا. اُتي پاسي ۾ ڪجهہ پيٽون ويران هيون مون پڇيو هنن پيٽن جا ڏٽي ڪيڏانهن ويا. اُتي ٿڏو ساهہ پري چيائين تہ سائين لُهار ڪو ڪم هاڻ ڪٽي رهيو آهي هاٽي تہ اسان جو ڪم مشنيون پيون ڪن. انهن پيٽين جي ڏٽين لڏي وجي بيا ويڙها وسايا مون کان تہ پيو ڪو ڪم نہ ٿو ٿئي سو پيو لوهہُ ڪُٽيان.

لَڏي ويا لُهار، ڪونهي ڪِڙاڪو ڪِڙَ تي،
ڏٽِٽين ڏٽِڻُ چڏيو اُجهي ويا اَڳّار
سانداٽين تان سيَدُ چئي لٿي مترڪن جي مارَ
اُجهائي اڳّار هيڪاندا هليا ويا.

ᢀᢀ

# پائي پانڌ ڪپاھہ، جان مون آتڻَ نهاريا

پائي پانڌ ڪپاھ جان مون آتڻَ نهاريا،
ڪٽي ڪان پساھُ، سرتيون وجي سُتيون.

آتڻ ۾ وينل ٻُڍِڙيءَ جو چهرو سَرَنِ جي لڪيرن ۾ سينگاريل هو ايئن پئي لڳو ڄڻ شاھ سائين جو ڪاپائتي سُرُ چهري تي لکيل هجي. ٻڍڙيءَ چرخو هلايو پئي، ننڍڙيءَ اڳڻُ ٺاهيو پئي، جوان ڇوڪريءَ سُٺَ مان پهيون ٺاهي رهي هئي ٿورو پريان اڌڙوٺَ عمر عورت پرٽُ پئي پريو ۽ آئون بہ انهيءَ آتڻ ۾ هئس.

مون مٿيون بيت چيو، تنهن تي ٻُڍڙيءَ چيو اڙي پورا تون ڪٿي شاھ سائين جي پنڌن کي ٻُڇندين، شاھ سائين سمجهين ها تہ ايڏو وڏو پنڌُ ڪونہ ڪرين ها. اهي آتڻَ اهي ارٿَ اهي ڪاپائتيون. اهي سڀ مُرِشدَ لِڪون ۽ اڙوُن ڏنوين آهن، ڳالهہ جو ڳُجهہُ مڙئي ٻيو آهي.

ڳالهہ پريان جي ڳُجہَ جي ، ڳالہ مِڙيائي ڳُجهہُ.
هيئنڙا اُجهہ مَ منجهُہ، سگها ملندئي سُپرين.

چرخي جو آوازق ايڏو تہ سُريلو هو جو مون چندُ گهڙيون خاموش ٿي اُن موسيقي جو مزو پئي ورتو ، ٻڍڙيءَ چيو بابا ڪهڙي جَهانَ ۾ گُمُ ٿي ويو آهين. چيمُ نہ بَس اِتي ئي آهيان ، چيائين هيءَ دنيا جو چرخو آهي ئي اهڙو جو انسان کي پنهنجي گردشن ۾ گُمُ ڪريو ڇڏي، جوان ڇوڪريءَ کي چيائين جيڪي پَهيوُن پچايون اٿئي سي تہ ڏي، جيئن ئي ڇوڪريءَ پهيون ڏنيون تنهن تي ٻڍڙيءَ مون ڏانهن نهاري چيو ابا هيءَ اوڳي صبحَ



وينئي آهي ۽ پهتيون ڏِسين پيو ڪيتريون پچايون اٿسِ نہ ڄاڻان ڪهڙن خيالن ۾ گُمُ آهي ڪم تي ڪو ڌيان ڪون آهي

پَهي ڪِيمَ پچاءِ، اَمَڙِ منهنجي آسري،
هَٽي لَتَ چرخي کي، پوٽيون پاٽيءَ پاءِ،
ڪَتِيمُ جنهن لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

پُڇِيم پهيون ۽ پوٽيون ڇا آهن؟ چيائين پهيون انهن کي چئبو آهي جيڪي رِڍَ جي اُنَ کي سنواري ننڍڙا ٻُڙا ٺاهيا ويندا آهن انهن صاف ٿيل اُنَ جي ٻُڙنِ مان چرخي جي مدد سان ڌاڳا ٺاهيا ويندا آهن، ۽ پوٽيون ڪپهہ کي صاف ڪري ننڍڙا ٻُڙا ٺاهي انهن مان بہ چرخيءَ جي مدد سان ڌاڳو ٺاهيو ويندو آهي انهن کي چئبو آهي.

ارٿَ کي هلائيندي مالهہ کلي وئي تہ ڌاڳو ٽهڻ بند ٿي ويندو سو ٻڍڙيءَ چرخو بيهاريو پڇيم ڇا ٿيو. چيائين مڙي ابا اهو ارٿ مون پوريءَ سان پيو پوڳَ ڪري، هن ويچاري بہ منهنجووڏوساٿُ ڏنوآهي. هاڻ هن جا ڪڏهن مونا (ارٿ ۾ ڪانيءَ جا ننڍا ڪِلا جنهن ۾ ترڪُ لڳندي آهي) اُکڙن ٿا تہ ڪڏهن مالهہ ڍري ٿئي ٿي.

نہ ڪِين ڪتوءِ ڪالهہ اڄ پُڻُ اُجهَڻَ کي مرين
منا مَنجِيءَ اُکڙئا، آرٿ ڏُرُڪي مال،
هئي تني جي حالَ، جَنِ ڪاپي منجهان ڪينَ ڪِئو.

چيمُ ارٿُ هاڻِ جام پڄيَ پيو آهي اهو ماٽي هلڻَ ۾ تہ وڏي تڪليف ڏيندو هوندو، اتي ٻڍڙيءَ هيءُ بيت ڏنو.

تانسِينءَ پڳوئي پيرِ، جانسِينءَ رتو راسُ ٿئي،
ٻُريءَ بيڪاريءَ سين، هاري پاڻُ مَ هيرِ،
ڪَٿُ ڪَتندِي ڪير، نئين سِين نِجاٽجِي.

چرخو هلائيندي پئي وئي ۽ ننڍڙي آواز ۾ ڳائيندي پئي وئي. چيمُ

ڏاڏي ٿورو وڏي آواز ۾ ڳائجو مسڪرائي چيائين اڙي ابا. ڳائڻ وري ڪهڙو مڙئي رُوح پئي راضي ڪريان، هاڻ ته جاڙيءَ ۾ ڏند ئي ڪونه رهيا آهن جو توکي سُرَ سان ٻُڌايان. سُٺَ جي ڏاڳن جيون ناوڙيون(ڍيرون) ٿاهي لوهَ جي سيخَ مان ڪڍيندي وئي جيڪا ارٿ جي مونن ۾ لڳل هئي ۽ انهن کي پِرِ ۾ رکندي وئي. پڇيم انهيءَ سيخَ کي ڇا چئبو آهي چيائين ان جو نالو ترڪُ آهي اها ب ويچاري تيڙي ٿي وئي آهي. پِٺَ ڏٽي چوي ٿو.

ترڪُ وِنگي وَرَ گهٽا، ڱَتِيان ڱُجاڙو؟
ڪاپي مٿان ڪيترو، آٽيان اُڏارو؟
جي ورُ ڏي وارو ته سُونهان، سَرتِيُن وِچَ ۾.

مون سامهون ويٺل عورت ڏانهن اشارو ڪري پڇيو ته هوءَ چونه پئي ارٿُ ڪتي؟ چيائين اُها منهنجي نُهن آهي هن جو وَرُ(مڙس) ڇَهَ مَهينا ٿيا آهن فوتُ ٿي ويو آهي تڏهن کان هوءَ خاموش آهي نڪو ٿي ڪنهن سان ڳالهائي ڪڏهن ڪڏهن آتڻ ۾ اچي ٿي چرخو هلائيندي وڃي ٿي ۽ روئيندي وڃي ٿي.

آتڻُ چونُمُ ڱَٺُ، تاٽيان تندُ نه نڪري،
ساڄَنُ منهنجو ساهُ هاڃي منجهه هٽي ويو.

جوان ڇوڪري ڪمُ ڇڏي وڃڻ لڳي، تڏهن ٻڍڙيءَ هنَ کي وڃڻ کان جهليو چيو ته ڏيءَ گهٽين ۾ رُلڻَ کان سٺو آهي ڪجهه ڪم سيکي وٺُ.

سونَ ساريڪا هٿڙا. ڪوهڪتين رَڏ.
ويهِي ڪُندَ ڪاپو ڪَرِ، گهٽيين گوهيون ڇَڏِ.
ته صرافاني سَڏِ سَرَ ڪئو هوندَ مَٿائيين.

ڇوڪريءَ کي ارٿ حوالي ڪرڻ کان پهريان تلقين ڪندي چيائين ته منهنجي ڏيءَ تنهنجي شادي ٿيڻ واري آهي، ڪجهه ڪم سکي



وٺ، جيڪو عمر پِرِ ڪمِ ايندئي، اهو ڪم توکي ساهُرنِ ۾ ڪيرُ ڪو نه سيکاريندو. ڪجهه سکيلُ هوندين ته تنهنجي عزت ب هوندي نه ته پئي مهٽا کائيندي.

پائي ڏورِ ارٿ ۾، ڱَتِين نه ڱُوڙي.
وِنهانءُ جي واڏائين، پُوڙِي سنيوُري.
مٿي جِنهِ مُوري سا ڪيئَن ويهي ويسَري!

ارٿ ڇوڪريءَ جي حوالي ڪري ٻُڍڙي پوٽيون ۽ ڀَهيوُن سنوارڻ لڳي. منهنجو ڌيان ڇوڪريءَ جي ارٿُ ڪتڻَ واري انداز ۾ هو. هن جي ڀَهي واري هٿُ جي اُڃَلَ اهڙي ته هئيجڻ سارو جهان ان اُڃَلَ ۾ هو.

ڪتي مٿي آئيون، ڪري تندُ تيارُ،
اُڃَلَ اوڏاهين ٿئي، جيڏانهن پرينءَ پارُ،
ڪاپائتيءَ قرارُ، منجهان پوٽيءَ آئيو.

اوچتو ڇوڪريءَ جي هٿ مان پهو ڪِري پيو.

نئون نيهنُ لڳوس، ڳري ۽ ڳالهيون ڪري،
ارٿ سوريندي اوچتو پرينءَ پوُرُ پيوس،
پَهو پَٽِ پِيوسِ، هوُ هَٿُ هُتِ رهيو.

آتڻَ جي پِرِ جي ۾ هڪ نِمَ جو وڻ هو جنهن جي ٿاريءَ تي هڪ ڪانوُ ٻولڻ شروع ڪيو. اسان سڀني جو ڌيان ڪانوَ جي ڪان ڪان ڏانهن ويو. تنهن تي ٻڍڙيءَ چيو الله خير ڪري مون چيو ڇا ٿيو؟ چيائين ابا ڪانوُ ڏائي هٿ تي ڳالهائي ته سمجهه سڄڻن ڏانهن خير ڪونهي ۽ جي سائي هٿَ واري پاسي ڳالهائي ته سمجهه سڄڻن ڏانهن خير آهي.

ڏائي ڇڙهي ڏارَ تي، ڪو جو ڪانوَ ڱهِيو
سورائتيءَ سور پئي، ڪامي ارٿُ ڪنيو
پَهو پَٽِ هنيو، ويچاريَ ورونهنَ مان.

سوال ڪيمُ ته سٺُ سٺو ڪيئن ڪتبو آهي تنهن تي پِٺَ ڏٽيءَ

ڪي ڳائيندي ٻڌايائين.

سُٺُ اُنهي جو سَقُرو، جي پر پِڄائين،
آوازُ اَرٽ جو، ساھ نہ سٽائين،
جي ماڻِڪَ مٽائين، توءِ مُلہ مهانگو اُنِ جو.

اتي مون بہ سرڪار جا هي بِيتَ ڏنا.

چاٽُتِ پائي چِٽَ ۾، سنهُون ڪِتو جَنِ،
تَنِ جو صرافنِ، دُڪو داخل نہ ڪِئو.

مَحَبَتَ پائي مَنَ ۾ رنڍا روڙيا جَنِ،
تَنِ جو صرافن، اَڙَ تورئو اگهائيو.

پڇيمُ تو اهو ڪم ڪڏهن سکيو. مون ڏانهن مُڙي اکيون اکين ۾ ملائي پنهنجو داستان ٻڌائيدي چوي ٿي. منهنجي مائٽن جو ڳوٺ هتان کان سَتِ ميل پري آهي. آئون چوڏهن سالن جي هئسِ مونکي امان ارٽ ڪترڻُ سيکاريو. روز صبح جي سانجُهِ ڪري سڀ ساهيڙون اچي آتڻَ ۾ گڏُ ٿينديون هيون سين، ڪمَ ۽ ڪچهريءَ ۾ خبر ئي ڪونہ پوندي هئي جو وچئين ٻانگ اچي ويندي هئي. تہ بہ گهر وڃڻ لاءِ دل ڪون ڪندي هئي. تڏهن اسان جي ڳوٺ جو سُٺُ ملڪن ۾ مشهور هو ۽واپاري وڏي شوق سان ڪٽندا هئا.

ڪوا جو وَهُ ڪاپائتين، ڪنبَن ۽ ڳَتَنِ،
ڪارڻِ سوُدَ سواريوُن، آتڻَ منجه اچِنِ،
اُنِ جي سونهن سيدُ چئي، صرافَ ئي سِڪِنِ،
اَگهيا سُٺَ سَندنِ، پائي تارازيءَ نہ ٽُريا.

پڇيمُ تون ان وقت ڪم جي ڪيتري سُگهڙ هئين، چيائين آئون مڙي ڪم ۾ ڪسي هُئَسِ. شروع شروع ۾ منهنجي سُٺَ ۾ مڙي پِڙا



(ڳنڍيون)هوندا هئا سو ساهيڙيون مون تي کلنديون ۽ ٺوڪوُن بہ ڪنديون هيون، پوءِ امان مونکي سيکاريو ۽ مون کي بہ ڪم جو عشق هو سو آخر ۾ آئون سيني کان گوءِ کٽي ويندي هُئس.

تاجيءَ توريائون، تہ عيبَ نِڪَتا اڳيان،
ڪوني ڪاپائِتين ڪي، پَرَ ۾ پُڇيائون.
چي اگَلِڙِي آئون، مون کان پِڙا پڳا نہ ٿيا.

پڇيم ٻيا ڪي هتي آتڻ آهن؟ چيائين اڳي هتي هر گهر ۾ آتڻُ هوندو هو هاڻي تہ صرف ٻنِ گهرن ۾ آتڻ جو ڪمُ هلي ٿو. هاڻ اسان جو ڪم ڪير ٿو پڇي. هاڻ تہ ربڙ جي ڪپڙن جو زمانو آهي، هِنَ نسل کي ڪهڙي خبر تہ سُٺَ جي ڪپرن جي ڪهڙي اهميت آهي هاڻ تہ نہ اهي آتڻ رهيا نہ ئي ڪاتاريون ۽ ارٽ ويچارا تہ اُسَنِ سڙي ختم ٿي ويا.

ڪتي ڪتي ڪالهہ، اَڄ نہ آتڻ آئيون،
اَرٽ اُڪلي مالهہ، پوري ويئيوُن نجهرا.
نہ سي ووڙَ وٽِنِ ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون هينڙو مون لوڙُ ٿئي.

# ڪکر منجهه ڪپار، جهڙ نيٽئون نه لَهي

ٿر جو ڳوٺ هو. مينهن جي موسم هئي اُڀُ ڪَڪَرَنِ سان ڀريل هو. سڄي ڳوٺ جا مرد مال چارڻ سانگي ٻين علائقن ڏانهن ويل هئا. عورتون گهر جو ڪمُ ڪري رهيون هيون، اوچتو تاڙي ٻوليو، سيني جو ڏيان تاڙي جي تنوار ڏانهن ويو. مايوُن مسڪرائڻ لڳيون، ٻارڙا تاڙو ٻوليو تاڙو ٻوليو ڪري تاڙي کي ڳولڻ لڳا.

مُندَ ٿي منڍَل وَڄئا، تاڙي ڪي تنوارَ،
اَڄُ پُڻُ منهنجي يارَ، وَسڻَ جا ويسَ ڪئا.

مينهنِ جي ڏينهنِ تاڙو ٻوليو ته ڄڻ اجهو مينهنُ آيو مارُئريون مالڪ ڏانهن هٿَ کڻي مينن جي موڪل پيون گهُرن

رحمت ڀريا راڄيا، مولا مينهنُ وَساءِ،
ماٺهون ڍِيين مانِيين، ڏَرَڻَ ڍِيين سِين گاهَ،
ايڏي سگه سچا ڏٽي، توهي کي جُڳاءِ،
ميڙائي جو ماءُ، ڪانگُ لوندو ڪڍّهن.

ڪانگ پيو ٺاريءَ تي ٻولي ۽ سنگهاريون پنهنجي وَرَنِ ڏانهن ڪانگ ذريعي هيُ نياپا پيون موڪلين.

ڪانڌَ تهنجي پانڌَ رِيَ، سيءَ مران سَپِ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نه اچي جهات،
اچين جي پرڀات ته آئون سنجهي سِيءُ نه ساريان



ٻئي سنگهاري وري هي نياپو پئي ڏي.

ڪانڌَ تنهنجي پانڌَ رِيَ، سنجهي سِيءَ مران،
ڪامِلَ ڪپاهنِ ۾، پيئي ٺارَ ٺران،
تاريءَ تو تران، جئن وَرُ وِهاٽي وارئين.

۽ ٽين سنگهاري ڪانوَ کي وري هيءُ نياپو ٿي ڏي.

اوڇَڻُ گهرجي آجِڪو جهوپو سهي نه سِيُ،
سُٽائجُ سُوَڙَکي، حالُ منهنجو هئي،
اَڱڻَ آيو ٿيُ، ته ڍوليا! ڪنهن ڍنگ ٿيان.

ڪَڪَرَ اُڀَ ۾ ايئن پئي ڏٺاٽا جڻُ مينهن اِجهو آيو. ۽ نارينُ جي سڄو ڏينهن اُڀَ ۾ اکِ هُئي.

ڪَڪَرَ مَنجِه ڪَپار، جُهڙُ نيٽَئون نه لَهي،
راتِ مُنهنجي رُوح ۾ اُٺاپرين اَپار،
آءُ ساجنَ لَهُ سارَ، وِرِهه ويڙهي آهيان

شامَ ٿي اُٺَرَ کان ڪاراڻ ڏِسڻَ ۾ آئي عورتن جهٽَ ۾ ٺانوَ ڪپڙا، اوڍِڻَ جا ٽَپَڙَ اندر ڪري، ٻارڙن کي سڏي اندر ويڙهجي ويهي رهيون. اوچتو طوفان آيو. جهوپڙن کي ڍاهي هليو ويو پر مينهن ڪونَ وُٺو. چئوڏاري ڪنوٽين کِلِڪا کيا گوڙ ٻه ڪڙڪي پر هِنن ويچارين تي مينهَن جي ڦڙي ٻه ڪونه ڪِريَ، ماحول ۾ مايوسي ۽ خاموشي ڇانجي وئي سڄي رات اوسيئڙي ۾ گزري ته اجهو مينهنُ آيو پر مينهن ڪون آيو.

ڪُڙِڪنِ ڪانڌُ ڇِٽِ ڪيو. جهُڙُ ڀسيو جهُڙِڪنِ،
سُٽِيو رَڙِ رَعَدَ جي، ڪَلِيون ٿيون ڪنبَنِ،
ڪَليون ڪينَ ڪُڇنِ، ويچاريون وَرنِ رِيءَ.

--

ڪُڙِڪَنِ ڪانڌُ ڇتِ ڪيو، جُهڙُ پَسِيو جُهڙِڪَنِ،
وَرَنِ رِءَ وانڍين اَڏيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ
آتَرُ ڊاهي اُنِ جا تہ ڪنهن کي ڪارون ڪنِ
وارثُ وَري تَنِ، اچي شال اولو ڪري.

صبح ٿيو مايوسيءَ مان وري بہ ڏانهن ڏسڻ لڳيون، اُپَ ۾ اُبَ پاڻ ۾ ڳالهيون پيون ڪن تہ ٻيلي اجان آگمُ آهي هڪڙيءَ چيو خلفيا اٿس تہ پاليندو ضرور ٻيءَ چيو تہ وڇوڙا ڪيا اٿس تہ ملائيندو بہ ضرور. اتي تاڙو ٻوليو تہ ويچاريءَ رڙ ڪري چيو تہ مون سچ چيو هونءَ

ڪڪرَ هُون نہ هونِ، مينهن منجهائين نِڪري،
ساريون سُپيرين کي، لُڙڪَ لَڙيون پون،
سي مَرُ روبون رونِ، جَن مُسافِرَ سُپرين

هاڻِ ڪائڻ لاءِ بہ ڪجهُہ ناهي، کوههَ بہ سُڪي ويا، مال متاع بہ ڏُٻرا ٿي ويا آهن ڪائڻ لاءِ جيڪو ڳُنڌَڻ ( ڪير، لسي، ڏڌئنرو) هو سو بہ ڏڙَ جي ڏٻري ٿيڻ جي ڪري ختم ٿي ويو آهي. ڏَڙُ پٿارو ايڏو تہ ڪمزورُتي ويو آهي جو پنهنجن ڦرِڙن کي بہ نہ پيو پالي سگهي. هاڻِ تہ ويچارين جي صبح شام هيءُ وِروُنهنَ آهي.

وَسي تڏهن وَسَ، مندَ مِڙيئي مينهنَ جِي،
کَتَرُنِ ڪيتا ڇڏيا، جي مِڙِيون مٿي مَسَ،
ڳابا مٿي گسَ، ڏُکُ نہ ڪنداڏُٻرا.

ٻپهريءَ جو اُتَرَ کان وري ڪڪرَ نڪرڻ لڳا. مارئڙوين جي منهنَ تي وري مرڪ آئي. هڪڙي ويچاري تہ دانهن ڪري هيءُ بيت ڏنو.

اَڄُ پُڻُ اُتَرَ پار ڏي، ڪَڪَرَ ڪَي چوتي،
مندائتي مينهن جي، کِنوڻِ نہ کوتي،
آءُ لالڻَ موتي، گهوريا رُسڻ ڏينهڙا.



پوپاڙي جو اُتَرِ کان اچي وسڻَ لڳو جو بادل بَسِ ئي نہ ڪن، ماروئڙن جا منهنَ مُرڪڻ لڳا. مينهن جو پَلُرُ پاٽي پيئن ۾ خوشي مان ائين ٽَڙَ پيون ڪن، ڄڻ تہ نئين زندگي ملي هجي.

بَرَ وُٺا ٿر وٺا، وُٺي ڪَڇَ ڪِنارَ،
پوپاڙيءَ جو پٽَنِ تي ڏسُ نايائين نار،
سٻاجهي ستارَ، لاٿا ڏُرِتَ ڏيهَ تان.
آگمجي آيو اُتران ڪري اوِر،
جي پرين هئڙامِ ڏورِ، سي مونکي مينهن ميڙيا.

سڄي رات وٺو تلَ ترايون پري صُبحَ جو بَسِ ڪيائين.

وَسين ساري رات، صبحَ جو ساهُ ڪٽين،
منجهيئي مينهنَ پرينءَ جي تَنَ ۾ هُئَئي تاتِ،
تہ وهاٽي پِرِيات بادلَ بَسِ نہ ڪرين.

ڪنهن ڳُرَّ واري تاهِري رڌي ته ڪنهن لاپسي هِڪَ ٻئي کي پيون ڪاڏا موڪلين ۽ هاڻِ خوشيءَ مان هڪ ٻئي کان مينهنَ جون خبرون پيون پُڇن، پاڻ بہ خبرون ڪندي خبر پئي تہ راتو ڪي مينهن جو ريجُ ڪٿي ڪُرندُ، تہ ڪٿي ٻاڙي ڪٿي هڏي. تہ ڪٿي نٺِ ڪٿي هَٺُ، تہ ڪٿي ڏونئرو، ڪٿي ڪاهو ۽ ڪٿي تہ اَڙَمَ بہ ٿي ويو. مينهنُ تہ وسي ويو پر هاڻِ وري وَرَنِ جي ورَڻَ لاءِ وڇوڙي جون وايون ڳائين ۽ پيون واٽون يون نهارين.

محبَ منهنجا سُپرين آٽيئي الله،
توکي سارئو ساهہ اُڪندئو آهون ڪري.

۽ ڪي ناريون ڪارن ڪڪرن ڏانهن ڏسي اندر جي مينهن جا ٻاهر ٻاڦارا هيئن پيون ڪڍن.

مينهان ۽ نيهان، ٻئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻَ جا ويس ڪري، تہ ڪڪرڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان ،جي آگمُ اچڻ جا ڪري.

ڪجهہ مارئڙا مال ڪاهي وري وٿاڻن تي آيا، ۽ ڪجهہ اجان ڪون آيا. جنين جا وَرَ آيا سي تہ خوشيءَ مان نہ پيون ماپن ۽ جنين جانءِ آيا سي اندرو اندر ٻين کي ڏسي پيون رُت روئين. پٽائي گهوٽُ چوي ٿو.

سڄو صاف نہ اُڀري سَرلي وِچان سِڄُ
منهنُ چڙهيو کي ماڙهئين، ڏٺي واڏايون وِڄُ
هينئڙا ڪَپُ مَ ڪڄُ، سِگها مِلندءِ سُپرين.

اندر جهُڙُ جهورَ وهي ٻَهِرن بَرِسي بُوندَ،
سَڄَڻَ جنهين هوندِ، سي اوڪاڻيون اکيون.

هَري هري سيني جا وَرَ وري آيا وٿاڻن تي. وڇوڙي جا ڏينهن ختم ٿيا، ڏُک ڏور ٿيا، ميلاپَ ٿيا، خوشيون ٿيون، هاڻِ سيني جي واتن تي هي وايون آهن.

اَڳڻ تازي ٻهَرِ ڳُنڊيُون، پَڪا پَٽِ سُونهنِ،
سُرهي سيڄَ پاسي پرين، مَرُ ٿا مينهنَ وَسَنِ،
اسان ۽ پرينِ، شالَ هونِ برابر ڏينهڙا.

هاڻِ روز تاڙا پيا تنوارين گوڙيون پيون گِجَنِ، وڄون پيون وَسنَ، گاهَ پيا ڦٽن، ٿويا، (جتي مينهن جوپاڻي گهٽو گڏُ ٿئي) ٽانڪا(زمين ۾ پلُر پاڻي گڏ ڪري رکڻ لاءِ ٺاهيا ويندا آهن)، تَلَ، ترايون، سڀ پرجي ويون. سڄي ملڪ ۾ سرهائي آهي.

ڏَٿَ ڏِري پٽ پيئيُون، وڄون ويسَ ڪري،
مينهَنِ وَسِي ملڪ جا، چِڏيا تَلَ پري،
قادرَ ڪرَم ڪري، سُڪا پٽَ ساوا ڪيا.



ڪوهَنِ ۾ پاڻي اچي ويو، ويران ڪوهَ وسي ويا، سنگهاريون سينگار ڪري دِلا چيلهہ تي رکي پاڻي ڀرڻ لاءِ نڪرڻ لڳيون. تَسِياري ڏَرِڻ بہ پاڻيءَ جي پيٽ ڀريا.

اَڄُ پُرڻُ اُترَ پارَ ڏي، ڳَڙِيون ڪاريون،
وسي ٿو وَڏَڦُڙو، ٺَهِڪَنِ ٿيون تاريون،
لَٽِيَنِ لُکَ لطيفُ چئي، ڍايُون تاساريون،
ڀِڄندي ڀَتاريون، وري وٿاڻين آئيون.

سارو ٿَرُ سائو ٿي ويو گاهَنِ جا ڍِبَ لڳي ويا، ڏرُ چاري ڦَرَ ميڙي، ڪير ڏُهي، ولوڙا ڪري مکڻ ۽ لَسي پيون ڪائين، ۽ هي وايون پيون ڳائين.

ٻرَ وٺا، ٿَرَ وٺا، پريون تَرايون،
ڀِرهَ جو پَٽَنِ تي ڪَنِ ولوڙا وايون،
مَکَڻَ پرينِ هٿڙا، سنگهاريون سايُون،
ساري ڏُهَنِ سامُهيُون، ٻولهايُون ۽ رايون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پَکي سُونهَنِ پانهنجي.

ريجُ ريجَ سان مليو سنگارَ پنهنجن ڪيتن (پوکڻ وارن زمينون) کي کيڙڻ لاءِ ڏاند چوڙي، هَرَ ڪُلهن تي رکي همرِچا ڳائيندا روانا ٿيا.

منڌَ ٿي منَڊل منڊيا، تاڙي کي تنوارَ،
هارين هَرَ سَنباهيا، سَرَها ٿيا سنگهار،
اَڄُ پُرڻُ منهنجي يار، وسڻَ جا ويسَ ڪيا.

وڇوڙا ختم ٿي ويا، سنگهار سکيا ٿي ويا. مال وٿاڻن تي وري آيا فصل پوکجي ويا، اتي پٽَ ڏٽي آسمان ڏانهن ٻئي هٿ کڻي مالڪ ڏانهن ٻاڏائي ٿو.

موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وارَ
وڃون وسڻَ آئيون، چئوڏس چئوڏارَ
ڪي اُٺيون استنبول تي، ڪي مڙيون مغرب پارَ
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهڻِ سمرقندين سارَ
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي قابل ڪي قنڌار
ڪي دلي ڪي دکن، ڪي گُڙڻِ مٿي گرنارَ
ڪي جنبيون جيسرمير ڏي، ڪي بيڪانير بڪار
ڪي پُريون پنجاب ڏي، ڪي هلن مٿي هالارَ
ڪني ڀُڄُ ڀڄائيو ڪني ڍَٽَ مٿي ڍارَ
ڪن اچي عُمرَڪوٽَ تان، وسايا وَلهار
سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪارَ
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

# مونکي چاڙهي چينءَ، ويو وڻجارو اوهيري

سمنڊ ڪناري مهاڻن جي مياڻ تي هڪ ٻيڙيءَ کان چينءَ جو مطلب پڇيم چيائين ابا ڪُنلَ ٻَڪري کي ڪلَ لاهڻ لاءِ جنهن ڪونٽيءَ تي ٽنگيو ويندو آهي ان ڪونٽيءَ کي چين چئبو آهي مون چيو آئون تہ ڪجھ بيو سمجهيو وينو هُئس، چيائين ابا لطيف جو هرڪو ڏٺي آهي جيڪو جيڏانهن وني وڃي، پر آئون تہ اهو ٿي سمجهان تہ جَنِ ونئن جا وَرَ ٻارهئين ماهہ موٽَنِ انهن جي اها حالت هوندي آهي جيڪا اُن ٽنگيل ٻڪري جي هوندي آهي. مون کي چيائين اهو بيت تہ ڏي

سپيئي جويَنَ ڏينهَن، سَجَڻَ سَفَر هلئا،
رُئان رَهَن نہ سُپرين، آيل! ڪريان ڪِيئن،
مون کي چاڙهي چيئن، وِئو وڻجهارو اوهري

اِتي وڏي واڪي رَڙ ڪري چوي ٿي، واهہ سهڻا لطيف تو ئي اسان جا درد سَمِدان دنيا کي ڪهڙي خبر تہ ڪٿي ٿا وڻجهارا رهن ۽ ڪيئن ٿيون وڻجهاروين گهارين هينئيون بيت ڏيندي ٻُيڙيءَ جا نيڻَ پرجي آيا.

ٻيڙيءَ جي پوٽڻ نيهن ڪِجي اُنِ سين،
اُيا ڏنيَ ڏسَنِ سِڙَهہ ڏيئي سِيرَ ٽِئا.

چيائين ابا اها ويڏَنِ صرف اسان وَنِيُنِ سان ڪونهي هوندي آهي، اسان جا وَرَ بہ وڇوڙي جا درد سهَنِ ٿا. اسين گهر وينيون پيون ياد ڪنديون آهن. ۽ وڻجهارا اسان لاءِ ڪارو ڪيڙي، طوفانن کي منهنَ ڏئي. روزي روٽي جو بندوبست ڪَنِ ٿا.



سامونڊِريَڪو سڱُ، آهي ڳُوندَرَ ڳاڏئُون،
اَنگهُنِ چاڙهي اَڳَ، وئو وَڻِجهارو اوهَري

وڻجهارا اسان کي سمونڊ ۾ پيا سارينداآهن، ۽ اسين پيون تڙن تي وڇوڙي جيون وايون ڳائينديون رهنديون آهيون

سمُونڊِي ساري، مَٿي تَڙَ گذاريَان،
مونکي ٿي ماري، اُنِي سَندِي ڳاهڙي

مون پڇيو تنهنجا ڪيئن ڏينهن گذريا؟ مسڪرائي چيائين تہ منا آئون ڪا جامَ تماچيءَ جي نوري تہ ڪون هُيَسِ جو ويني هندورن ۾ لُڏان، مون بہ ٻين وڻجهارين وانگر فراقن ۾ ڏينهن گهاريا آهن.

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سُپرين،
رُئان رَهنِ نہ لِڪَ سِين. جهليان جهَلَ نہ ڏين،
وِرهہ ويڏُ ڪرين، آيِل سامُونڊرين جا.

پڇيُمُ اهو وري ڪيئن،؟ چيائين منهنجي شادي جَنِ ڏينهنِ ۾ ٿي اهي ڏينهن سياري جا هئا. منهنجو وَرَ بہ چندُ ڏينهن مونسان گهاري سگهو سفر تي روانو ٿيو هو.

لڳي اُترَ اوهَرِئا، واهُوندن وَرَنِ،
آءَ گهٽو ئي گهوريان، سودو سامُونڊينِ،
اَڳُڻ اَچِنِ، هيءَ وَرُ ٿِئي اُنِ ڪي.

چيائين وڃڻ کان ڪجھ ڏينهن پهريان وڃڻ جيون وايون پيا ڪن ۽ ٻيڙيون پيا مکِنِ، چارَ پيا سنوارين ۽ مونکي اهو اُلڪو پيو ماري تہ اِجهي جاڻ ويا.

آئي اُترَ مُندَ، هنيين اُبڪو نہ لهي.
وَڻِين لاجُون بندَ ٻيهَرَ مَکِينِ ٻيڙيُون.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي مياڻ جي ملاحن ڪي سال ٿي ويو هو سمنڊ ۾ وِيَنِ ڪي سي وَرِيا ڪون هئا. آئون انهن جي ونِيُنِ ڪي ڏسي پئي ڏَران تہ ڪو مون وَرُ وڃي نہ نہ ڪي ڳچُ ڏينهن گهاري سو مون بہ پنهنجي وَرَ ڪان وڏا وڇڻَ ورتا هئا سگهو ورڻ جا.

جي وِئڙمُ اڄُ، سي ڪڏهن ايندا مان ڳري،
پريان جي هُنَ پار ڏي، وڃي دونڪي ڏَڃُ،
ساموںڊڪو ڏجهُ، ماءُ مارينديم ڪڏهن.

پڇيم سياري جي شروع ۾ وڃن ٿا يا وڃَ ۾، چيائين ابا ڏياريءَ جو ڄُڻُ ڏيئو ٻريو ناهي ۽ هِنَنِ سانپاها ڪيا ناهنِ.

ڏٺي ڏياري ساموںڊين، سِڙهہ سنبائيا،
وڃهيو وَرُ وَنجهَ ڪي، روئي وڻجاري،
مارينديءِ ماري، پِرِهَ سُورَ پريَنِ جا.

پڇيُمُ ان سال تو وارو وڻجارو ڇهين ماهہ وريو يا ٻارهين ماهہ؟ چيائين منهنجا پاڳ پلا جو مون وَرُ ٽئين ماهہ موٽي آيو. چوي پئي ايندو بہ ڪيئن نہ جو مون نہ ڪو پير چڙيو هون فقيرُ، اچي باسون ۽ پڙ باسِيُمُ جو وڻجهارو جلدي وري آيو وطن تي.

جَرَ تَڙَ ڏيا ڏي، وَڻَ تِڙَ ٻڌي وائنٽيوُن،
آلا! ڪانڌُ اَچي، آسائتي آهيان!

پڇيم تون تہ ڏاڍي خوش ٿي هوندين، چيائين تہ ابا ان چڪر هنن جو واپار ڏاڍو پلو لڳو هو سو ايندي ئي وڃڻ وايون ڪيئون تنِ وايُنِ منهنجو جيءُ ئي جهوري وڌو سو خوشيءَ ڪان وڌيڪ اهو الڪو تہ اجهي ڄان ويا.

لاهيندائي ڪَنِ ڳالهيون هَلَڻَ سَنديوُن،
ڏيندا مون ڏُکَنِ، وَهِ وِجَهندا جندَڙو.



چيائين هڪ هفتو مون سِينِ گهاري وري وڃڻ جا سانپاها ڪَيائين. وڃڻ واري رات وڇوڙي جي ڊپ ۾ مون کي ننڊ ئي ڪون آئي. صبحُ ٿيو سڄڻَ سَنبِري نهي ڪاري ڏانهن ڪيڙائو ٿيا. آئون بہ ڪوها ۽ ڄارا ڪٽائي تڙَ تائين وِيس. اکينُ ۾ آبُ آٽي موڪلايوسين، آئون اوستائين روئندي رهيس جيستائين نظر پئي آيا.

مون اُپي تَڙَ وَٽِ، پريِنِ پَڳَهَ ڇوڙٽا،
ڪامُونهين ۾ گهٽِ نہ تہ سَجَڻَ سباجها گهٽو

چوي پئي وڻجارن ڪي وئي مَس وِيہَ ڏينهن ٿيا هئا، اسان ساهيڙين گڏجي تَڙَ تي ڪپڙا پئي ڌوتا سين، ڏسون پري کان ڪجهُ ٻيڙيون پيون اچن، سيني وڻجارين جي مُکَ تي مُرڪُون اچي ويون، ڪا پنهنجي وڻجاري جي ٻيڙيءَ جو وائنٽيون سڃاڻي پئي سرهي ٿئي.

وانٽيون ٿيون وَڙڪَنِ، اَڃان سِڙَهہ نہ پڌرا،
اُپيون سي مَرڪَن،جَنِي سَندا آئيا.

۽ ڪي وري سندن وَرَنِ جي ٻيڙين جا سِڙِهَ سنپائي پيون سرهيون ٿين.

اچن سِڙِهَ اُپڙِئا، مَٿِنِ ڪَپڙَ ڪوٺَ،
ساموںڊِي مُون گهوٽَ، لڪا لُوپِي آئِيَا.

اُنَ مهل ڪَنِ ويچارين جا وَرَ ڪون وريا هئا، تَنِ لاءِ اهي گهڙيون جڻُ عذاب هيون. ۽ آيل وڻجهارن ڪان سندن وَرَنِ جيون خير خيريت جيون خبرون پيون پڇن.

پَتَرِڻَ پوءِ پڇارَ، آن ڪي ويندا گڏِئا،
اُڪندَ مُون اَپارَ، شالَ مُنهنجا موٽِئا!

منهنجي دل چئي تہ ڪنهن بهاني رُڪي پوي، هيڪَرَ دل چيو تہ سَسُ ڪي چوان تہ روڪي پر حجاب وچان چئي ڪونہ سگهيس.

وَڻجهاري جي ماءِ وَڻجهارون، نہ پَلِئين؟
آيو ٻارهين ماهہ پُرِڻ ٿو سَفَرِ سنبهي.

وجڻ مهل آئون بہ پوئيان پڳي ويس، تَڙَتي رسي مون کي چيائين ونجهہُ کوليسِ تہ ٻيڙي رواني ڪريان

اُلوڙڻُ نہ ڏئي وَرُ وڏائين وَنجہَ کي،
رَهہ اڄوڪي راتڙي لالَڻَ! مون لائي،
وَڃُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سفرِ سُپرين!

ونجهہُ ويڙهي ٻيڙيءَ کي اونهي پاڻيءَ ڏانهن ڌڪڻَ لڳو ۽ مونکي چيائين تون بہ ڌڪو ڏئي ۽ منهنجي دل چوي تہ ٻيڙيءَ جو ڳريو جهلي ويهي رهان.

ڳَرِيو جهَليو روءِ، مٿي مُهري هٿڙا،
ڪُوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا! سِکيو.

انهن ڏيهنِ ۾ ڪجه ٻيڙياتن سان سمنڊ ۾ حادثو آيو هو جنهنجي ڪري اُهي ٻيڙياتا فوت ٿي ويا هئا.

اُونِهين ۾ اوهَرِي، جڏهن وئا جي،
موٽي ماڳِ نہ آئيا ماءِ! سامونڊي سي،
ڪاروٽَنِي ڪي،جيڪس وَهُ وري وِئو.

سو مون پنهنجي وَڻجاري کي جَتَنَ ڪرڻ لاءِ وڏيون وايون ڪيون هيوُن، تہ ٻيلي ٻيڙيءَ کي سنڀالي هلائجاءِ

سامونڊي تون سَنِبَهي، ساڄو جَهلِ سُڪاڻُ،
لَڳي واءُ وڏاندَرو، مُنجهائي مِهراڻُ،
جَنِي پانيو پاڻُ، ڪري توائي تَنِ کي



پُڇيم وڻجارا ورڻَ مهَلَ اوهان لاءِ ڇا کڻي ايندا هئا، چيائين اڳي اسان جي زماني ۾ جواهر موتي، لال، ماڻڪن جو واپار ٿيندو هو ۽ اسان جا ورَ انهن موتين ۽ ڪوڏن جي تلاش ۾ سيلون تائين وڃي نڪرندا هئا.

ڪاري ڪيڙائو مٿي مٿِي موٽِئا،
سودو ڳنِ نہ سون جو وڏا وِهائو
موتي جي مهراڻَ جا تَنِ جو طامائُو
سامونڊي سائوُ لَڪا لُوِيي آئيا.

موٽڻ مهلَ اسان لاءِ بہ موتين جا هارَ ڪپڙا، سينگار جو سامان ۽ ٻيو سامان کڻي ايندا هئا. ۽ اسان جو سڄو سال خوش گذرندو هو.

سي پونڃِيارا پُرِ ٿِئا، سَمُنڊُ سيوِئو جَنِ،
آنڌائُون عَميقَ مان، جهوتي جَواهِرَنِ،
لڏائون لطيفُ چئي، لَعَلون مان لَهرِنِ،
ڪانهي قيمَتَ تَنِ، مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

پڇيم اڃان بہ اهي ڳالهيون آهن يا نہ؟ ٿڏو شوڪارو ڀري چيائين ابا اڳي اسان جا وڻجهارا سيلون، پور بندر، ڪولاڇي وڃي وکر وهائيندا هئا، هاڻ اهي ڳالهيون ڪٿي هاڻ تہ مُلڪَ ٺهي ويا. فوجون اچي ويون حدورن ورهائجي ويون، هاڻ تہ تڙَتان لهندي رينجرِ نالو لکي ٿي، ۽ چوي ٿي تہ جلدي موٽي اڇجا. هاڻ تہ ماڻڪ موتي گهوريو مڇي نہ ٿي ملي، مياڻين تا ملاح بہ لڏي پيا، تَڙَ پيا، تَڙَ ويران ٿي ويا

نہ سي تڙِ هوڙاڪَ نہ وايون وايُون وڻجهارن جِيُون،
سَرَتيون سامُونڊين جا. اڄ پُرڻ ڇِڪيَم ڇاڪَ،
مارِيم فراق، ويڇاريءَ وٽن جو

## وَرُ اهائي وير جيئن ڌَڻُ تسي تڙ اچي

باک ڦٽيءَ هلڪي هلڪي ماکَ پئي وسي تَڙَ (کوهہ) تي پهتس پري کان ڏسان ڪير بہ ڪونهي ۽ خاموشي آهي.

ٻُري ٻڪر دانهن، ان جو پورَ پَٽڪون سُٽان،
ميان ماروئڙن جا، اوٺا ڏٺم آنهن،
جن تي سانيڪا؛ سنجيا، سي ڏٺي ڪيئي ڪانهن،
پڪا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوئڙيارين.

ويجهو وڃي ڏسان تہ پڪي تڙ جي آنهن (آوڙو هود) مان پاڻي پيا پيئڻ ۽ سنجَ (کوهہ مان پاڻي پرڻ وارو سامان ٻوڪو ورت) پورَ تان لٿلَ آهن ۽ تڙَ جي پرِ ۾ ويڙهيا پيا آهن.

پنيءَ جي پوٺن، پيچ پُٽڪون سُٽان،
سنجڻ واريون سُتيون، وڃي ويڙهِ وَرَنِ،
پيا سيٺَ سَڙَنِ، تَرهي ٻنهي ڪنڌين

جيئن ئي سِج ڳني ڪڍي ڏسان تہ ڪجهہ سنگهارين ڪي دِلا مٿين تي تہ ڪن ڪي چيلهہ تي، تڙ ڏانهن اچن پيون، اچڻ سان ئي وَرتَ ٻوڪي ۾ وجهي پاڻي ڪڍڻ شروع ڪري ڏنائين.

سَبِ نہ وڃي سُتيُون، اَجان ڪي سنجن،
پيو سي پهرَنِ، جي اُجائجي آئيون.

ڪجهہ ئي دير ۾ ٻيون سنگهاريون دلا جَندَنِ تي رکي جيڪي



گڏهن تي هٿا، ۽ ٻڪريون ڪاهينديون اچن پيون.

بيرَ ڪنيائون ٻَرَنِ ۾، پيارين پَهوُن،
سنجن سانيڪن تي، وڏيءَ ويرَ وهوُن،
پائيو جَرُ جندَنِ ۾، ڪوڏان ڪن ڪهوُن،
ڏيهان ڏينهن نئون، مون ڪي ورهُ ويڙهيچن جو

پاڻي پري ڪجهہ سنگهاريون گهرن ڏانهن روانيون ٿيون، ۽ ڳَنِ ٻارڙا وهنجارڻ شروع ڪيا، ڳَنِ وري، ڪپڙا ڌوئڻ شروع ڪيا. ڪپڙا ڌوئڻ واريءَ ڏُڪيءَ ۽ داٻڙي جو آواز پٽَنِ ۾ ايئن پئي گونجيو جڻ نغارا پيا وڄن.

هنَ ڏيهہ سندا ڪپڙا، هن تڙ نہ ڌوئندياس،
موٽائي نينديَاس، ميرائي ملير ڏي.

اوچتو ڏسان تہ ڍڳين جو وَلڙُ تَڙَ ڏانهن رنياٺَ ڪندو پڳو پيو اچي. سنگهارين پڃي وڃي ورتَ ۾ وَرُ وجهي پاڻي آنهن ۾ پرڻ شروع ڪيو. ڌڻُ آيو پاڻي پي ڍَءُ ڪري وڃي وڻ هينيان ڦوڪارو ڪيڻ لاءِ ويهي رهيو.

وَرُ اُها ئي ويرَ، جيئن ڌڻُ تسئي تَڙِ اچي،
سرتين ڏُٺُ سبيلَ ڪيو اڳڻ ڍوئي ڍير،
هينئون اُنَ جي هيرَ، ٿو جهڄي جهروڪن ۾.

ايتريءَ دير ۾ کوهَ تي پاڻي پيارڻ لاءِ ننڍڙا ٻارڙا چيلڙا ۽ گهيٽڙا ڪاهي آئيا.

هِنَ مُندَ مارُو سنرا، ويڙهين وَڳَ وارين،
چَڇيا چيڪاريو چيلڙا، پَٽين پهرائين،
نيڻَ منهنجا اُنِ ڪي، جهجهو جَرُ هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا، موٽ تون.

هڪ سنگهاريءَ کان سوال ڪيم تہ مارئي ڪير هئي؟ چيائين مارئيون اسين آهيون ۽ مارئي اسان مان هئي. چيم اهو وري ڪيئن؟ چيائين جنهن عورت ۾ شرم، لَڄَ، غيرت، ۽ وطن جي اُڪيرَ هوندي، اها ئي مارئي آهي.

ستي تنهنجي سَٽَ ۾، ڳاله گهرجي ڳُجُ،
وڍيو چيريو چِچِريو پَرَ ۾ اُپِي پَچُ،
ساڻ امانت اڄُ، تہ ٿئين سماني ساٽيهہ ۾

چيائين مالڪ سائين جو ٿَرَ وارن تي ٿورو جنهن عمر کي اِها مَتِ ڏني جو مارئيءَ کي کوهَ تان کنيائين، نہ تہ ڪنهن کي خبر پوي ها تہ سنڌ جون نياڻيون ڪيئن پنهنجي لڄَ، پڇائيندڻيون آهن، ۽ وطن جي اُڪير ڇا آهي.

جيئن سُتي منجهہ سير، تيئن تون قابو رهجُ ڪوٽَ ۾،
سِپَ سمنڊين سَپِجي، نندي پيئي نہ نيرُ،
جيئن هُوءِ اَبَر آسري، تيئن تون مَنُ ملير،
ڪاٽِڙِ پئين ڪيرُ، جي امانت اُتي رسي.

مارئي تہ اسان جي لڄ خاطر عمر جا سونا زيور ٺڪرائي لوئيءَ ۾ لَڄَ بچائي.

ٿورا منجهہ ٿرنِ، مون سين مارو جي ڪيا،
عمر ان ڳڻن، آئون ڪيئن لوئي لڄائيان.

اِيَ نہ ماروئن ريت، جِئن سيڻَا! مٽائين سونَ تي،
اچي اُمرڪوٽ ۾، ڪنڌِيَس ڪانَ ڪُريتِ،
پَکَنِ جي پريتِ، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

مون کي چيائين تو ٻڌو ناهي شاهہ سائين مارئي جو ماروئن سان ايئن ڳانڍاپو ڏيکاريو آهي جيئن ڳنڍير گاهہ جون ڳنڍيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.



جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تيئن مون مَنُ ماروئڙن سين،
ڏنيون لَسَ لطيف چئي، هينڙي کي حمير،
وڃي منجهہ ملير، سڀ چوڙينديس سومرا.

پڇيم مارئي پرڻيل هئي يا ڪنواري؟ چيائين لڳي ٿو تہ تو شاه سائين پڙهيو ڪو نہ آهي، شاهہ سائين جي هن بيت ۾ شاهدي ملي ٿي تہ مارئي پرڻيل هئي.

مون ماروءَ سين لڏيون لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڀڙا، مونکي ٻانهن ٻڌائون،
عمر ڪيئن آئون، پَٽُ پهريان سومرا!

چيائين تون اهو ڏس تہ مارئي سنڌ جي نياڻي هئي، جنهن اسان سنڌياڻين جو مان مٿاهون ڪيو. هُنَ جيون جڙون ڏرتيءَ ۾ ايتريون ڪُتلُ هيون جو انهن کي وقت جو بادشاهہ بہ هِلائي ڪون سگهيو.

جي لوڻُ لِڱيين لائين، چيري چيري چَمُ،
مون ڪَرُ اڳي نہ ڪيو، اَهڙو ڪو جهو ڪم،
جان جان دعوا دَمُ، تان تان ، پرت پنهوار جي،

چيم مارئيءَ کي جنهن مهل عمر کوهَ تان کڻيو پئي ويو تنهن مهل توهان ماروئڙن ڪو روڪيو نڪو ٽوڪيو، ۽ وري اُنَ جو حال احوال پڇڻ لاءِ پوئيان ڪون ويا.

نہ ڪا خبرَ نہ ڪو خواب نَڪو اوٺي آئيو،
هُتي جَنِ هِتِ اچي ڏنو ڪو نہ جواب،
هميرَنِ حِسابُ، ڪُهہُ جاڻاڻ ڪيئن ٿيو!

چيائين ادا هڪ تہ عمر بادشاه ٻيو مارئي کي دوکي سان کوهہَ تان کڻي ويو. اسين مسڪين ماروئڙا ڪٿي ٿا هن سان وڙهي سگهون. پر اسان

مارئيءَ کي وساريو ڪڏهن ڪونہ هو. مارئي کي سهاور ڏيڻ لاءِ وياسين تہ متان ڪو ماروئڙن جي لڄ لڄائين.

اُتان اوني آئيو، خَبَر ايَ ڪَري،
وسارجُ مَ وَرَ کي، پئجُ مُنڍُ هري،
ويندينءَ اُتِ وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽَ ۾.

مون چيو توهان سنگهارين تہ اُلٽا مهٽا ۽ طعنا مارئيءَ ڏانهن ڏيارائي موڪليا.

اَڄُ اَڏنگا ويڻَ، موکي مُڪا جيڏيين،
هارِيا! هميرن جا جيڪسِ ڪاڏئي ڪيڻَ،
سانبِيڙا ۽ سيڻَ، ڪِ تو وِتڙا وسريا!

چيائين ها تون سچُ ٿو چوين اسان کي هُنَ ڏانهن اهڙو نياپو ڪونہ موڪلڻو هو پر مارئي کي پنهنجي ارادي تي ايڏو يقين هو جو هُنَ اسان ڏانهن هيءُ نياپو موڪليو.

مونسين ماروئڙيون، کهڙي ريتِ رُسنديوُن،
چونئيءَ ۾ چيڙُ پيو، پِيَنِ رَتَ جَيُون،
نيٽين ننڍَ وِهُ تي، ساري ساڏوهيون،
هِتي جي هُيوُن، تہ سُڏِپوين سِيلَ جي.

چيمُ مارئيءَ قيد ۾ رهي اوهان ڏي ميارون ڏئي موڪليون. پوءِ بہ اوهان ڪونہ ويا، پر مارئي اوهان وَٽِ موٽي آئي.

لوءِ وِجي ڪو چوءِ، منهنجي ماروئڙنِ کي،
چانگان چجي چيلڙو، جي ڪنهن جو هوءِ،
سهي وَڙولين سوءِ، آئون ڪيئن ويَسِ وِسري.



چيائين تون چا ٿو سمجهين اسين عمر وٽ ويون ها تہ چا هو مارئي اسان جي حوالي ڪري ها. چيائين عمر مارئي جي لوهہَ جهڙي لڱڻ ۽ پٿر جهڙي ارادن جي اڳيان مجبور ٿي موڪل ڏني.

عمر ٿي اُميدون رکان، من لهي لوهَ وِجن،
مانَ ميڙائو مون ٿئي، سُتَت سنگهارن،
اندر اباڻن، اڪنديو ٿو آهون ڪري.

مون چيو عمر مارئيءَ کوهَ تان زوريءَ کڻي تہ ويو پر ان سان زوريءَ شادي ڪونہ ڪيائين. انصاف ڪري مارئي جهڙي هئي تهڙي ئي ماروئن ڏانهن موڪلي ڏنائين.

ميڻيا ڏوءِ نہ مارئي، آهسِ مَنِ ملير،
ڪيڏي تہ ڪاڻِ لهي، هتان هيءُ هَمير،
ڪاڻڙِپِيَنِ ڪير، جي امانت اُتِ وِجي.

چيائين عمر جي انصاف ڪري ها تہ کوهہ تان ڪو نہ کڻي ها، اها تہ مارئيءَ جي همٿ عمر کي مجبور ڪيو. مارئي تہ اهو بہ عمر کي چيو هو جيڪڏهن آئون تنهنجي قيد مري وڃان تہ منهنجو مڙهہُ ملير ڏي موڪلجانءِ، تہ سمجهندس تہ جئري ئي مائٽن سان ملي ويسُ.

واجهائي وطن کي آئون جي هِتِ مُياسِ،
گور منهنجي سومرا ڪِج پهنوارنِ پاسِ،
ساري ڏين سرتيون، منجهان وَلِينِ واس،
مُيائي جِياس، جي وڃي مڙهُ مَليرَ ڏي.

مون چيو هُنَ ٿَرَ وارن جي لَڄَ رکڻَ لاءِ وڏيون سختيون سنيون. چيائين صرف ٿر نہ پوري سنڌوارن جومانُ مٿانهون ڪيائين.

جھڙي آيسِ جيئن، تھڙي وڃان تنِ ڏي،
ڦران ۾ ڦرَ چاريان، هينئون چئيمُ هيئن،
وڃان ڪيئن وطن ڏي، ڪاڻِ لهنديمِ ڪيئن،
مدائتي مينهن، سونهان سرتين وچ ۾.

چيائين اُهي سختين وارا ڏينهن مارئي تہ پنهنجي پاڻ لاءِ پلارا ٿي سمجهي مارئي چوي ٿي شُڪُرُ ٿيو جو عمر جي قيد ۾ ويس، جنهن منجهان آئون پڇي راس ٿ آيس نہ تہ ڪهڙي خبر تہ وطن جي سِڪَ اُڪير، لَڄَ ڇا ٿيندي آهي.

سَڪرَ سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايمُ ٿي وَڏَ ڦُڙا، مٿي ماڙِيَنِ مينهن،
نيِرَ منهنجو نيهنُ، اُجاري اڇو ڪيو.

شام ٿي مرد مالَ ڪاهي اچي تڙَ تي ڳنا ٿئا، انهن سنگهارين سان گڏجي کوهَ مان پاڻي پرڻ شروع ڪيو پاڻي آنهن ۾ پريندا ويا ۽ مالُ پاڻي پيئندو ويو.

انهن مان هڪ سنگهار پنهنجي سانگهاريءَ کي ڦوڳي آڻي ڏنيءِ. چيائين ان ڦوڳيءَ جي گهر هلي چٽڻي ٺاهينس تہ اسين مال کي ڪاهي ٿا اچون.

ڪُوهرَ ڦُوهَرَ ٿَرَ، جِتِ سانيڪا سَتيوُن،
چارينِ اُتِ چاهَ پِئو، ڦوڳِنِ پاسي ڦَرَ،
ڪيئن لَهندَمِ ڳَرَ، جيئن مارو پاڻَ اپاريا.

سج لٿو ماروئڙا مال ڪاهي گهرن ڏانهن روانا ٿيا مونکي بہ گهر ڏانهن هلڻ جي صلاح هنيائون، آئون بہ انهن سان گڏ هليسُ رات ٿي گهر پهتا سين، چانه پاڻي پي ٿورڙو ڊاہو ڪيو سين، ايتري دير ۾ ماني کڄي



آئي، مانيءَ ۾ ڦوڳيءَ جي چٽڻي، ڏونرَنِ جو ساڳ هو گنبو پَٽُ هو ۽ ڳنڊڻ ۾ ڊڳيءَ جو کير هو سو ڪائي سمهي پيا سين.

تن وَنهينِ ويڙيچنِ، ۾ سدائين سُڪارُ،
چُونڊئو آٽِئو چاڙهين، سندا ڏونرَنِ ڏارَ،
جَنِ جو ويڙبنِ سين واپارُ، سي ڏوٿِي هُونِ نہ ڏُبرا.

آٽينِ ڪي چاڙهِين، ڏُٿُ ڏيهاڻي سومرا!
سَٽا ڳيو سَيِدُ چئي، سائُون سڪائينِ،
منجهان لَنبَ لطيف چئي، چائرَ ڪيو چاڙهين،
پُلاءُ نہ پاڙينِ،عمرَ! آراڙيءَسين.

فجر ٿي ڏسان تہ ڪجهہ سنگهاريون ڦرن کي پيون ميڙين، ڪي جنڊَ پيون پيهن، ڪي وِلورا پيون ۽ ڪي تہ وري ڊِلا ڪٽي کوهن ڏانهن روانيون ٿيون.

چُرَنِ چُٽِڪنِ چِٽَ ۾، رَهيا اَندرِ رُوحَ،
اُني وِئڙا اُڳري، مارُو مٿي مُوهَ،
ويرُون وِلوڙَنِ جون، ساريان گهڻو صُبوُحَ،
وَرُ سي ڪارا ڪُوهَ، سِنجئَمِ جي ساٽيهہ جا.

اهي سڀ منظر ڏسي مارئيءَ جي هيءَ آسَ دل تي وري آئي.

ڪُوءِ آسُون عُمرَ ڪوٽَ جون، وَرُ جهَنگرُ ۾ جهوپي،
جو اَباڻَنِ اَڏيو، ڳُڻَنِ سين ڳُوپي،
ويندسِ ويڙيچنِ ڏي، لوهُ پيچي لُوپي،
چِپڙُ چُوپي، سِڪَ لاهيندِيَسِ سومرا!

ڏينهن مٿي آيو تہ مون موڪلائڻ جي ڪئي، مکڻ لسيءَ سان

ناشتو ڪرائي اجرڪون اوڍائي روانو ڪيائون.

آئون ڪيئن چڏيان سُومَرا، تَنِ پَهنوارنِ پَچارَ،  
جَڙَ جَنني جي جانِ ۾، لَڳي رِءَ لُهارَ،  
ميخون محبت سنديون، هنيَڙي منجهہ هزارَ،  
ڪارو پاڻي ڪُوهَرين، سِنجِيان آءُ سَوارَ،  
ٻَڪَرَ شالَ ٻيهارَ، عمرَ چاريان اُنِ جا

# جاءِ نہ سارو ڏينهن، هينئڙو اوٺي وڳ جيئن

جاءِ نہ سارو ڏينهن، هينئڙو اوٺي وڳ جيئن،
مون پريان سين نيهُ، چنڊ ڪارڻ نہ ڪيو.

ڀٽائيءَ سرڪار جي هن بيت جي ڳولا ۾ وڃي هڪ اوٺو وڳُ ڳولهي لڌم. سياري جا سيءَ هئا ۽ مانجهاندي مهل جَتَ چانهه جي ڪِٽلي چلهه تي چاڙهيو ويا هئا. وڃي سلام واريم. حال احوال کان پوءِ مون جهٽ ۾ شاهه سائين جو مٿيون بيت چيو جنهن تي پوڙهي جت ڪنڌ لوڏيندي چيو سيد سچو آهي، هنن ڀٽارين جا جيڏاهن ڪنڌَ تيڏاهن پنڌَ. هي اوٺو وڳُ تہ آهي ئي رِڻَن جو رولاڪ. سيد سڳورو تہ جَتُ بہ هو تہ وڳُ بہ هو. سسئي بہ هو تہ سور بہ هو. مون چيو تہ پنهون؟. چيائين پنهون تہ ويو پنهنجن سان سسئي سان گڏ تہ سور هئا.

سورَ مَ وڃيجاءِ، سڄڻ جيئن سانگ ويا،
پرين پڄاڻا، آئون اوهان سين اوريان.

وڏو شُوڪارو ڀري چيائين تہ اوٺو وَڳُ تہ سدائين سورن جي ور چڙهيل آهي ۽ وري مزي جي ڳالهه تہ هنن ويچارين اسان کي تہ سسئيءَ کان بہ گهڻا سور ڏنا آهن. سوال ڪيم تہ اهو وري ڪيئن؟ چيائين، تون تہ رڳو هتي ڪجهه گهڙين لاءِ آيو آهين توکي ڪهڙي خبر تہ "عشق" ڇا آهي. اسان تہ هنن سان اُڃون، بُکون، تَڙڪا، سيءَ ۾ رُهيُن ۽ رُڃن ۾ رهڻ جا پيچ پاتا آهن. جيترا سورَ هيءُ ڀٽارو ڏڻُ سَهي ٿو اوترا ئي اسان کي ڏئي ٿو.



سنڌيون سور ڪرين، هڏَ پڻ ڏکن هوتَ لاءِ،
پرينءَ جي پاڻ ڏنا، سي سُتي سکُ نہ ڏين
جي ماڻهن کي مارين، تن سورن کي سڏ ڪريان.

هن ڏڻَ کي تہ اسين رڳو سياري جي سِيَن ۾ مڙئي روڪ ڪندا آهيون. ڏاچي گهڻو ڪري سياري ۾ ويامندي آهي ۽ هن موسم ۾ نر اُٺَ مستيءَ ۾ هوندا آهن انهيءَ ڪري مادين اُٺين کي گڏ ڪري وڳُ گڏ ڪندا آهيون تہ ڪو مستُ اُٺُ مادي اُٺِ کي ماري نہ وجهي. مون چيو مستُ اٺُ؟ ٺهڪُ ڏئي چيائين سياري ۾ ڀئي خلقت ساري اَجهو ڳولي ۽ اُٺَ کي وري مستي، سُهڻيءَ وانگر سيءَ ۾َ پيو پڻن تي سردي وسائيندو آهي. جيترا سيءَ گهڻا اوتري مستي گهڻي، تانُ سياري جي سِهَ راتين ۾ هيءُ اُتر منهن ڪري تارؤن ڪڍي پيو گُڙندو آهي. اتي مون چيو سُهڻيءَ وانگر ڪيئن؟ چيائين اڙي چريا سهڻي بہ تہ سياري جي اونداهين راتين درياهه پار ڪري وڃي محبوب سان ملندي هئي.

سياري سِهہ رات، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلُ تہ پڇون سهڻي، جا ڪر ڄاڻي نينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

سوال ڪيم تہ اونهاري ۾ هيءُ ڏڻُ ڪيڏانهن وڃي؟ نماڻيون اکيون ڪري هيءُ بيت ڏنائين.

سورن ڪري سڏَ، هلندي سورن سامُهي،
سورن سازيس هڏَ سي پڻ سيڪي سور سين.

چيائين، اونهاري ۾ جيڏانهن ڪنڌ تيڏانهن پنڌ، ڪو اُٺ ڪٿي تہ ڪو ڪٿي. پڇيومائنس تہ اهو وري ڇو؟ چيائين هيءُ پورو ڏڻُ ڪاڏي جي تلاش ۾ وڻ، وڻ جي ڪانيءَ تي ويندو آهي ۽ ڏينهو رات پيو

وڇوڙي جون جهيرون ڳائيندو آهي.

جهوڪون ڏسيو جهيرون ڪري، رَڙِي ٿو راڙو،
جهيڪاريو جهڪي نه، چري نه چارو
مهيو ويچارو، وڇليِ ٿو وڳ لاءِ

پڇيم ته اهو عرصو اوهين ڇا ڪريو؟ چيائين اسين وري انهن رُڃُنِ جي رولاڪن کي وڃي رڃن ۾ پيا ڳوليندا ءِپيا پٽڪندا آهيون. هڪڙيءَ کي ڏسي تسلي ڪري وري ٻيءَ جي پيرِ پوندا آهيون.

عشق اهڙي ذاتِ، جو مانجهي منجهائي مَهين کي،
ڏيهان ڏورين ڏونگرين، رئن ساريً رات،
اٿي ويني تات، ميان محبوبن جي

پڇيم ڪا خاصيت هن ڏرَ جي؟ چيائين اُنِي ڏرَ جو کير ٻٽيهن بيمارين جي لاءِ آمڻ (ٿر ۾ چوٽي جهنجو مطلب علاجً جي آخري دوا ) آهي. اُٺِ هر گاهُ هرً وڻ کائي ٿي ان ڪري هن جو کير به وڏي حڪمت. وارو آهي. ٻيو هيءُ ڏڻُ ٻُڪُنِ، اُڃُنِ، سيارن، انهارن جو ڏاڍو آهي.

ٿيون وري مالڪ جو اڱڻ نه وساريندو آهي هيءُ ڏڻُ ڪٿي به هجي ۽ جيترو به وقت گزري پر وري وٿاڻ تي ضرور ايندو آهي. چيائين هڪڙي دفعي منهنجي سلوار (ڍُڪي اُٺِ) وڃائجي وئي جيڪا گهٽي ڳولهي ۽ گهٽيون وڙولون رکيون پر نه ملي، جنهن کي وڃائي ٿي سال ٿي ويا. هڪڙي ڏينهن ڪوهه تي پاڻي پي پريو سين، ڇا ته ڏسون اُها وڃايل اُٺِ پنجن اِٺِيُنِ جي سَلَهَڙَ ۾ پِٺَ تان اچي لٿي. پڇيم پنج اٺيون وري ڪيئن؟ چيائين، ڍُڪي ۽ سلوار معنا ٿي ته اُهي اڳي هيون. باقي انهي جي گوري ۽ اها اُٺِ پاڻ ٻيو دفعو ويائيون ته اهي پنج ٿي ويون.



اُٺُ نه وڃي وڳَ سين، چري نه لاٽو،
مهيي کي مجاز جو، ٿُوهي اندر ٽاٽو
پٽاري پاٽو، مرندي سين نه مٽيو.

پڇيم ته انهن کي گڏ ڪيئن ڪريو؟ چيائين ملڻ جي مندَ مَهَلَ جهوڪنً ڏانهن جهيرون ڪنديون وڇوڙي جو وايون ڳائينديون اچي اڱڻ تي بيهنديون آهن.

﴾﴿

## جوڳ نہ جوڳوتون،ڪرين پچارون جوڳَ جون

نانيءَ ويندڙ ويراڳين کي وچي رَسِيُسُ، همرام واڪيندا وچن، اصل جهلَ ئي نہ ڏينِ هِڪَ ٻئي سان ٺُپُ نہ ڳالهائين ڪنڌُ هيٺ هو گروءَ جي پٺيان قطار ۾ وردُ پڙهندا واڪيا وچن. هلندي هلندي همراه کي ڪن ۾ چيمُ مون کي بہ وٺي هلو. مون کي بہ توهان سا هلڻ جو وڏو شوق آهي. ڪلي چيائين شوق آهي تہ فقير گهرِ ويهہ. منزل تي اهو رسندو جنهن کي عشق هوندو آهي، شوق وارا وچَ ۾ ڪپي ويندا آهن.

جوڳَ نہ جوڳو تون، ڪرين پچارون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌُ پيرينءَ ڏي، ٻي جا ٽَٽِي پوُن،
سامي سيٽِنِ ڏوُن، روئندا ئي رَتُ ويا.

مون ڏانهن ڏسي چيائين، فقير تون ڪٿي ٿو رسين اسان جي راهَ کي، اهي ڪاٽنِ جا ڪپڙا، انگريزي بوٽَ، اکينِ تي چشما، چڏٽا پوندءِ ۽ پيرن ۾ ڪيتڙا، هٿ ۾ ڏنڊو، ڪلهي ۾ گبري، منهنَ ۾ منڊرا پاٽا پوندءِ.

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ مُنهَن ۾منڊراپاءِ،
ڳَنَنِ ڪينَ وڃائيو جَنِ ۾ ڪوري ڪَڳَرَ وڏاءِ،
چَڏِ چادر، ٻڌُ چمڙو، جُتِي تون نہ جُڳاءِ،
تہ ساميڙاسندياءِ،ڳُرَوَتِ ڳِلا نہ ٿِئي.

چيائين تنهنجي ڳالهہ گروءَ جي اڳيان رکيان ٿو جيڪڏهن اهو توکي پاسِ ڪري ٿو تہ سَتَ بسم الله.



ٻچُ پنڌُ اڳتي هَلي هڪ وڏي وڻَ هيٺيان ساهي پٽيائون. منهنجي ڳاله گروءَ جي اڳيان رکيائون. گروءَ مونکي سڏُ ڪري پَرِ ۾ وهاري سندسُ تنبيءَ مان پاٽي پياري، ۽ گبريءَ مان سُڪلَ ماني ڏئي چيائين بابلا تون پلين آئين ۽ چيلَنِ کي چيائين هَنِ جي پارتِ اٿئو. تڏهن مونکي بہ وڏو سهارو ٿيو تہ آئون ضرور منزل تي پهچندُسُ.

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪينَ پيالو پيءُ،
ناهِ نهاري هَٿِ ڪَرِ، آئون سِين اُتِ نہ بيهہُ،
تہ وحدَتَ سندو ويءُ، طالِبَ توڙا ماٽِين.

سنگت مون کي هڪ گبري ۽ لانگوٽي ٻڌڻ لاءِ ڏني، چيائين يار تون بہ اسان جي رنگ ۾ رنگجُ گهٽئي فيشن ڪئي.

لُنگَ ڪڍيائون لاونگ، موتي نہ ڪَنِ مَسَحو،
جااسلامئون اڳي هئي، ساسئائون ٻانگ،
سامي چڏي سانگ، وڃي گڏياگورک ناٿَ کي.

جهنگ جهاڳيندا وڃي وَسوُنءَ کان پري پيا سين، شامَ ٿي پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪ جاءِ تي ٿاڪُ ڏنائون. ڪو ڪاٺيون ڪرڻ نڪري ويو تہ ڪو پاٽي پرڻ، مونکي گروءَ اٿو ڳوهِڻَ جو چيو. سنجهي مان ئي ماني ڪائي سابہ پاٽيءَسان سمهي پيا. فجرکان پهريان ئي سفرتي رواناٿيا.

وچينءَ وينا هُونِ، سانجهيءَ رَهَنِ سُمَهي،
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، راوَلَ رَتو رُونِ،
وِهاٽيءَ واٽنِ تي، پاسا ڪوڙيو پُونِ،
مَهيسِي مُنهنُ پانهنجو ڏاران ڏُوڙِ نہ ڌُونِ،
ڪنهن کيِ اِئين نہ چوَنِ، تہ اسين آديسي آهيون.

سياري جا ڏينهن هئا سيءَ سامهون پنڌُ هو صبوح ٿيو جبل جي

اوٽ ۾ آسَرُ ورتائون، سليماني چانهِ پي هَلِڪو ڊاٻو ڪيائون، هڪَ ساٿيءَ سنکَ وڄايو سڄي سنگت راهي رواني ٿي.

اَڄُ نہ اوطاقن ۾، تازا پٿَرَ ڳَڪَ،
دونهِين دُکَڻُ ڇَڏِيو پيئِي اُڏامي رَکَ،
سامي ڪٽي سَنکَ وَڄائي واٽَ ٿِئا.

ڏينهن مٿي آيو وڃي جبل ۾ پيا سين، منهنجو ڪڏهن بہ جبلَ جو پنڌڪو نہ ڪيل هو. سوآئون جبل ڏسي گهٻرائجي ويس، ٻين ساٿين جيئن ئي جبل ڏٺوتہ اڇي نعرا هنيائون سِڱيون وڄائي خوش ٿيا. مون سبب پڇيو تہ هڪ دوست چيو پيارا اهاخوشي هڪ منزل کي ماٽي ٻيءَ ڏانهن روانا ٿيڻ جي آهي. جبل جي پنڌ ۾ سختي گهٽي هوندي آهي جنهن لاءِ اسين نڪتا آهيون. چيائين تون گهٻراءِ نہ جيڪڏهن گهٻرايُئي تہ منزل ڪڏهن ڪون ملندئي.

مٿي کان مٿي وڃي، جوڳيءَ ڏٺي جُوءِ،
اوڏو ٿِئو الَکَ کي وڃي رُوءِ ٻَروءِ،
بابُو چکي ٻوُءِ، منجهان باغَ بقاءَ جي.

شامَ ٿي جبل وچ ۾ ڏيرو ڏنائون، هرڪو پنهنجي ڪم کي لڳي ويو سنجهي مان ئي سمهي رهيا، آڌيءَ راتِ جو سنگت هلڻ جي سِنڱي وڄائي راهي ٿيا روانا.

صبح سِڱِڙيوُن کَٽِي وئا وڄائي ويرَ،
ڏوريان ڏوريان نہ لهان تَنِ بيراڳين ٻهيرَ،
آسڻ جَنِ عنبيرَ، آءُ نہ جيئنديس اُنِ ريءَ.

هلڻَ مهل ايڏي تہ جلدائي ڪندا آهن جَڻُ اجهي رسيا، ڪنڌُ هيٺ ڪري هونداريندا ايئن هلن جڻ هڪ ٻئي سان هوڏ ريل هُجين.



ڪنهن جنهن سناسِي ۾، وَهَلُورئا وَتَنِ،
اَنَئِي پَهَرَ اَلَکَ جو ڪو وَڏُ ويراڳِينِ،
سدائين صاحبَ ڀِرِ ٿا ڪاپڙي ڪَنَبنِ،
جي راتو ڏينهن رَمَنِ، هلو تَڪِيا پَسون تَنِ جا.

شام ٿي رستي تي هڪَ عورت جو ڏيرو آيو جنهن کي چيله ۾ چَڙا ۽ پيرن ۾ نيئر ٻڌلُ هو.

گهنڊنِ، پاسي گِهنڊَ، گڏُ گذارينِ گودڙيا،
پليتيءَ کان پنهنجا، پاڪُ رکيائون پِنڊَ،
نانگا ڪَنِ تہ ننڊَ،وڃن روئندارامَ ڏي.

تنهن گروءَ کي رات رهڻ لاءِ جهولي وڌي تنهن تي گروءَ سنگت سان صلاح ڪري رات رهڻ جي حامي ڀري. عورت ڏاڍي خوشِ ٿي وڏو مَڇُ ٻاري لنگر ڪارائي، اسان جا ڪپڙا ڌوئڻَ لڳي. مون بہ ان عورت کي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ جو چيو تنهن تي اُنَ عورت وراڻيو تہ اڄوڪي رات منهنجي ثوابُ ڪتڻ جي آهي تون ماٺ ڪري آرام ڪرينس.

رهيا اٿيئي راتِ، صُبُحَ ويندَءِ صابري،
لُونءَ لُونءَ منجهہ، لطيف چئي ڪَرُ تنين جي تاتِ،
سندي جوڳيان ذات، ٻئي ڀيري مَس مڙي.

فجُرِ تي ان عورت جي سليماني چانهہ پي سڱيون وڄائي راهي روانا ٿيا.

تان ڪِي ساٽِنِ اوِر، جان آهينِ اوطاقن ۾،
ڏَهَ ڏَهَ ڀيرا ڏينهن ۾، پاڻُ مَٿائُن گهورِ،
ويا جي هنگلورِ، تہ ڳَرَمِ ملندءِ ڪاپڙي.

اُتَر ڏي منهن هو سيءُ اصل پارو هو ۽ جبل جو پنڌ هو.

پارو پَواڙا ڪري، لڳي اُتَر مُٺِ،
لاهوتي لطيف چئي، ڪن جُسي سين جُٺِ،
پَوَڻِ نه ڏينِ پُٺِ،مَڄُڻُ پَوينِ وِٽِ وصال ۾.

گروءَ مونکي پنهنجي رِلي اوڍائي مونکان پڇيو ڏي خبر پڇتائين ته ڪون ٿو،سوچيمُ جنهن سان توهان جهڙو سُنگُ گڏآهي تنهن کي گهبرائڻو ڪهڙو.

جا گُر ڏني گودڙي، سا مونکي تي مَرَڪُ،
چيلا ماري چَرَخُ، اوڍي ويهه ادب سين.

ڏينهن جو به سيءُ وڏو هو سو شام ٿيندي ئي اُتَر اچي اوتون ڏنيون. ساٿين پاٿاري ناهي وڏو مَچُ ٻاريائيون. مَچَ ۾ پاڻُ پيڙايدنا ويا ۽ سڳيون وجائيندا ويا.

ميڙيو پاڻُ پريوُن ڪِئو جوڳي جلائين،
سامي سِڱڙين سين، خوديءَ کي کائين،
هُو جي تارَ تڳائين، آءُنه جيئندي اُنِ ريءَ.

ڏينهن جو جهنگ جهاڳيندا وِردُ ڪندا ڪاهيندا پيا هلِن شام ٿي رات گذارڻ لاءِ جاءِ ڳولي ٿَڪُ پڳائون. پاٽي تمام گهٽِ هو ۽ ڪاڏي لاءِ به صبح واريُ سُڪل ماني بچيل هئي، سا پاڻ ۾ ڀِڳيو ڀِڳيو ڪري ورهائي کائي، عبادت شروع ڪيائون. اها رات سچي عبادت ۾ گذري، فجر تي سڱيون وجائي واٽ ٿيا.

بکُ وڏائون بگريين، جوڳي ڪندا جُڄَ،
طلب نه رکن طعام جي، اوتئون پين اُڄَ،
لاهوتي لطيف چئي مَنُ ماري ڪِئو مُڄَ،
سامي جهاڳي سُڄَ، وَسونءَ کي ويجها ٿيا.



جبلُ جهاڳيندي هڪ جاءِ تي قبر ڏسڻ ۾ آئي، سنگت سڱيون وڄائڻ شروع ڪيائون. ڪجه دير ان قبر جي چوگرد جهاڳيندي رهيا ۽ وِردُ ڪندا رهيا. مون ساٿيءَ کان پڇيو هيءَ قبر ڪنهن جي آهي، چيائين اها قبر اسان جي هڪ ساٿيءَ جي آهي جيڪو ٿي سال اڳ راهَ هلندي بيمار ٿي پيو ۽ گذاري ويو. اسين هر سال هن جي قبر تي اچي حاضري ڏيندا آهيون.

مڙهه پوريا، ماڻِ ٿي، تَڪِيينِ ناهِ تِوارَ،
آسڻَ مٿي ان جي نتِ تمايَمِ نارَ،
سامي سَپِ چمارَ، ڏيئي ڏُکُ ڏورِ وئا.

هلندي جبل جي وچ ۾ هڪ جاءِ تي ڏسان ٿو ته ڪجه ماڻهو ويٺا آهن ان جاءِ جي ويجهو رسي اسان جي سنگت ۽ سامهون وارن. سڱيون ۽ سنکَ وڄائڻ شروع ڪيا. هڪ ٻئي سان ملڻ بعد ڏسان ته هڪ اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان پوڙهو جهورُ همراهه آسڻُ ماريو ويٺو آهي ۽ ٻيا اُن کي نمي سلام پيا ڪن.

جوڳيءَ کي جُڳَ ٿئا، مٿي سين ميري،
اکيون اَلَکَ سامُهيون، پونءِ ڏي نه ڦيري،
ڪاراوارڪڪا ٿيا، چرا ٿيا چيري،
لُڙُڪَ لالُلطيفُ چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
نيهنُ نه نبيري، سورَ چرندي سنرو.

پڇيم هيءُ ڪيرُ آهي چيائون اهيو هڪ ناٿُ آهي. جنهن وڏيون جوڳون ۽ تپسيائون ڪيون آهن، سالن جا سال چِلا ڪڍيا آهن. دنيا کي تياڳ ڏئي اچي جنگهل وسايا اٿس.

جي پائئين جوڳي ٿيان، ته سڱ سَپيئي ٿوڙ،
جي چاوا نه چاپندا، جيُ تنين سين جوڙ،
ته تون پُهچين توڙ محبت جي ميدان ۾،

صبح ٿيو چشمي جي پاٽيءَ ۾ سنان ڪيائون، سياري ۾ چشمي

جو گرمُ پاڻي مون لاءِ عجيب ڳالهہ هئي. مون بہ ايئين تَڙُ ڪيو جڻ ڪو سالن جو ميرو هجان, ڇو جو پورو هفتو تہ اسان کي تَڙُ ڪرڻ لاءِ ڪو پاڻي مليو ئي ڪونہ. سو سڀي سنگت تَڙُ ڪيو ۽ ڪپڙا بہ ڌوتا. مون پنهنجن هٿن پيرن تان مَرُ پئي لاٿي تنهن تي هڪ ساٿيءَ مسڪرائي چيائين. آها مَرُ تہ اسان جو حُسنُ آهي ۽ تون اها رَڳڙي لاهين پيو.

هر هر ڳنِ اميسَ, ڌُوَنِ ڏيهاڙي ڌوتيا,
جَنِ ماري ميسَ, ناڻُ نہ نمي تَنِ کي.

ٻيءَ رات بہ ان ۾ ڪاڏي جي هر شيءِ مليل هئي چانور, دال, آلو سبزيون, مانيون, بہ ان ۾ هيون, هڪَ وڏي ڍولي (ديڳ) چڙهيل هئي ۽ جيڪو تي آئيو ۽ ان وٽ جيڪا بہ ڪاڏي جي شيءِ هئي سا ان ڍوليءَ ۾ تي وڌائين. اُن لنگر کي سنگت وڏو پاڪ سمجهي کائي رهي هئي جنهن تي هو خوش ٿيو ۽ چيائين سائين اهي داڻا ڀاڳن وارن کي نصيب ٿيند ا آهن, سڄو ڏينهن سفر ڪيو, شام تي نانيءَ جو آستان هنگلاج ڏسڻ ۾ آيو سنگت سڳيون ۽ سنڪَ وڄايا ۽ نارابہ هنيا, وڃي نانيءَ جي پيرين پيا. ۽ اهو زار روئڻ لڳا. اتي تہ وڏو ميلو متلُ هو ۽ مزي جي ڳالہ هيءَ هئي تہ هر ماڻهو هڪ ٻئي جي خدمت پيو ڪري. هڪ ٻئي جا ڪپڙا پيا ڌوئڻ, زورَ پيا ڏين, اها خدمت هنن لاءِ وڏي ثواب واري هئي, هنن جي عبادت ۾ روئڻ, توبه, تڙپڻُ, جسم کي سختي ڏيڻ, مَنَ کي مارڻُ, جِهجَڻُ, جهوري, اها عبادت ڏينهن رات هنن جي جاري هوندي هئي. هوينهنجي پاڻ کي ايئن رولين ۽ تڙپائڻ ٿا جڻ ڪا رُوح جي ڪا وڃايل شيءِ جي ڳولا ۾ نڪتل هجن.

جوڳيئڙا جَهانَ ۾, اهڙي رَوِش رَمَنِ,
نَڪا دِلِ دوزخ سِين, نَڪو بهِشتُ گُهرنِ,
نَڪو ڪم ڪُفارَ سِين, نَڪين مسلماني مَنِ,
اُيا اِيئن چَوَنِ, تہ پرين ڳجاءِ پنهنجو.

# عشق ايئن ڪري، جيئن ڄارو ڄامَ ڪُلهي تي

ڇَوَنِ ٿا جڏهن وقت جي بادشاھ ڄام تماچي جي جڏهن نوريءَ تي نظر پئي تڏهن نوري ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪنول وَلِ جي گلن جي جهرمٽ جي وچ مان ڪوڙيون ۾ ٻهَ پئي ڪڍيا.

پَنَ پَٻُڻِ، ڪُمَ ڪُوڙيون، مٿي جَرَ جَرِڳِنِ،
اڇي رهيا ريل ۾، ڪارڻِ ڪالُوڙنِ،
سَهسِين راڄَ سيدُ چئي، پاسي ٿَنِ پَرَنِ،
مِڙِي ملاحَنِ، راتِ تماچي رانئِيو.

نوري ننڍي لاڪون حَسِينَ هئي، ٿورڙي وڏي ٿي تہ هن کي ڪوڙهہِ جي بيماري لڳي جنهن سان نوري ڪوجهي ٿي پئي. مائٽن مان نوريءَ جو سڱ وٺڻ لاءِ ڪيرُ بہ تيار ڪون هو. پوءِ هُنَ جو پيءُ هڪ درويش وٽ دعا لاءِ وٺي ويو جنهن جي دعا سان نوريءَ جي بيماري دُور ٿي وئي ۽ حُسُنُ موٽي آئيو. نوري جوان ٿي تہ حُسنَ جو هڳاءُ چئو طرف هُلڻ لڳو. اها ڳالہ تماچيءَ جي تخت تائين وڃي پهتي، تنهن تي تماچيءَ نوري جو حُسُنُ ڏسڻ لاءِ ڪينجهر تي شڪار بهاني اچي پهتو. ڏسي تہ هڪ حسين ڇوڪري ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪينجهر ۾ ڪنول ولِ جي گلن سان پئي کيڏي. جڏهن تماچي نوريءَ جي ويجهو آيو تہ نوريءَ اهڙي ناز منجهان ڪنول گل پيش ڪيو جو تماچيءَ اصل موهجي ويو. نوري حُسِنَ ۾ تمام حَسِينِ هئي ۽ نَڪَتَنِ ۾ صفا اصل نُورُ هئي، اَڪِ جنهن تي ڪٽي اصل ڪُهي وجهي. ۽ تماچيءَ کي پهرين ڏَڪَ ۾ نوري نهوڙي وڌو.



پاٻوڙو پيشِ ڪِئو، نَئُون نوريءَ نيئِي،
حاضُرُ هُيُوُن هَڪيُون، سَمِيون سَپِيئِي،
نوازِي نيئِي، گاڏيءَ چاڙهي گندَري.

هاڻِ تماچيءَ کان شڪار وسري ويو. اک اصل نوريءَ ڏانهن. شام ٿي هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. پر تماچي کي ڪٿي آرام راتِ اکين تي ڪٽيائين، صبح ٿي وري تماچي ڪيجهرَ ڪناري.

ٿَڙُ تماچيءَ ڄامَ جو، ٿَڙُ تماچي راءِ،
تماچيءَ جي تَڪِيي، تون تماچي ڳاءِ،
تہ تون تماچياءِ، تَماچي تِئان لَهين.

سڀ ڪم ڪار ڇُٽا فجر مهل تماچي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي سڄو ڏينهن نوريءَ سان گڏ رات ٿي وڃي تہ بہ محل ۾ وڃڻ جي دل ئي ڪون ڪري هاڻِ تماچيءَ جو تختُ ڄڻ ڪينجهرَ ڪنڌيءَ آهي.

ڄامُ تماچي آئيو، وري ٿي وَراڻ،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌيين راتو ڏينهن رهاڻ،
پرچي وينو پاڻ، ٿيون مرِڳنِ مڇيءَ واريوُن.

هڪ ڏينهن نوري تماچيءَ کي عرض ڪيو تہ تون بادشاه آهين ۽ آئون مسڪين ملاح جي ڌيءَ ڪٿي مون کي ڇڏي نہ ڏجاءِ.

تون سمون آءُ گندَري، مون ۾ عَيبَنِ لَکَ،
هِنَ منهنجي حالَ جي توکي سَڀَ پَرَکَ،
ڪارَڻِ رَبَ اَلَکَ، متان مان ڳَرِ مَٿِيين.

تنهن تي تماچيءَ چيو تہ هتي اچي مون توتي ڪو ٿورو ڪو نہ ڪيو آهي. اهاتہ منهنجي خوشنصيبي آهي جو تنهنجي نازُ نظر ۾ نوڙت مون ڏٺي جنهن مون کي اُجاري اڇو ڪيو. هن کان پهريان تہ منهنجي دل

جو ڪاغذ ڪورو هو. تو ملڻ بعد هزارين عشق جا داستان لکجن پيا. مونکي توسان ملڻ بعدِ ئي زندگيءَ مزو ڏنو آهي هن کان اڳ جي زندگي ڄڻ خالي هئي.

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ،
نيڻَنِ سِين نازُ ڪري، ريجهايائين راءُ،
سَمُو سَپِنِ مُلاءُ،هيرياڻِين حِرفَتَ سِين.

هڪ نوريءَ جو حُسنُ ٻيو ڄامَ تماچيءَ جو ڏهڪاءُ انهن ٻنهي ڪي ڏسي ڪينجهر جرڪڻ لڳندي هئي.

هيٺِ جَرُ مٿي مَڇَرُ، پاسي ۾ وٽراهَ،
اچي وچي وِچَ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اُتر واءُ َ، تہ ڪينجهر هندورو ٿئي.

ڄام جي محل جي سَمِيُنِ عورتن کي خبر پئي تہڄام تماچي هڪ ملاح ڇوڪري سان گڏ روز شڪار ڪندو آهي. جيڪا ايڏي تہ حسين و جميل آهي جو تماچي محل ڇڏي وڃي ملاحن جي مياڻِ وسائي اٿس.

ميءَ هَٿَ ۾ مَڪِڙِي، ڄامَ هَٿَ ۾ ڄارُ،
سَڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.

تنهن تي محل جي سَمِيُنِ پهہ ڪيو تہ هلي ڏسون تہ تماچي روزو ڪينجهر تي ڇا ٿو ڪري.

سَمِيُوُن ڪري سينگارَ، راءُ ريجهائِڻَ آئيون،
ڄام هٿن ۾ ڄار، جُهلي جهَٻيرَنِ وِچَ ۾.

ڪينجهر جي مياڻِ تي ملاحن ۾ سرهائي اچي وئي، جن کي ڪير ٻہ نہ پڇندو هو تن وٽ ڄام تماچيءَ اچي رڳي ڇڏيا.



ڪِڪِيءَ هاڻِيُون ڪاريُون، ڇِڇِيءَ هاڻا ڇَڄَ،
پانڌُ جَنين جي پانڌَ، سين لَڳو ٿئي لَڄَ،
سَمُون ڄامُ سَهَڄَ، اُپو ڪري ان سِين.

ڄام روز پيو اچي ڄڻ ميلو متو پيو آهي. نوريءَ جيون سڀ ساهيڙيون اچي ڪينجهر ڪناري پيو رَڄَ سنوارين. مڇيون پيون مارين پاٻوڙا وَلِ جا گل وارن ۾ سنواري نوريءَ جا ڪوڏَ پيون ڳائين.

ٿَڙِ تَريون ڊوئين، ڳَنِ رِهاڻيُوُن ريلَ ۾،
رَڄَ پنهنجي راڄَ ۾، ويٺيون سموئين،
مُهاڻيون موهين، تَخُتُ تماچيءَ ڄامَ جو.

--

پکا پَکارئو ڄامُ تماچي آئيو
گوندرُ لاهيو گندريوُن آتڻ اُجارِئو
مَڪِڙيون سين موتيين سَهجان سينگارئو
ڪينجهرُ قرارئو سمي ڄامَ سَمَڱِئو.

هاڻِ تماچيءَ جو تخت ڪينجهر ڪناري، هلڻَ لڳو وزير مشير خدمت گذار سڀ اچي ڪينجهر تي ڪنا ٿيا. ڪينجهر جي ملاحنِ جا وارا نيارا ٿي ويا. بازاريون لڳي ويون اصل رونقون ٿي ويون.

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪِينَ ٻئو جهڙي سونهہ سَندِياس،
مَڏَ مياڻيون مُڪُڙا، مِڙَئِي مُعافُ ٿياسِ،
رِيسُون راڻين ڇڏيون، وَهي ڪينَ وٽانسِ،
مورڇَلُ مٿانسِ، هٽي ڄامُ هٿنِ سِين.

هاڻِ اهو ڏينهن آيو جنهن ڏينهن ڄام تماچيءَ نوريءَ جو سڱ گهرڻ لاءِ مانگا موڪليا. تنهن تي ڪينجهر جي ملاحن جهولي جهلي

هاڪار ڪئي. ڄام جي نوريءَ سان شادي ٿي وئي، مسڪين ملاح ڄام تماچيءَ جا سيڻَ ٿي ويا.

هٿين پيرين آرڪَٽين، مُنهِ نہ مُهاٽي،
ڄئن سَڳوڙِ سُرندڙي، تئن راٽين ۾ راٽي،
اصل هئي اُنکي، اَهَلَ ڄاماٽي،
سَمي سُڃاٽي، بيڙو ٻَڌُس ٻانهن ۾.

نوريءَ کي ڄام تماچي شادي ڪري دهلن دمالن سان وٺي آيو. سيئي سَمِيُوَن سيئي سُومريون سينگار ڪري پنهنجن ڪمرن ۾ وينيون تہ اڄهوڄام آيو پر ڄامَ وڃي نوريءَ جي ڪمري جودرُ کوليو.

سَيئي سُهاڳِڻيُون، سَپِن مُنهہ جَڙاءُ،
سَيَڪنهنِ پائيو پاڻَ کي، ايندو مون گهرِ راءُ،
تان پينو تنهن دَراءِ، جِئن پَسي پاڻَ اَڄائيُون.

هاڻِ نوريءَ جون ساهيڙيون بہ ڄام جي محل ۾ بنا روڪ ٽوڪ اچن پيون.

گندُ جني جيءَ گوڏِ ۾، ڳُلهنِ تي ڳُونڙيون،
اَنَ ناپي جِيُون اُنِ کي، مٿي تي مُوڙيون،
اَچنِ سنپوڙيون، سَمي جي سلام تي.

نوريءَ جي ڪري مياڻِ جي سڀني عورتن تان ڪم ڪار معاف ٿي ويو اهي سڀ اچي محل ۾ رهڻ لڳيون.

ڪاريون ڪوجهيون ڪُوَڙيون، مُنهَ ميريون مُيُون،
ياڪَرَ پائي پَنَ کي، ٻاٽيءَ ۾ پيئُون،
جي سامَ سَمي وييُون، تَنِ تان لَٿو حَرفُ حِسابَ جو.

--



ڪاريون ڪوجهيون ڪُوَڙيُون مُنهِ نہ موچاريون،
وٺي وينيون واٽَ تي،ڪِڪِيءَ ڄِوُن ڪاريوُن،
اُنهي جون آريون، سَمي رِءَ ڪيرُ سهي.

ڄام تماچيءَ جيون اَڳُ جون راڻيون بہ ڄامَ جي عشق ۾ راز کي سمجهي نوريءَ جي خدمت ڪرڻ لڳيون.

تختُ، بختُ، تَڙُ، تماچي، سَڀ نوريءَ کي نِمَنِ،
لِڪِي لِياڪا پائيا، ساري راتِ سَمِينِ،
ٻائيوُن، دائيوُن، راڻيون، تَهِنجا پيرَ چُمَنِ،
ڏِنسِ ڏيہَ ڏٽيَنِ، معافيءَ جي مُهرَ هٿي.

--

ڪُوءِ سَمِيُون، ٻَنِ سُومِريُون، جي اچِنِ اوچي ڳاتِ،
وَرُسي ڪينجهر ڇائيون، جن تماچيءَ جي تاتِ،
راڻين مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پرائيو.

نوري تماچيءَ جي راڻي ٿي وئي پر هن جي ناز نوڙت، ۾ ڪا بہ ڪمي ڪونہ آئي. تماچيءَجي محل ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن جي ناز ۾ نوڙت ۾ نکارُ اچي ويو. ان ڳاله تي محل جيون سڀ راڻيون نوريءَ جي نوڪري ڏيڻ لڳيون.

نہ وڏِي نہ وِڪڙي نہ ڪِڪِيءَ لائي هَٿُ،
ڪُرُ نايو ڪيتريون، مِڙئو ڪَنِ مِنَٿُ،
جا سَمي وِهاري سَٿَ، تنهن سِين رِيَس نہ ڪنديون راڻيون.

سمِي ڄامَ جي سيڻَ ٿيڻَ سان ملاحن ۾ سرهائي اچي وئي مُهاڻيون مَرِڪي وبون، سڄي ڪينجهر تي سُکُ ٿي ويو. جيڪي ملاح ڏَنُ ۾ ڏوهُ پريندا انهن کي انعام ۾ اڪرام ڏنا ويا.

ڦُوٽُ جَنِي جو ڪُوڙيون، پَرَهَنِ پاٻوڙا،
پايو مُنهُ مهراڻَ ۾، ڳَڏِنِ ڪالوڙا،
جَنِ تي ڏَنَ هئا ڏوڙا، سي سَڀِ انعامي ٿئا.

هن داستان ۾ حُسنَ عشق کي اهڙو چڪر ڏنو جو تماچي تخت ڇڏي اچي نوريءَ سان مڇيون مارڻ شروع ڪيائين.

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اڪڙين ۾،
تَنُ تماچيءَ ڄامَ جو، نايُنُ پايو ني،
عشق ايئن ڪري، جيئن ڄارو ڄامَ ڪلهي تي.

ꕥ

# سنھا پانءِ مَ سَپَ، وياءَ واسينگن جا

ڪڇھري ڪنڊي ھڪ پوڙھي جھور جوڳيءَ سان اصيل نانگ جو ذڪر ڇڙيو چيائين اصيل ڪنھن کي پلا چو ڪائي، ھو تہ پنھنجي مستيءَ ۾ مست ھوندو آھي. ھن کي ڪير ڇيڙي تہ پھريان ڦونڪارا ڏئي پڄائڻ جي ڪوشش ڪندو آھي، پوءِ جي نہ مڙي تہ اصل آخري وارُ ڪندو آھي وارُ بہ اھڙو جو ھمراھہ ڇڙھي بہ نہ ھٽي.

پھرين ڪاري نانگ کي، جي ڪو ڇِرڪِيلُ ڇيڙَ ڪري،
جي ھٽي ڏنگُ ڏسائِيو ويجھو ڪينَ وري،
جيڪي ٿُپ مري، جيڪي سِڪي صحتَ کي.

چيائين ڪاري ڪڏھن بہ ڪنھن واٽ ويندڙ بيگناہ کي ڪونہ ڳڪِيو (ڏنگيو) آھي ھو تہ ماڻھو ماڻھو کي ڏسندو آھي ۽ پڄندو آھي، ھن کي بيگناھہ کي ڳڪَڻُ مھٺو آھي.

ڪاري ڪُرُ لَڳي، جي اَڻَ ڪڄاڙئو ڪاءِ،
جاڙئان اندرِ ڄيپَ ۾، ڳُجھو ٿو ڳالھاءِ،
اُتي اُو ساماءِ، ڄتِ رَتي ناھي ريجَ جي.

سوال ڪيمُ، ڀڏو آھي ڪارو نانگ پنھنجو ويرُ نہ وساريندو آھي، چيائين ھائو ابا جيڪڏھن ھُنَ جي ٻچن کي ڪير ماري يا نَر ماديءَ مان ھڪ کي ماري تہ اُھو ڪڏھن بہ ويرُ نہ وساريندو آھي.



ڪوھُ جاڳائي ڄيجُن کي، ٿو سُتَلنِ ھَٿُ ھَٽي،
جو ڏاڙُون ڏاڙُنِ وينئِيُون، تہ وڙھندئي وِھہُ وٽي،
جَنِ جي ڏُوجُ ڏَٽي، تون ڪيئن وجھين ويرُ تَن سين.

پڇيُمُ ڪاري نانگ جي ننڍين ٻچن ۾ زھرُ ھوندو آھي ڇا؟ چيائين ڪاري جا ٻچا بہ ڪاراھوندا آھن. ٻچي جوڏنگيل بہ سِگھو ساھُ نہ ڪڍندو آھي.

سنھا پانءِ م سَپَ، وياءِ واسيگن جا،
لَتاڙيا لطيف چيئ چوريا وِجھَنِ چَپ،
تَنِي جي جھڙَپ، ھاٿي ھنڌان نہ چُري،

پڇيُمُ اوھين ڪھڙا نانگ جھليندا آھيو؟ چيائين اسان کي تہ ھميشہ ڪاري جي ڳولا ھوندي آھي، جنھن جي مٿي ۾ مَڻِ ھجي چيائين ڪارا اصيلَ گرمين ۾ زمين جي اندر رھندا آھن، بنا ڪاڌي بنيا پيتي، اُنھَنِ جو وِھہُ (زھرُ) مٿي ۾ ٽِڪيءَ وانگر ڄَمي ويندو آھي جيڪو مَڻِ جي شڪل اختيار ڪندو آھي.

جَنِ جِوُن اوطاقون اَريجَ ۾ مَٽِيوُن تَنِ مَٿَنِ،
ماٿِ مرتبو سُمِيت جو وَسان ڪينَ ڪُڄَنِ،
جو اوڏو وڃي اُنِ، تَنِ جوڪو ٿيِي جانِ کي.

چيائين اصيلَ ڪارو نانگ زمين جي اوناھيءَ پنھنجو آسڻُ ڪندو آھي اُتي جتي ريجُ ختم ٿئي اتي وڃي آرامي ٿيندو آھي اھي بہ مھينن جا مھينا، ۽ ڪاري کي مري وِئي سئو سال بہ ٿي وڃَنِ. تہ بہ اُنَ جي ڪنڌي تي ڪنھن جو پيرُ اچي تہ اُنَ ڪنڌي ۾ بہ ايڏو تہ وِھہُ ھوندو جو اُھو وِھہُ موت مار ٿيندو آھي.

آسَڻُ جَنِ اَريجَ ۾ تَنِ جي وِهَ جو وَرَنُ ٿيو،
تَنِ جو ڪندبو ئي ڪمُ ڪري، جي مَٽِس پيرُ پئو،
پَريين آهي پڌرو، تَنِ نانگنِ جو نِهو،
ڳلِي ويرَ ڪِهو جو سامُهون ٿئي سَپَنِ کي.

پڇيم توهان کي نانگ ڪاٽن ڪون؟ چيائين اسين پاڻ نانگ آهيون، اسان کي نانگ پلا چو ڪاٽيندا؟ چيُمِ اهو وري ڪيئن؟ چيائين اسان کي تہ سُتِي بہ نانگ جي زهر جي ملندي آهي. نانگ جي خاندان مان آهن ۽ اسين نانگن مان آهيون. اسين تہ اَڪِ ڪولڻ سان ئي نانگ ڏسندا آهيون. ننڍي هوندي ٻين جا ٻارَ رانديڪن سان کيڏين ۽ اسين نانگن سان . اسان کي ڏاڏي جي دعا آهي سو اسين نانگ جي پڪڙڻ مَهلَ ڳوڳي پيرَ جي ٻوهي ڏيندا آهيون. جنهنجي ڪري نانگ اسان جو يارُ ٿيو وڃي.

ڪَپَرَ گاروڙين سين، وڏو وِڙُءِ ويرُ،
نانگَ نہ ويندين نڪري، تو ڏَرِ متي آهي پيرُ،
هيءُ تني جو ڍيرُ، جَنِ جهونا ڳُڙهہ جلائيو.

چيائين ڪي نانگ تہ ايڏا زهريلا هوندا آهن جو انهن کي اسين بہ ويجهائي ڪونہ وڃون، جي وياسين تہ اڦٽ مئاسين.

واتان جني وِهُ وَهي، سي آيا اوڳارين،
جي آرَڻِ آئيا تان نانگ نہ نهارين،
ڏَنيرَ تَنِ ڏارين، ميلُ جَنِي جي منَ ۾.

پڇيم توکي پلا نانگ ڪڏهن ڪاٽو؟ چيائين هائو ابا مڙي ڪڏهن ڪڏهن درويش ناراض ٿيندو آهي تہ چڪُ هڻي ڪيندو آهي پڇيم پوءِ؟ چيائين پوءِ وري چا، سندس ڏنگ تي سندس ئي مَڻِ رکندا آهيون، جيڪا زهر کي چوسي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيندي آهي. اسين وري



اهڙي جا اهڙا، پڇيم ڊاڪٽر وغيره ڏانهن ڪون وڃو؟ چيائين اڙي ابا انهيءَ ڪاري جي ڪکيل کي ڊاڪٽر پلا ڇا ڪندو. اسان جو ڊاڪٽر اها ڪاري جي مَڻِ آهي. اها مَڻِ نہ هجي تہ ڪاري جو ڏنگيل ٿوڙي ڊاڪٽر تائين رندو، اصل اڦَٽِ مرندو.

پڇيم مَڻِ سان ڪيئن علاج ڪريو؟ چيائين علاج وري ڪهڙو هوڏانهن ڪاري ڳکِيو ناهي، مَڻِ ڏنگَ تي رکي ناهي. اها مَڻِ نانگ جي زهرَ کي چوسي ڇڏيندي آهي. جڻ نانگ ڪکيو ئي ڪون هو. پوءِ انهيءَ مَڻِ کي کير جي ڪٽوري ۾ وجهندا آهيون جنهن سان اها مَڻِ انهيءَ زهرَ کي اوڳاڇي ڇڏيندي آهي جنهن سان اهو کير جو ڪٽورو زهر ۾ سائو ڇچُ ٿي ويندو آهي. اها مڻِ هميشهَ اسان جي ڳودڙيءَ ۾ هوندي آهي، انهيءَ مَڻِ کي اسين سڄو سال کير پياريندا آهيون. ان کي ڪپڙي جي پوشَ ۾ ويڙهي رکندا آهيون.

سوال ڪيُمِ اوهان ڪاري نانگ کي جهليو ڪيئن؟ چيائين ڪاري اصيل جو ليٽاڙو ئي پڌرو، ليڪو وٺي وڃي ڏسندا آهيون. ڪارو خاص ڪري جهنگل يا ويران جڳهہ تي رهندو آهي. ۽ هو ٻرَ يا جهاڙين ۾ لڪي ويهندو آهي. هن جو ڪاڏو جيت جڻا آهي ڪاڏي لاءِ بہ رات جونڪرندو آهي ڏينهن سڄو آرام ڪندو آهي. جهلڻ ڪان پهريان ڳوڳي پيرجي ٻوهي ڏئي پڙُ ڪيبندا آهيون پوءِ پَڙهَتِ ڪندا آهيون. پَڙهَتِ ڪرڻ ڪان پوءِ ڪارو اسان جو اسين ڪاري جا.

پڇيم ڪيترو عرصو پاڻ وٽِ رکندا آهيو؟ چيائين سال جي ٻوهي ڏيندا آهيون سال ڪانپوءِ جتان پڪڙيو اتي ئي ڇڏي ڏيندا آهيو. پڇيم ڪاڏو ڪهڙو ڏيوس چيائين ڪاڏي ۾ کير ڪوئا، ڏيڏر ۽ گوشت ڏيندا آهيون. چيائين ڪاري اصيلَ جي مادي سال ۾ هڪ دفعو ٻچا ڏيندي آهي. ۽ اسيلُ سال ۾ هڪ دفعو ڪل بہ لاهيندو آهي.

پڇيم نانگن جا ڪهڙا قسم آهين؟ چيائين نانگن ۾ ڪارو، ڪنيارو، گڊرو، پدمُ، ڪَپَرُ ڪلانڪاري، جُهوڙُ ۽ ٻيا ڪيترائي نانگ آهن انهن مان ڪارو هرويرو ڪنهن کي کو نہ کائيندو آهي. ڪنيارو ۽ گڊو بنا چيڙائي ئي چڪُ هڻي ڪڍندو آهن. پدم نانگ جي تمام وڏي عمر هوندي آهي. جهوڙُ نانگ پاڻيءَ ۾ رهي ٿو اهو پاڻيءَ ۾ مينهن کي بہ پيٺَ وَرُڏئي ماري ڇڏيندوآهي.

چيائين بلائُنُ ۾ لُنڊي، پيئڻِ، ڊمڻِ، ٻمُهي، هُڏُڪَڻُ، ارڙَ ڪوڏياري سِگهَ ۽ ٻيون ڪيتريون آهن انهن مان لنڊي بي پيري آهي. ۽ پيئڻِ ستي ماڻهوءَ جي وات ۾ زهرُ ٽڪي ان ماڻهوءَ کي پُڇَ هڻي جاڳائي ويندي آهي پيئڻِ جو ڪاڏل مَس بچندو آهي.

پُڇِيُمُ نانگ ۽ مورَ جو پاڻَ ۾ ڪهڙو ويرُ آهي؟ چيائين اهو پراڻو جهيڙو آهي مور نانگ جو وڏو ويري آهي. نانگ کي مورَ ڏٺو ناهي جَڻُ ڪنيپيو ناهي.

موران موٽڻُ مِهِٽو، نوٽي نانگ نہ ڪَنِ،
ڪارايَلَ ڪارَنِ کي، ڳاراڪِئو ڳِهَنِ،
وتِيين وِهُ ٻِيَنَ،سِڪَ سُرِڪِيين نہ لهي.

چيائين مورُ نانگ کي زمين تان چنبن ۾ کڻندو آهي ۽ وڃي آسمان ۾ وڙهندو ۽ اتان کان هيٺ اڇلائي وري مٿي کڻي وڃي وڙهندو آهي.

مٿي جهَڙَ جهيڙين، مورُ ڪارايَلُ پاڻَ ۾،
نوٽي نانگ نہ ڏين،موران موٽَڻُ مِهِٽو.

چيائين مورُ نانگ کي آسمان ۾ ماري اڇي زمين تي کائيندو آهي. ڇو جو مٿي آسمان ۾ نانگ جو زور نہ لڳندوآهي. پوءِ بہ نانگ جو وَسُ لڳو تہ مور کي مٿي ئي ڏنگي وجهندو آهي، جنهن سان ٻئي اچي زمين تي ڍيري



ٿيندا آهن.

سَپَ، ڪَپَرَ سَچا ڳِهي، نانگن ڳولهيو کاءِ،
تَنِي کي واجهاءِ، مَٽِيُون جَنِ مَٿَنِ ۾.

چيائين ڪاري اصيل نانگ کي مورَبہ ويجها ڪو نہ ويندا آهن.

ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ، ذاتِ کي مورَ بہ مٿائين،
لتاڙئا لطيف چئي، چُرئا چَڪائين،
توڙي ٺُپُ مارين، ناتہ سِڪِنِ صحتِ کي.

چيمُ پٽائيءَ سرڪار تہ چوي ٿو ڪارو نانگَ وڏو خطرناڪ آهي ڪِلِي چيائين سرڪار تہ اسان کي بہ نانگن کان وڏِ سمجهي ٿي اسان ڇا ٽا چئي سگهون.

# اُٿَنِ وِهَنِ اَدَبَ سِيِنِ، ڳالهائين نرم

ڪجهہ ڪهاڻين مان هڪ هيءَ بہ آهي ڏڪار جي ڏينهنَ ۾ لطيف سرڪار جڏهن اڇڙي ٿر جي سوڍن راجپوتن جي ڳوٺ ۾ پهتو ڏسي تہ مرد ماڻهو ڪير بہ ناهي ڪجهہ پرديدار عورتون جَنِ شاهہ سائين کي ٻارڙن جي هٿان پيغام موڪليو تہ سيد کي چئوسِ تہ اوتاري ۾ پڌاري (ويهي) سرڪار جي خبر پئي سوڍا سڀ ڏڪار جي ڪري مال سانگي ٻين علائقن ڏانهن ويل آهن ۽ سوڍيون پنهنجن گهرن ۾ اڪيليون آهن. سوڍين جو پردو، ادب، اخلاق نوڙت ۽ مهمان نوازي ڏسي شاهہ سائين سرڪار ڏانهن هٿ کڻي هيءَ دعا گهري.

ڏونگها آڇُ مَ تَنِ کي، ڪاسا تَنِي نہ ڪَمُ،
اُٿنِ وِهَنِ ادبَ سِين ڳالهائين نَرَمُ،
پِنَدي پَرَ ڏيههَ ۾، تَنِ سوڍين ٿئي شَرَمُ،
قادرَ ڪَرُ ڪَرَمُ، تہ وَسَ ويچارين تي.

اڇڙي ٿر ۾ سوڍن راجپوتن جا ڏهاڪو کن ڳوٺ آهن، جيڪي، مٺُو، ڦلاهُو، راڻاهُو، رابلاهُو، جيٺهارُ، آسوڏرُ، ڪُورَ، نالن سان آهن. انهن ڳوٺن ۾ ويرسي نُکَ جا سوڍا راجپوت رهن ٿا. عمرڪوٽ ضلعي ۾ جيڪي سوڍا رهن ٿا انهن جي نُکَ گنگڏاس، سرتاڻ، اُڏا ۽ ڪيلَهَڻَ سوڍا راجپوت آهن. ٿرپارڪر واري پاسي نَرا، نَبا، مالڏي، مَڏا ٻِيبا ۽ ٻيون سوڍن جو نکون رهن ٿيون.



مرد سوڍن جي نالي پويان سنگه لڳندو آهي مثال پوپٽ سنگه، پومجي سنگه، پدم سنگه، سجان سنگه سروپ سنگه، ۽ عورتون جي نالن پٺيان ڪنورِ جو لقب لڳندو آهي مثال طور، نيل ڪنور، بخت ڪنور وغيره. هي سوڍا پنهنجي نياڻين جون شاديون راجپوتن جي ٻين نُکنِ ڀاٽي، راولوت راجپوتن ۾ ڪرائين ٿا. جيڪي خاص ڪري ڳڏَ يا ٺڪاڻي جا مالڪ هوندا آهن.

پاڻ وري انهن نُکنِ ۾ شادي ڪن ٿا جيڪي سوڍن جي نُکَ مان نہ هجن جيڪي هيل مَهَلَ گهڻيون هندستان ۾ رهن ٿا. ان سرحدي بنديءَ ڪانپوءِ سوڍن جي نياڻين وري اچي پنهنجو وطن ڏٺو آهي ۽ نہ ئي وري زالن پنهنجو مائٽراڻو ملڪ ڏٺو آهي.

ڳالهہ ڪجي سوڍين جي شرم حيا ۽ پردي جي تہ ڏندين آڱريون اچي وينديون. ساجهر مهل اجان سج گنِي بہ ڪو نہ ڪڍندوآهي ان مهل سوڍا گهرڇڏي اچي اوتاري تي پاٿاري منڊيندا آهن. انهيءَ جو سبب اهو تہ سوڍيون پنهنجو ڪم ڪار آسانيءَ سان ڪري سگهن. ڇو جو جڏهن ڪو مرد سوڍو ڏينهن مهل گهر ۾ موجود هوندو تہ پردي وچان سوڍيون گهرجو ڪم ڪار آسانيءَ سان نہ ڪري سگهنديون.

پردو ايترو جو ننڍي ڀاءُ جي زال وڏي ڀاءُ جيٺَ (ڏير) کي ڪڏهن بہ ڏيٺاري ڪونہ ڏيندي. وڏو ڏير، ساهرو يا ساهراڻي ڪيڙَجو ڪير بہ مرد هجي ان کان وڏو پردو ڪنديون آهن. سواءِ ننڍي ڏيرَ جي جنهن کان پردو ڪو نہ ڪنديون آهن. جيڪڏهن سندس وَرُ ڏينهن جو ڪمري ۾ موجود هجي تہ سندس زال ان ڪمري ۾ ڏينهن جو ڪڏهن ڪو نہ ويندي. رات جو سڀ لوڪ سمهي تڏهن بہ لِڪَ ۾ ويندي. صبوح ساجهرستي لوڪ اهاچله تي ڪم ڪارڪندي ڏسڻ ۾ ايندي، ۽ حجاب وچان ايئن محسوس ڪرائيندي ڄڻ سڄي رات چله تي ڪٽي هجي. سوڍيون ساجهر

سَتي لوڪ گهر جو ڪم ڪار ڪري چڙهينديون آهن. جيڪڏهن ڳوٺ جو ڪو وڏو مرد گهر ۾ ايندو تہ ان کي ڏيناري ڪونہ ڏينديون.

سڏجوجواب جيڪاري ۾ڏينديون آهن مڙس جونالو نہ کڻنديون آهن،مڙس کي پنهنجي پُٽَ يا ڌيءَ جي نالي جي نسبت سان سڏينديون آهن. سَهُري کي ٻاپ جي ۽ سَسُ کي بهو جي جي نالي سان سڏينديون آهن وڏي جيناٺي (ياجائي) کي ياپي ڪري سڏينديون آهن. ننڍي جيناٺي کي لاڏي ۽ مڙس جي ڀيڻ کي ٻائيءَ جي لقب سان سڏينديون آهن. گهر ۾ سَسُ سَهُري ڪانپوءِ وڏي جيٺُ ۽ جيناٺيءَ جو پڻ وڏو ادب ڪنديون آهن. ننڍي جيناٺي ۽ مڙس جي ڀيڻ ۽ مڙس جي ننڍي ڀاءُ سان کِلَ ڀوڳ يا ڪچهريون ڪنديون آهن. فارغ وقت ۾ چوپڙ راند ڪنديون آهن، ان راند جو ذڪر مومل راڻي جي داستان ۾ پڻ اچي ٿو. اها راند سوڍا پنهنجي نياڻين کي ڏاج ۾ پڻ ڏيندا آهن.

سوڍن جي ڳوٺ مان جيڪڏهن ڪو گذر ٿيندو تہ ڪوبہ عورتاڻوآوازٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو. سوڍيون ڳالهاڻن ۾جهيڻيون ۽ تمام نرم هونديون آهن. هو پاڻ ۾ ڳالهائينديون تہ بہ ڦسڪي ياپٽڪي ۾. اڄ بہ سوڍن جي ڳوٺ مان ڪنهن مهل گذر ٿيندو تہ توهان کي ڪابہ سوڍي ٻاهر گهمندي نظر نہ ايندي

گهر جي ڪم جون سگهڙ هونديون آهن، گهرن جي صفائي اصل دنگ، جيڪڏهن ڪچا گهر هجن تہ انهن تي رنگين ڇِٽَ سالي اصل غذب، گهر هميشہ ليپيو ٿيل نئون لڳندو.ڪاڏو ڪاڻڻ ناهڻ ۾ بہ ڀڙُهونديون آهن،ننڍڙاسنهڙاڦلڪا،ٻوڙجي ترڪاري اصل ٻوڙي وجهي. هونءَ بہ هو راجستان جون تہ آهن سو راجستاني ڪاڏي جو سواد سوڍين جي هٿ جي ڪاڏي ۾ضرور ايندو.

سوڍيون پنهنجي نياڻين جي تربيت ۾ ڪا بہ ڪسر ڪونہ



چڙهينديون اهن، تہ جيئن ساهرن ۾ وڃي پنهنجي مائٽن جو ڳاٽُ اونچو ڪري، سوڍين جي لباس ۾ چولي گهاگهرو ۽ زيور هنن جو شان آهي.

ڪنگڻَ ڪَڙولا، ڪيوڙيون، هٿَن ۾ هِيرا،
مَکِين ٽِيُون، مُشُڪُ، عطرُ ۽ انبيرا،
خانن اچي کوڙيا، ڪنڌيءَ پاسِ ڪيرا،
سوڍِيوُن سوئيرا، آڏا پائي آئيون.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ سوڍن جي ڳوٺ راڻاهوءِ جي نياڻي هندستان جي ڳوٺ ۾ ڏنل هئي، ان وقت هندستان پاڪستان هڪ هو. سوڍن جي ڳوٺ راڻاهوءَ جي پرسان هڪ هڱورجن جي ڳوٺ مان ڪجہ اُنين جو وڳ ان ڇوڪريءَ جي ساهرن جي ڳوٺ جو هڪ ماڻهو چوري ڪاهي ويو هو. تنهن تان وڳَ جو مالڪ پيرکڻي ان ڳوٺ ۾ پهتو. ان ڇوڪريءَ کي خبر پئي تہ منهنجي مائٽاڻي ملڪ مان انين جو وڳُ چوري ٿي اسان جي ڳوٺ ۾ آيو آهي. ان ڇوڪريءَ سڄي ڳوٺ کي گهرائي چيو جيڪڏهن توهان کي منهنجي مائٽن جي چوري ڪرڻي هئي تہ پوءِ مون کي چو ونئي آيا. تنهن تي ڇوڪريءَ جي ساهُرن چيو تہ اهو وَڳُ تنهنجي مائٽن جو نہ پر پرواري ڳوٺ جي هڱورجن جو آهي. تنهن تائن ڇوڪريءَ وراڻيو تہ اسان جي وڏن جو چيل آهي تہ پاڙي وارن جو بہ احترام گهر وارن جيترو ڪبو آهي. جيڪڏهن اهو انين جو وڳُ واپس مالڪن کي منٿ ميڙ سان نہ رسايو تہ مون کي مُئل ڏسندئو پوءِ اهو وڳُ منٿَ ميڙِ سان واپس مالڪن تائين پهتو.

سوڍن جي ڳالہ ڪجي تہ مَڏَ ۾ جوڏا جوان، قد ۾ ڊگها هٿَ ۾ هنيلا ۽ صورت ۾ سهڻا ڏسڻ ۾ ايندا مٿي تي ڦينٽو (رنگين پٽڪو) ٻڌل هوندو، لباس ۾ چوٽي قميص ۽ لانگو تو ٻڌل هوندو، پيرن ۾ ڪڙهائيءَ وارو موجو ۽ هٿ مُڇَ تي هوندو، وڏيون مڇوڻ رکڻ سوڍن شان آهن، هلَڻَ واري ٿورَ

فخريا انداز واري ۾ ويهندا بہ وڏي شان شوڪت سان.

عام ڳالهه مشهور آهي تہ سوڍو پيٽَ بکيو بہ ڪڏهن محسوس نہ ڪرائيندو تہ هو بکيو آهي. هنن جي زندگيءَ ۾ رک رکاءُ تمام گهڻو آهي.

اوتاري جا خان ۾ سخاوت هنن جو شان آهي. ملڻ مهل سلام ۾ مجرو ڪري ملندا آهن. جيڪڏهن ڪو هنن کي مجرو ڪرڻ کان سواءِ پيو ڪو سلام ڪري تہ ان کي عيب سمجهندا آهن.

هنن جي ڪچهريءَ کي رهاڻ چوندا آهن. رهاڻ ۾ مختلف قسمن جيون مٺايون ڳُڙُ مصري ۾ پيون مختلف شيون هونديون آهن اِنَ رهاڻ ۾ عَمَلُ ۾ دارون ( شراب) لازمي هوندو اهي. عَمَلُ پاٽيءَ جو دئورُ هميشہ وڏي کان شروع ٿيندو آهي. رهاڻ جي شروعات هنن جو مڱڻهار وياڳُ يا ڏوئو ڏئي ڪندو آهي جنهن ۾ سوڍن جو شجرو ۾ بهادريءَ جا قصا شامل هوندا آهن.

رهاڻ هلندي ڪو مهمان اچي وڃي تہ اهو هٿ نہ ڏيندو آهي بئي هٿ ٻڌي مجرو چئي رهاڻِ ۾ شامل ٿي ويندو آهي.

عمل پاٽي ڪرڻ جو سلسلو بہ عجيب هوندو آهيو. عَمَلَ کي ننڍڙيءَ وٽيءَ ۾ ڳاري ۾ ان ڪپڙَ جو ٽُڙو پسائي ساڄي هٿ جي تِريءَ تي نائي هڪ مخصوص انداز سان مهمان کي پياريو ويندو آهي اهو عمل سڄي رهاڻ ۾ هلندو آهي. ڏارونءَ جي شروعات بہ وڏي شان سان ڪئي ويندي آهي سپ پيگ (گلاس) پري وڏي جو انتظار ڪندا آهن تہ هو ڪڏهن گلاس کڻي اجازت ٿو ڏئي ان وچ ۾ ڳائڻ جي محفل هلندي رهندي آهي.

ننڍا سوڍا رهاڻ هلندي وڏي سوڍي جي احترام ۾ ڪڏهن بہ سامهون نہ ويهندا آهن. هميشہ جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندا آهن. سڏ جي ورندي جيڪاري( جيسا چئي) ڏيندا آهن.



رهاڻ جي آخر ۾ مانيءَ جو دور هلندو آهي. رهاڻ واريءَ مانيءَ ۾ مصريءَ جي ماني مختلف قسمن جيون مٺايون. ترڪاريون ۾ گوشت ضرور هوندو آهي. ماني کائڻ کان پهريان هٿ ڌوائڻ جو دور بہ وڏي کان شروع ڪيو ويندو آهي

اڄڪلهه سوڍا هندستان ڏانهن لڏي پيا وڃن ڇو جو هنن جون رشتيداريون هندستان ۾ جن علائقن ۾ آهن انهن علائقن ۾ پاڪستاني ماڻهوءَ کي وڃڻ جي اجازت تمام گهٽ ملي ٿي.

﴾﴿

# هُئَس وڏيرو وَڳَ جو

هُئَس وڏيرو وڳ جو، مڙني ۾ مهندار،
چِنمُ ٿي چاڳ مان، موڙيو مجر ٿار،
لکئي جي لغار، آٽي ٻڌم اکيا.

هن بيت جي تلاش ۾ مون وچي هڪ گهاٽي ۾ هلندڙ اُٺَ کي ڳولي لڌو، ڏسان ت اُٺَ جي اکين تي اکيا (کهوپا) ٻڌل هئا، تمام ڪمزور هو پوئين ٽنگَ تي هڪ وڏو ڦٽ (زخم) هو ۽ گهاٽي ۾ پئي گول گهميو. اتي مون کي شاهه سائين جو هيءُ بيت ياد آيو.

ڪنين ڪامڻَ ڳياءِ؟ ڪيئن پنيولئين ڳرها،
اکين مٿي اکيا، پِڙَ ۾ پيرَ ڳٺاءِ!
وَڳَ ڪين وسرياءِ؟ ٻڌو جئن گهاٽي وهين.

مالڪ گهاٽي جي مهريءَ هيٺيان سرنهن جو ٻجُ تيل ڪڍڻ لاءِ وجهندو پيو وڃي ۽ منهنُ ٽيڙو ڪري وات مان اُٺَ کي هڪلڻ لاءِ ڪِٽِڪارَ پيو ڪري ۽ اٺ پيو هلي.

هُنگرَ هلايو، ڏئي موڙ مُهار جي،
وسان ٿي ويو، ڳَرهو نہ ڪامون سهي.

مون مالڪ کان سوال ڪيو اٺ کي پلا ساهي ڏئين؟ ، چيائين ساهيون هيون وَڳَ سان، هتي ساهي ڏنم تہ آئون ۽ اُٺُ ٻئي ٻُکَ مرندا سين. پڇيم تہ ڪرهو ڪٿان ورتو اٿئي؟ چيائين اڄُ کان ٽي سال اَڳُ هن کي اڇڙي ٿَرَ مان لک رپئي ۾ وٺي آيو هوس.



لَکَ لاکيڻو ڳَرهو، کوڙيون ڏيئي ڪاهه،
ايلاچيُون آهُرَ ۾، پوُڄَ مَيي کي پاءِ،
ڳَٿَ نہ ڪندو ڪاءِ، پلاڻيو تہ پرينءَ مڙي.

پُڇيمُ ان وقت هن جي حالت ڪهڙي هئي، چيائين اصل ڦوهُ جوان هو مَستي ايڏي جو مهارَ بہ نہ وٺي اصل اُٺُ چوي تون ڪير؟ چيمُ پوءِ؟ چيائين پوءِ وري ڇا، اڇي ٻُکن جون مارون ڏنمُ، جنهن سان اثر اهو پيو جو هڪڙيءَ هونگر تي سڄو ڏينهن پيو هلي.

اَڄ نہ اڳئين ڊارَ ڳَرهو جيئن ڪاله هو،
اڳِڻ آيو نَ ڪري، پاهوڙي پچارَ
ڪا جا منجهہ قطار، وَلِ چنائين وِهَ جي.

منهنجي ٻئي منزل ان همراهَ ڏانهن هئي، جنهن ڪا هِنَ اِهو اُٺُ ورتو هو، وڃي ڳولهي لڌم. جيئن ئي مون فقير سان اُٺَ جو ذڪر ڪيو تہ فقير جيون اکيون ڀرجي آيون، چيائين سائين ڇو ٿا سورَ جاڳايو. اُهو اُٺُ ڪو نہ منهنجو ٻچڙو هو، هُنَ جي ننڍي هوندي ماءُ مري وئي هئي، آئون وَڳَ مان هُنَ کي گهر وٺي آيو هوس پوءِ پورا ٻہ سال هُنَ کي مون ٻڪريءَ جو کير پنهنجين آڱرين سان چوسائي وڏو ڪيو هو. جيڏانهن بہ ويندو هوس، پيو منهنجي پٺيان هلندو هو ۽ جي آئون نہ هوندو هوس تہ پيو رڙندو ۽ جهيرون ڳائندو هو.

گورو ڳلائون ڪري، اُيو اوٺين جون،
سائو پاسو سندن، ڏائو ٻہ ڏُڏائون،
ڏئي ڳهُ ڪامُنُ جو، چوکي چڏيائون،
اهڙو ئي آئون، جو وريو وهان وَڳَ سين.

پڇيم پوءِ؟ چيائين پوءِ وري ڇا، گوري مان اڇي ڪنواٽُ ٿيو.

هلڪا ڦلڪا پلاڻَ رکيم ۽ سواري شروع ڪيمُ. ڏاڍا ڏکَ ڏنائين پر آئون ڪو مُڙان، ٻنهي جي جواني هئي ٻنهي کي ڪا پرواهہ ئي ڪون هئي، ڪلندي ڪُڏندي خبر ئي ڪون پئي جو گورو اچي ڇهنِ سالن جو ڏاگو ٿيو. هاڻ سياري جي سيئن ۾ ڪجهہ مستي ڪرڻ شروع ڪيائين. خير قصو هلندو رهيو، اچي انن سالن جو ڦوهُ جوان نيشُ اُٺُ ٿيو. پڇيم نيشُ؟ چيائين اَٺِن سالن ۾ اُٺُ چار نيش ڏندَ ڪيندو آهي، جنهن کي مڪمل اُٺُ يا ڏاگو چئبو آهي. ميڙن (ميلن) ۾ وٺي ويندو هوس وڏي ڪوڏ سان نچندو هو ۽ تيزي بہ وڏي هئس. ڪوڏ مان نالو رکيم مجنو، هاڻ مجني جو ملڪان ملڪ نالو وڃڻ لڳو. هڪ رات ٻڌل ڇنائي ويو.

نَوَ نِيرَ پائي، جانً مون هنئڙو جهليو،
وِيڙو ڇِنائي، پوئينءَ رات پرينِ ڏي.

چيائين پير ڪنيمُ وڃي ڏسان ت اُٺُ هڪ ماديءَ اُٺ سان گڏ بيٺو آهي ۽ تارون ڪيدي مستيءَ ۾ پيو گُڙي. اُهي ٻئي مون ڪان پريً هئا. جيئن ئي اُٺَ جي مون تي نظر پئي تہ اُٺِ ڇڏي مون ڏانهن وڌڻ لڳو اچي ويجها ٿياسين، مون کي اچي ڏپُ ٿيو انهن ڏيهَنِ ۾ علاقي ۾ هڪ مستَ اُٺَ ماڻهو ماريو هو. سو سوچيمُ ت واپس وڃان ڪنهن کي گڏ وٺي اچان، وري سوچيمُ تہ سياڻي ڪنهن کي وٺي ايندس، اهو سوچي اڳتي وڌيُس، اچي ويجها ٿيا سين، اُٺَ ڳَرُ ڪٽي مون ڏي پئي آيو. اچي آمون سامهون ٿيا سين، اُٺُ منهنجو منهنُ سونگهڻ لڳو، منهنجي ڄڻ رڳن ۾ ساهُ ئي ڪون هو. ڪجهہ دير ۾ اُٺ ماٺ ڪري مون گڏ بيٺو رهيو، مون بہ ڏڪندڙ هٿن سان مُهارَ ناڪيليءَ ۾ فاسائي، پوئين پير گهر ڏانهن وڌڻ لڳس، ڏپ مان پُٺي نہ پيو ڏيان، ٿورو اڳتي هلي، پٺي ڏنم اچي گهر رسياسين اٺ کي ڪلي ۾ اٽڪائي اچي آهُرَ ڏنم پر اٺ ڪو ڪائي. اصل ڪاڏي کي ويجهو ئي ن وڃي.



چانگا! چَندَنُ نَہ چرين، مَيا! پِئين نَہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃين، ٿُڪيو ڇَڏئين ٿوڪَ،
لاٽي وچان لوڪَ، تو ڪهڙي اڪرِ آئڙي؟

هاڻ اچي مون کي ڊپ ٿيو تہ ڪٿي اٺ مونکي يا منهنجن ٻارن کي ماري نہ وجهي، سو اچي اُڻِ تُڻِ ۾ پيُس، سنگت يار بہ جهليو تہ اٺ جي ويجهو نَہ وڃجاءِ، سو ٻِهُ ڪيم وڪڻَڻَ جو. پڇيُمُ ڳاهُ نَہ پئي ڪاڏائين پو جيئرو ڪيئن پئي رهيو؟ چيائين اُٺُ مستيءَ ۾ پيو پنهنجو رَتُ ڪائيندو آهي.

اٺ نہ وڃي وڳَ سين، چري نَہ لاٽو،
ميي کي مجاز جو ٿوهي اندر ٽاٽو،
پٽاري پاٽو مرندي سين نَہ مٽيو.

پڇمُ پلا پٽاري کي گهاٽي تي چو ڏنئي، رَڙ ڪري چيائين آئون اونڌقلبو پُلجي پيُس، ڪاتيءَ جي ڊپَ ڪان سوچيم تہ گهاٽي ۾ هلندو تہ مستي بہ ختم ٿيندي ۽ جيئرو هوندو.

اٿي اڙائينس، ڇڏيو تَہ ڇيڪُ ٿيو،
ڪارايان ڪڙيو وڃي، پلاٽي پائينسِ،
ڏاوڻ تنهن ڏائِينس، جئن ڇَري ۾ چنگهي پُٽو.

پڇيُم پلا وري ڪڏهن ڏنئي؟ چيائين هائو هڪڙي ڏينهن پٽاري جي اچي ياد ستايو، سو وڃي ڏنم، ڏسڻ سان ئي منهنجا تہ ڦهَ نڪري ويا. اوچينگار ڏئي چيم تَہ مون هي ڇا ڪيو. ان ڪان تہ ڪاتي ئي صحيح هئي، اهو هيڪر سورُ هو هتي تَہ پٽارو روز جيئي ٿو تَہ روز مري ٿو.

وَڏِيَڻُ ۾ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ ٻَن پلاٽئاءُ، اولاٽئو نہ اُٺيي.

پڇيم ڪنهنجو بيت آهي، چيائينً ٻولي تہ شاهہ سائين جي آهي، باقي اوهين پڙهيا لکيا آهيو جنهنجو ڪريو.

ﮩﮩ

## هنجنِ سِينِ هيڪار، جي ٻاجهه ڪري نهارينِ

هنجن سين هيڪار جي ٻاجهه ڪري نهارينِ،
تہ ٻگهن سينِ ٻيهارَ ٻيلهہ نہ ٻڌينِ ڪڏهن،

فقير چوي ٿو هنجهَ پکين جي اڏام کي ڪير بہ رَسين ٿو سگهي، هوآسمان ۾اُڏامنِ ٿا ۽ پاتالَ ۾ موتي چُڳنِ ٿا. هنن جي منزل ڏُور ۽ پنڌُ اڙانگو هوندو آهي. اُهي آڏي ڏئي اڏامندا آهن ۽ اونهي ۾ آسَڻُ ڪندا آهن. انهن جي رمزکي هر عام نہ ٿوسمجهي سگهي.

جيهَرَ لوڪُ جَپَ ڪري اوهِيرَ اُڏامَنِ،
پِٿُون جي پاتارَ جا، چيتارئو چُڳَڻِ،
ڪوهُ ڪندا کي تَنِ، پاڙهيري پَهُ ڪري.

ٻَگهہ پکين جي هينيائين ۽ ننڍي اڏام هوندي آهي، ۽ خراب ۽ چِلڙَ پاڻيءَ ۾ رهندا آهن انهن جو کاڌو پونئرا ۽ ننڍيون مڇيون هوندو آهي.

ٻَگا ڪوهُ ٻُجَهنِ، تہ سِپُنِ ۾ چاسَپِجي،
ڦِريوڦَهيارنِ کي،وَريو واتُ وِجهَنِ،
سندي زاتِ هنجهَنِ،منهنُ لايوموتي چُڳي.

ڪنگُ پکي بہ ٻگهہ پکيءَوانگرخراب پاڻيءَ ۾ رهي ٿو ۽ چِلڙَ ۾ چُوڻِ ڪريٿو.

لُڙُ جو هيٺِ لَئِي، وِنِنِ هَٽي وڃائيو،
پيتو تَنِي پيئِيُون، جائُون منجهِ جَئِي،
ٻوڙُون منجهہ ٻَهِي ڪنگَ ڪُجاڙِئا پائِيين.



ڪانيرو (ڪانئرو) پکي سٺي پاڻيءَ ۾ چُوڻِ بہ ڪندا آهن ۽ ان پاڻيءَ کي گدلو بہ ڪندا آهن هي پکي ٽولن ۾ هوندا آهن ۽ سڄو ڏينهن لُڙُ ڪندا رهندا آهن. هنن جو ڪم صاف پاڻيءَ کي خراب ڪرڻ آهي.

ڪُوڙنِ ڪانيرَنِ، سُرَهو سَرُ وڃائِيو،
آڏيءَ راتِ اُٿِي ڪري دَدا دانهُون ڪَنِ،
سندي ذاتِ هنجنِ، منهنُ ڪوڙيو موتي چُڳي.

فقير چوي ٿو هنجهہ پکي ڏسڻ ڏاڍو خوبصورت ۽ قَدَ ٻُتَ ۾ وڏو سنهي ٻڳهي ڳچي ۽ رنگ جو سفيد ٿيندو آهي هيءُ پکي اڇي اونهي پاڻيءَ ۾ رهندو آهي.

اڇو پيو اَڇاهُ تہ اَئين اَڇائي اُٻَهو،
وِهَڻُ وَڙُ نہ آهنِ جو لُڙَ پاڻي لَلاهُ
سُسَر ڏجي ساهُ ڪُسَر ڪَنگنِ قبرون.

ٻگهہ پکي رنگَ جو اڇو سَنهو ٻگهو ۽ ڳِچي سنهي ٻگهي ڏسڻَ ۾ بہ خوبصورت هوندو آهي پر خراب پاڻيءَ ۾ چُوڻِ ڪندوآهي ڏُونڊَ ۽ گندُ بہ آهي.

ٻَگهنِ سِينِ ٻيلهَ ٻَڌِي، هنجهڙا مَ هيريجُ،
چِلِڙَ سين چاهَ ڪري، پَکَ مَ پُسائيجُ،
سو سَرُ ساڳائيجُ، جِتِ پارک سندي پَکِيين.

ڪنگُ رنگَ جو ڀُورڙو قدَ جو ننڍو هوندو آهي. ميري پاڻيءَ ۾ پونئرا پيو کائيندو آهي. جنهن پاڻيءَ ۾ ڪنگَ پکي رهندو آهي، ان پاڻيءَ تي هنجهَ پکي ڪڏهن ڪو نہ ايندا آهن.

اَڇو پاٽي لُڙُ ٿيو، ڪالُوِريو ڪنگَنِ،
ايندي لَڄَ مَرَنِ، تنهن سَرَ مٿي هنجهڙا.

ڪانئرو پکي رنگَ جو ڪارو اڇي پاٽيءَ ۾ اڇي لُڙُ ڪري خراب ڪري وري وجي ٻي ڪنهن اڇي پاٽيءَ کي ميرو ڪندو آهي.

ڪنگَ ڪانيرا، ڪانئرا، ٻگا ڇڪَ ڇُڙَنِ،
سي لَعلُون ڪيئن لَهَنِ، جي گهورا گهوگهيتَنِ جا.

پٽَ ڏٽيءَ هنجهَ پکيءَ جو مثال ان ماڻهو لاءِ ڏنو آهي، جيڪو هن دورنگيءَ دنيا ۾ پنهنجو پاندُ پاڪ رکندو آهي، ۽ هو سچائي، پاڪائي ۽ ارادي تي اٽلُ بيهڻ تي ئي يقين رکي ٿو. هو ڪڏهن بہ غلط ڪم نہ ڪندوآهي ٻُک مرندي بہ گندُن کائيندو آهي. جيئن هنجهُ پکي سچا ماڻِڪَ ۽ موتي کائيندو آهي، ايئن ئي اهو انسان سچَ حق جي راهَ تي اٽل بيٺل هوندو آهي.

ٻگاڪوهہُ ٻُجهَنِ، تہ سِپُن ۾ چا سَپَجي،
ڦريو ڦهيارَنِ کي، وَرئو واتُ وجهَن،
سَندِي ذاتِ هَنجهنِ، منهن لايو موتي چُٽي.

ٻَگَ پکيءً جو مثال ان انسان لاءِ ڏئي ٿو ٿو جيڪو رنگ ۾ تہ هنج وانگر سچ ۾ حق تي نہ هوندو آهي هو پاڻَ کي هنجہ وانگر صاف سٿرو سڏائيندو آهي، پر ان جي من ۾ هميشہ ڪوڙُ ۽ ٺَڳي هوندي آهي.

هَنجهنِ سِينِ هيڪارَ جي گُڻُ ڪري نِهاريينِ،
تہ ٻَگَنِ سين ٻِيهارَبيلہَ نہ ٻَڌين ڪڏهن.

ڪنگُ پکيءَ جي مثال ان انسان جي ڏني آهي جيڪو نہ تہ هنجهنِ وانگرصاف سٿرو هوندوآهي ۽ نہ وري ڪو هنجهن وانگرڪم هوندوآهي. پرمَنَ ۾ پنهنجي پاڻَ کي تمام وڏو سمجهندوآهي



هَنجهَ هَرِيوئي پيرُ، سَرَ سُڪي سالَ ٿيا،
ڪنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رَسي اِنَ رَمِزَ کي.

ڪانئيري پکي جي مثال ان انسان لاءِ ڏني آهي جيڪو نہ هنجهَ جهڙو آهي ۽ نہ ئي وري هنجهَ جهڙو سڏائي ٿو. ان ماڻهوءَ جو ڪم سدائين سني ڪم ۾ دخل اندازي ڪري اُنکم کي خراب ڪرڻ هوندوآهي. اِهواُهوانسان آهي جيڪو ڪنهن بہ ڪم جوڳہ آهي پرٻائتال اهڙو ڪندوآهي ڄڻ هيءُ ئي تہ آهي جنهن سان جهانُ هلي ٿو.

اونهُون جو اوڙاهہ هيءُ هنجهُ تنهن ۾ هوءِ،
اِيءَ ڪانئيرو ڪوءِ ڇاڇرَ ۾ ڇيريون ڪري.

فقير چوي ٿو هنجهَ ڪڏهن بہ متارا ڪون هوندا آهن هو هميشه گهٽِ کاڌوکائيندا آهن. آڏيءَ جو اڏرندا آهنِ انسان ذات کان هميشه پري رهندا آهن.

پکي سَپِ مَڇَنِ، هنجهَ هميشه ڏُٻِرا،
آهِنِ اَڳاهِينِ پندَّ جو وَهَمُ ويچارنِ،
لوڪُ سُتو ننڊَ ڪري، هي آڏي ڏيو اُڏِرَنِ،
مامري ماريءَ جي، هي رُڄنِ ۾ وڄيو رهِنِ،
الله تن ٻِپکِين ٻِسُمَهي سُکُ نہ ماڻِيو.

فقير چوي ٿو پِٽَ ڏٽي اها ڳاله انهن انسانن جي ڪري ٿو جيڪي هن دنيا جي ظلمت ۽ غفلط کان ٻڄَنِ ٿا ۽ اِنَ غم ۾ نڪو ٿا کائين نڪو ٿا پيئن. ساري عمر اهو اُلڪو هوندو اَٿن ڪٿي هننِ هٿان ڪو غلط ڪم نہٿئي. ان ڪري لوڪَ کان لڪي الله اڳيان آهو زاري پيا ڪندا آهن.

آڇو پئو اَڇاهُ، تہ ائين اَڇائِي اُٻهو،
وِهَڻُ وَڙُ نہ آهن جو، لُڙَ پائي لَلا هہُ
سُسَرِ ڏِني ساهہُ ڪُسرُ ڪنگنِ قبرون.

اتي شاهہ سائين چوي ٿو جڏهن خراب ماڻهو اچي سٺن ماڻهن جي جاءِ تي ويهي رهندا آهن تڏهن سٺا ماڻهو هليا ويندا آهن يا پاسيرا ٿي ويندا آهن.

فقير چوي ٿو هنج پکي ڪڏهن بہ ميري پاڻيءَ ۾ ڪونَ رهندو آهي، ۽ نہ ئي هوپاڻ ميرو هوندو آهي. هنجهُ جتي بہ رهندوآهي ان پاڻيءَ کي جرڪائي ڇڏيندو آهي.

هنجهَ مِڙوئي هنجهَ، ميرو منجهنِ ناهِ ڪو،
جتي رهن سنجهَ، سو سَرُ ڪرين سَرَهو.

چوي ٿو هنجن جهڙا انسان ڪڏهن ڪڙو ٻولُ نہ ٻوليندا آهن هميشہ مني ٻولي ۽ مني لولي واتَ ۾ هوندي اٿن. اِهي انسان هميشہ دنيا کي نيون راهون نيون واهون، نوان پنڌ پيچرا ڏيکاريندا آهن. اهي انسان جڏهن ڳالهائيندا آهن تڏهن ٻگنِ جهڙن ماڻهن جو واتُ بند ڪري ڇڏيندا آهن.

لَلي لَئي لاتِ، سَرَ ۾ ڪِيو سوجهرو،
ٻگا باتاڙا ٿيا، وائي ڳنِ نہ واتِ،
جُنگنِ پنهنجي ذات، نيئِي رَساڻي روهَ ڪي.

فقيرَ کان پڇيم يلا ڪي تو هنجهَ پکي ڏٺئي؟ اتي اکڙينِ ۾ آبُ آڻي چيائين مون هنجهَ پکي تہ ڏٺا پر هنجهنِ جهڙا انسان ضرور ڏٺا.

ڪارايَلَ جي ڪوڏَ، مون ڪينجهر سَڀِ نهاريو،
وري وانهيري نہ ورئا، لَلَا لاڪيڙيءَ لوڏَ،
هينئڙي جنِي هوڏَ، سي هنجَڙا سَڀِ هلي وئا.

فقيرُ چوي پيو تہ اجان بہ هنجهن جهڙا انسان هن خلقِت ۾ آهن پر اُهي انسان اسان جهڙن انڌن کي ڏسڻَ ۾ ڪونہ ٿا اچن. هيٺيون بيت ڏئي چوي ٿو انهن انسانن جي نشاني هيٺ ڙي آهي.



ماڻڪ ڇُوٽو ڄَنِ جو، هنج حُضوري سي،
چِلُڙَ ۾ چُهنِجَ هٽي، مڇي ڪِينِ نہ اي،
لوڪَ نہ لَڪِئاتي،جيلاهَ ڀُوٽَنِ ٻَگنِ ڳڏيا.

مون پڇيو اهي ٻگهنِ سان ڇو پيا گُهمن؟ اتي چيائين هنجهَ ٻگنِ نہ پر ٻَگَهہ هنَن سان پيا گهمنِ. چوي ٿو هنجَهنِ جا ساٿي جڏهن هليا ويندا آهن تڏهن ان کي اڪيلو سمجهي اچي ٻگنِ جهڙا ماڻهو گهيري وٺندا آهنِ. نہ تہ هو اڪيلوئي گذاريندا.

سَرَ ۾ ڀَڪي هيڪڙو، ڇَٽي ڇُونگاري،
جيڪا رضا رَبَ جي، سا ڀَڪيئڙو پاري،
وٽان ويچاري، وَڳَر سَڀِ وَهي وِئا.

فقير کان پڇيمُ اهي ٻگهنِ جهڙا انسان هنجهنِ جهڙن انسانن سان گڏُ رهندي بہ اهي هنجهن جهڙو ڪم ڇو نہ ڪندا آهن؟ چيائين اڙي پورا انسان جيڪي اندار جا ڪارا ۽ ٻاهرِ جا اڇا هوندا آهن آهي سيني کان خطرناڪ ٿيندا آهن. انهن کي اندر وينل ڪارو انسان ڪڏهن بہ سنو ڪم ڪرڻ نہ ڏيندو آهي.

لالُون لتاڙي، ٻگا ٻيءَ وِئا،
ڇُڻَنِ چِلُڙُ ڪنڌيينِ پکي ڀُوتِ پيا،
اُمُلُ اُتِ ڪئا، تانگهو ڄَنِ طَلِبئو.

پُڇيمُ يلا ڪنگهنِ جي ڏيو خبر اهي ڇا ڪندا آهن؟ چيائين ڪنگهہ پکيءَ جو مثال انهن ماڻهن جو آهي جيڪي نہ تہ هنجن يا ٻگنِ جهڙا اڇا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ئي وري هنجهَ وارو ڪم ڪندا آهن اهي ماڻهو ايڏا تہ سست ۽ ڪاهلَ هوندا آهن جو هڪڙيءَ جاءِ تي ساري عمر گذاري مري ويندا آهن. ۽ اهي جتي بہ رهندا آهن ان جاءِ کي گندو ڪري ڇڏيندا آهن.

اڇو پيو اَڇاھُ، تہ اَئين اَڇائي اُبھو،
وِھڻُ وَڙُنہ آھِنجو لُڙُپاٽيلَلاھُ،
سُسَر ڏجي ساھُ ڪُسَرِ ڪنگڻِ قبرون.

پڇيم ڪانئرن جي ڏيو خبر آهي اهو ڪهڙن ماڻهن لاءِ چوي ٿو؟ اتي ٿَھَڪَ ڏئي چيائين هاڻِ هِنَ دنيا ۾ ڪانئرن جو تہ راڄُ آهي. اهي جهڙا اندران ڪاراتهڙائي ٻاهرا ءِ هُلُ ايڏو پياڪن جڻ هنجهَ بہ اهي تہ مورَبہ اُهي. ءِ اسان ڄاڻون ٿا تہ اُهي ڪوڙ ُ پياڳالهائين پوءِ بہ اسان انهن کي ساٿُ ڏيون ٿا انجو مطلب اسان بہ ڪانئرا آهيون.

ويا مورَ مري، هنجهُ نہ رهيوهيڪڙو،
انهن آکيرن تي وِيٺا چِپ چڙهي،
وطنُ ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئرن جو.

فقير ڪان پُڇيمُ جيڪڏهن هنجهنِ جهڙا انسان موجود آهن تہ پوءِ اهي ظلم خلاف ڪُڇَنِ ڇونٿا. چيائين ڪنهن جي اڳيان ڪڇنِ هيءُ ملڪ سڄو ٻگنِ، ڪنگڻِ ءِ ڪانئرن جهڙن ماڻهن گهيري ڇڏيوآهي. ان ڪري ويچارا لِڪا پِٽَنِ ملڪَ ۾.

ڪُسَرِ ڪنگڻِ قبرون، سُسَرِ ساڱاهيڄُ،
هنجهَ هُتي جي ڳالَهڙي، ٻَگَنِ مَ ٻوليڄُ،
ماڻي ٿُون مَريڄُ، ڇَئِڄُ مَ ڪَهِين ڇُهنجَ سِين.

چيائين هيءَ پليل دنيا سٺن انسانن جو قدر نٿي ڪري تڏهن هن دنيا ۾ ڪروڌِ ءِ ڪينو آهي. اسين سڀ پليلَ آهيون جو انهن کي سڃاڻو نٿا. انهن وٽِ ظلم ءِ ڏاڍ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليون آهن، پر اسان عقل جا انڌا وتون ٿا ٻِگهنِ ءِ ڪنگَنِ جهڙن انسانن پٺيان پِٽِڪندا.

هيءُ نہ هنن ڏيهہ، هِتِ مسافر هنجڙا،
پِري موتين ڳچيون، پسڻ آئيا پر ڏيهہ،
وڃي ساٿِن ويهہ، متان وڃن اڏامي اوچتا.



چوي پيو هن دنيا ۾ ايڏو تہ گند ءِ خلفشارُ آهي جوسٺن ماڻهن جيڪا هلي ئي نٿي. ان ڪري ماٺ ٿي ويهي رهيا آهن.

جنهن پاڻيءَ ۾ پُونئرا، چِلُڙُ چِڪَ گهٽي،
ويا چِٽُ ڪَٽي، تنهن سَرَ مٿان هنجهڙا.

مون چيو تہ اڇي سٺا انسان ماٺِ ٿي ويهي رهيا تہ اهي ٻگهن ءِ ڪنگن جهڙا ٿي ويندا؟چيائين تون چوين سچ ٿوهن وقت انهن هنجن جهڙن انسانن جي هن دنيا کي وڏي ضرورت آهي. انهن کي اڳيان اچي هن خرابي جو حصو ٿيڻَ جي بجاءِ خرابيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن.

پَڪِيئڙا پوئِيان، لَڙهِيُون موتِين سنديون،
آءُ اڏامي تون، توکي جهوليءَ ۾ جهوئيان،
تہ سيئي ڪنبَ ڪٿوري ۾،تنهنجا لاڪيٽا لوئيان،
ساري سموئيان، هڪ هڪ ڪري هٿنِ سِين.

فقير چوي ٿو پري ڇو پيو وڃين اهو سٺو انسان تون بہ ٿي ٿوسگهين. پنهنجي اندرِ جهاتي تہ ڏِسُ اُهو هنج اهو ٻگهہ، اهو ڪنگُ ءِ اهو ڪوڙو ڪانئرو تنهنجي اندر آهي. هاڻِ اهو توتي آهي تہ تون ڪهڙي پکيءَ جي روپ ۾ هن دنيا ۾ اچين ٿو.

سو پکي، سو پڃرو، سو سر، سوئي هنجهہ،
پيهِي جان پروڙيو، مون پاهنجو منجهہ،
ڏيلُ جنهن جو ڏنجهہ، سو ماري ٿو منجهِ وڙهي.

# وَڳَرَ ڪِئو وَتَنِ، پِرِتِ نہ ڇِنن پاڻَ ۾

وَڳَرَ ڪِئو وَتَنِ، پِرِتِ نہ ڇِنن پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيئڙَنِ، ماڻهنِئان ميٺُ گهڻو.

فقير چئي ٿو هڪ شڪاريءَ مون کي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن سڄو ڏينهنُ رليُسُ پر شڪار نہ مليو. مايوس ٿي گهرَ ڏانهن موٽندي ڏسان تہ هڪ ڪونجن جو ولر مون مٿان گذريو آئون لَڪُ وٺي لِڪي ويهي رهيس جڏهن ڪونجن جي روهہَ مون مٿان گذريو ان مهلَ مون بندوق جو ڏڪ هيو. تنهن تي هڪ ڪونجَ ولرَ مان ڇِڄ زخمي ٿي ڪِرِ پئي.

بَغَلَ منجِهہ بندوقَ، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
ماري ميرَ ملوڪَ، لتاڙيو لَڪُ چڙهي.

جتي ڪونجَ ڪِري اتي هڪ وڏو جهنگُ هو ۽ شام جو وقت هو مون ڪونجَ گهڻي ڳولي پر ڪونجَ نہ ملي، راتِ ٿي وئي آئون بہ گهر ڏانهن روانو ٿيس. سڄي راتِ ان اُلڪي ۾ گذري تہ ڪونج نہ ملي، ڇوجو ڪونج جو اهو شڪار منهنجي زندگيءَ جو پهرين شڪار هو. ۽ مون کي ڪونج ڏسڻ جو وڏو شوق بہ هو. سو ٻئي ڏينهن وري صبح سوير وڃي زخمي ڪونجَ ڳوليم پر ڪونجَ نہ ملي اِتي ڏسان تہ ڪونجن جي روهہَ رڙيون ڪندي پئي اچي.

ڪوهُ نہ ڪُٽِڪِيين ڪُونجِڙِي، روهِ نہ وِيِئِين راتِ،
اَڄُ تُنهن جي تاتِ، سَر ۾ سارَڻَ آئِيُون.

ڏسان تہ مونکان ٿورڙو پري ان زخمي ڪونج بہ رڙيون ڪرڻ



شروع ڪري ڏنيون تنهن تي روهہَ مان هڪ ڪونجَ ڇِڄِي رڙيون ڪندي سڏي اچي زخمي ڪونج وٽ لٿي. آئون بہ ڊوڙي اچي انهن ڪونجن جي ويجهو ٿيس ڏسان تہ ٻئي ڪونجون پاڻ ۾ پَرَنِ جو ياڪُرُ پائي دانهون ڪن پيون، اُهي ڪونجن جون دانهون اُپُ ڏاريندڙ هيون. دانهون ڪندي ڪندي زمين تي هيٺ ڪِري پيون آئون ويجهو وڃي ڏسان تہ ٻنهي ڪونجن ۾ ساهُ ڪو نہ هو.

مَ لَئون ڪونجڙي ماٺِ ڪَرُ، چورُ مَ هيئين چاڪَ،
ڦٽيون جي فِراقَ، سي گَهرِ گهاريندي‍ون ڪيترو.

منهنجي پيرن هيٺيان زمين ڇڏائي وئي ۽ آئون بيهوش ٿي پٽ تي ڪِرِي پيُسُ، گهڻيءَ دير ڪانپوءِ هوش آيو توبه زاري ڪندو گهرَ ڏانهن موٽيُسُ، ان ڏيهن ڪان پوءِ مون شڪار ڪان بَسِ ڪئي.

ماري مَرِين شالَ، ڏِپَ وَڃِنَئِي ڏِٻِيُون،
جيئن تو اچي ڪالهہ، وِڏو وِڇُ وَرِهَنِ جو.

فقيرُ چوي ٿو ڪونجَ ڏسڻ ۾ خوبصورت ۽ ٻولي مٺي هوندي اٿس هن جو رنگ گهرو سرمئي ڳچي سنهي ڊگهي پير ڊگها ۽ قد جي پوري پني هوندي آهي. ڪونجن جو قرب وڏو مشهور آهي اهي هميشه قطار ۾ اڏامنديون آهن اها قطار گهڻو ڪري پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر اَڌُ گول وانگر هوندي آهي. ڪونجن جي خاصيت اها آهي اهي هميشہ پَرُ پَرَ سان ملائي اڏامنديون آهن. ۽ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي پٺيان قطار ڪري نہ اڏامنديون آهن.

وَڳَرَ ڪِيو وَتَنِ، پِرِتِ نہ ڇِنَن پاڻَ ۾،
پَسوپَکِيئڙَنِ، ماڻهنئان، ميٺُ گهڻو.

ڪونجن جي باري ۾ هڪ هيءَ ڳالهہ مشهور آهي تہ اهي

پنهنجي ديَس ۾ آنا لاهِي سفر ڪنديون آهن. انهن آنِن جي ڦٽڻَ جي اُلِڪي سڄي سفر ۾ پيون جهيرينديون ( رڙيِنديون) آهن ۽ اهو بہ مشهور آهي تہ هنن ڪونجن جي اِنَ سِڪَ ۽ اُڪِير ۾ ئي آنا پَچِي ڦٽندا آهن. ٻچا نڪرڻ مهل اهي ڪونجون واپس آڪيري تي ويهنديون آهن.

ڪُونجن ڪي ڪِيمَ چَئو جي ٻاجهارو ٻولِين،
ساريو سانپِيڙَنِ ڪي، رَڙيُون ڪِئو رُئَنِ،
سائين سندا ٿَنِ، ٻَچا ميڙِيين ٻاجهَ سِين.

فقير چوي ٿو ڪُونجون سَڄو ڏينهن سفر ڪنديون آهن نِما شامَ ڏاري اچي ڪنهن سڏي پَٽَ (سڏي زمين) تي لهنديون آهن لَهڻ کان پهريان ان پَٽَ جي چئوطرف گول ڦيرا ڏئي اچي لهنديون آهن.

قِسمَتَ آنديون ڪُونجڙيون، وطن سندُنِ روهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ، رِزِقُ رازِقَ هَٿَ ۾.

ڪُونجون اُڏامندي بہ رڙيون ڪنديون آهن تہ لهندي مهل بہ هنن جي رَڙ ۾ وڏو سوزَ هوندو آهي. ڪونجون هميشہ گڏجي وَڳَرَ ۾ رڙنديون آهن. جيڪڏهن ڪا هڪ رَڙندي آهي تہ ان سان ٻيون گڏجي ڪيِهُون ڪنديون آهن پوءِ گهڻيءَ دير تائين منهن مٿي ڪري پيون رڙنديون آهن.

روهَ راماٽا ڳنِ، اَڄُ پُرڻُ هَلَڻَ واريون،
ڳرڳلُ ڪُونجِڙِين، رائي ۾ راتِ ڪِئو.

فقير چوي ٿو ڪُونجن مان ڪا ڪڏهن وڇڙي وڃي ٿي تڏهن ٻيون وچوڙي جون پيون وايون ڳائينديون آهن. ۽ اهي هر سال ان وڇوڙي واريءَ جاءِ تي اچي ڪجه دير رهي رڙيون ڪري پوءِ اڏامي وينديون آهن.

ڪُونجڙيءَ ڪالهَ لَئِي، سَڄَڻَ وِڏَمِ چِتِ،
آءُ جَنِ رِيءَ هِتِ، گهنگهرَ گهاريان ڏينهڙا.



ڪُونجن جي روهَ مان ڪا ڪونج بيمار يا ٿڪجي ٿي پوي تہ ان لاءِ ڪونجن جو روهُ وڏا وَسَ ڪندوآهي تہ ان ڪونجَ کي گڏ وٺي هلي. ان ڪوشش ۾ ان روهَ کي جتي هڪ راتِ رهڻو پوندو آهي اتي ٻ ٽہ ياٽي راتيون بہ گذري وينديون آهن. ۽ جڏهن اها زخمي يا بيمار ڪونج اڏامڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ان سان گڏوگڏ اهو روهُ سارو ان ڪونج سان اوترو ئي حُلانپ ڏيندو اڏامندو آهي جيترو اها ڪونجَ اڏامندي آهي. اهو قرب پريو منظر عجيب هوندو آهي.

ڪالهونڪرَ ڪُونجَ، ڪري اُتَرَ ڏي آلابَ،
پرين پَسي منجهِ خواب وهاڻيءَ وايُون ڪري.

پوءِ جڏهن پوري روهہَ کي پڪ ٿيندي آهي تہ اها اسان جي ساٿي ڪونجَ هلڻ جي قابل نہ رهي آهي پوءِ ٿڪجي هاجي آسرو پلي رڙيون ڪنديون وچوڙي جيون وايون ڳائينديون اڏامنديون هليون وينديون آهن.

مَ لَنؤ ڪُونجڙي ماتِ ڪر، چورُ مَ هِنيِين سَلَ،
ڳوڙها مٿي ڳلَ، جِمَ وِهاڻيءَ وِهائِيين.

فقير چوي ٿو ڪونجَ پنهنجي ساٿي ڪونجن کان وڇڙڻِ کان پوءِ نہ آرام ڪندي آهي ۽ نہ ماتِ هوءَرڙيون ڪندي مري ويندي آهي.

وَڳَرَ وِساري، وينِيِن ڪِئن ماتِ ڪري،
ڪِ تو نہ ماري، رُڻِجُهڻِ سَندِي سَڄَڻِين.

ڪونجَ جون رڙيون ٻڌي ٻيا پکي بہ اچي ساٿ ڏيندا آهن پرهن کي اُڪيرَهميشه پنهنجن جي هوندي آهي سو هيءَ ويچاري نہ ٻين سان گڏچُٽندي آهي نہ ئي ٻين سان پُٽندي آهي.

وڏي وَڳَرَ هيرِئِيين، چُٽِي نہ ٻِئَنِ گڏُ،
ڪُونجَ ڪريندي سڏُ،وِيئِي وِهاميراتِڙي.

هن خوبصورت ۽ معصوم پکيءَ جو شڪاري شڪار بہ ڪندا آهن. جيتوڻيڪ هن ۾ ڪو گهڻو گوشت نہ هوندو آهي پر هن جي خوبصورتي ۽ مٺي ٻولي هن جي مرڻ جو سامان آهن.

ڪونجن ڪي ڪِينَ چونِ، جو ٻاجهارو ٻولين،
ساريو سانبيڙن ڪي، رڙيون ڪيو رونِ،
سائين سندا تونِ، ٻچا ميڙين ٻاجهَ سين.

ڪونجَ ڪي هڪ تہ بندوق سان ماريو ويندو آهي ۽ ٻيو وري ڏٻ جيڪو ڪَکِن ۾ لِڪائي ڦاهيو ويندو آهي، جنهن ۾ چوڻ اڇلائي ويندي آهي جنهن جي چٽڻ تي اهو معصوم پکي ڦاسي پوندو آهي.

ڪونجَ نہ پَسين ڪَکَ، ڏٻُ جَنِي سِين ڏِڪِئو،
مارِيءَ ماري لَکَ، وَڳَرَ هٽي ويڇُون ڪئا.

فقير ڪان پڇيم ان ڪونجن جي داستان ۾ ڀٽائي سرڪار اسان کي ڪهڙو سبق ڏئي ٿو؟ تنهن تي چيائين بابَلَ وچوڙي ڪان ڪو وڏو سبق ٿيندو آهي.

ڇُٽي نہ ڀَنُئَان ڏار، وڏي وَڳُرَ هيرئين،
ڪونجن لاءِ قطارَ، رائي ۾ رڙي مئي،

وَڳَرَ اُڪِيري سَرُ، سارئو سُورَ چَري،
جُهريي جهڄَندي ڏي، سنيها ڪي سڄَڻِين.

وطن جي حُبَ ضروري آهي توهان زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيترا بہ اڳتي نڪري وڃو پر وطن کي ياد رکن ۽ وطن ڏانهن موٽڻ ضروري آهي.

ڇُٽي چيتاري، ڪُونجَ ڪاڇي ڪنڏيين،
سَڳَرُ سو ساري، هئي جنهن جي هيرئين.



يعني پنهنجي ساٿيءَ سان ساٿ مرڻ گهڙيءَ تائين توڙ نباهڻو آهي.

ڪونجڙيءَ ڪالهَ لَئي، سجڻُ وڏوم چِتِ،
آئون جنين رِءَ هِتِ، گهنگهر گهاريان ڏيهڙا،

مطلب تہ پنهنجن تي ڀيرو ضرور پرڻو آهي.

وَڳَرَ ۾ وائي، ڪالهَ تنهنجي ڪونجڙي،
سَرَ ۾ سارينئي گهڻو پينر ۽ پائي،
پَسين نہ ڦاهي،جاماري سندي مَنَ ۾.

پنهنجا جڏهن هليا ويندا آهن انهن کي بہ ياد ڪرڻ ضروري آهي ۽ اهو بہ ياد ڪرڻ ضروري آهي تہ اسان کي بہ هتان جلدي وڃڻو آهي.

وَڳَرَ ويا وَهي ڪالهَ، تنهنجا ڪونجڙي،
ڪندين ڪوهُ رهي، سَرَ ۾ سُپيرين ريءَ،

يعني تہ پکين ۾ ايڏو قرب ۽ ٻڏي آهي تہ پوءِ اسين انسان پاڻ ۾ چونئا ٻڏي ۽ قرب ڪري سگهون. فقير چوي ٿو لطيف سرڪار جي ٻڏيءَ واري پيغام تي عمل اڄ اسان سنڌين لاءِ اشدُ ضروري آهي. اڄُڪله خاص ڪري سنڌ ۾ انتشار، بگاڙ ڪروڌ ۽ نفرت جو عروج آهي يعني دنيا جي هر برائي اسان ۾ گهر ڪري وئي آهي. جيڪڏهن ان برائيءَ خلاف اسان ٻڏي نہ ڪئي سون تہ اسانجو نالو نشان بہ نہ رهندو.

# تَنِ سُورَنِ کي شاباس، جَنين مُون سِينِ گهاريو

تَنِ سُورنِ کي شاباشِ، جَنِين مون سِين گهارِيو،
هِڪُ وِيو هوتَ سِين، سَڀِ رهيا مُوهِين پاسِ،
جدِڙِهين پُنهُون مِلِياسِ، تَڏَهِين ويچارا ويا هليا.

فقير چوي ٿو جنهن هن دنيا ۾ سور نہ سَنا تنهن جڻ ٺلهي گهوئي کاڌي. اهي سور ئي تہ آهن جيڪي سجڻن جي سُڌِ ڏين ٿا، سکن ۾ تہ نہ ساچاهہ هوندي آهي ۽ نہ ئي وري سُرتِ.

سَرَتِيُون سُورُ پُنهونءَ جو، سُجن ۾ شامِلُ،
کوهيارو کامِلُ، مونکي ڏُکَ ڏيکاريو.

ڏُکُ انسان کي سيکاري ٿو سُکُ انسان کي کاري ٿو. هن دنيا ۾ جيڪي بہ عظيم انسان ٿيا آهن انهن ڏک ڏٺا آهن سکن جي اُهي اوڏا ئي کون ويا شايد اهي ڏک نہ ڏسن ها تہ انهن جو نالو ٻُڌڻ وارو بہ ڪير کون هجي ها.

سکر سي ئي ڏينهن جي مون گهاري بند ۾،
وسايُمُ تي وَڏَڦُڙو، مٿي ماڙِين مينهن،
نِيرَنِ منهنجو نيهنُ، اُجاري اچو کيو.

فقير چوي ٿو سُکِيا گهڻو ڪري احمق هوندا آهن يا وري کم چور. مون پڇيو اهو وري ڪيئن؟ چيائين سکئي کي ڪڏهن بہ اندر جي وِلوڙ نہ هوندي آهي. اندر جي ولوڙ ڏکئي کي هوندي آهي اندر جي ولوڙ ئي



توهان کان کو کارنامو سرانجام ڏياري ٿي.

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهن، گهوريا سُکَ ڏُکَنِ تان،
تَنِهي جي وِرُونهن، سَجَڻُ آيو مون گهري.

فقير هڪڙو قصو ٻڌائيندي چوي ٿو وقت جي بادشاهہ ابراهيم بن آدم جي محل ۾ هڪ نوڪرياڻي ڪم ڪندي هئي. هڪ ڏينهن اها نوڪرياڻي ڪم ڪندي ٿڪجي پئي سوچيائين تہ ٿورڙو آرام ڪري وٺان. سو هوءَ ابراهيم بن ادم جي ريشمي بستري تي سمهي پئي. بسترو عاليشان هو هن کي ڪجهہ آرام گهڻو اچي ويو. ايتريءَ دير ۾ ابراهيم بن ادم بہ اچي ويو ڏسي تہ هن جي بستري تي ڪنيز ستي پئي آهي. ان ستل ڪنيز کي ابراهيم بن ادم ڪجهہ لَڪُڻَ وهائي ڪڍيا.

سُورنِ سانديياسِ، پُورنِ پالِي آهيان،
سُکنِ جي سيڌُ چئي، پُکي آئون نہ پِياسِ،
جيڪسِ آئون هياسِ، گُرِي گُوندرَ وَلِ جي.

تنهن تان اها ڪنيز رَڙ ڪري اٿي ۽ کلندي کمري مان نکري وئي. ابراهيم بن ادم ان کي گهرائي پڇيو تہ تون پهريان رُني ۽ پوءِ کلندي ٻيگي وئي ان کلڻ ۾ ڪهڙو راز آهي؟

تنهن تي ڪنيز جانِ جي امان گهرندي عرض ڪيو آئون تہ ان بستري تي ڪجهہ گهڙيون ستي آهيان جنهن تان مون کي ايتري مارَ ملي آهي. جيڪو انسان ان بستري تي سڄي عمر سُتو آهي ان سان ڪهڙو حشر ٿيندو.

اها ڳاله ٻڌي بادشاهہ حيران ٿي ويو ۽ سوچيائين تہ مارُ ٻِڌِسان هيءَ تہ مون کي سبق ڏئي وئي. واقعي سُکنِ سان سجڻ نہ ملندا محبوبن لاءِ ڪشالا ڪرڻا پوندا. سو بادشاهہ هاڻ ان ٻُڌِ تَرِ ۾ هو تہ ڪجي ت چا

ڪجي.

هڪ ڏينهن ڏسڻ هڪ درويش بادشاهه جي محل تي رَسو ڪلهي تي رکي هونگر لايو ويٺو آهي. بادشاهه ان درويش کان پڇيو تہ فقير ڇا پيو ڳولهين تنهن تي فقير وراڻيو اُٺيُون وڃائجي ويون آهن سي پيو ڳولهيان. بادشاهه چيو فقير چريو ٿيو آهين اُٺيون وڃي جهنگلَ ۾ ڳوله منهنجي محل ۾ توکي نہ ملنديون. تنهن تي فقير وراڻيو جيڪڏهن مون واريون اٺيون ان محل ۾ نہ آهن تہ پوءِ تون جنهن کي پيو ڳولهين اهو توکي محل ۾ نہ ملندو. اها ڳالهہ ٻڌندي ئي بادشاهه محل مان نڪري وڃي جهنگل وسايو.

جڏانهن ڪرِ ٿيامِ، ساڃاهَ سُپيريان جي،
تڏهان ڪرِ تِرَ جيترو، ويلَ نہ وِسريامِ،
اندر روح رهيامِ، سڄڻَ اوطاقون ڪري.

پوءِ سڄي زندگي الله جي عبادت ۾ گذاريائين ۽ غلطين جي معافي وٺندو رهيو ۽ روئندو رهيو.

نَڪِي روئَڻَ واريون، نَڪِي ڪي اوسارين،
مُونهِين ڪي مارِينِ، مُوهِين سَندا ڏُکَڙا.

پوئيان بادشاهيءَ جو نظام درهم برهم ٿي ويو تنهن تي ان بادشاهيءَ جي ريائيا سوچيو تہ هلي ابراهيم بن اڌم کي جهنگل مان وٺي ٿا اچون. سو ان بادشاهيءَ جي خلقت اچي ابراهيم بن اڌم کي ڏسي تہ هو هڪ درياءَ جي ڪناري تي آهوزار روئي رهيو آهي.

گوندرَ وِڏو پيچُ، ماءُ منهنجي جيءَ کي،
ڏکوئين جو ڏيچُ، روئڻُ رَتُ پِرينِ لئي.

ان رعايا ابراهيم بن اڌم کي عرض ڪيو تہ سائين توهان کانپوءِ بادشاهي رُلي وئي آهي اسان دربدر ٿي ويا آهيون ڇڏيو جهنگل هلو



بادشاهي سنڀاليو گهڻي اصرار کانپوءِ ابراهيم بن اڌم ان خلقت سان هڪ شرط رکي، چيائين آئون هڪ ڪم توهان کي ٿو ڏيان جيڪڏهن توهان اهو منهنجو ڪم ڪيو تہ آئون توهان سان گڏ هلندس. هنن چيو تہ سائين اسان تنهنجو هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر توهان اسان سان گڏ هلو. ابراهيم بن اڌم هڪ سُئي پاڻيءَ ۾ اڇلائي ان خلقت کي چيائين اها سُئي مون کي ڳولي ڏيو تنهن تان انهن ماڻهن ابراهيم بن اڌم کي چيو سائين اهيو تمام مشڪل ڪم آهي سو اسان جي وس کان ٻاهر آهي. ان جواب بعد ابراهيم بن اڌم درياءَ جي مڇين کي حڪم ڪيو تہ اها سئي ڳولهي ڏيو تنهن تي سڀ مڇيون اچي حاضر ٿيون انهن مان هڪ مڇيءَ جي وات ۾ اها سُئي هئي.

ابراهيم بن اڌم ان خلقت کي چيو تہ مون توهان تي هيتري عمر حڪمراني ڪئي ۽ توهان منهنجو هڪڙو ننڍڙو ڪم بہ نٿا ڪري سگهو. هاڻ ڏسو مون اهي محل ماڙيون ڇڏي اچي جهنگل ۾ الله کي راضي ڪيو اٿم تنهن ڪري مون لاءِ هر ڪم آسان ٿي ويو آهي.

سَوَ سُکنِ سانتي ڏَئي، وِرهُ وِهائيمُ هيڪڙو،
مون کي تنهن نِيهي، پيرُ ڏيکاريو پرينءَ جو.

فقير چوي ٿو اهو بادشاهه انهن ململ جي بسترن تي سمهي ها تہ ان سان الله ايترو راضي ڪون ٿئي ها. هن اهي ململ جا بسترا ڇڏيا، بادشاهي ڪاڏا ڇڏيا، بادشاهت ڇڏي وڃي جهنگل ۾ ڏُکَ ڏٺائين، انهن ڏکن اهڙا سهنجَ ڪيا جو هاڻ اهو بادشاهه مڇين جو بادشاهه ٿيو ويٺو آهي.

ستي ملن نہ سُپَرين، ويني وَرَ نہ پَوَنَ،
جي رندَنِ مٿي روئَنِ، ساجنُ ملي تَنِ کي.

فقير چوي پيو گهر ويني سُورَ ڪون ملندا آهن سورن لاءِ وڏا

ڪشالا ڪرڻا پوندا آهن. ۽ سورن جو جنهن مزو ورتي ڏنو تنهن کي ڪڏهن آرام ڪون ايندو.

سنڌيون سورَ ڪَرِينِ، هَڏَ پُڙُ ڏُکَنِ هوتَ لاءِ،
پُنهونءَ جي پاڙ ڏِنا، سي سُتي سُکُ نہ ڏِينِ،
جي ماڻهوئَنِ کي مارين، تَنِ سورن کي سَڏَ ڪريان.

مونکي چيائين تون ڪڏهن بہ اهو نہ سمجهجان تہ سکيو رهي منزل ماڻيندين منزل اهي ماڻي جنهن سُکَ ڇڏي ڏکن جي ڏوليءَ پيا.

سِڪَنِ واري سَڏُ، متان ڪا مونسِين ڪري،
اندر جنِين اڏُ، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

مون کان پڇيائين توکي ڪڏهن عشق ٿيو آهي؟ مون چيو نہ. ان تي وڏي رَڙ ڪري چيائين پوءِ فقير تون ايڏا خفا ڇو پيو ڪرين؟ ماٺِ ڪري جاءِ جَهلُ. چيائين عشق بنا انسان اڌورو آهي. ۽ آئون جيڪي تو سان ڳالهيون پيو ڪريان انهن جي توکي سُڌِ بہ ڪون پوندي. چيائين جڏهن نہ عشق ٿيئي تڏهن توکي ڳَلَ پوندئي. مون چيو جيڪڏهن عشق نہ ٿيو آهي تڏهن بہ تو جهڙن عاشقن جي صحبت بہ نصيب ٿي آهي. چيائين اسان کان عشق وري ڪٿي ٿيو مڙي پئي جهنگ ۾ جهوتون پاتيون سين.

جيڪِي سِڪَڙُ سِڪُ، نا تہ پَسُ سِڪنديُون،
پاسي تَني مَ لِڪُ، نِيهُن نہ سُڃاڻَنِ جي.

چيائين عاشقن جي منزل دور ٿيندي آهي عاشقن اهي جيڪي زهرُ بہ ماکي ڪري کائيندا آهن.

عاشق زهرَ پِياڪَ وِهُ ڏسي وِهسِنِ گهٽو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
توڙي چِکَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلِينِ عامَ سين.



چيائين يار توکي کهڙي خبر تہ سُورُ ڇا هوندو آهي، جڏهن توکي عشق ٿئي تڏهن تون خلقن کي ڏَسَ ڏيندين تہ سڄڻِ جو سورُ ڇا هوندو آهي.

سَگهنِ سُڌِ نہ سُورَ جي، تہ گهايَلَ ڪيئن گهارين،
پِيَلُ پاسو پَٽَ تي، وايوڙَ نہ وارينِ،
پَرَ ۾ پَچَنِ پرينِ لاءِ، هَئي هنجهون هارين،
سَجَڻَ جي سارين، تَنِ رويو وهامي راتڙي.

چيائين سسئيءَ جو قصو ٻڌو اٿئي؟ مون چيو مڙي ڪجه ڪجه. چيائين محبوب سائين سسئي مڙئي سورُ اٿئي. سورنِ جي سُڌِ وٺڻي اٿئي لطيف کي ضرور پڙهُ خاص ڪري سسئي، جنهن ۾ سسئي سورنِ کي چوي ٿي مون وٽان محبوب تہ ويا هليا، ٻيلي سُورَئو اوهين تہ مون وٽِ رهو تہ جيئن آئون اوهان سان اندر جون ڳالهيون اوريان.

سُورَ مَ وڃيجاءِ، سڄڻَ جيئن سانگِ ويا،
پِريَنِ پُڇاڻا، آئون اوهان سِينِ اورِيان.

هڪڙيءَ جاءِ تي تہ سسئيءَ حد ڪري ڇڏي آهي اها مستيءَ ۾ اچي سورن کي سڏَ ڪري ٿي.

سُورنِ ڪري سَڏَ، هلندي سُورن سامُهِي،
سُورنِ ساڙِيَسِ هَڏَ، سي پُڙُ سيڪي سورن سِينِ.

فقير چوي ٿو ايئن ئي هر وڏي منزل ڏُکَ ڏاران نہ ملندي آهي. هيءُ جيڪو اڄ ڪله اسان جي معاشري ۾ گهوڙو ڪٽڪ لڳو پيو آهي انهيءَ جو واحد سبب اهو ئي تہ جو اسان هر شيءِ سک سان وٺڻ چاهيون ٿا جيڪا نٿي ملي.

سِڳَڻُ ۽ سُوري ٻئي اکر هيڪڙي،
وِهَڻُ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏني نہ جڙي.

انهيءَ سُڪُ گهٽن جي تڏا ويڙهہ ڪري ڇڏي، چيائين تو ٻڌو ناهي تہ اڪثر اهو چوندا آهن تہ يار فلاڻي ماڻهوءَ هيترو گڏُ ڪيو هو. ان جي مرڻ ڪانپوءِ ان جي پٽ ڏَڪَ ۾ وڃائي ڇڏيو. اهو ان ويچاري پٽ جو قصور ناهي، ڇو جو هن ڪڏهن ڏک ڏٺا ئي ڪون. اها ملڪيت، اها شهرت، اهو مان مرتبو سنڀالي تڏهن ها جڏهن هو پاڻ گڏ ڪري ها، ڏک ڏسي ها تہ هن جي هٿنِ مان پيءُ جيون اهي ميڙيل شيون وڃن ڪون ها.

ايئن ئي اهو اسان سنڌين لاءِ سبق آهي تہ اسان کي اڳهور ننڊ مان جاڳڻ کپي ۽ پهنجي لاءِ پنهنجن ٻچن لاءِ، پنهنجي قوم لاءِ پنهنجي سرزمين لاءِ ڪجهہ ڏک ڏسو ۽ سور سهون تڏهن وڃي ڪجهہ حاصل ٿيندو. نہ جيڪو آهي سو بہ هٿان هليو ويندو.

پيري پيري ٻڌُ، سورائتي سندرو،
ڪيچُ اڳاهون پنڌُ، سورن رِءَ نہ سُٽرو.

فقير کان پڇيم عشق ڇا ٿيندو آهي؟ چيائين جيڪڏهن تنهنجي اندر ۾ ڪا باهِ ٻري ۽ ان باهِ کي وسائڻ لاءِ تون ڪنهن جي تلاش ۾ هجين، انهيءَ اندر جي باهِ کي عشق چئبو آهي.

پڇيم سُورُ ڇا آهي؟ چيائين سور عشق جو حاصل آهي. سورُ ملئي ڄڻ عشق جو قلُ ڪاڏئي،. ۽ محبت عشق جي ڪيتي اٿئي. ان ڪيتيءَ جو جنهن قلُ ڪاڏو ڄڻُ اهو ئي سرهو ٿيو.

جيئن جيرو ڪائي ڄَرُ، عشق ايئن ڪري،
اجان پِرتِ پري، ڳالهِ ڳاٺهيتي ناهِ ڪا.



پڇيم عشق ڪنهن سان ٿيندو آهي؟ چيائين عشق الله جي مخلوق سان ٿيندو آهي. پڇيم مخلوق سان ڪيئن؟ چيائين عشق انسان سان بہ ٿيندو آهي ۽ ڌرتيءَ سان بہ ٿيندو آهي ۽ ڌرتيءَ تي ٻيءَ مخلوق رهي ٿي ان سان بہ عشق ٿيندو آهي. پر انسان وارو عشق وڏيڪ لذت ۽ جٽاءُ وارو ٿيندو آهي.

پڇيم خدا سان عشق ٿيندو آهي؟ چيائين خدا جي مخلوق وٽان ئي خدا سان عشق جو جو رستو گذرندو آهي.

پڇيم پنهنجي پاڻ سان عشق ٿيندو آهي. چيائين عشق جي آخري منزل اها ئي تہ آهي جڏهن عاشق ۽ معشوق هڪ ٿي ويندا آهن. تڏهن بندو سڄو سور ٿي ويندو آهي. چيائين ڏسين ڪون ٿو اهي عليل الف ننگا عاشق جيڪي نڪو ٿا کائين نڪو ٿا پيئن، نڪو اٿن اوڍڻ جو الڪو نڪو پهرڻ جو الف ننگا ٿيو عشق جي سور ۾ چورُ ٿيو پيا گهمن، اهو سُورُ هنن لاءِ سُکُ اٿئي.

سُوريءَ مٿي سيڻَ، کهڙي ليکي سَنِرا،
جُہ لڳا نيڻَ، تہ سُوريائي سيجَ ٿي

ﮞ

## ڪانگ نہ ڪوڙا هُونِ، پريان سندي پارَ جا

اڇيو اڇيو پُونِ، واڪا ڪِيو وَڻَنِ ۾،
سَنيها سَڄَڻَنِ جا، چوٽيءَ چڙهيو چُونِ،
ڪانگ نہ ڪُوڙا هُونِ، پِرِيان سندي پارَ جا.

فقير چوي ٿو ڪانگ يا ڪانوُ ڪارڙو ڪوجهڙو، پکي جنهن جي نہ شڪل سٺي نہ ئي ٻولي مٺي پر پوءِ بہ عاشقن ۽ معشوقن جو پيارو پکي.

آءُ ڪانگلَ تو ڏِيان، هينئون ساڻِ هَٿَنِ،
وڃي ڪاءُ ولاتَ ۾، اڳيان عجيبن،
مانَ پرين پُڇَنِ، تہ هينئن قربانُ ڪيرُ ٿيو.

هي پکي رات مهل ڪنهن وڏي جهنگ يا هڙيءَ ۾ ٽولن جي صورت ۾ رهندا آهن. جيئن ئي سانجهي ٿيندي آهي هي پکي رڙيون ڪندا ساهيون ڪائيندا هڪ ٻئي کي هڪليندا ٽولن جي شڪلن ۾ پنهنجي واهري ورندا آهن.

وَڻَنِ وينا ڪانگ، وچئين ٿي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، سُٺِي سانجهيءَ ٻانگَ،
سي ئي ڏونڊي سانگَ، جتي ساهڙُ سُپَرين.

صبوح ٿيندي ئي کاڌي جي تلاش ۾ نڪري پوندا آهن. هي پکي کاڌي جي تلاش لاءِ باقاعده منصوبابندي ڪري نڪرندا آهن. ان منصوبابندي تحت علائقا ورهائي رکندا آهن. جيئن تہ سڀ ڪانوَ ڪنهن



هڪ ڳوٺ يا هڪ علائقي ۾ نہ هجن تہ جيئن کاڌي جي تلاش ۾ مشڪلات نہ ٿئي. هنن پکين جو کاڌو گوشت، مانيون، سبزيون، اناج، فروٽ ملطب جيڪو مليو سو کاڌو.

هنن پکين جي ٽولي ۾ هڪ اڳواڻ هوندو آهي، جيڪو هر مهل ساٿين کي خطري کان هوشيار ڪندو رهندو آهي.

هنن پکين جي خاصيت اها آهي تہ هي پکي ڪنهن بہ معاملي تي گڏ ٿي حل ڪڍيندا آهن. جنهن کي عام زبان ۾ ڪانگيرو چيو ويندو آهي. ۽ ٻيو اهيو تہ مشڪل وقت ۾ پنهنجي ساٿي کي مشڪل مان ڪڍڻ لاءِ بہ وڏا وسَ ڪندا آهن.

هيءُ پکي پنهنجي پاڻ کي وڏو سياڻو سمجهندو آهي، پر حقيقت ۾ هيءُ آهي بہ وڏو هوشيار. اسين هن پکيءَ کي ايئن چئي سگهون ٿا تہ هي پکي طبيعتن وڏو شاطر آهي.

مثال طور جيئن ئي هيءُ پکي کو خطرو ڏسندو آهي تہ ان تي ايڏو لُڙُ ڪندو آهي جو سڀ ڪانوَ اچي ان خطري واريءَ جاءِ تي اچي گڏ ٿيندا آهن، انهي مان هنن جي دليري بہ محسوس ٿئي ٿي تہ هڪ ڪانوَ کي خطري ۾ ڏسي ان خطري واري جاءِ تي ڳچ ڪانوَ اچي ڪٺا ٿيندا آهن. ۽ جڏهن کو ڪانوُ مري ويندو آهي ان مهل ٻيا ڪانوَ وڏو لُڙُ ڪندا آهن، ۽ گهڻيءَ دير اهو روجُ راڙو پيو هلندو آهي.

ڪانگلَ ڪُهُ ٿيو، جو پيو آهِين پَٽَ تي،
اَڳي اُسَ تِڙِڪو نہ سهِين، اَڄُ سارو ڏينهن سَنوءِ،
پَسِي حالُ سندوءِ، ڪانگنِ ڪانگيرو ڪيو.

فقير چوي ٿو هن پکي بندوق، تيرڪماڻ، يا غليل ڏني جڻ هو ئي ڪونہ! نہ صرف پاڻ پڄندو پر پوري راڄ کي رڙيون ڪري پڄائيندو. هيءُ پکي هميشه خوف ۾ بہ رهي ٿو ۽ چئني پاسن تي هن پکيءَ جي نظر

هوندي آهي. ڪانءُ ڪاڏو بہ وڏي خوف سان ڪائيندو آهي. جڏهن ڪو بہ خطرو محسوس ڪري ٿو تہ وڏيون دانهون ڪندو آهي جنهن تي ٻيا ڪانوَ بہ اچي ڪٺا ٿيندا آهن.

ڪانءُ پکي وڏو سخي دل بہ آهي جو هن جي آکيري ۾ ڪوئل پکي ڪانوَ جا آنا ٽوڙي پهنجا آنا رکي ويندو آهي ان مهل ڪوئل ۽ ڪانوَ جو وڏو جهيڙو هلندو آهي ڪانءُ پنهنجا ٻچا بچائڻ لاءِ وڏا وس ڪندو آهي پر پوءِ بہ ڪوئل ان ڪم ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي. اهو حشر ڪانوَ جي اکين جي آڏو زوريءَ ٿيندي بہ انهن ڪوئل جي آنن کي ڪانءُ ٽوڙيندو نہ آهي پر آرو پچائي ڦوڙيندو آهي. اهي آنا جڏهن ڦٽندا آهن تڏهن پنهنجا ٻچا ساري ڪانءُ وڏو روڄ راڙو ڪندو آهي. ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ اهو ڪانءُ ٻين کي فرياد ڪري رهيو آهي تہ هيءُ مونسان ڪهڙو ظلم ٿيو آهي. ان مهل ٻيا ڪانوَ ڪانگيرو ڪري هن جي غم ۾ شريڪ ٿيندا آهن پر اهو ڪانءُ انهن ٻچن کي ماريندو ڪون آهي الٽو پاليندو آهي. پوءِ جڏهن اهو ڪوئيل وارو ٻچا وڏو ٿي ٻيءَ ٻولي ڪندا آهن تڏهن بہ وڏو لُڙُ ٿيندو آهي تہ اڙي گهوڙا ڙي هيءُ ڪهڙو ظلم ٿيو آهي. هيءُ تہ منهنجي ٻولي بہ نٿو ڪري. ان مهل بہ سيئي ڪانوَ ڪانگيرو ڪري نصيبن تي ياڙي ماٺ ڪرائيندا آهن. هيءُ پکي پنهنجي پاڻ سان اهو ظلم سهي بہ انهن ڪوئل جي ٻچن کي ڪارائي نپائي وڏو ڪري پنهنجي اصل نسل ڏانهن موڪليندو آهي.

ڪانءُ پکي وڏو سوڙِي پکي آهي ان ڪري خطري کي جي ويجهو ئي ڪون ويندو آهي. هن جي باري ۾ مشهور آهي تہ ڪانءُ ڦاسي تہ بہ ٽنگو ڦاسي. اهو انهيءَ لاءِ تہ هيءُ پکي ٻئي پير گڏ ڪٽي ٽپڪيون ڏيندو هلندو آهي ان ڪري جتي بہ ويهندو آهي اتي ٻئي پير گڏ رکندو آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪا ڪوڙڪي ڦاسايل هجي تہ ان ڪوڙڪيءَ مان ڪاڏو ڪيڻ



لاءِ ڪانءُ ان ڪوڙڪيءَ تي ٻئي پير گڏ رکي رکي ڪاڏو ڪائيندو آهي. جنهن سان هو ٻنهي پيرين قابو ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ ٻيا پکي هڪ پير ڪوڙڪيءَ تي ۽ ٻيو پير زمين تي رکندا آهن.

فقير چوي پيو ڪانگ کي گهريلو پکي بہ چئي سگهجي ٿو هيءُ پکي گهرن ۾ ايڏو تہ هجائتو هوندو آهي جو گهر جي ٻارڙن جي هٿان ماني ڦري ويندو آهي. ٻهراڙي ۾ اڄ بہ جڏهن ماني پچندي آهي تڏهن ڳوهيل اٽي جا پنوڙا ٺاهي هن پکي کي ڏنا ويندا آهن ۽ پڻ مانيءَ جو ٽڪر ٽوڙي هن کي ضرور ڏنو ويندو آهي

پکيڙا پوئيان، لَڙهِيُون موتِين سنديون،<br>
آءُ اُڏامي، توکي جهوليءَ ۾ جهوئِيان،<br>
تہ سَپيئي ڪنپَ ڪٺُوريءَ ۾، تنهنجا لاڪيٽا لوئيان،<br>
ساري سَمُوئِيان، هڪ هڪ ڪري هٿِن سِين.

فقير چيائين ڪانگ جي باري ۾ هڪ چوٽي هيءَ بہ مشهور آهي ته ملائڪن ڪان پوءِ آسمان ڪان رُوءِ زمين تي ڪانگ پهريون قاصد آيو هو. چون ٿا جڏهن نُوح نبيءَ جي ٻيڙي پاٽيءَ تي هئي تڏهن نُوح نبيءَ ڪانگ پکي کي قاصد ڪري موڪليو هو تہ وڃي هيٺ زمين ڏسي اچي ٻڌاءِ تہ ڪهڙو زمين جو ٽڪرو سُڪلُ آهي تہ اتي هلي ٻيڙي لاهيون. پر ڪانگُ ويچارو اها ڳاله وساري سڪل زمين ڏسي ڪاڏو ڪائڻ ويهي رهيو. دير ٿيڻ بعد نُوح نبيءَ ڪبوتر کي اهو ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو. ڪبوتر ڏسي ڪانگ سُڪلُ زمين تي ڪاڏو پيو ڪائي.

سو ڪانگُ مَ قاصِدُ ڪَرِ، جو سدا ڍونڍي ڍُونڍَ کي،<br>
ڪِ ڪندو پهچي پيٽَ جي، ڪِ ويندو دوستن دَرِ،<br>
جنهن جي ٻولي ٻَرِ ٻَرِ، سو نياپا ڏيندو ڪهڙا.

پوءِ جڏهن ڪبوتر ۽ ڪانگ سڪل زمين جي خبر وٺي وري جڏهن ٻيڙيءَ تي پهتا تڏهن نُوحَ نبيءَ ڪانگ جي ان غلطيءَ جي ڪري پِٽَ ڏني تہ تُون هميشه خوفَ ۾ رهندين. تڏهن کان هيءُ غريب پکي هميشه خوف ۾ رهندو آهي.

هُئِين وسيلو وِڃَ جو، ڪانگلَ پارِيَئِي ڪانَ،
اوتِيَئِي عجيبَ ڪي، ظاهر ساڻِ زبانَ،
توڙُ پُهِتِي تانَ، اورِيان ئي آڻِيو ڏين.

ڇيائين اِنَ خوفَ واري ڳاله جي ڪري تہ ڪانگُ ڪڏهن بہ ڪوڙُ نہ ڳالهائيندو ان ڳلهہ کي نظر ۾ رکندي عاشقن ۽ معشوقن هن کي وري هڪ ٻئي ڏانهن قاصد ڪري موڪليو آهي.

پرين جي پرڏيهِ ويا، تَني ڪانگلَ ڪِجُ خبرَ،
تہ سَڀِ مَڙهِيان سونَ سِين، پکي ٺُهنجا پَرَ،
گُهمِي مَٿان گهر، ڏِجُ پارانيا پرينِ کي.

فقير چيو هيءُ پکي سوڻِي هئڻ جي ناتي ڪجهہ ماڻهو هن پکيءَ سان بہ سوڻَ ٻولائيندا آهن. مثال طور ڪانگ جي ٻوليءَ کي ڪجه ماڻهو سمجهي ويندا آهن تہ اڄ ڇا ٿيڻو آهي. ان ڪري هو ان خطري کان بچڻ لاءِ مختلف طريقا اپنائيندا آهن. يا وري هن پکيءَ سان هيئن بہ سوڻَ ٻولايا ويندا آهن، تہ جيڪڏهن ڪو ڪانگ ڪنهن ماڻهوءَ جي ساڄي پاسي اچي ڳالهائي تہ سمجهيو ويندو تہ سڄڻ ڏانهن سُڪُ آهي، ۽ جيڪڏهن کاٻي پاسي اچي ڳالهائي تہ سمجهيو ويندو تہ سڄڻَ سُکَ ۾ نہ آهن.

ڏائي چَڙهِي ڏارَ تي، ڪِي جو ڪانوَ ڪهِيو،
سُورائِتِيءَ سُور پَئي، ڪامِي اَرِٿُ ڪنيو،
پَهو پَٽِ هَنيو، ويچاريءَ وِرُونہَ مان.



ڪانوَ جي باري ۾ هيءَ ڪهاوت بہ مشهور آهي راتيان ٻولي ڪانئرو، ڏيهان ٻولي سنيار (گدڙ) يا مري ڏيہَ ڌٽي يا ڏيہَ ۾ پئي ڏڪار.

دنيا ڀلي هن ڪارڙي ڪانوَ کي ڪوجهو قرار ڏي پر عاشق معشوق لاءِ هن جي ٻولي هيئين جو ٺار هوندي آهي. ڇو جو هو هڪ ٻي لاءِ نياپا هن پکيءَ ذريعي موڪليندا آهن.

ڪانگلَ سي ئي ڪوٺِ، پرين جي پَرَڏيه ويا،
جَنين رِءَ جهانَ ۾، اَڪٿِرِين اَروٺِ،
لِلا لَڳِ لطيفُ چَئي، ڪِجُ ڳاراڇو ڳوٺ،
جي ڏمريا ڪنهن ڏوٺِ، سي اُڏامي آڻِ پرين.

فقير کان پڇيم لطيف سائين ان ڪانوَ کي ايڏو وڏو مٿي ڪنيو اٿس، ان جي مقابلي ۾ ڪبوتر سهڻو پکي آهي ان کي ڇو نہ ڳايو اٿس؟ فقير ٿڌو ساهُ ڪڍي چوي پيو تہ اڙي پورا لطيف سائينءَ هميشه ڪِنڙَنِ ڪوجهِڙَنِ کي پائني ٿو. ڇيائين لطيف جا ڪردار جوڳي، سامي، عورت، ڪانگ يعني جنهن ڪردار کي معاشري ۾ گهٽ سمجهيو ويندو آهي تنهن کي لطيف سرڪار تمام مٿي ڪڍي ويو آهي اها ئي تہ لطيف جي وڏائي آهي.

پڇيمُ ڀلا ان ڳالهہ تي اسان کي ڪهڙو پيغام ملي ٿو؟ ڇيائين لطيف اسان کي پيغام ڏي ٿو اهي ماڻهو جيڪي تنهنجي در تي روز اچن تَنِ جو قدر ڪر، انهن کي ڪِنا سمجهي در تان دِڪار نہ اهي تو سان محبت ڪن ٿا انهن کي ئي قرب سان ڪوٺي اچي اڱڻ تي وِيهار مٿان اهي اڏامي وڃن.

مٿان منهہ منهنجي، ڪنهن اڏاريو ڪانوُ؟
ڳنهي آيو ڳالهڙي، سندي سُپيرِيانءُ،
جيڏيون جاڙَ ڪِياءُ، سُئُمِ هُوندَ سَنيهڙو.

چوي پيو اهي ٺي تہ وڏا امانت دار اٺئي انهن تي ئي ڀروسو ڪري پنهنجي محبوب ڏانهن پيغام موڪل.

اُڏرِ لَڳُ الله، ويلو ڪر نہ وچ ۾،
آئون جو ڏِيَئِين سنيهو، سانڍِ برابر ساهَ،
سندي ڳُجهاندرَ ڳاهَ، ڪَهِجُ مَ قريبنِ رِيءَ،

فقير چيوجنهن کي ڏپ هوندو آهي سو ئي سچو هوندو آهي، اهي ڪڏهن بہ ڪوڙُ نہ ڳالهائيندو آهن. جيڪو چَيَئي سو ئي سچڻ کي چوندو.

پانڌِي پنڌِ ڀَوِيجُ، وجي پريان سندي پيچري،
وجڻ مهل وقت جون، سختيون سڀ سهيجُ،
ڪري سِرُ صدقو، رَمِي اُتِ رَسيجُ،
مُرَهُون مَ موٽيجُ، ملڻَ بنا محبوب جي.

فقير چوي پيو اصل ۾ لطيف سرڪار ڳاله تنهنجي منهنجي پيو ڪري ڪانگ ويچاري جي مٿي اَڙَڪئي اٿس. ڳاله مٿئي ڳُجهَ جي ڪئي اٿس، ان ڳاله کي ڪي سالِڪَ سمجهن تنهنجي منهنجي وس جي ڳاله ناهي پيارا.

آنديون ڪانگَ قريب جيون، اڄُ واڌايُون واهَ،
مَنَ مُرادُون پُنيُون، ٿيون سراهيُون ساهَ،
آندا پرين الله، سَڏَ منهنجا سابِ پيا

# گهوڙن هَنيُون گهٽِيُون، اُنَنِ هَنِئِي آءُ

گهوڙن هَنيُون گهٽِيُون، اُنَنِ هَنئِي آءُ،
جا نِيهُنُ ڳِنَڍي ناءُ، سا مون جيئن پوندي مامِري.

سَسُئيءَ جو پيرو کڻڻ لاءِ وڃي ڀنڀور مان نڪتُس. وڃي ڏسان ڀنڀورُ هاڻِ ڀنڀور نہ رهيو آهي اهو هاڻ مٽيءَ جو ڍير آهي. ڪجھ سمجھ ۾ نہ پئي آيو. همٿ ڪري ڀنڀورُ ڇڏي جبل ڏانهن منهن ڪري ڪيچَ جو پنڌ ڇڪيمُ.

ڀنڀوران ٻاهر ٿي، هلي آسَ پلي،
ڪَرهَنِ جي قدمنِ جي، مٽي منهن ملي،
جانبَ لَءِ جلي، روئي ٿي رتَ ڦڙا.

ڪجھ اڳتي هلي جبل جهاڳيندي منهنجي استاد خالد سُليمان قاضيءَ جي ڳالھ ياد آئي جيڪو چوندو هو ته سَسُئِيُون اجان آهن. تنهن ڳالھ کي ياد ڪري مون کي آسرو ٿيو ٻيلي سَسُئي ملندي ضرور.

پُڇان جي نہ پُڇان، تہ بہ وڃڻ جا وَس ڪيان،
سَڳُرُ آئون سُڃان، تہ رائي ۾ رَڙي مُئي.

هو عجيب شخص هو. هُو نئيي هوندي انگريزي اسڪول جو پڙهيل، مرسڊيز، مَسِلِسِ ۽ رولسِراڙِ گاڏين ۾ گهميل سنڌ جي سياسي سڪئي ستابي گهر سان تعلق هئس، تمام گهڻو پڙهيو لکيو جڻ ڏاهپ جو درياءُ ۽ علم جو سمنڊ هو. هن جو نئيي هوندي نالو خيام هيو پر پوءِ مائٽن



هن نالو متائي خالد رکيو ۽ هن کي ڪوڏَ ۾ گهر وارا پَپُو بہ چوندا هئا. جڏهن هو چاليهن سالن جي عمر ۾ اچي ٿو تہ هُنَ کي آئون ٻَپُوت بابُوءَ جي شڪل ۾ رِڻن ۾ رُلندي، جبل جهاڳيندي ۽ جهنگل جهوتيندي ڏسان ٿو.

ڪَڙهي ۽ ڪَڙي، ٻَرَ ۾ پيرُ پُنهُونءَ جو،
سِڪَ ٻِڏائين سندرو، جانِبَ لئہ جَڙي،
لَڪَنِ سِرِ لَطِيفُ چئي، مُنڌَ جميڙي ۽ جَهڙي،
پَٽِيءَ تان نہ پَڙي، جي عمِرِ سڀ ايئن ڪري.

هن وٽ ايڏو تہ علم جو خزانو هو جنهن جي وزن سان هو هميشه جُهڪي هلندو هو. هن ڪنهن کي اهو ڪڏهن ڪون چيو تہ ڪو آئون سنڌ جي هڪ تمام وڏي سياسي ۽ پڙهيل لکيل گهراڻي قاضي خدابخش مورائي جي خاندن جو فرزند آهيان، جيڪو 1937 ۾ ڪراچيءَ جو ميئر رهيو آهي. هن جو ڏاڏو سنڌ جو پهريون AG ايڊوڪيٽ جنرل پڻ هيو. ننڍي هوندي تربيت سندس چاچي قاضي مظهر ڪئي هئي جيڪو پڻ وڏو پڙهيو لکيو پٽي جو ويجهو ساٿي هو ۽ جنهن برطانيا ۾ پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو هو ۽ شادي بہ اتان جي هڪ انگريز ڇوڪريءَ سان ڪئي هئي. پپوُ ننڍي هوندي کان ئي انتهائي نفيس ۽ هوشيار ڇوڪرو هو. هيءُ پڙهائيءَ ۾ هميشه نمبر کڻڻ وارو ڇوڪرو هو.

پپوءَ هن جي سنگت هڪ ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿي جنهن سان هن جي مڱڻي بہ ٿي هئي. هو چوي ٿو جڏهن اسين پاڻ ۾ ويهندا هئا سين تڏهن لطيف، رومي، ڀڳت ڪبير، شڪسپيئر، ثقافت، تاريخ، موسيقي ۽ دنيا جا ٻيا علم اسان جو موضوع هوندا هئا. چوي پيو گهڻو ڪري هوءَ شيڪسپيئر ٻڌائيندي هئي ۽ آئون لطيف ۽ وڏي بحث کان پوءِ آئون هميشه هارائي ويندو هئس. مون پڇيو يار شيڪسپيئر لطيف کان وڏو شاعر هو جو تون بحث ۾ هارائي ويندو هئين؟ لُڙڪَ لاڙي چيائين يار محبوب

اڳيان هارائڻ ۾ ئي تہ ۾ ئي تہ مزو آهي.

سَري نہ جَنِ رِيءَ ساهُہ رتِي رُسُ مَ تَنِ سِيِن،
هُو جهڙِيِنِ ٿُون جَهڪو ٿيءُ، پاندُ ڳِچِيءَ پاءِ،
پارَ وِجي پرچاءِ، متان رنوئي رهجي وَڃِين.

چوي پيو جڏهن اسان جي دوستي عشق جو روپ اختيار ڪري چڪي هئي، تڏهن هن جي ماءُ مون کان رشتو ٽوڙي هن ڇوڪريءَ جي ڪنهن ٻئي سان شادي ڪرائي ڇڏي.

ڪو جو لَڳِسِ ڪانُ، آرِيءَ جي عشقَ جو،
ٿي نِماڻِي نِيشانُ، ڇڏي سانگو ساهَ جو.

ان ڏينهن مون گهر ڇڏي جبل ڏانهن منهن ڪيو سياري جا ڏينهن هئا، هڪ ڪاري شال منهنجي ڪُلَهنِ تي هئي ٻيا سڄڻِ جا سُورَ سيني ۾ هئا.

لَڳُمُ بارُ پروچَ جو، اَمَڙِ جَهل مَ مُون،
سَپِ رَڳِينديسِ رَتَ سِين، ڪيچان اوري پُون،
مادَرِ مَٿان مون، ڪانگ لَمندا ڳَڏَهن.

ٻہ ڏينهن ٻہ راتيون بنا کاڌي بنا پيتي ٻرَ ۾ پئي ٻَتِڪِيَسُ جبل جهاڳيندي هڪ ٻڪرين جو ولرُ ڏٺم ٻڪرين جي ٻڪرارن مون کي پاڻي پياريو ۽ کير بہ ڏنو. تقريباً ڏهَ ڏينهن جبل ۾ رهيُس ڏينهن جو ٻڪرار ٻڪريون ڪاهي اچي ويندا هئا سي ٻڪرين جو کير ۽ ڪجه ماني بہ کارائيندا هئا. رات ٿيندي هئي سڄڻَنِ جا سورَ چِتَ تي چڙهندا هئا، آئون جوش ۾ اچي وڏيون رڙيون ڪندو هوئس.

هُئان هوتَ پُنهونءَ سِين، مون جيئن ملاقاتِ،
تہ ٻانهُنِ وِجهي واتُ، رِيهون ڪيو رُجُنِ ۾.



چوي ٿو تہ منهنجيون رڙيون ٻڌي جهنگ جا گدڙ ۽ ڪتا بہ مونسان گڏ اوناڙيندا هئا.

هَلندي هوتَ پُنهُونءَ ڏي، کُهِجَنِ ٿيون کوڙِيُون،
پَهَرُ تَنِي پَٺُ ٿئي، جي لالڻَ لَ٥ءِ لُنِيُون،
سَيئي سَهيلِيُون سِڪَ کي چُنجُون ۾ چُوڙِيُون،
ٻانيَڙِ ڏِي ٻُوڙِيُون، تہ ڪُتا کِينِئي ڪيچَ جا.

سڄي رات داهون ڪندي صبح جو ٻڪرار بيهوشيءَ ۾ ڏسندا هئا. اهي ويچارا پاڻي ڇنڊي مونکي هوش ۾ آڻي ڪجه ٽُڪُرُ ڳِپو ڏيندا هئا پر مون کي وڻندي ڪون هئي پر هو ويچارا زوريءَ کارائيندا هئا.

نڪا طلبَ طعامَ جي، نَڪا ٻُکَ نہ اُڃَ،
اَصُلِ اباڻي ڏيجَ تي، ساري ڏِنُمُ سُڃَ،
رائو رُلَڻُ، رُڃَ، ڪَمِيٽيءَ قُوتُ ٿِئو.

ڇيائين هڪ رات لطيف جو هيءُ بيت چِتَ تي چڙهي ويو.

ڪَنِ پَٽَ، ڪاپَٽَ ڪاپِڙِي، ڪنوڙِيا ڪَنَ چيرَ،
سدا ويهِين سامُهان، عاشق اُتَر هيِرَ،
تَسِيا ڏَئي تَنَ کي، ساڙيائون سَرِير،
جي فَنا ٿيا فقير، هلو تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

سو مون سياري جي قاتل رات ۾ ڪپڙا لاهي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي اُتَرَ منهن ڪري سڄڻ کي سارڻُ شروع ڪيمُ صبح جو ٻڪرارن بيهوشيءَ ۾ ڏٺو منهنجو جسم سيءَ سڪائي ڇڏيو هو. ٻڪرارن ويچارن وڏا وس ڪيا پر مونکي هوش نہ آيو تَنِ مون کي ڪپڙي جي ڏولي ٺاهي پنهنجي گهر وٺي ويا. ڏهَ ڏينهن جبل ۾ گذاري آئون جڏهن گهر ڏانهن موٽيُس تڏهن مونکي هيءَ دنيا جڻ ڪائڻ پئي آئي. ڪجه ڏينهن گهر

گهاري پوءِ رِڻَن جو راهي ٿيس جيڪو اڃان پيو پٽڪان.

جيئن سِي هرڻ، هماءُ، سرگردان سنسارَ ۾،
هُو پَڳُ نہ ڪوڙيِ پَٽيِن، هُو سَرُ ڏِڙُ نہ ڏَڙِي ڏار،
جيڪَس ان ملاءُ، سَسُئيءَ سُورَ پرائيا.

هو اڪثر چوندو هو تہ الله سائين منهنجي جيڪر هيءَ خواهش پوري ڪري تہ جيئن آئون ڪنهن ڏڪوئيل انسانن جي سيني تي هٿ رکيان ۽ ان جا سيئي سُورَ پنهنجي سيني ۾ سانيڍي ڇڏيان ۽ هن کي سُور کان آزاد ڪري ڇڏيان. آئون چوندو هئس سُورَ تہ تو وٽِ اڳيئي گهڻا آهن ٻين کي ڇا ڪندين. جواب ۾ چوندو هو يار مون وٽ اهي سُورَ نہ پرِين جا پُورَ آهن. انهن پُورن ۾ وڏو مزو اٿئي.

سنڌِيُون سُورَ ڪَرِين، هَڏَ پُڙُ ڏُکَنِ هوتَ لئہ،
پِرِينءَ جي پاڻ ڏنا، سي سُتي سُڪُ نہ ڏِين،
جي ماڻهنِ کي مارِين، تَنِ سُورَنِ سَڏَ ڪريان.

تاريخ، مذهب، موسيقي، ادب، جو ماهر هو. لطيف هن جي رڳَ رڳَ ۾ رچيل هو. هُو چوندو هو تہ لطيف سرڪار کي جنهن سنڌيءَ ماڻهوءَ نہ پڙهيو تہ سمجه ان تي سنڌي هئڻ جو شڪ واجب آهي. هو لطيف جي بيتن کي انگريزيءَ ۾ ايئن ٽرانسليٽ ڪري پڙهندو هو جڻ لطيف پاڻ پيو ڳالهائي. چوندو هو اسين سنڌي رڳو لطيف کي شاعر يا اميدون پوريون ڪرڻ وارو پير ٿا سمجهون. چوي ٿو تہ لطيف دنيا جي ڏاهن مان هڪ آهي اسان جو سماج جيڪڏهن لطيف جي پيغام کي سمجهي وڃي تہ اسان دنيا کان گهڻو اڳتي هجون.

هو چوندو هو تہ علم، دولت، ۽ شهرت گهڻو ڪري ٽِن نسلن کانپوءِ انسان ۾ فضيلت آڻين ٿيون. ان ڳاله تي مون کي هن سان اعتراض هوندو



هو. تنهن تي هو دليل ڏيندي چوندو هو تہ انسان اصل ۾ جلدباز ۽ بي صبرو آهي. تنهن کي جيڪڏهن ايڏيون وڏيون نعمتون جلدي ملي وڃن تہ هو پنهنجي آپي مان نڪري ويندو آهي. انڪري اهو انسان انهن شين جو غلط استعمال ڪندو آهي. انهيءَ غلط استعمال ڪرڻ جي ڪري اهو انسان انهن ٽنهي شين کي جلدي وڃائي ويهندو آهي.

ڪاهوڙين ڳَرا، سُوڌي خَبَرَ پَڪيَان،
سوجهي جَنِ ڳيا، متي انگُهنِ آنهِرا.

ان ڳاله جي جهلڪ قاضي صاحب جي زندگيءَ ۾ وڏي نمايان هئي. اهي ٽئي ڳالهيون وٽ هجڻ باوجود بہ هن ۾ سادگي، نوڙت، ۽ هٿ جوڙي ڪُٽي پريل هئي.

هن مختلف ادارن ۾ ڪم بہ ڪيا انهن ۾ ورلڊ بئنڪ، سنڌ مدرسہ، سگا، ۽ ٻيا. مختلف ادارا، جن ۾ هن جو ڪيترين ئي ڇوڪرين سان ملڻ ٿيو پر ڪنهن کي پنهنجي دل نہ ڏنائين. مون کي ياد آهي هن جي هوشياري، قابليت، ڏاهپ، نوڙت، سادگيءَ جي ڪري ڪيترين ئي ڇوڪرين هن سان پيچُ پائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ان عمل کي پنهنجي محبوب سان بيوفائي ٿي سمجهيو. تنهنڪري انهن ڇوڪرين جي ويجهو ئي ڪون ويو.

ڪاڪِ ڪَڪُوريا ڪاپِڙِيِ، موهِيا نہ ڪنهن مالَ،
جي ڇورِينِ ڏِنا ڇالَ، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

قاضي صاحب منڊُ بہ پيئندو هو آئون اڪثر هن کي اِهو ڪم ڪرڻ کان روڪيندو هئس، ڇو جو منڊُ پيئڻ ڪري هن جي صحت خراب ٿيندي هئي، ۽ ٻيو تہ ماني نہ کائيندو هو. آئون جڏهن مانيءَ لاءِ زور پريندو هُوَس تڏهن هو مون کي چوندو هو يار مون کي بُکَ نہ اُڃَ آهي مونکي پيئڻ ڏي.

مُحبتَ جَنِ جي مَنَ ۾، تَنُ تَشِنَگي تار،
پي پيالو اُجَ جو، اُجَ سِين اُجَ اُٿِيارُ،
پُنهُون پاڻ پيارُ، تہ اُجَ سِين اُجَ اُجهائيان.

آئون چوندو هُئَسُ يار منڌُ تنهنجي طبيعت ويتر خراب ڪري ٿو. ماڻهو غم ڀلائڻ لاءِ منڌُ پيئِن ٿا ۽ تون تہ وڌيڪ غم ۾ اچي ٿو وڃين. پوءِ ڇو ٿو پيئين؟ جواب ۾ چوندو هو ڪير ظالم طبيعت سڌارڻ يا غم ڀلائڻ لاءِ پيئي ٿو. آئون تہ پيئان ٿي سڄڻ ياد ڪرڻ لاءِ ٿو.

وَٽَ وَٽَ وَٽِيءَ ۾، مَٽَ مَٽَ مَنڌُ ٻِيو،
قَدُرُ ڪيفَ ڪلاڙَ جو، ٻِياڳَنِ پِيو،
اَچِنِ دُرسُ دڪانَ تي، ڪنڌُ قَبُولُ ڪِيو،
سُرَها سِرُ ڏيو، چَکَنِ سُرِڪَ سَيَدُ چئي.

جڏهن مستيءَ ۾ ايندو هو تڏهن مونکي چوندو هو يار اڄُ ڪو ڪلام تہ ٻڌاءِ. هو سنڌيءَ ۾ اڪثر ڀِولَ فقير ڪي ۽ اردوءَ ۾ kL Seghal ڪُندن لال سهگل کي ٻڌندو هو. آئون جيئن ئي ڪُنڌن لال جي آواز ۾ مرزا غالب جو ڪلام (بڑے بے آبرو ہو کر تیرے کوچے سے ہم نکلے) لڳائيندو هوس ان مهل هو مستيءَ ۾ اچي رقص ڪندو هو ۽ آه و زار رئندو هو.

ڪنهن ڀِرِ رُوئان پرينءَ لئہ پارُ نہ ڄاڻا پيرُ،
ڀَنَرِ مون پيرو ٿيو سُورن لائيو سيرُ،
آرِيءَ لئہ اُليرُ، رقصُ ڀاڳِي رَنَ جي.

ان وقت هن جي اها حالت ڏسي آئون بہ روئي پوندو هئسِ.

اچو سُورن واريون، ڪريون سُورن پچارَ،
ڳَنِي ٿورا، ڳَنِي گهٽا، ناهِن سُورئان ڌاري،
ڏنا جي ڏاتارَ، سي مون جهولي پائي جهليا.



هڪ ڏينهن مون پڇيو قاضي صاحب ڪو شاديءَ جو به ارادو آهي يا نہ؟ چيائين يار شادي تہ هئي سڄڻ سان ڌاران سڄڻِ ڪهڙيون شاديون.

حَبِيبَنِ هيڪارَ منجهان مَهَرَ سَڏُ ڪيو،
سو مون سَپِ ڄمارَ، اورَڻُ اُهو ئي ٿيو.

هو هر وقت لکندو رهندو هو. هن جون ڪجه لکڻيون تہ محفوظ آهن پر گهڻيون هن پاڻ ساڙي ڇڏيون يا زمين ۾ لَتي ڇڏيون. آئون چوندو هوئس ته يار اهو ڇا ٿو ڪرين يا تہ لِکُ نہ جي لِکِين ٿو تہ محفوظ ڪر، تنهن تي چوندو هو يار آئون نٿو چاهيان تہ دنيا منهنجي درد ڪٿا ٻڌي.

حقيقت هن حالَ جِي، جي ظاهر ڪريان ڏَرِي،
لَڳِي ماٿِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگر ڀَوَنِ ڏَرِي،
وڃِنِ وڻ ٻري، اوڀَرِ اُڀِڙِي ڪِينَ ڪِين.

آخري ڏينهن ۾ گهڻو بيمار هو، چوندو هو آئون صرف پنهنجي اَمڙِ جي ڪري زنده آهيان، نہ تہ هتي منهنجو ڪير آهي.

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، عُمرِ تان وَئِي،
وِلهِيءَ ڏينهنَ وِڃائِيا، سَرَتِيُون سَپيئي،
پِيريءَ ۾ پيئي، اَکِيُون آريءَ ڏي ڪٽي.

هن کي هيءَ دنيا سمجهي نہ سگهي هو علم جو درياءُ هو، منهنجي ۽ ٻين ڪيترن ئي دوستن جي وڏي رهنمائي ڪندو هو. بس ڏک اهو آهي مونکي هن کان گهڻو پرائِڻو هو پر افسوس آئون اهو ڪري نہ سگهيسُ.

سُتِينءَ سمجهي ئي، منهن ويڙهي مُٺَنِ جيئن،
اوجاڳو اکين کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچِيَنِ کي ڪرين.

هن سان منهنجو ساٿ تقريبن ٻارهن سالن جو هو. هو مون تي ايڏو مهربان هو جو جڏهن بہ ڪٿي ايندو هو تہ مون وٽ ئي رهندو هو. راتين جون راتيون، ڏينهن جا ڏيهن گذري ويندا هئا پر ڪچهريءَ مان جيءُ نہ ڀربو هو. هن جون تمام گهڻيون ڳالهيون آهن جيڪي سڀ هڪڙيءَ ساعت ۾ نٿيون ڪري سگهجن.

سرتيُون سُوراتِين جون، ڳُوهُ ٿيون پٿر ڀُونِ،
گهاءُ نہ لڳنِ گهوٽُ جو، اُو رِيا مان ٿيون رُونِ،
چيتاري نہ چونِ، پارَ منهنجي پرينءَ جا.

هن کي مون ڏانهن اچڻو هو هن مون کي ميسيج ڪيو هو تہ آئون اچان پيو رهيل ڪم پاڻ گڏجي ڪنداسين. اچانڪ اسان جي ڪامن دوست شاهنواز عمراڻيءَ ميسيج ڪري ٿو تہ يار پنهنجو يار موڪلائي ويو. رُوح مان رَڙ نڪتي گهوڙا ..............!!!!!!! هي ڇا ٿي ويو.

ڏونگر ڏکوئِيَنِ جا، ڳَلِ نہ سُڪا ڳوڙها،
گهوڙا ڙي گهوڙا، وڃن جت جيڏي ڪري.

ꙮ

# چنڊَ چَوَئِين سڄ مَرُ مَٿِيائِين پائِيِين

فقير چوي ٿو چنڊ عاشقن ۽ معشوقن جي ملڻ جو وسيلو آهي. پڇيم چنڊ وري ڪهڙو وسيلو؟ چيائين لوڪ سمهي هي جاڳنِ پوءِ جي اڪيلا هجن ته پوءِ چنڊ سان ڪچهريون ڪندا پيو وري ڪنهن سان.

چوڏهين چنڊ اڀري، سَهَسِين ڪري سينگار،
پلڪ پريان جي نه پڙين، جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمارَ، تهڙو دم دوست جو.

۽ جي سڄڻن سان ملڻ ٿئي ته به چنڊ سونهون ٿئي.

چنڊ تنهنجي ذات، سڀ مڙهائيان سونَ سان،
پرين منهنجا پنڌَ ۾، تون ڪر سهائي رات،
وهاڻيءَ پرڀات، لَهِي وڃ لطيف چئي.

مون چيو چنڊ جي روشنيءَ ۾ ته سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ ايندو آهي پوءِ اها روشني ته عاشقن معشوقن لاءِ ته نقصانڪارهوندي آهي. انهن کي ته ملڻ لاءِ انڌيرو کپي.

چنڊ لڳئي منڊ، سنجهيئي شيخَ ٿيئين،
ڪر اونداهي انڌهه ته ملان محبوبن کي.

چوي پيو چوڏهين راتِ هجي هنن جي ملڻ جو آجام هجي ته هنن جي اها ئي آس هوندي آهي جي ته ڪاش چنڊ ڪجه گهڙيون ڪڪرن ۾ لڪي وڃي ته ملون محبوبن سان.



اونداهيءَ اَڌَ راتِ، پرينِ پسايو پاڻُ،
چنڊ ڪتين ساڻ پيهي ويو پڙلاءَ ۾.

چوي ٿو عاشقن جي مرضي هوندي آهي اسان جا سڄڻ چنڊ جي روشنيءَ ۾ اچن پوءِ جڏهن پاڻ ۾ ملون ته پوءِ پلي چنڊ لڪي وڃي.

چنڊ کي چورائي، جُهڙَ جَهپي نه وٺين،
اونداهي آهي، اَجهو عاشقن جو.

ڪڏهن ڪڏهن عاشقن جي هيءَ حالت هوندي آهي جو اهي چاهيندا آهن ته اڄ چنڊ ٿوريءَ دير سان اڀري ته جيئن اسان سڄڻن سان انڌيري ۾ آسانيءَ سان ملي سگهون.

چنڊ! مَ آءُ چَڙِهي، سنجهي ڪر مَ سوجهرو،
اسان پرينِ پاڻ ۾، گهارڻُ ڏي گهڙي،
تو پُڻُ هُوندَ سَرِي، جي پَلَڪَ پانهيرو اُڀرين.

پڇيم چنڊ کي عاشق سڄڻن ڏانهن قاصد به ڪندا آهن ڇا؟ مسڪرائي چيائين اهي مڙئي عاشقن جون رمزون اٿئي. چيائين جڏهن سڄڻ ساڻ نه هوندا آهن تڏهن دل جو بارُ هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن سان ته دل جا راز اورڻا پوندا آهن. ۽ پوءِ اتي جيڪڏهن ڪا چوڏيهنءَ جي رات هجي ۽ چند سڄڻن وٽان اڀري ته پوءِ عاشق معشوق ڏانهن نياپو ته ضرور موڪلندو.

هيءُ چنڊُ اُهو ئي، جو هُتِ پَسي پرينءَ کي،
آڏتِ چَئِيجُ اُنَ کي، ڏيان جي روئي،
هيڪاندي هوئي، شل سانگَ مَ پوي سڄڻ.

پڇيم عاشق چنڊ سان سڄڻن جي پيٽ ڇو ڪندا آهن؟ چوي ٿو چنڊ جڏهن جوبن تي هوندو آهي تڏهن هر شيءِ چنڊ جي سحر ۾

اچي مستيءَ ۾ اچي ويندي آهي. چوڏهين رات جو سمنڊ بہ جوش ۾ اچي ويندو آهي. پوءِ عاشق تہ اڳي ئي اِلستَ هوندا آهن تَنِ کان ڪٿي ٿي سڄڻن جي پيٺَ ۾ ٻي دنيا جي خوبصورتي برداشت ٿئي.

چندَ تنهنجي ذاتِ، پاڙيان تان نہ پِرينءَ سِين،
جهڙو تون اڇو منجهِ راتِ، تهڙو سڄڻ نِتِ سوجهرو.

چوي پيو عاشقن جون اکين کي هر مهل اوسيئڙو اهو هوندو آهي تہ ڪڏهن ٿا معشوقن جو ديدار پسجن. هي چنڊ کي هيئن نياپو ڏيندا آهن.

ناسيندي نگاهَ، پهرين ڪِجُ پرينءَ ڏي،
احوال عاجِزَنِ جا، آڪِجُ لڳ اﷲ،
روز نهارين راهَ، اکيون اوهان جي آسري.

مطلب اَئي چنڊ تون جڏهن اڀرين ٿو ان مهل پهرين پنهنجي نظر منهنجي محبوب تي ڪري، خدا جي واسطي هيءُ نياپو ڏِجُ اسان جون اکيون روز اوهان جي اچن راهَ پيون نهارين، ۽ اوهان جي ئي آسري تي ويٺيون آهن.

ناسيندي نِهارَ، پهرين ڪِجُ پرينءَ ڏي،
سنيها کي سَڄَڻين، چئجُ چنڊ اپارَ،
ساجَنَ سڀ ڄمارَ، اکيون اوهان جي آسري.

فقير کِلي چوي پيو عاشقن جي اَرِڏائي تہ ڏِسُ چنڊ کي بہ اهڙيءَ طرح سان نياپو ڏين ٿا ڄڻُ چنڊ ڪو انسان آهي.

آئون جي ڏيَئِين سَنِيهڙا، سي چنڊ پلئي ٻَڌُ،
چئِجُ حالُ حبيبَ کي، نِئي نوڙائي ڪنڌُ،
تو تيڏاهين پنڌُ، عالمَ جيڏانهن آسرو.



مون پڇيو چنڊ وري ڪهڙو نياپا پلي ۾ ٻڌي سڄڻن جي اڳيان نِوڙِي وڃي پيش ڪندو، اها ڳاله مونکي سمجه ۾ ڪون ٿي اچي. چيائين توکي ڪڏهن عشق ٿيو آهي؟ چَيُمُ نہ. چيائين پوءِ تو تي ميارَ ئي ڪون آهي جيڪڏهن نہ تنهنجي اندر ۾ عشق هجي ها نہ اهي پيو خبرون ڪرين ها.

اُڀرُ چنڊ! پَسُ پرين، تو اوڏا مون ڏُور،
سَڄَڻَ سُتا وِلَهَ ۾، چوٽا پري ڪَپُور،
پيرين آئون نہ پُڄِڻِي، ٻابل ڏئي نہ ٻُور،
جنهن تي چڙهي اَسُور، سنجهيئي سڄڻ سانڀيٺِيان.

فقير چوي ٿو چنڊ ساري دنيا کي رات جي انڌيريءَ ۾ روشن ڪري ٿو پر عاشقن کي اها روشني اَڪِ هيٺ ناهي. هُو چنڊ کي پرينِ جي پير جي پدمَ کان بہ گهٽِ ڀانئين ٿا.

چنڊ! چَوَئِين سچُ، مَرُ مَنيائين ڀانئِيين،
ڪڏهن اُڀِرين سنهڙو، ڪڏهن اُڀرين ڳَڄُ،
جو مُنهنَ ۾ ٻَرَئِي مَڄُ، سو پَدَمُ پريان جي پيرَ ۾.

پڇُيُمُ اهو پَدَمُ ڇا آهي؟ چيائين پدمُ پيرُ ان کي چوندا آهن جنهن پيرَ جو زمين تي نشان پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر سنهڙو ۽ ان سان ملندو هجي. ان کي پدم پير چيو ويندو آهي.

فقير کان پڇيم، فقير سائين ڀلا ڪو پهرين جي چنڊ يا عيد جي چنڊ جو ڪو ذڪر ئي ڪون ٿا ڪريو؟ چوي ٿو عيدون انهن جون جن جا سڄڻ ساڻِ هجن باقي بنا سڄڻين اهي عيدون بہ اجايون تہ چوڏهينءَ جا چنڊ اٽيهن جي اونداهي.

سَهَسِين سِجَنِ اُڀري، چوراسي چَندَنِ،
بِلاهَ رِءَ پِرِيَنِ، سَڀِ اُنداهي ڀائيان.

چيائين ڪي درويش تہ چنڊ کي چڙهندي ان لاءِ ديدار ڪندا آهن جو هنن جي مَنَ ۾ اهو ئي هوندو آهي تہ آئون جنهن چنڊ کي ڏسان پيو ان چنڊ کي تہ سڄڻ جون اکيون بہ ڏسنديون هونديون. پوءِ پهرين جو چنڊ هجي يا عيد جو اکيون چار ڪري ملڻ جا سنيها, عيد جون مبارڪون نيهن جا نياپا انهيءَ چنڊ ذريعي ئي موڪليندا آهن.

ڏِٺو ڏِٺو ڪَنِ, ستا ڪيرؤن سڄَڻِين,
هُنَنِ هُتِ جُهاريو هنَنِ هِتِ پَسَنِ,
اسان ۽ پِريَنِ, چارئي اکيون چنڊ ۾.

پڇيم پلا ڪي تارا ڪي ڪتيون يا ٻئي جهان کي عاشق رازدان بنائين ٿا يا رڳو چنڊ ئي يار جو يار آهي. چيائين عاشقن ڪتي وري تارن کي بہ راز ڏنا اٿن.

هِنَ تاري هُنَ هنڌِ, هُتِ منهنجا سُپِرين,
سَجَڻَ, ماکي, منڌُ, ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهن.

چيائين تارا اصل ۾ طرف ڳولڻ ۾ مدد ڏيندا آهن. اڄ بہ اسين تارن جي جهان جو اندازو لڳائي سمجهي ويندا آهيون تہ رات جو ڪهڙو وقت ٿيو آهي. ۽ جي سڄڻ جي طرف ڏانهن تارو هجي تہ پوءِ ان تاري کي پاڳ پريو سمجهيو ويندو آهي.

تارا تيلاهين, تو ڏانهن گهڻو نهاريان,
سڄڻَ جيڏاهين, تون تيڏاهين اُڀرين.

پڇيم فقير سائين اسان کي ننڍي هوندي ڏاڏيون, نانيون جيڪا چنڊ واريءَ ٻڍڙيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائينديون هيون ان ۾ ڪيتري صداقت آهي. کِلِي چيائين اها مڙي ٻار ونڊُرائڻ جي ڳاله آهي. اسان جون ڏاڏيون ۽ نانيون اها ڳاله اسان کي بہ ڪنديون هيون تہ هو ڏسو هڪ ٻڍڙي هڪ وڻ



هيٺيان ڪيرُ ولوڙي پئي, ۽ پير ۾ ٻڪري ٻڌي بيٺي آهي. پڇيم واقعي اها ٻڍڙي اتي آهي ڇا؟ چيائين نہ ابا ان چنڊ ۾ هڪ عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو هوبهو وڻ ۽ ٻڍڙيءَ وانگر ڏيکاري ڏئي ٿو پر اها ڳاله آهي ڪون. اهو عڪس اصل ۾ چنڊ تي موجود کڏن کوٻن ۽ جبلن جو آهي.

پڇيم ڇا جهانُ آهي جو عاشق چنڊ تارن سان ڳالهيون ڪرن, اهو چنڊ اهي تارا تہ نڪو ٿا ڪُڇَن نڪو ٿا پُڇَنِ پوءِ ايڏا وڏا دل کي آسرا؟ چوي ٿو جڏهن نہ عشق لڳندو آهي تڏهن سُرتِ ڇڏائي ويندي اهي, پوءِ صرف عشق جون اَلولِيُون هونديون آهن لطيف سرڪار چوي ٿو نہ, عاشق زهر پياڪَ وِهُ ڏسي وِهِسَنِ گهڻو. پورو جهانُ هڪ پاسي عاشق ٻئي پاسي, ساري جهانَ جو حُسُنُ هڪ پاسي محبوب جي مرڪ ٻئي پاسي.

ڪٽي نيڻَ خُمارَ مان, جان ڪِيائُون نازَ نظر,
سُورج شاخون جَهڪِيون, ڪوماڻو قمر,
تارا, ڪَتِيُون تائِبُ ٿيا, ڏيکيندي دلبر,
جهڪو ٿيو جوهر, جانب جي تہ جمالَ سِين.

ﮔﮕﮓ

# آٽينِ ۽ چاڙهينِ، ڏُٿُ ڏهاڙي سومرا

اچڙي ٿر جي هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ هڪ ٻُڍڙيءَ کي ڏسان تہ ڏَکندڙ هٿن سان ڪنيين پئي ڳتيندي وڃي ۽ اُسَ ۾ سڪائيندي پئي وڃي. سوال ڪيم تہ ڏاڏي اهو ڇا پئي ڪرين؟ لُڏندڙ ڪنڌ سان جواب ڏنئين تہ ابا ڏُٿُ پئي گڏُ ڪريان. پڇيم اهو ڏُٿُ ڇا آهي؟ تنهن تي وراڻي ڏيندي چئي ٿي تہ ڏُٿُ اهو آهي جيڪو ٿر ۾ قدرتي طور وٽن يا گاهن ۾ اناج يا پَنَ ٿين جنهن ۾ ڪنييون، پپُون، مريڙو لُلُرُ، سناڙي، سانٽو ڦڙهي، لنبُ، پُرڻُ، گوارُ سائون، ٻَرُو موٺِ، سگُرُ، ڏئنرا، پڪا، پيرُون، ڪوڪڙِ ٻير، ڦوڳي، ڳاڱا ۽ پيو گهڻو ڪجهہ آهي جيڪو اسان جو ڏُٿُ آهي. انهن گاهن، ٻوٽن جي پَنَنِ ۽ ٻجنِ کي وڍي ڪٽي سڪائي سڄي سال لاءِ پيٽ جو قوت ڪرڻ لاءِ رکيو ويندو آهي.

وَرُ اُها ئي ويرَ، جيئن ڏَرُ تَسِئي تَڙِ اچي،
سَرتِيُنِ ڏُٿُ سبيل ڪيو، اَڱڻِ ڍوئي ڍير،
هنيون ان جي هيرَ، ٿو جهجي جهروڪنِ ۾.

ڪنيين جون ڏنڊيون ٿوپيءَ کان الڳ ڪريو چيريو پئي رکي ۽ اٽي واريون ٿوپيون الڳ پئي رکي، پڇيم اهي الڳ الڳ ڇو پئي رکين؟ چيائين ابا اهي ڪنيين جون ڏنڊيون اُسَ ۾ سڪائي رکنديسِ، جيڪي سڄو سال پاڇي جي ڪم اينديون آهن. ۽ اهي اٽي واريون جيڪي ٿوپيون آهن سي پاٽيءَ ۾ اباري رکنديس انهن جو وري ڪاٽيو پلو ٺهي ٿو. پنهنجي ٺُمَن کي سڏُ ڪري ڪجهہ وڌيل ڪنيين ڏئي چيائين تہ امان هنن جي پاڇي ٿاهِ



پائيي کي کارائيون. چوي پئي ڪنيين جو اٽو پَڳَلَ هڏَ لاءِ بہ آمڻ آهي. ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور جو هڏو پڳل هجي تہ ان کي ڪنييءَ جو اٽو کارائجي چڻ ريهُ اچي ويو.

ڪاڄُ ماروئن جو ڪنييون، لُلُرُ ۽ لاٽُو،
سگُرُ سجاڻون، جيڪو مارو ڪيِنِ ملير ۾.

هڪ ننڍڙي ڇوڪري پپُون ڪانبي ۾ پٽي ڪٽي اچي ڏاڏِيَسِ کي ڏنئين، ڏاڏِيَسِ بسم الله چئي جهوليءَ ۾ رکي پنهنجي ٺُمَن کي چيائين امان هنن پپُنِ جو ٻوڙُ بہ ٺاهِ ۽ چٽِڻِي بہ ٺاهجاءِ. ڪجه پپُون مون کي بہ ڏئي چيائين ابا هي اسان ٿرين لاءِ قدرت تحفو موڪليو آهي، اهو تون بہ چکي ڏس. پپون ڪائڻ ۾ هلڪيون ڪَٽِيون ۽ لزيز هيون. مون چيو ڏاڏي پپون ڪائڻ ۾ ڪائڻ ۾ تمام لذيذ آهن، چيائين هائو اهي هينئر صبح مهل ڪائڻ ۾ ڪٽيون ۽ لذيز هونديون آهن، ۽ جي انهن کي شام مهل ڪائيندين تہ نڪو ساهُ هوندو نہ سِيرِي. پڇيم اهيو وري ڪيئن؟ چيائين ابا اهي قدرت جا ڪمال اٿئي، آئون نہ پُڇِڙِي انهن کي. چوي پئي تہ تازين پِپُنُ جو ڪاٽيو ڏاڍو مزيدار هوندو آهي.

ٽا ڇا ٿَرَ جَهلَ، پپُون پائر وَٽَ ۾،
سيئي ساريو سومرا، اچي آب اُڇل،
سابين وڏمُ سَلَ، ڏٺي جن ڏينهن ٿيا

ٺُمن کي چيائين امان اهو مليرو (مريڙو) جيڪو سڪايو هو تنهن کي ڪولجاءِ تہ جيئن سُڪي وڃي. مون پڇيو اهو مليرو ڇا آهي؟ چيائين اهو بہ اسان جو ڏُٿُ آهي. اها هڪَ گاهَ وانگر سبزي ٿئي ٿي. جنهن جو ساڳُ ٺاهيندا آهيون، ۽ پُڙُ هن جو ڪاٽيو بہ پلو ٺهندو آهي. ان کي سڪائي سڄو سال ڏٿ تور استعمال ڪندا آهيون.

هن منڊَ مارو سنرا، ڍنگر ڍار رهن،
پاٽي پوڄَ پٽنِ ۾، پڪي پانڌ پيئن،
هن ڪي لوهَ لطيف چئي، هو ڪاٺڙ منجه ڪِلَنِ،
ڪاٽونبا ڪاڄن، مينهن وسندا موٺُ تون.

پُڇيمُ ٻيا ڪهڙا ڪاڏا ڏُٿَ ۾ ايندا آهن. چيائين ٻيو لُلُرُ پُڻُ اسان جو معشوق ڏُٿُ آهي. ان لُلُرَ جي سبزي ۾ ڪاٽيو تمام ٻيلا نهندا آهن. ان ڪي سال لاءِ سڪائي پُڻُ رکندا آهيون.

پنهوارن پاٻوهيو ڪي واهوندن وَسَ،
عمرَ انهيءَ ڏيهَ جا، ڏوٽين ڏِنُمِ ڏَسَ،
وَلِيُنِ وڻَ ڦلاريا، لُلُرُ نِڱيو لَسَ،
آٽيو وِجهن آهُرين، سندا توهن تَسَ،
ميوا، مَڇَرَ، ماڪيون، سيڪا چڪن چَسَ،
ماڙيءَ وِهي مَسَ، مليرَ ويندي مارئي.

سناڙي ۾ ساٿو (واهو) به ڏُٿَ ۾ شامل آهي. انهن جي تازي ياڄي ۾ ڪاٽيو پيلو نهندو آهي پر انهن جو سڪل ڏُٿُ به وڏي ڪم جو آهي.

پڇيم ڏاڏي پلا ڪو گاهن جي ٻِجَ وغيره کي به گڏ ڪري ڪاڏي لاءِ رکو يا نه؟ چوي پئي هائو ابا گاهن جا ٻجَ به لُٽي گڏ ڪري سڪائي ڇاٽي گڏ ڪري سڄو سال ڪائيندا آهيون.

انهن ۾ ڦڙهيءَ (ٻوڙي) جو ٻجُ ٻينل سڪل ٻوڙي جي ٻجَ کي ڪپڙي تي هنجهندا (ڇاٽيندا) آهيون پوءِ ان کي اُکريءَ ۾ وجهي مُهريءَ جي مدد سان ڪُٽي اَنُ ڪڍي ان اَنَ کي جنڊَ ۾ پيهي اَٽو ٺاهي ماني پچائيندا آهيون.

لُنبُ کي ساڳئي طرح سان ڇاٽي اُکريءَ ۾ صاف ڪري ڪائيندا آهيون. ان جي اَنَ جي چانورن وانگر لاپسي ٺاهي ويندي آهي. جيڪا



ڪائڻ ۾ چانورن کان به لذيذ ٿيندي آهي. لنبُ جو ٻجُ صاف ڪرڻ تمام ڏکيو عمل آهي.

آٽينِ ۾ چاڙهين، ڏُٿُ ڏِهاڙي سومرا،
سٽا ڪِئو سيدُ چئي، سائون سڪائين،
منهنجان لَنبَ لطيف چئي، چانورَ ڪِئو چاڙهين،
ٻُلاءَ نه ٻاڙينِ، عمر آراڙيءَ سِپِنِ.

چوي پئي ابا تو ڪڏهن ٻُرڻَ جي ماني کاڌي آهي؟ چيمُ نه ڏاڏي، چيائين پوءِ تو ڇا کاڌو آهي. چوي پئي ٻُرڻَ جي ماني کائين ته دنيا جا ٻيا کاڏا اصل وسري وڃنئي ها. ٻُرِڻُ جيترو تِکو اوترو لزيز هوندو آهي. ٻرڻُ ۾ سنها ننڍا ڪنڊا تمام ججهي مقدار ۾ هوندا آهن. ان جو ٻجُ انهن ڪنڊن ۾ هوندو آهي. اهو ٻجُ صاف ڪرڻ ۾ وڏو نورُ نچوئڻو پوندو آهي. اسان ٽرين لاءِ ٻُرِڻَ جو ڏُٿُ گڏ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي پر ڇا ڪريو جو ان کان سواءِ دل رهي به ڪون ٿي.

اڙڪُ ڳُوارُ به اسان جو خاص ڏٿ آهي جنهن کي آنٽيو ڳوار به چوندا آهيون. ان کي پڻ ٻاقي سڄي سال لاءِ رکندا آهيون.

چيم لطيف سرڪار سائون گاهَ جو ذڪر ڪري ٿو اهو ڪهڙو ٿيندو آهي. چوي ٿي اهي هاٽي گاهَ ڪٽي رهيا آهن ٿي سگهي ٿو لطيف جي دور ۾ ٿر ۾ سائُون گاهُ ٿيندو هجي. پر ٻچڙا مون اهوگاه ٿر ۾ ُ نه ڏٺو آهي ۽ نه ئي وري ان جو ڏٿ کاڌو آهي. چوي پئي ٻَروءَ گاهَ جي ٻجَ جي ماني ضرور کاڌي آهي. جيڪو سائون گاهَ جهڙو ٿيندو آهي.

پڇيم برساتي گاهن کان سواءِ پيڻ وڻن پوٽن جو ڏُٿُ گڏ ڪريو يا نه؟ چيائين مولا جا ڪرم آهن ٿر پلين پيو ڏسين پر توکي هتي هر وڻ هر ٻوٽي ۾ کاڌو به ملندو ته حڪمت به ملندي. چيائين هو ڏسين پيو سامهون ڪنڊين جا وڻ اهي ويچارا ڏڪار هجن يا سڪار هر حال ۾ ساوا ڇڄُ

هوندا آهن. انهن جي تاري اسان جي مال جو قوتُ ۽ انهن ۾ جيڪو سڱرُ ٿئي سو اسان جو قوتُ. سائي سڱرَ جي ڀاڄي جي ڪائين تہ آڱريون پيو چٽين. ان سڱرَ کي اٻاري سڪائي سڄو سال ڪائيندا آهيون اهو سڱرُ وڻ ۾ سُڪي ڪوڪا ٿيندو آهي تڏهن اهي ڪوڪا ڪائڻ ۾ مٺا ۽ مزيدار ٿيندا آهن.

پانڌي پرين پنهوار جا، نياپا ني ڪي،
ساري ڏِجُ سَرَتيِين، جادِ پون جيڪي،
وَلِين وَڻَ ڦلاريا، ڪِرڙَ پڪا ڪي ڪي،
سَڱرُ ڪِين سرتيون، سَيِن جيئن سي ڪي،
جيريون پيچي جي ڪي، تہ ملان پرينءَ پهنوار کي.

نينگريءَ کي سڌ ڪندي چوي پئي ابا اها ڏاڏيءَ راتِ جيڪا آراڙي ناهي آهي اها تہ پائيي کي ڪاراءِ. مون چيو اها آراڙي ڇا آهي؟ چيائين "ڪِرڙَ جي پَڪَلَ ڏنئورن کي ماٽيءَ ۾ وجهي جُهڳي رَسُ ڪڍي پوءِ ان کي شربت طور واپرائيندا آهيون." مون ڪاڏي جنهن جو ذائقو فالودي وانگر هوءِ ڏاڍي لذيذ بہ هئي.

ڪرڙُ بہ اسان کي ڏک سک ۾ وڏو ساٿ ڏئي ٿو اهو وري ڏڪار ۾ گهٽو فصل ڏئي ٿو ۽ سڪارَ ۾ گهٽ. ان جي پُسي ۽ ڏنئورن جي سبزي تمام سٺي ٿئي. ڏنئورا هونئن تہ تمام ڪڙا هوندا آهن. پر انهن کي هڪ مخصوص طريقي سان ماري مٺو ڪيو ويندو آهي. انهن ڏنئورن جو سانڌاٽو بہ ناهيندا آهيون. ڏنئورا جڏهن پڪا ٿي ڳاڙها لالُ ٿيندا آهن تڏهن اهي مٺا ٿي ويندا آهن. اهي پڪا اسان جي لاءِ ميواتُ آهن.

پَٽَ پراٽا وسِيا، اڇي چيائون،
ڏوئنرا پُسِي ڏيہَ ۾ ساماٽو سائون،
هِتِ هيڪلڙي آئون، هُتِ سڱرَ ساهيڙين جا.



ڳالهيون ڪندي ڏٺ جون ڏسان تہ هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ پنهنجي ماءُ کي اچي دانهن ڏني تہ امان ننڍڙو ادو مون کي ڪوڪڙِ نٿو ڏئي. ڏاڏيءَ ڪان پڇيمُ ڏاڏي اها ڪوڪڙ ڇا آهي؟ مسڪرائي چيائين اها اسان جي غريباڻي ميواتُ آهي. پيروئن کي پٽي اُسَ ۾ سُڪائيندا آهيون انهن سُڪل پيروئن کي ڪوڳڙِ چئبو آهي. اها ڪوڪڙِ سڄو سال استعمال ڪندا آهيو.

آما پائيان اَڪَ، ڪبڙَ ڪتوريان اڳرا،
پٽيان پريان پيٽ کي، ماکيان مني مَڪَ،
ڪوڪڙِ ڪنديرن ۾، ڦونڪيو پريان ڦَڪَ،
وَرُ هلاکي سين حَقَ، ڪوءِ وَڏاڱُون وڙن سين.

اونهاري ۾ ڪبڙن ۾ پيرون ٿيندا آهن جيڪي پُڻُ اسان جو ڏُٿُ ۽ اسان جي مال جو چارو ٿيندا آهن. پيرو ٿرين جو معشوق ميوو آهي انهن پيروئن ۾ ڪي ڳاڙهَڪَ، تہ ڪي ڏئورڪَ، ڪي ماچڪَ تہ ڪي ٻاڌُڪَ ٿيندا آهن ۽ هر قسم جو پنهنجو ذائقو ۽ رنگ ٿيندو آهي.

تَنِ ساڏوهِين سَڌَ مران، ڏنگا جَنِين ڏارَ،
پِري ساڻِ پتارَ، پاٿُرَ پيرون چونديان.

مون چيو ڏاڏي ڦوڳيءَ جو ذڪر ئي ڪون ٿي ڪرين. چيائين ٻچا هيلُ الاءِ ڪهڙو واءُ وريو آهي جو هن سال ڦوڳن ۾ ڦوڳي ٿي ئي ڪونہ. نہ تہ لُڪُنِ ۾ اسان ۽ اسان جي ٻڪرين جو چارو اها ڦوڳي ئي تہ آهي. ان جي چٽِڻي ڪائي ڏسين تہ اصل ڏيهَنِ کي پيو ڏَسَ ڏيئين.

توهرَ ڪُوهرَ ٿر، جِتِ سائيڪا ۽ سنيون،
چارين ٿيون چاهَ پئي، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪيَ لهندم ڪر، مارو پاڻ اپاريا.

مون کي چيائين ته ۾ ميها به ٿين ٿا. چيم اهي اوهين پوکيو ٿا يا قدرتي ٿين ٿا. چيائين اڙي پورا اها اسان جي وس ڳاله ڪٿي آهي اهي ته مالڪ جا ڪرم جو قسمن قسمن جي ميواتِ اسان لاءِ پيدا ڪري ٿو. چوي پئي ميهن جي پاڇي تمام سٺي ٿئي ٿي، ۽ انهن کي وڏي سڪائي سڄو سال کائيندا آهيون.

جيها جي تيها، مون مارو مڃئا،
مون جيڏيون ملير ۾، چونڊبين موڪَ ميها،
منهنجي آهَ اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٺ ڪي.

چوي پئي چانها به ٿين جيڪي ڪچا هجن ته ڀوڙُ رڌيون ۽ جي پچن ته ميواتِ ڪري کائيون. پڇيم چانهن کي وڏي سڪائي سال جو ڏٿ ڪون ڪريو. چوي پئي چانهن کي ته ڪون سڪايون پر انهن جون ڪُرِيُون (ٻجُ) ضرور سڪائي رکيندا آهيون. اهو ٻجُ جتي گڏُ ڪندا آهيون تنهن کي ڪُرِهُ چوندا آهيون.

چوي پئي ٿر جا چِيڙَ ڪڏهن چکيا اٿئي. چيم هائو هڪ دفعو کاڌا آهن. چوي ٿي اهي چيڙ ڪچا ڪائڻ ۾ پيلا ٿيندا آهن ۽ پر جي ڪاٽيو يا چٽٽي ناهجي ته وَڄَ وڃي وڃن. انهن کي به وڏي سڪائي سڄو سال کائيندا آهيون. چوي پئي چيڙ ته امان مارئيءَ کي به وڏا وڻندا هئا. هوءَ عمر جي قيد ۾ رهي به چيڙن ڪائڻ جون آسون ڪندي هئي.

ڪُوءِ آسَ عمر ڪوٺ جي، وَرُ جهنگل ۾ جهوپي،
جو اباڻِن اَڏِيو ڳُٺَنِ سِين ڳوپي،
ويديسِ ويڙهيچن ڏي، لوهه پيچي لوپي،
چِيڙَيون چُوپي، سِڪُون لاهينديسِ سومرا.

چوي ٿي گولاڙا به اسان جو ڏُٿُ آهن گولاڙا ول ٿيندي آهي جيڪا



مينهن ۾ سائي ٿي ڦل جهليندي آهي ان ڦل کي ڳولَ يا ڳولهُون چيو ويندو آهي جيڪي ڪائڻ ۾ منيون ٿينديون آهن. اهابه اسان جي ميواتِ آهي.

سنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون ماروءَ سِين ساهُ،
ويٺي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهَ،
هينئون منهنجو هُتِ ٿيو هتِ متي ۾ ماهُ،
پَکَنِ منجهِ پساهُ، قالب آهي ڪوٽن ۾.

ڳاڳا وِلِ جا ڳاڳا به اسان لاءِ ميوات آهن اهي ڪائڻ ۾ تمام منا ٿيندا آهن .چيم ٻيرن جي ڳاله ئي ڪون ٿي ڪرين؟ چوي پئي ابا ٻيرَ اسان جي اڄڙي ٿَرَ ۾ ٿين ئي ڪون، پر اهي ٿَرپارڪر ۾ ٿين ٿا. انهن ٻيرن جي ٻيرين کي جانگري ٻير چوندا آهن. ننڍڙي ڇوڪري مون لاءِ ماني ڪٽي آئي، مانيءَ ۾ ڪنيين جي پاڄي، پِپُرِ جي چٽٽي مريڙي جو ڪاٽيو هو گڏو گڏ گرهيڙي ۽ هڪ ماني ڦڙهيءَ جي هئي. ڏاڏيءَ ڇوڪريءَ کي چيو ابا ڪجه ڳنڊڙُ ڪٽي اڄ مون پڇيو ڏاڏي اهو ڳنڊڙ ڇا آهي. چيائين ڪير، لسي، يا مهيءَ کي اسين ٿريا ڳنڊڙ چئون ٿا.

ٿر وُٺا، ٻر وٺا، وُٺيون ترايون،
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻَ پرينِ هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏُهَنِ سامُهِيُون، ٻولاهيون، رائيون،
ٻائيون ۽ دائيون، پکي سونهن پنهنجي.

چوي پئي ابا اسان غريبن جو اهو ڏٿُ توکي وٽي الاءِ نه؟ جواب ڏنم ڏاڏي توهان وري غريب! توهان ته اهي شيون کائو ٿا جن لاءِ امير به سِڪَنِ ٿا. بنا پاڻ دوا جي اهي کاڌا ته دنيا ۾ مهانگي ۾ مهانگا آهن ۽ اوهان ته اهي روز کائو ٿا. تازي هوا، تازي آڪسيجن، بنا شورَ، بنا گندگيءَ واري زندگي

گذاريو پيا جنهن لاءِ تہ امير بہ سِڳنِ ٿا. ڪاش مونکي ڪو اهڙو ماحول ملي تہ آئون اتي ئي ديرو لاهي ويهي رهان.

آٽين ۽ چاڙهين، ڏُٽ ڏهاڙي سومرا،
سٿا ڪيو سيد چئي، سانئون سُڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين،
ڀُلاء نہ ڀاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.

ﮪﮫ

# لاکا لَکَ سُڄَڻِ، ڦلاڻيءَ ڦيرُ ڀيو

اوڏن جي تلاش ۾ وڃي هڪ اوڏ سان ملاقات ڪيم ڏسان تہ ڪوٺ تي مٽي پيو ٿڦي مٽي تي ٿوال جو پٽڪو ٻڌل هجيس، ڳڏهَ تي سندس زال مٽي سٽي هڪلندي پئي اچي. نمستي ڪري مليسُ، چاچي پليڪار چئي خبر ورتائين. چيم لاکي ڦلاڻي ۽ اوڏن جو قصو ٻڌڻ آيو آهيان. ڪِلي چوي تي ابا اهي اوڏ ئي مري ويا ۽ لاکو بہ مري ويو.

جي تون اوڏَ طَلِبِئِين، تئان هِتِ نہ ڪو،
وئا لاکي لوءِ، سنجهي نَهِي تنگڙا.

مون چيو چاچا پوءِ بہ ڪجھ تہ ٻڌايو. چيائين هائو ڪوٺ تي مٽي ٿڦيندي پنهنجي ننڍڙي ڇوڪري کي چيائين چانهہ تہ ڪٽي آ. چوي پيو ڳالهيون تہ گهڻيون آهن لاکي ۽ اوڏن جو قصو لطيف سرڪار بہ چيو آهي. پر سائين لطيف سرڪار جي منزل تمام وڏي آهي جنهن کي تون ۽ آئون پڄي نٿا سگهون. پر مون پنهنجي ڏاڏي کان هيءَ ڳالهہ ٻڌي.

چون ٿا راءِ ڪنگهارُ ڪَڇَ ڀُڄَ جي هڪ ننڍڙي رياست جو بادشاهہ هو جيڪو ڪنهن ضروري ڪم سان ٽِنِ مهينن لاءِ ٻاهر ويو جنهن ان پنهنجي رياست جون ڪم ڪار هلائڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ لاکي ڦلاڻيءَ کي واڳون ڏنيون. ان علائقي ۾ اوڏ بہ رهندا هئا. انهن اوڏنِ مان هڪ رُوڙيو اوڏ هو جنهن جي زال جَسِمہ اوڏڻِ هئي. جيڪا تمام گهڻي حَسِين هئي.

جنهن تي هڪ پينوءَ فقير جي نظر پئي، تنهن سڏو وڃي لاکي کي



ٻڌايو تہ تنهنجي رياست ۾ هڪ حَسِين عورت رهي ٿي جنهن جي اڳيان تو واريون ڇَهَئي زالون بيمارينس تہ ٽڪو ئي نہ لهن. جنهن تان لاکو هِرِڪي پيو تنهن هڪ ترڪيب ٺاهي تہ جسمہ کي ڏسجي. علائقي ۾ هوڪو ڏياريائين تہ ڪوٺ ٺهرائڻو آهي سو اوڏ اچن مون کي ڪوٺ ٺاهي ڏين انهن کي چڱو خاصو معاوضو ڏنو ويندو. اها خبر پوري علائقي ۾ پکڙي وئي جسمہ جي مڙس روڙئي چيو تہ ڪوڏر تغاري کڻ تہ هلون پيٽ گذر ڪريون. تنهن تان جسمہ چيو تہ روڙيا هلين ٿو پر ڏکيو ڏاڍو ٿيندين. ڇو جو جسمہ کي پنهنجي حسن جو اندازو هو. پر سندس مڙس ضد ڪيو تہ هل هلون دنيا پوري وڃي پئي پاڻ کي وري ڇا ٿيندو؟

هي ٻئي اتي پهتا جسمہ پري کان پڌري سو لاکو پهرين نظر ۾ هرڪي پيو، تنهن هڪ دم وزيرن کي حڪم ڪيو تہ اهو ڪوٺ روڙئي اوڏ کي ٺاهڻ لاءِ ڏنو وڃي. ڪوٺ ٺاهي جڏهن حساب ڪتاب جو وقت آيو. تڏهن لاکي جسمہ جو سڱ گهريو تنهن تان اوڏن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو.

اَڏيو جو اوڏنِ، سو ڏِنگرُ ڏِلو مَ ٿِئي،
جنهن ڀِرِ ويهِي ڳنِ، ليکو لاکي ڄامَ سين.

لاکي کي منٿون ميڙيون ڪيائون تہ ٻيلي جسمہ پرڻيل آهي ڪنواري ڪونهي جو توکي سَڱُ ڏيون. هنن وڏيون ميڙيون منٿون ڪيون پر لاکو اصل انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ جسِمہ مونکي ڏيو.

تون لاکو اسين اوڏَ، کهڙو پٽاندرُ پاڻ ۾،
تون پهرين پَٽُ پٽيهرُ، اسين ڪٽيءَ سين ڳوڏ،
لاکا لاهِ ڪوڏ، نہ تہ ماڻهو ڏيندئي مهڻا.

هنن ويچيارن وڏا وس ڪيا تہ لاکو ان ڳالهہ تان ڇِٽُ ڪٽي، چيائون تون هينئر اسان جو بادشاهہ آهين، بادشاهہ وڏي عدل ۽ اعتبار وارا هوندا

آهن. اسان غريبن سان عدل ڪر.

لاکي لَڄَ ڪَنئِي، اَسان اوڏِڻين جي،
ڪندو ڪان ٻئِي، اَڳُ وِسُوڙَل آهيان.

جڏهن اوڏن ڏٺو تہ لاکو اصل هڪڙيءَ تي تڏهن اوڏن ويچارن رات جي پيٽ لڏڻ شروع ڪري ڏنو.

چنلَ ڇڄَ هٿَنِ ۾، ڪُلهَنِ ۾ ڪوڏارا،
پورهيي ڪارڻِ پيٽَ جي، اُٺينِ سوارا،
اوڏَ بہ ويچارا، لاکا وڃن لڏيو.

انهن اوڏنِ تي لاکي جو ايڏو تہ ڏهڪاءُ ٿيو جو پنهنجا مالَ مڏيون سامان سڙا ڇڏي لڏي وڃي ٻيا ديس وساياڻون.

اَڏي اَڏي اوڏَ، ڇڏي ويا پيٽِڙيون،
ڪانياڻون ۾ ڪوڏَ، پيا آهن پَٽَ ۾.

قصو هلندو رهيو ايتري دير ۾ اصلي بادشاه راءِڪنگهار اچي ويو تنهن کي خبر پئي لاکي اوڏن جي عورت ۾ اکيون وڌيون تنهن تان اوڏ راتو رات لڏي ويا. بادشاه عدل پسند هو تنهن لاکي ڏانهن ڪارو گهوڙو سونو وٺو ۽ هڪ تلوار موڪلي ڏنائين تنهن تي لاکو سمجهي ويو تہ بادشاه مون تي ڪاوڙيل آهي ۽ مونکي ڏيہ نيڪالي ڏني وئي آهي. ان زماني ۾ ڏيہ نيڪاليءَ لاءِ اهو سامان ڏنو ويندو هو. پوءِ لاکي ڪڇ ڀڄ مان نڪري وڃي گجرات، ڪنيات، جيسلمير وساياڻين اتي سندس اڳواڻيءَ ۾ ڌاڙيلن جو ٽولو ناهي ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيائين. پوءِ تہ جتان بہ لنگهندو هو اتان اصل پينگ ڪري ويندو هو. سندس پياءُ راءِ ڪنگهار کي بہ لاکي جي انهن زوراورين کان ڇڏيو ڪونہ.



لاکو نہ لاهي، هَنِي مَٿان هٿڙا،
گهونيريان گهيرُ، ڪري اُپوئي آهي،
وڃيو سي ڪاهي، خاصيون ڪنگهارن جِيُون.

اوڏن وڃي ڪڇَ جي جاڙيجن ۾ پناه ورتو. چوي ٿو لاکو پهريان تہ ان ضد تي هو جسمہ مونکي ڏيو پر ڏيہَ نيڪاليءَ ڪانپوءِ هن کي احساس ٿيو تہ مون غلط ڪيو. ان غلطيءَ جو ازالو ڪرڻ لاءِ اوڏن وٽ لاکو هلي ويو پنهنجي غلطيءَ جي معافي ورتائين. اوڏن لاکي کي معافي ڏئي ڇڏي پر جاڙيجا دشمن ٿي پيا. اوڏ ذاتِ تي لاکو ايڏو تہ مهربان ٿيو جو جتي بہ اوڏنِ جو ڳوٺ يا گهر ڏسندو هو اتان ڪان پاسو ڪندو هو ۽ الٽو لُٽيلُ مالُ اوڏنِ ۾ ورهائي ويندو هو.

لاکا وَرِجُ وَرُ، عيبَ گهڻيرا اوڏ ۾،
سي پرين توکي پرتا، جي پَکا منجهِ پَڌَرِ،
رَکين پرمُ پُنگنِ جو جي گندڙا اوڏنِ گهر،
جي ڍولا هيٺِ ڍنگهر، تَنِ کي پَٽيُون ڏيجُ پَٽِ جُون.

ڇَپُمُ ڦُرِ جو سامان مال ڪٺي اچي اوهان کي ڏيندو هو ڪهڙو پلو ڪندو هو. چوي ٿو نہ سائين لاکي کي ايئن نہ چئو لاکي جهڙا مڙس ڪٿي ملن. لاکي انهن کي لُٽيو جيڪي مُوزِي مروانَ هئا. ۽ ورهائيندو انهن ۾ جيڪو مسڪين بي سهارا هئا.

تَنِ رَهِيَنِ ڪَنان لَڏِ، جَنِ جي مُهَڙِ ناهَ ملير ڏي،
جو ڏَڻُ ڏَٽِيَئُون ڏارَ چَري، سا چانگَ پَڃِي پَڏِ،
تہ هاڃي سندي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٽِين ڪڏهن.

لاکو هميشه فجر مهل ڦُرِ ڪندو هو ۽ ڪنهن کي ڪو جاني نقصان ڪون ڏيندو هو.

لاکو لوءِ بِلوءِ، وِڙهي ويلَ سڀ ڪنهن،
پرهَ ڦُٽيءَ پوءِ، ڪندو ڪرگلُ ڪَڇ ۾.

لاکي جو جهيڙو جاڙيجن سان هو خاص ڪري اهي جاڙيجا جيڪي ظالم ۽ پاڻ کان سَپَرا هئا. هو هميشه ٻولائي مالُ ڪاهيندو هو. هُنَ ڪڏهن بہ لِڪَ چوريءَ يا راتِ جي انڌيري ۾ ڦُرِ يا چوري نہ ڪئي. وڏيءَ هاڪ سان مالُ ڪاهي مال چاريندڙ هٿان نياپو موڪليندو هو تہ وڃُ تو واري ظالم ڏَڻِيءَ کي ٻڌاءِ تہ لاکو ڦُلاڻي مالُ ڪاهي ويو آهي. ۽ مجالُ آهي جو لاکي جي پوئيان پيرُ کڻي مال ورائڻ لاءِ ڪو ويو هجي.

لاکو لوڙائن سان، چوڏس ٿو چڙهي،
وِڙهيو وريامنِ جا، ڏُڻِيو ڏَرَ هٽي،
پِيَسِ جي پَڙِي، سي واهُرَ ڳِنِ نہ وايُون.

چوي ٿو اهي جاڙيجا ڪَڇَ ۾ رهندا هئا انهن جي اچڻ وڃڻ جو رستو هڪ ئي هو جنهن وٽان تقريبن چوڏهن لنگهہ (چارا) هوندا هئا. اهي لنگهہ اهڙا تہ خطرناڪ هئا جو انهن لنگهن مان حملو ڪرڻ آسان هو ۽ بچاءُ ڪرڻ تمام ڏکيو هو. ۽ اهي لنگه لاکي جا ڳَسَ هئا.

راءِ سِين رُنا جي تَنِ جاڙيجَنِ جاڙَ ڪئي،
ڪيئنً ماڻيندا سي، چوڏهن چارو ڪچڙو.

چوي پيو لاکي ڦلاڻيءَ جو علائقي تي ايڏو تہ ڌهڪاءُ هو جو جنهن سان بہ هن جي دشمني هئي سي سُکُ نہ سُتا ڪڏهن.

جاڳو جاڙيجا، سَمان سُکُ مَ سُمَهو،
پَسو آن پِئا، لاکو ٿو لوڙِيون ڪري.

چيائين جاڙيجنَ ۾ لاکي کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڌا جوان جاڳيا پر لاکي جي تَنِ تي اک ئي ڪو نہ ٻڌندي هئي. انهيءَ وقت جاڙيجا قوم جي



ماڻهن ٻين قومن جي ماڻهن سان وڏيون جاڙون ڪيون هيون. پر جڏهن لاکو هنن تي ڏمريو تڏهن مڙنئي ماٺِ ڪئي.

لاکا لک سُڄَنِ، پر ڦُلاڻيءَ ڦيرُ ٻيو،
جنهن پِرِ راڻا راڄيا، ڪوٽِنِ ڏٽي ڳَنبَنِ،
جنهن جو جاڙيجَنِ، سُتي سونڇو نہ لهي.

چوي پيو لاکو راتِ راتِ جي پيٽ ۾ پُڄَ کان هلندو هو صبح فجر مهل اچي ڪَڇَ تي ڳَتِڪندو هو.

پُڄِئان پُلي پيرُ، وڏو راءِ رڪابَ ۾،
ڪَڇَ رهندو ڪيرُ، لاکو لوڙائن سين.

چيمُ لاکو هيڪلو هو يا ان جا ساٿي بہ هئا؟ چوي ٿو لاکي جا ساٿي بہ هئا جيڪي لاکي سان هميشه گڏ هوندا هئا. ۽ لاکي سان گڏو گڏ لاکي جي ٽولي جو بہ وڏو دٻدٻو هو.

لاکي لُوڙائن جي، سُڄي داٻَ دَئي،
پُڇو کي پَهي، وڳَ نہ چڏيو ويسرا،

پڇيم لاکو ۽ لاکي جا ساٿي ايڏو وڏو سفر ڪنهن تي ڪندا هئا؟ چيائين اهي پلن گهوڙن تي سفر ڪندا هئا. انهن جا گهوڙا اهڙا پلا هوندا هئا جو اصل ميلن جو سفر اصل منٽن ۾ ڪندا هئا.

ٽانوڪين پلاڻَ، سدا هڻن ڪَرِڪِرَا،
لاکي لوڙائنِ جا، اَهِڙا ئي اهڃاڻَ،
ڏيئي تنگن تاڻُ، ڳُوڪُ ڪاريندو ڳِچڙِي.

چوي ٿو ان زماني ۾ ڪَڇَ پُڄَ ۾ ريٻارين جا بہ وڏا راڄَ رهندا هئا جيڪي تمام وڏا مالوند ماڻهو هئا. جيڪي جاڙيجن جي رعايا هئا

جيتوڻيڪ انهن ريباڙين سان لاکي جو ڪو وير ڪو نہ هو پر ريباڙين جاڙيجن جي رعايا هجڻ جي ڪري لوڙيو. ريباري وڏا سکيا ۽ مالوند هئا انهن وٽان مال ڦري وڃي غريبن ۾ ورهائيندو هو. پر ريباري امير هوندي سوندي شريف تمام گهٽا هئا. جاڙيجن وانگر لاکي سان ڪَسندا يا سامهون ڪو نہ ٿيندا هئا. لاکي جو ٻڌندا هئا تڏهن پنهنجو مال لڪائي ڇڏيندا هئا تہ جيئن لاکي جي نظر نہ پوي. ريباڙين جو مال خاص ڪري ريباڙين جون عورتون چارينديون هيون.

ريبارڻِ ريجهاءِ، لاکو لولاٽنِ سِين،
سائو ما نہ سندياءِ، نَٿُ متائي ناڪرو.

لاکي جو اصول هوندو هو تہ هن ڪڏهن بہ عورت تي هٿ نہ کنيو. جيڪو مال عورتون چارينديون هيون تنهن مال جي ڦُرِ ڪون ڪندو هو. ۽ نہ ئي ڪڏهن مادو ڍورُ يا ان جا ڦَرَ نہ ڪاهيائين. هو هميشه نر ڏَڌُ ڦريندو هو سو بہ جيڪو مرد چاريندا هئا.

رڙي ريبارڻِ روءِ، واڙيءَ پايو وچڙا،
ڪَرا ويڻَ کنگهار ڪي، چنچنل اُڀي چوءِ،
واڙيءَ وَڇَ نہ هوءِ، لاکو لوڙائن سين.

ڀڇيم پوءِ، چيائين پوءِ آخر ڪار لاکي زوريون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون. جَنِ سان دشمنيون هيون تن سان صُلِحُ ڪيائين.

صُلِحُ ڪَرِ سنگهارَ جَتَنِ جاڙيجنِ سِين،
تون وَڳَ ڇڏين ٿو ويسرا، هُو چَمِڪئا چَئوڏارَ،
تو جيڏا تو يار، لاکي ڪيئي لڏائيا.

جن سار وير هو تن جو پرجهلو تي بينو. سيئي سنگهار سُکُ تي وينا.



سرها ٿيا سنگهار، لاکي لوڙيون ڇڏيون،
چانڊاڻي چوڏار، وانڊيين وَسَ چَرَنِ.

چوي ٿو لاکي جي هڪ گهوڙي هئي جنهن جو نالو هن لَکِي رکيو هو لَکِي هلڻَ ۾ تمام تيز ۽ آرامده هئي.

لاکو لَکِيءَ تي چڙهي، لکي لاکي ساڻِ،
واسي سڀِ وٽاڻَ، چاري چوماسو آيو.

لاکي جو ايڏو تہ ڌهڪاءُ هو جو هن جي سيني زوراورين کي ڇڏڻ کان پوءِ بہ ماڻهو هن کان ڌڄندا هئا. هن جي مرڻ کانپوءِ ڪيترئي اکيون آليون ٿيون ۽ ڪيترن ئي گهرن جا چلها اجهامي ويا. چون ٿا جنهن مهل لاکي ڌمر ڏٽيءَ کي ڏنو تنهن مهل لَکِي بہ هن جهان مان لڏي وئي.

لَکِي ۽ لاکو ٻئي مُئا ٻاجهَ ٿي،
قادر لاٿو ڪَڄَ تان اَديون اولاڪو
وانڊيِن ۾ واڪو ريباري رهي ويا.

# جي پائين پرين مڙان...

جي پائين پرين مڙان، تہ سک چوراڪي ڏات،
جاڳڻ جشن جن جو، سُک نہ ساري رات،
اُجهي ٻُجهي آيا، وائي نہ ڪن وات،
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، بيان نہ ڪن بات،
توڻين ڪُسن ڪاٽُ، تہ بہ ساڳي سَلَن ڪين ڪِي.

لطيف سرڪار جي هنن سِٽن جي تلاش ۾ مون وچي هڪ همراهہ ڳولي لڌو، جنهن جو نالو خدا بخش، ڪنهن زماني ۾ المعروف خدو چور هو، هينئر هن جي عمر تقريبن 82 سال، ڇُرڻ پُرڻ کان لاچار ۽ ٻڌڻ بہ گهٽ اٿس پر يادگيريون برقرار اٿس.

مون سان ڳالهيون ڪندي جوانيءَ جي پُورن جو هڪ رات جو قصو ٻڌايائين. چوڻ لڳو تہ"ان رات کان بہ ڏينهن اڳ مون ۽ سنگت پاڻ ۾ ويهي چوريءَ جو وقت ۽ هنڌ سِٽيو. اها رات آئي، مقرر هنڌ تي اچي گڏ ٿياسين، سياري جي گهپ اونداهي رات هئي ۽ چوريءَ جو هنڌ اسان کان لڳ ڀڳ 6 ميل پري هو. اهو وقت منهنجي چورين جو شروعاتي هو ۽ ٻي سنگت ڪجهہ پراڻي هئي. منزل ڏانهن روانا ٿياسين، هڪ همراهہ جي هٿ ۾ ڪهاڙي هئي ۽ اسان ٻن جي هٿن ۾ گهوٻاتا ۽ منهنجي چيلهہ ۾ رسو پڻ ويڙهيل هو. ڪلندا ڪُڏندا، پوڳ ڪندا منزل تي وڃي پهتاسين، هڪ همراهہ کي گهر جي ٻاهران جانچ لاءِ چاڙهيڪي تي ويهاريوسين ۽ اسان ٻئي گهر جي گهٽيءَ جي ڪڙهہ لاهي اندر گهڙياسين، ڏاندن جي جوڙي ٻئي



مال کان الڳ ۾ گهر جي اڱڻ جي وچهو ٻڌل هئي، ٻيا گهر وارا سپ ڪمرن ۾ سُتل هئا، هڪ پوڙهو ڇپري ۾ سُتل هو جيڪو اسان کي نظر پئي آيو. اسان جيئن ئي وڃي ڏاندن جي جوڙي کولڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت پاڙي جا ڪُتا ڀونڪڻ لڳا، جنهن تي پوڙهو چاچو کنگهيو ۽ اُٿي لٺ هٿ ۾ کڻي مال ڏانهن وڌڻ لڳو. اسان بہ ڊڄن جي آهوري جي آڙ ڏئي ساهہ مُٺ ۾ ڪري لڪي ويٺاسين، پوڙهو هيڏانهن هوڏانهن لوڏا هڻي وڏا کانگهارا ڪري وري وڃي سُتو. اسان اڌ ڪلاڪ کن اُن آهوري جي پر ۾ ايئن لڪل هئاسين جڻ تہ اسان ۾ ڪو ساهہ ئي ناهي، جڏهن محسوس ڪيوسين تہ پوڙهي کي ننڊ اچي وئي آهي، ڏاند کولي روانا ٿياسين. جڏهن اڌ رستي تي پهتاسين تہ پاڻيءَ جي واري تي ويٺل همراهن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. رستو مٽائي تيز هلڻ جي ڪئي سون، هڪ وڏي جهنگ ۾ مقرر ڪيل پاٿاريءَ تي پهتاسين، جتي همراهہ اڳ ئي اسان جي انتظار ۾ هو. جنهن جي حوالي ڏاندن جي جوڙي ڪئي سون. ان همراهہ اسان کي سليماني چانهہ بہ پياري، اُتان هر هڪ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. آئون بہ فجر مهل پنهنجي گهر پهتس، گهر وارا سُتل هئا، ايتري دير ۾ مُلين بہ ٻانگ ڏني، مون لوٽي کڻي وڃي ڍڳي ميڙي، کير کڻي وڃي امان کي ڏنو. چانهہ پي ڏانٽو گندي کڻي ڍڳين لاءِ گاهہ ڪرڻ لاءِ نڪتس، گاهہ ڪري اچي مال کي ڏنم. گاهہ ڏئي ڏاندن جو جوڙو ڇوڙي ٻنيءَ ڏانهن روانو ٿيس، ٻن پهرن تائين هر هلايم، ايتري ۾ ننڍڙي ڀيڻ ماني کڻي آئي، مانيءَ ۾ بصر جي ڀِتي ۽ مرچن جي چٽڻي هئي، ماني کائي ٽَڙُ تي ڏاندن کي گاهہ ڏئي ڳوٺ جي پرسان هوٽل تي وڃي يارن سان ڪچهري ڪيم. نِما شام مهل ڏاند ڪاهي گهر پهتس، جسم سُور ۾ ڇُور هو سج لٿي ئي ماني کائي سُمهي پيس."

تنهن تي مون سوال پڇيو تہ "چاچا اُن ڏينهن چو نہ سُتين"؟

چاچي جواب ڏنو تہ "ابا جيڪڏهن اُن ڏينهن صبح سوير اچي

سُمهان ها تہ شَڪجي پوان ها.

اُن ڪري اهو سڄو ڏينهن مون کي عام معمول جهڙو ڏينهن گُذارڻو پيو".

وري مون سوال ڪيو تہ "چاچا اُنهن ڏڳن جو ڇا ٿيو"؟

چيائين تہ "اَبا ڏڳا پاڻاريءَ تي پهتا تہ سمجهہ اسان جو ڪم ختم."

پڇيم تہ "پاڳيو جاڳي پوي ها تہ پوءِ"؟

ٺهڪ ڏئي چيائين تہ "پوءِ پيرن تي زور".

پڇيومانس تہ "پهرين چوري ڪهڙي ڪئي هيئي"؟

مُرڪي چيائين تہ "پهرين مون هڪ ڪُڪڙ چورايو هو".

جنهن تي مون پڇيو "اهو وري ڪري ڪيئن"؟

چيائين "ابا سنگت ۾ ويٺا هئاسين، ڪُڪڙ چورائڻ جي شرط لڳي، مون هامي ڀري ڪُڪڙ ڳوٺ جي وچ واري گهر ۾ ٽائيين تہ ويٺل هو هٽ ۾ هڪ ڊگهو تِيلو ڪنيو جيڪو ڪُڪڙ جي پيرن وٽ سِرڪايم، جنهن تي اهو ڪُڪڙ اچي تيلي تي ويهي رهيو، ڪُجهہ گهڙيون مون پنهنجو ساهہ جهلي اُن تيلي کي هِلڻ نہ ڏنو تہ جيئن اهو ڪُڪڙ انهي تيلي تي سهمي پوي، تسلي ڪان پوءِ اهو تيلو ڪُڪڙ سوڌو گهر ڪان ٻاهر ڪيڻ ۾ ڪامياب ويس. ٻيءَ رات اهو ڪُڪڙ ڪائي دوستن کان داد ورتم. دوستن واهہ واهہ بہ ڪئي ۽ ٽيڪرون بہ ڏنيون، جنهن تي آئون پنهنجي پاڻ کي مُڙس ماڻهو سمجهڻ لڳس".

پڇيومانس تہ "چاچا ڪڏهن چوريءَ ۾ پڪڙيا بہ پيا"؟

چيائين "پڪڙياسين تہ ڪونہ پر هڪ رات گهوڙو چورائيندي پاڳيا جاڳي پيا، اسان سرزمين تان ڀڳاسين، سڄي ڳوٺ ۾ هُل پئجي ويو، ڀڄندا ڀڄندا پير لڪائڻ لاءِ وهندڙ پاڻيءَ جي ڪڙيي (واٽر) ۾ گهڙياسين،



پاڻي جهاڳندا جهاڳندا اچي پري نڪتاسين. واٽر مان نڪرڻ مهل پيرن تي ڏَيَ ٻڌاسين تہ جيئن پيرن جي سُڃاڻپ نہ ٿئي. رستي ۾ ايندڙ ڳوٺن ۾ بہ پير هنياسين تہ جيئن پاڳيا ان ڳوٺ ۾ شڪ ڪن. وچ ۾ اسان جي هڪ ساٿيءَ جو ڳوٺ بہ آيو جنهن صبح سوير ٻڪرين جو ولر اُنهن پيرن تان گهمائي ڇڏيو. اسان ٿيئي پنهنجي پنهنجي گهر خير خيريت سان پهچي وياسين".

پڇيومانس تہ "ڪڏهن پوليس پڪڙيو"؟

چيائين تہ "هائو پٽ، هڪ نہ بہ ٽي دفعا".

پڇيم تہ "پوليس مار بہ ڏني"؟

چيائين "پلا اهڙي تهڙي؟ چيائين هڪ دفعو هڪ اُترادي صوبيدار جيڪو چورن کي ڪُٽ ڪيڻ ۾ وڏو مشهور هو سو بدلي ٿي اسان جي حد واري ٿاڻي تي آيو. تازو ئي علائقي جي وڏيري جو گهوڙو چوري ٿيل هو مون کي پوليس وارن هوٽل تان ڪنيي ڪٽي وڃي صوبيدار اڳيان پيش ڪيائون، صوبيدار ٿاڻي جي اڳيان کٽ رکي ويٺو هو همراهہ کي گنجي ۽ گوڏ پاتل هئي، ۽ همراهہ رنگ ۾ صفا اسيل پئي لڳو ۽ شربت پئي پيتائين، مون کي ڏسندي ئي پري کان گار ڪيڍيائين، حُڪم ڪيائين تہ هن کي چئوڳو ڪريو سپاهين مون کي هيٺ ڪيرائي منهنجي هٿن ۽ پيرن جي ترين تي کٽ رکيائون، اُن کٽ مٿان اهو صوبيدار چڙهي ويٺو. شربت پيئندو رهيو مون کي گاريون ڏيندو رهيو تان جو آئون بيهوش ٿي پيس. رات جو مون کي لاڪپ ۾ ڪُتن وانگر اُڇلائي ڇڏيائون. صبح مهل صوبيدار آيو جنهن کي اڃا بہ شربت جا خُمار چانيل هئا، مون کي اچي ڏنبي سان ورتائين، تان جو آئون وري بيهوش ٿي پيس. شام مهل پوليس وارن مون کي گهلي ٻاهر ڪيڍي صوبيدار اڳيان پيش ڪيائون، صوبيدار مون کي وڏا داٻا دڙڪا ڏنا، پر مون ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪيڍي، سپاهين کي

حڪم ڪيائين تہ هن کي ماڪي ڪارايو. جنهن تي سپاهين مون کي هڪ وڏي ٻير جي ٿُڙ سان ٻڌي پاڙ ۾ ڀاٽي هاري ڇڏيو. جنهن تي ماڪوڙن اڇي مون کي ورتو جنهن سان منهنجو جسم سڄو سُڄي پيو. پوليس وارا مون کان چوريءَ جو پڇندا رهيا ۽ ماريندا رهيا ۽ آئون انڪار ڪندو رهيس. تان جو آئون وري بہ بيهوش ٿي پيس. ٽئين ڏينهن منهنجي حالت مرڻ جهڙي هئي. صوبيدار مون وٽ آيو مون کي چيائين مون کي پڪ آهي تہ چور تون آهين ۽ هاڻي مون کي اها بہ پڪ ٿي وئي آهي تہ تون چوري نہ باسيندين. اهو چئي مون کي هٿ ٻڌائين. چيائين خدا جي واسطي مون تي وڏيري جو وڏو بار آهي. اهو گهوڙو مون کي واپس ڪرائي ڏي. جيڪو گهوڙو ٻيءَ رات وڏيري کي آهوري تي ٻڌل مليو."

مون سوال ڪيو تہ "ڪهڙي چوري آسان هوندي آهي"؟

چيائين تہ "وڏيري جي چوري آسان ۽ غريب جي چوري ڏکي هوندي آهي".

مون پڇيو تہ "اهو وري ڪيئن"؟

چيائين تہ "غريب مال جي وچ تي کٽ رکي سمهندو آهي ۽ وڏيرو لاپرواهيءَ ۾ بنگلي ۾ سمهندو آهي ۽ نوڪر تہ اُن کان بہ وڌا لاپرواهہ هوندا آهن".

پڇيومانس تہ "چوريءَ جي رٿا ڪيئن ڪندا آهيو"؟

چيائين تہ "چوريءَ کان اڳ پاڻ ۾ ويهي هر هڪ تي ڪم رکندا آهيون. هڪ همراهہ کي پاڳيي جي گهر جي جانچ جو ڪم ڏيندا آهيون. ٻئي همراهہ کي اُن گهر ڏانهن اچڻ وڃڻ جي رستن جي جانچ جو ڪم ڏيندا آهيون. ٽئين همراهہ کي پاٿاريءَ واري سان چوريءَ جي رسائي ۽ ڏي وٺ جو ڪم ڏيندا آهيون".

پڇيومانس تہ "چوريءَ مان ڀلا ڪجهہ ڪمائي"؟



چيائين تہ "ابا ڪمايو وري ڪهڙو؟ مڙئي عادت پوري ڪرڻي هئي".

پڇيومانس تہ "عادت وري ڪيئن"؟

چيائين تہ "ابا هڪ تہ پاڙي ۾ ڪا چوري ٿي ويندي هئي تہ پاڳيا اسان وٽ ايندا هئا تہ اها چوري واپس ڪرائي ڏيو. جنهن جي واپس ڪرائڻ سان پاڙي وارا اسان جي عزت ڪندا هئا ۽ ٻيو وري اسان کي ايڏي تہ ٽيڙي هوندي هئي جو اسان هلڪي ڦلڪي پاڙيي ڀُتي کي ليکيندا بہ ڪونہ هئاسين".

پڇيومانس تہ "اهو وري ڪيئن جو پاڙي وارن جون چوريون بہ ڪريو ۽ عزت بہ اوهان جي ڪن"؟

چيائين تہ "نہ ابا اسان کي پاڙي ۾ چوري ڪرڻ گار برابر هئي. اسان ڪڏهن بہ پاڙي ۾ چوري نہ ڪئي. اُلٽو پاڙي ۾ جتي چوريون ٿيون اُهي سنگت يار تي بار رکي واپس ڪرايون سين".

پڇيومانس تہ "اڄڪلهہ جيڪي چوريون ٿين پيون اُنهن جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي"؟

چيائين تہ "اڙي ابا اڄڪلهہ چوريون تہ نہ پر زوريون پيون ٿين. اهي چور بہ مري ويا ۽ پاڳيا بہ ناهن ساڳيا. سرڪار جيڪا اسان جي وقت ۾ پاڳيي جي پاسي هوندي هئي. اُها هاڻي چورن سان گڏ بلڪ پاڻ چوريون پئي ڪري. اڄڪلهہ ڦورو. ڌاڙيل. ٻيو وري دهشتگرد سرڪار سان ملي پاڳين جي پينگ پيا ڪن. اهي لفظ چئي چاچو خدُو توبهہ واري انداز ۾ نڪ ۽ ڪنن تي هٿ رکندي آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳو.

# اڱڻ تازي ٻهرِ ڪُنڍِيُون، پَڪا پٽ سُونهَن

سر سارنگ جو مٿيون بيت ڏني فقير کان پڇيم فقير پلا اهو ڇا آهي؟ فقير چوي سهڻا اهو اسان سنڌين جو هني مُونُ آهي ٻيو وري ڇا. فقير چوي ٿو لطيف سرڪار سنڌين جي مجاز کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تڏهن تہ سنڌ جي ماڻهن لاءِ انهن جي شوق جو سامان گڏ ڪري پوءِ ئي تہ هني مون جو ماحول جوڙي ٿو.

اَڱَڻَ تازي، ٻَاهِرِ ڪُنڍِيُون، پَڪا پَٽَ سُونهَنِ،
سُرهِي سيجَ پاسي ۾، مُرُ پيا مينهن وَسَنِ،
اسان ۽ پِرِيَن، شالَ هُونِ برابرِ ڏينهَڙا.

چوي ٿو سنڌي پلي ڪيڏو بہ اڳيان نڪري وڃي پر پوءِ بہ ڳوٺ جي ڇِڪَ ضرور واپس وٺي ايندي. جڏهن ڳوٺ جي ڳاله ڪبي تہ اُتي پلن گهوڙن، ڪاڇي ڏاندن، ڪُنڍي مينهين ۽ پَلَنِ اوتارن جي ڳاله ضرور ايندي، اهي سڀ شيون هجن ۽ سڄڻ ساڻ هجن اُهي بہ سڄي حياتي تہ پوءِ ڇا ٿو سمجهين سنڌين جي هَنِي مُون آهي يا نہ.

هن وقت بہ سنڌ جي گهڻن ڳوٺن ۾ اهي اوتارا، اهي اوطاقون، اهي گهوڙا، اهي ڪنڍيون، اهي ڏاند ۽ اهي ٻڪريون موجود آهن. پر هن تبديليءَ جي دور ۾ ڪجھ جاين تي انهن جي جاءِ تي هاڻ وري فارم هائوس يا وڏا بنگلا وٺي رهيا آهن. جيتوڻيڪ اڄ جي اوطاق تي ڇَنَنِ، پَکَنِ، لانيين واري جاءِ تي وڏو بنگلو ان جي پر ۾ هڪ اينڪسي، پلاسٽڪ جيون



ڪرسيون، سوئمنگ پول، ۽ ٻيون ڪجھ اڄ جي دور جون ضروري لوازمات اچي ويون آهن.

فقير چوي ٿو پر لطيف سرڪار ان وقت جي سنڌين جي مزاج مطابق هڪ اهڙو خيال چٽيو آهي جنهن ۾ لذت بہ آهي تہ خوشحالي بہ ، شاه سائين ان خوشحال سکئي سنڌ جي ڳاله ڪئي آهي. جنهن ۾ پلن گهوڙن تي پٽڪو ٻڌي پاڳيا سوار تي راڄ پاڳ جي سڏن تي وڏي شان شوڪت سان ويندا هئا .اهي گهوڙا هر سنڌي چاهيندو هو تہ ان جي اڱڻ تي ضرور هجن. انهن گهوڙن جا هاڻ اهي نسل ئي وڃي گهٽ رهيا آهن، جن ۾ سنڌي، مارواڙي، بلوچي، ڪارائي چٽو هوندا هئا ۽ انهن کي وري رنگن جي مطابق هينءَ سڏيو ويندو هو. ڪميتُ، ڪارو اصيل، سرڪو مَڪڙو، ڪبوتر، سنجاف، انبلَڪُ، ٻَگلو بورُ، شينهن مڪڙو ۽ سَمندُ مَڪڙو اڱڻ جي سونه هوندا هئا. انهن گهوڙن جا سنج اهڙا سنگاريل هوندا هئا جو پڇي تي پري، انهن سنجن تي چاندي جو ڪم اهڙو جڻ گهوڙو اصل جَرِڪي پيو، روز شام جو گهوڙن کي سينگاري ٻنين جو چڪر لڳائي اچي تنبيلن ۾ ٻڌيندا هئا. هاڻ انهن گهوڙن جي جاءِ ڪارون يا موٽرسائيڪل وٺي ويا آهن.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجه ڪوٽَنِ، ڪڏهن راهي رِڻَ جا.

پر سنڌي وري بہ سنڌي جيڪي انهن ڪارُنِ کي پنهنجن اوطاقن جي اڱڻن تي ايئن ئي بيهاريندا آهن جيئن اڳ ۾ گهوڙن کي بيهاريندا هئا.

پڇيم اهي ڪنڍيون مينهيون وري ڪهڙيون آهن؟ چيائين جيڪڏهن ڪُنڍين جي خبر نہ اٿئي پوءِ حيف هجي تنهنجي حال تي. چوي پيو ڪُنڍي مينهن جو نسل آهي جيڪا سنڌ جي اصلوڪي مينهن

آهي، ڪنڍيءَ مينهن جي نشاني اها آهي تہ هن جا، سنڱ (پورَ) چوڙي وانگر وريل هوندا آهن جنهن ڪي چوڙَ ڪُنڍِي بہ چوندا آهن. ڪنڍي مينهن ڪير جي ڀلي، وزن ۾ وچولي، ۽ مهاندري ۾ تمام ڀلي ڏسڻ ۾ هوندي آهي.

ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سُپَرين،
ڪي چڙهڻ تہ چِتَ تي، ڪي وِسرَنِ نہ مور،
جيئن مينهن ڪُنڍِيءَ پُورُ، تيئن دِلِ وارڪو دوست سين.

فقير چوي ٿو مينهيون مهاندن ۽ رنگن سان هيئن سڃاتيون وڃن ٿيون، ڪنڍي، گوشي، ڀِلَ، ڏڀي، ميٽي، ڀوري، ڀولي، گجر،چال، پنج ڪلياڻ، نيور ڪاري، ماٽڪي ۽ ٻيا قسم هوندا آهن.

فقير ڪان پڇيم لطيف سرڪار ٻڪرين جو ذڪر ڪون ڪيو آهي چو؟ چوي ٿو سنڌين جا ڪوڙ سارا شوق آهن ڪهڙن جو ذڪر ڪجي بهرحال لطيف سرڪار مٿين بيت ۾ خوشحال سنڌ جو چٽُ چِٽيو آهي.

ڀليون ٻڪريون اڱڻ تي سنڌي پنهنجو شان سمجهندا آهن. هونءَ تہ ٻڪرين جا گهڻا قسم آهن پر سنڌ ۾ ڪاموري، پٽيري، ٿري، ٽاپري، بَري، ٽِڪِڙي، جَهرِي، لاسي، ۽ ليڙي ٻڪريون شوق سان پاليون وڃن ٿيون، انهن ۾ ڪاموري ۽ پٽيري نواب ٻڪريون آهن. انهن ٻڪرين ڪي شوقين وڏي شوق سان پاليندا آهن.

ڊڳين جي باري ۾پڇيم، چوي ٿو ڀليون ڏڳِيُون ۽ ڀلا ڏڳا (ڏاندَ) سنڌين جي اوطاري جي سونهن آهن. ڊڳين جا ڪيترا قسم آهن، جن مان، مليرَ، پارڪِري (ڪڇِي) چولستاني، ٿاريلي سنڌ ۾ پاليون وڃن ٿيون. انهن مان چولستاني ۽ پارڪري ڊڳين جا ڏاند ملوڪ ۽ وزني ٿيندا آهن. سنڌ ۾ ڏاندن جا ميل پڻ ٿيندا آهن جيڪي شوقين وڏي شوق سان سينگاري اڇي پِڙَ ۾ لاهيندا پوءِ جنهن جي ڏاندن گوءِ کٽي ان جي اصل ٻانهن ٻئي لڳندي



آهي، اهي ڀلا ڏاند سنڌين جي اڱڻ جو پڻ سينگار آهن.

اوطاق جو پڇيم؟ چوي ٿو اوطاق اوطاري مان نڪتي آهي، سنڌين جي اوطاق جي خاص ڳاله اها هوندي آهي تہ وڏا ککاوانا مَنَهَن، پَکا، چَنا، لانڍيون سينگاريل هونديون آهن،جيڪي ڪٿي ڪٿي اجان بہ آهن. انهن پَکَنِ ۽ مَنَهَنِ جو لطيف سرڪار هڪ ٻئي بيت ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي.

ڏِکِهي اَڏُ مَ مَنَهِي، پَکو اَڏُ مَ لانڍِيَ،
جَنِهِي اَڏِيو وِرانڍِيَ، تَن ڪي لاڪي لڏائي چِڏيا.

انهن اوطارن ۾ ڀليون جنڍريءَ واريون کَٽُون انهن کَٽُن تي ٽُڪَ واريون رِلِيُون، انهن رلين مٿان پرتيل وهاڻا، ۽ ڪريسين واري جاءِ تي ڀِيلَنِ وارا موڙا سنڌين جي اوطاق جو شان هوندا آهن.

انهن کٽن ۽ مُوڙن تي بوسِڪِيءَ جا پٽڪا ٻڌي اجرڪ ڪلهن ۾ وجهي سنڌين جون محفلون هلنديون رهنديون آهن.

ان اوطاري ۾ مَچَ ٻارڻ لاءِ مخصوص جاءِ هوندي آهي، جتي ڪچهريون ڪيون وينديون آهن. انهن ڪچهرين ۾ ملڪي حالات، برادري مسئلن، ۽ راڳ رنگ جا پڻ دورَ هلندا آهن.

انهن اوطاقن ۾ ويهڻ جي هڪ مخصوص ترتيب هوندي آهي، جنهن ۾ برادريءَ جو وڏو يا چڱومڙس هميشه مٿاهين ۽ وچ واري جاءِ تي ويهندو آهي، ان وڏي جي احترام ۾ سڄي برادري خاموش رهندي آهي، ڪچهري ۾ وڏا سيراندي واري پاسي ويهندا آهن ۽ ننڍا پيرانديءَ واري پاسي ويهندا آهن. سلام ڪرڻ، هٿ ڏيڻ، پاٽي پيارڻ، ماني کارائڻ، هٿ ڌورائڻ، جو سلسلو هميشه وڏي کان شروع ڪيو ويندو آهي. وڏا بوسڪيءَ يا ململ جا پٽڪا ٻڌي اجرڪون ڪلهن ۽ وجهي ڦانگهون ٻڌي وڏي شان سان ويهندا هئا.

اصول مطابق اجرڪ جي ٿانگه وڏي جي موجودگيءَ ۾ ننڍا ڪون ٻڌيندا آهن. ۽ جي ٻڌيندا تہ بہ وڏي جي اجازت سان.

چڱا مڙس يا وڏيرا انهن اوطارن ۾ برادرين جا فيصلا پُڻُ ڪندا آهن، انهن فيصلن جي خاص ڳاله اها هوندي آهي تہ فيصلي ڪندڙ چڱو مڙس ٻنهي ڌرين لاءِ قابلي قبول هوندو آهي.

چوي ٿو سنڌي ماني ڪارائڻ جا خان آهن، پلين ڪيڏو بہ غريب هجي پر مهمان کي مانيءَ کانسواءِ نہ ڇڏيندو.

چوي ٿو نہ صرف ماني پر پلي اجرڪ جي اوڍاڻي ڪري پوءِ مهمان کي موڪليندا آهن.

چوي ٿو سنڌي عاشق مزاج تہ آهن ئي مٿان جي لطيف سرڪار جي دعا سان اهي سڀ شوق اکين اڳيان هجين تہ پوءِ ڇا ٿو سمجهين.

چوي ٿو برسات وسڻ کانپوءِ سنڌ جو نظارو ئي الڳ هوندو آهي، ماڻهو کيٽ کيڙيندا آهن، مال لاءِ چارو ٿيندو آهي، سنڌُ سموري سائي ٿي ويندي آهي. مينهن وسڻ کانپوءِ سڄي سنڌ ۾ سرهائي ٿي ويندي آهي.

بَرَ وُٺا ٿَرَ وُٺا، پَرِيُون تَرايُون،
پِرِهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا وايُون،
مَکَڻَ پَرين هَٿَڙا، سَنگهارِيُون سارِيُون،
ساري ڏُهَنِ سامُهِيُون، ٻولهايُون رايُون،
ٻانهيُون ۽ ٻايُون، پَکي سُونهَنِ پنهنجي

فقير چوي ٿو لطيف سرڪار هڪ اهڙي خوشحال سنڌ ٿو گهري جنهن ۾ اوطارا وَسِيَلَ هجن، انهن اوطارن ۾ هڪڙي پاسي پلا گهوڙا، ٻئي پاسي، پليون مينهيون. اَڳَڻَ تي مينهَن پيا وسن مطلب سنڌين جي خوشيءَ جو سارو سامان ڪٺو هجي، ۽ تنهن مهل سڄڻَ ساڻِ هجن انهن سڄڻن جي



حسن جو هيئنين بيت ۾ هيئن ذڪر ڪيو اٿس.

گَنيرَ گَتَ سِکَنِ، چَلَڻَ جي چاهَ پَئِي،
هِنڊاوا حيرَتَ ۾ پِئا، لالي ڪِي لَبَنِ،
چَمِڪَنِ چَوءِڏَسِ چنڊَ جئن، وِجُڙِيُون وِهسَنِ،
لوچَنِ ٿِيُون لطيف چئي، پَسَڻَ لئہ پِرِيَنِ،
ڪيسَرِ قَريبَنِ، سنباهي ساڻ ڪئا.

اهڙا سڄڻ ساڻ هجن تہ پوءِ مَرُ پيا اهڙا مينهن وسن.

ڏَڙَ رَيا، ريجَ ٿِيا، ڪِي اوهِيرَنِ اوڪَ،
ميها، چِپِڙَ، ڦنگِيُون، ٿِيِنِ سَيئِي ٿوڪَ،
چاچَرِ تي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ،
سَرَهِيُون سَنگهاريُون ٿِيُون، پائين توبو توڪَ،
لاٿائين مٿا لوڪَ، ڏوگاهي جا ڏينهَڙَا.

فقير چوي ٿو اهي سيئي سامان ڳني هجن ۽ سڄڻ ساڻ هجن تہ پوءِ سنڌين جي هني مون ٿي يا نہ . مونکي چيائين اهو بيت وري ڏي.

اڱڻَ تازي ٻهرِ ڪنڊِيُون، پَکا پَٽِ سُونهَنِ،
سُرَهِي سيجَ پاسي ۾، مَرُ پيا مينهنَ وَسَنِ،
اسان ۽ پِرِيَنِ، شال، هُونِ برابر ڏينهڙا.

## مُومَلَ کي مجازَ جا اکڙين ۾ اَلِماسَ

مُومَلَ کي مجازَ جا، اکڙين ۾ اَلِماسَ،
نَڪو عام نہ خاص، جي ويا سي وَڍِيا.

فقير چوي ٿو مومل ۽ سُومَلَ پنهنجي پيءُ راجا نندَ جون ٻئي لاڏليون ڌيئرون هيون. پيءُ جي هڪ طعني تي ڪاوڙجي ماٽيلي مان نڪري وڃي جيسلمير جي پر ۾ ڪاڪِ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي هڪ طِلِسماتي محلُ ٺاهيئُون هِنَنَ جي همراهَ ۽ همراز ٻانهيَ ناتَرِ بہ هنن سان گڏ هئي. فقير چوي ٿو مومل جو حُسُنُ، سُومَلَ جو عقل ۽ ناتَرِ جي نخرن ۽ جادوءَ جا چئوطرف چئوٻول هلڻ لڳا.

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن اُچِلَ،
نڪا جهلَ، نڪا پَلَ، سيڪا پسي پِرينءَ کي.

موملَ پنهنجي حُسُنَ سوملَ پنهنجي ڏاهپَ ۽ ناتَرِ پنهنجي ناٽڪ جي ٻانوَرَ تي هوڪو هلايو تہ آهي ڪو مرد مَٿيرُ جيڪو اسان کي ماٽي. جنهن تي پري پري کان ڪيترن ئي خانن ڪاڪ ڪنڌيءَ اچي ڏيرا ڪيا.

ڪنگرَ ڪڙولا، ڪيوٽيون، هٿِن ۾ هِيرا،
مَکِيِن ٽيون، مشڪُ، عطر، ۽ انبيرا،
خانن اچي کوڙِيا ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪِيرا،
سوڍيُون سوئيرا، آڏا پائي آئيون.



ان محل ۾ شاندار ڪمرا، ڪمرن ۾ ريشم جا هنڌ، هنڌن تي عطر ۽ انبير چنبيل، ان محل ۾ ڪيتريون ئي ٻانهيون، انهن ٻانهين جي بدن تي قيمتي لباس پهريل يعني جو ڏسي سو ڪپي.

اطلش آبريشم جا، پاتائون پهرڻَ،
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تڻَ،
ٻيا هاريا هٿِن تي، سندا مُشڪِن مڻ،
چندنَ سِين چِڪَ ڪري، اُجاريائون اَڱڻَ،
مومل جي مرڪڻَ، لکين لوڏي لُٽِيا.

ان محل جي ويجهو هميرَ سومرو پنهنجي وزيرن راڻو ميندرو، شينهڙو ڏماچاٽي ۽ ڏنئورُ پُٽاٽي سان گڏ شڪار ڪري رهيو هو. شڪار ڪندي هڪ بيحال جوڳيءَ کي ڏٺئون، جوڳيءَ کان خبر ورتائون تہ ڪير آهين ۽ ڪٿان پيو اچين؟

آئون اُتاهين آيو، جِتِ ڪنهن جي ناهِ مجال،
مومل جي ماڙيءَ کي طرحين طرحين تال،
لکين ماريو لال، موٽيو اچان ميندرا،

--

پِرِهَ جو پيدا ٿيو ڳاڙاهيءَ جو ڳَچُ،
سائي سالَ ڪلهن ۾، ٻيو منهن ۾ ٻري پيو مچُ
سامي چَئِجُ سَچُ، ڪٿان ڳڪوريون ڪاپڙِي.

جوڳي ڏسڻ ۾ تمام حَسِينُ جميلُ هو. اهو چوي پيو آئون جوڳي ڪون آهيان پر جيڪو مون ڏنو آهي ۽ جيڪو مونسان ٿيو آهي ان مونکي جوڳي بنائي ڇڏيو آهي. هن کان پهريان آئون بہ ڪنهن رياست جو بادشاهہ هئس. بهرحال ان سان حال احوال ڪندي خبر پئي تہ مومل جي ماڙيءَ تان

سامي سپ ڪجه لٽائي بيحال ٿي موٽيو آهي.

ڪالهَ گڏيو سِين ڪاپڙِي، بابُو بانَ بَرِي،
سائي سالَ ڪُلَهَنِ تي، سامِي سونَ سَرِي،
خَبرَ ڏي ڪَرِي، ڪا مومل جي مجاز جي.

جوڳي چوي پيو تہ مومل جي مهل ۾ اهڙو تہ تِلسِمُ آهي جو آئون منهنجو وڏو قافلو ڪاهي ويو هوس اهو سڄو لُٽائي واپس خالي هٿين موٽيو پيو وڃان.

ڪالهَ گڏيو سِين ڪاپڙي، پَهَرَ سِڄَ ڪانپوءِ،
پَسُو سونهَنَ ساميءَ جي، رَتُ وَرِنو روءِ،
جو مُنهنُ مومل جي پوءِ، موٽڻُ تنهن مَس ٿِئي.

جوڳي مومل جي حُسنَ تان پنهنجو سڄو ڪجهہ لُٽائڻ جي ڳالهہ شروع ڪري ٿو. چوي ٿو مونکان پهريان ڪي خان آيا سي سنجهي ئي ڪپي ويا. مون بہ وڏا وَس ڪيا مومل جو مجاز ماڻڻ لاءِ پر ماڻي نہ سگهيُس، ڳاله ڪندو وڃي روئندو وڃي. هاڻِ سَڄو ڪجه لُٽايو پيو چرين وانگر ڦران.

بِڪاريءَ ڪي بَرَ ۾، ويو ڪيفُ چَڙهِي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪِ جون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙهِي،
ڪا جا انگ اڙي، جيئن چُتلَ ڦَٿَ چِڙِي پيا.

جوڳيءَ جون اهي ڳالهيون ٻڌي همراهَ هيڪر تہ هَڪِيا ٻَڪِيا ٿي ويا. ۽ ان سوچ ۾ پئجي ويا تہ اهڙو ڪهڙو ڪاڪ ڪنڌيءَ تي جادو آهي جو جيڪو ٿو وڃي سو لُٽجي ٿو اچي.

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏا مامري،
ليهہ لُڏوڻِئي ڪنڌيين، اَڻَ مَيو آهي،
وڃو جي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نينهن جِيُون.



جوڳيءَ جون جوش ڀريون ڳالهيون ٻڌي راڻو راهَ ۾ ئي ڪُسِي پيو. هاڻِ راڻي رَءُ ڪيو تہ اها مومل ضرور ماڻِڻِي آهي سو ساٿين سان صلاح ڪري همير کي راضي ڪري ڪٺي ڪاڪِ ڏانهن ڪاهِيَئون.

ڪالهَ گڏيو سِين ڪاپڙِي، جهڙو ماهُ مُنِيرُ،
فيضُ، فِراقُ، فَقيرُ، جوڳِي جاڳائي ويو.

ڏِسِ ڏورينڊا چارئي يار اچي ڪاڪِ ڪنڌيءَ تي پهتا. اتي ڏسن هڪ ڳاڙهي رنگ جو محل نهيل آهي، جنهن جي چوڌاري هڪ وڏو عاليشان باغ آهي

چڙهيا چارئي يار سُوڏا شڪاري،
ڪاهي ويا ڪاڪ تي، جِتِ مومل موچاري،
بابو گڏيو بَرَ ۾، جنهن ڏِسِ ڏيکاري،
فِڪِرَ سين ڦِٽِي ڪئي، تنهن سوڍي سوياري،
موٽيا نہ ماري، جن ڪوتَرَ لتاڙيا ڪاڪ جا.

ڏسن تہ ان باغ ۾ قسمن قسمن جا وڻ ٻوٽا پوکيلَ آهن. جنهن ۾ ڪيترائي رستا آهن جيڪي مومل جي محل ڏانهن وڃن ٿا. انهن رستن تي ڪيتريون ئي ڪنواريون مهمانن جي ميزبانيءَ لاءِ ڪَرَ ڪنڍيو بيٺيون آهن

ڪرسَڻَ ڪاڪِ ڪنڌين، جِتِ لوهيڙا لال،
سوڍيون سونَ ورنيون، جوڀِنُٺُون جمال،
ٽَنِ گهٽا گاروڙي گهمائيا، ڪَلنگِين سان ڪمال،
ڏاران مينڌري مجال، پيو ڪاڪ ڏٺي ڪون ٿئي.

ان باغ ۾ هنن لاءِ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو پر راڻي سنگت کي صلاح ڏني تہ جي هتان واپس زنده هلڻو اٿئو تہ رهڻ، کائڻ، پيئڻ، جو

بندوبست خود کي ڪرڻو پوندو. تنهن تي هي پنهنجو هڪ الڳ ڏيرو ٺاهي رهڻ لڳا.

لُڏوڻيان لطيف چئي، ڪٿون ڪنيائون،
ڇڏي حيلا هليا، مومل ماڻيائون،
وڃي ڪاڪ ڪنڌيءَ، لَڏون لاٿائون،
پيرو پڳائون، آسڻ آرامي ٿيا.

اتي پهچڻ بعد خبر ورتائون، تنهن تي خبر پئي مومل ماڻڻ لاءِ وڏيون ڪَڙِيُون شرطون رکيل آهن اهي شرطون جهڙو تهڙو نہ پار ڪري سگهندو. انهن شرطن کي ڪٽڻ لاءِ ڪي ئي خان آيا ۽ ڪپي ويا.

ڳُجَرَ ڪي گجميلَ جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون.
مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ انبورَ،
هٽي حاڪمن ڪي، پٽَ پري پورَ،
گهوٽَ پهرين گهورَ، جي ويا سي وڍيا.

ان باغ مان مهمانن کي مومل سان ملائڻ لاءِ ناتَرِ ٻانهي وٺي ويندي هئي، جنهن وٽ مهمانن کي ورغلائڻ لاءِ ڪيترا ئي ڪرتب هئا. جنهن جي ڳالهين ۾ اچي همراهَ وچ واٽ تي ئي ڪپي ويندا هئا.

آيا اُوءِ ڪائي، پسي گامَ گجرئيين،
تنهن ناتَرِ گهٽا نِهوڙيا، جا دَرَ مٿي دائي،
اجان مومل منجهِ ٿي، جا ٻاڻَ هُئي ٻائي،
ساٿِيا سانبائي، ڪامل ڪجو ڪاڪ جي.

پاڻ ۾ صلاح ڪيائون جنهن ۾ اهيو فيصلو ٿيو تہ هميرُ سومرو



پهريان مومل ماڻڻ ويندو. همير تياري ڪري ناتر سان وڃڻ لڳو ڪجه دير اڳتي هلي ڏٺائين تہ ڳالهہ ڳاٽيتي ۾ نٿي اچي سو منهن هيٺ ڪري وچ مان ئي موٽي آيو. ساڳيين حالت شينهڙي ڏماچاڻيءَ ۽ ڏنئور پٽاڻيءَ سان ٿي.

سوين شڪاري آئيا، وڏا منجهہ ويرَ،
هِتي ڪَئِين هميرَ، لکين خان ڪپي ويا.

جڏهن راڻي جو وارو آيو تڏهن راڻي هنن تي ٺَٺولَ ڪندي چيو تہ اوهين تہ ناترِ جي نخرنِ ۾ ئي ڊير ٿي ويا مومل ماڻڻ ڪو مزاق ناهي ڏسو تہ آئون ڪيئن ٿو ماڻيان.

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، ڏٺائون ناترِ،
گهوٽن وِسريا گهر، گهُورَ پهرين گهائيا.

ناترِ راڻي کي وٺي مومل ڏانهن رواني ٿي، تڏهن راڻو سمجهي ويو تہ سڄو کيل ان ناترِ جي ناٽڪ ۾ آهي راڻي رستي ۾ ئي ناترِ جي ڳالهين کي نظرانداز ڪندي پنهنجي ڏاهپ تي زور ڏنو ۽ ناترِ جي ڳالهين ۾ اچڻ کان پاسو ڪيائين. جڏهن ناترِ ڏٺو تہ راڻو منهنجي ڄار ۾ نٿو اچي تڏهن راڻي کي ڊَپَ ڏيڻ لڳي.

آئون ٻانهي ٻايون ٻيون، ٽَڙُ مڙوئي تار،
هتي لکين لوڏي نهوڙيا، هتي هاڻ هزار،
پيا نہ ڏسين پَٽَ تي، ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪنار،
تو جيڏا تو يار، مومل موهي جهليا.

ناتَرِ ڏٺو راڻو مُڙي ئي ڪون ٿو تڏهن راڻي کي وري پنهنجي ڦَند ۾ آڻڻ لاءِ راڻي جي همدرد ٿي سمجهائڻ لڳي.

گام مڙوئي گجريون، جِتِ رانوڙيون رهن،
ڏهَ ڏهَ پيرا ڏينهن ۾، خون ڪلندي ڪن،
سامهون وچ مَ تنِ، اڳيان راڻان ٿو رِڻُ وهي.

وچ تي ڪيترين ئي ڪنوارين جهولَ جهلي بيٺيون هيون تہ راڻي کي رستي تي ئي ڪپائي ڇڏيون. پر سائين راڻو بہ راڻو هو تنهن جي انهن مان ڪنهن تي بہ اک نہ پڏي اصل مومل مومل پيو ڪري.

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مالَ،
سوڍيون سهجائي هليا، هي تني جي حالَ،
جي چورين ڏنا چالَ، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

آخر راڻو نہ هٽيو تڏهن ناترِ آخري حربو هلندي چوي ٿي راڻا تون جيڪا مومل مومل پيو ڪرين سان توکي ڏسندي ئي ماري ڇڏيندي.

مومل هٽ ڪماڻ، نسورو ئي نينهن جو،
هٽي حاڪمن کي، ٻنگَ نهاريو پاڻ،
جيلانهن لڳس ٻاڻ، ٿي وايوڙن ڪَرُون لَهي.

پر راڻو ڪو مُڙي نيٺ اچي ناترِ کي مجبور ڪيائين تہ مومل ضرور ڏيکار، ناترِ مجبور ٿي اچي مومل سان راڻي کي ملايو.

آسڻَ باسڻَ ان جا، سونا سَپيئي،
رتا هَٿَ رانوڙ جا، ٻيڙن سِين ٻيئي،
ناترِ نيئي، راڻو اُتِ رسائيو.

راڻو ڏسي تہ مومل جي جيڪا ڳاله دنيا ۾ هلي پئي ان کان بہ وڌيڪ مومل ملوڪ آهي. خير ٻئي مليا پاڻ ۾، مومل پهرين ساعت ۾ سمجهي وئي تہ جيڪو هيڏيون رڪاوٽون لتاڙي اچي مون وٽ پهتو آهي تنهن ۾ واقعي ڪا مَٽِيا تہ ضرور هوندي. اها رات ڳالهيون ڪندي گذري وئي ڪا خبر ئي ڪان پئي.



گلستان جهڙيون گُجريون، اِرمَ اوڍيائون،
چوٽا تيل ڦليلَ سِين، واسينگ ويڙهيائون،
ستي لوڪ لطيف چئي، راڻو رانيائون،
سو موٽي ڪيئن پاهون، جو گل گجرِ کي گڏيو.

فقير چوي ٿو ان رات راڻي کي پاڻيءَ جي طلب ٿي تنهن تي مومل راڻي کي پاڻي پياريو پاڻيءَ جو ڳاڙهو رنگ ڏسي راڻو ڇرڪجي پيو. تنهن تي مومل راڻي کي چيو رڻا ڇرڪُ نہ اهو پاڻي ڪاڪ نديءَ جو آهي جنهن جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي. تون بي خوف ٿي پيءُ.

ڪَڪو پاڻي ڪاڪ جو، راڻا پاءُ مَر رتُ،
سوڍا اِيءُ شربت، نسوروئي نينهن جو.

تقريبن ٻن ڏينهن ڪانپوءِ راڻي کي هوش آيو تہ مون سان وقت جو بادشاهہ همير سومرو ۽ ٻئي سنگت آيل آهي، سو مومل آٿتِ ڏني تہ تون پريشان نہ ٿي انهن جي خدمت ۾ مون ڪا بہ ڪسر ڪون ڇڏي آهي. ناترِ ٻانهي انهن جي خاص خدمتگار آهي.

سوبن شڪاري آيا، تون سِرُ سيِن جو،
مٽيون جنهن جي منهن ۾، سوڍو آهي سو
اِيءُ تڙُ متايو تو ٻيا ڪامل آيا ڪاڪِ تي.

هميرَ سومري ۽ ٻئي سنگت ناترِ ٻانهيءَ کان پڇيو ڏي خبر راڻي جي ڪيڏانهن ڪيو اٿئي نہ ٿو اسان جي خبر وٺي نڪو ئي ٿو اچي ڇا ماجرا آهي. تڏهن مومل چوي ٿي راڻو مومل جي آسڻ ۾ آهي هن وقت هن کي پيو سپ جهانُ وسريل آهي.

راڻو ٻن ڏينهن ڪانپوءِ پوءِ جڏهن سنگت سان مليو تڏهن راڻي جي منهن تي مرڪ هئي ۽ مومل جي مجاز جا خمار ڇانيل هئا، اهو ڏسي

سنگت سمجهي وئي تہ راڻو ڏاڍو خوش آهي.

ڪاڪِ ڪڪوريا ڪاپڙي، تَنِ لَهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، مَئي پي موالي،
ڪري حاصلُ هليا، ڪيفيتَ ڪمالي،
وطنُ وصالي، لُڏوڻيا لوڏي ٿيا.
پوئنر جيئن پِرِي، سڄڻَ سلامتَ آيا،
تني ڪي ڦِري ڪلِي مون ڪينڪاريو.

سو سنگت ايندي ئي راڻي ڪان حال احوال وٺڻ شروع ڪيائون. ڳاله ڪندي مومل جي مجاز جي راڻو چوي ٿو مومل ڪيترن کي ماري وڌو پر آئون مومل کي ماتِ ڏيو پيو اچان.

ڱُجَرَ گهٽا گهائيا، پاڻان لڱُسُ گهاءُ،
مينڌري مُلاءُ، لڱُسُ ڪانُ ڪپارَ ۾.

سنگت پڇيو راڻي ڪان مومل ڏسڻ ۾ ڪهڙي آهي اخلاق ۾ ڪهڙي آهي، تو سان هن ورتاءُ ڪيئن ڪيو تو هن سان ورتاءُ ڪيئن ڪيو؟

ڪنڌيا نَڪَ ڪُنوارئين، ڪارا پِرِوُن پنيور،
نيٽين پِنِيُون نِينگِريون، اَڇا ڏندَ اَتورَ،
گهميو لاهينِ گجريون، سندي ڦلنِ ڦورَ،
ٻيٽيون راجا نندَ جون، ٽِلنِ وڏي ٽورَ،
هئا مانجهي منهن مٺورَ، جي راتِ ڪنوارينِ ڪڪوريا.

فقير چوي ٿو اهي ڳالهيون ٻڌي همير جو مَنُ ماندو ٿيو تنهن مومل جا ديدار پسڻَ لاءِ راڻي کي چيو، چون ٿا راڻي همير کي هيٺ ڪرڻ لاءِ شرط رکيو تہ جيڪڏهن مومل جا ديدار پَسِڻا اٿئي تہ هميرَ توکي مينهين جو



ميهار ٿيڻو پوندو. هميرَ اها شرط قبول ڪئي وڃي ويسُ مٽائي مينهيون ڌُهڻُ شروع ڪيائين، مومل مينهين جو وٿاڻُ گهمندي ڏسي تہ جيڪو همراه مينهيون ڌُهي پيو تنهن جا هٿَ رتُ ٿي ويا آهن، معلوم ٿيو اهو همير آهي جنهن مومل کي ڏسڻ لاءِ اهو روپ ڪيو آهي تنهن تي مومل ڏاڍي مايوس ٿي ۽ راڻي کي چيائين راڻا توکي همير سان ايئن نہ ڪرڻو هو.

تون ڊاتي ڏِٺَ ڏٺي، ڊولا تنهنجو ڏِٺُ،
پائي تارازيءَ توريان، ملڪُ نہ تنهنجو مَٽُ،
لاهي ڪَسَرَ ڪَٽُ، اڃي ڪوڙُ ڦناتون ڪاڪِ تي.

پر راڻي مومل سان واعدو ڪيو مومل تون هينيون نہ هارُ آئون جلدي موٽي ايندسُ تنهنجي ماڳ تي. مومل آخر تائين راڻي کي ريجهائيندي رهي تہ ٻيلي جيڪو قول ڪيو اٿئي سو پارڄُ ضرور.

تون ڊاتي ڏِٺَ ڏٺي، تون راڻو تون راءُ،
مومل محتاجِيُون ڪري، عاجزيون اڳيانءِ،
هُو جي قولَ ڪياءِ، سي سگها پارِڄُ سُپرين.

نيٺِ آخر مومل ڪان موڪلائي ڏِٺَ ڏانهن پنڌ پيا، مومل وڏيون ايلازيون ڪندي رهي پر راڻو واپس ورڻ جا قول ڪندي روانو ٿي ويو.

ڏِٺَ مَ وَڃجُ ڊولَا! ڪاڻِياري ڪاڪ ڪري،
آءُ اڳهين آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻولَ،
توکي ساري سُپرين، هينڙي اڇن هولَ،
ٽِڪاڻا ۽ ٽولَ، وِسَهُ مون وِهُ ٿئا.

جڏهن هميرُ سومرو چئني يارنِ سان گڏ امرڪوٽ پهتو تڏهن چون ٿا همير راڻي کي خارَ ۾ اچي عمرڪوٽ ڪان ٻاهر وڃڻ جي پابندي لڳائي ڇڏي. پڇيم پابندي جو لڳايئين؟ فقير چوي پيو هڪ تہ همير کي

مومل نہ ماڻڻ جو ڏک هو ۽ ٻيو ان ڳاله جو جيڪو راڻي همير کي مومل جي مينهين جو ميهارُ ٿاهيو هو انهن ڳالهين جي ڪري همير راڻي تي ڪاوڙيل هو.

چون ٿا راڻي ڪجهہ ڏينهن عمرڪوٽ ۾ گهاري مومل سان ملڻ جي هڪ ترڪيب ڪيڊي جيڪا اها هئي تہ اهڙو ڪو اٺ هٿ ڪجي جيڪو راتو رات وڃي مومل سان ملائي. سو راڻي وڃي ريبارين کان اٺ گهريو تنهن تي ريبارين راڻي کي چيو اسان جي وڳ ۾ هڪ گورو آهي جيڪو رات مهل وڳَ مان هليو ويندو آهي ۽ صبح مهل وڳ ۾ اچي ويندو آهي اهو گورو جيڪا اوڳرِ واريندو آهي تنهن مان خوشبو ناگيلَ ول جي اچي ٿي جيڪا وَلِ صرف ڪاڪ نديءَ تي ئي ٿئي ٿي پيو ڪٿي بہ نٿي ٿئي.

جي ننڊيو تان ڪوهُ، وِڪِڻ آهي وِتِرو،
وَڃيو ڪاڪِ ڪنڊِيِن ۾، پَهَسِ پَڪيءَ جِڻَن پوءِ،
اِنَ ڪُڙهِ سندو ڪوءِ، مَيو ماٺو نہ ٿِئي.

راڻي اهو ئي گورو ڏوڙيو. ان گوري تي روز رات جو مومل سان ملڻ لاءِ ڪاڪ محل وڃي نڪرندو هو ۽ صبح مهل همير جي محل ۾ هوندو هو.

اَڪُون، ڊاڪون، سِرِڪنڊَ شاخون، جِتِ چوڪا چندنَ ڪونئرَ،
مَيِي سي ئي ماڻيا، جِتِ نہ پِرَنِ پوءَنر،
ڪُئاريون ۾ ڪوءنرَ، ڪاهِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.

مومل ۽ راڻي جي ملاقاتن جو سلسلو هلندو رهيو. هڪ ڏينهن راڻي جي پيڻ جيڪا همير جي زال هئي تنهن ڏٺو تہ راڻو آرامي آهي ۽ راڻي جي زلفن مان ڳارهو رت جهڙو پاڻي وهي رهيو آهي. تنهن وڃي همير کي اهو ماجرو ٻڌايو. همير معلوم ڪيو تہ خبر پئي تہ اهو ڳاڙهو پاڻي



ڪاڪ نانديءَ جو آهي همير سمجهي ويو راڻو رات مومل سان ملڻ وڃي ٿو تنهن وري راڻي تي سختي ڪري چڙيائين ۽ اُٺ جا پيرن لوهي ڪِلا هٽائي چڙيائين.

هڪ راتِ راڻي کي مومل جي ياد اچي ورايو. تنهن وري ساڳيو ڪرهو ڪاڪ ڏانهن پلاڻيو پر ڪرهي جي پيرن ۾ ڪِلا لڳل هئا. ڪرهو هلڻَ ۾ هيٺو ٿي ويو.

ڪرها ڳسَرَ چڙُ، وِڪَ وڏندي پاءِ،
منهنجو هلڻُ اُتي ئي، جِتِ جانب جاءِ،
توڪي چندنُ چاريان، ٻيو وڳُ لاڻِي ڪاءِ،
ايئن اُٺَ اناءِ، جيئن هونديءَ راتِ هُتِ مِڙُون.

راڻي ڏٺو رات ڪرهي جي قدمن ۾ تہ لوهُ لڳل آهن سو اهو ڪيڊي ڪاڪِ ڏانهن ڪاهيائين. پوءِ تہ ڪرهو چئي اصل ڪاڪ ڪٿي.

ڳسَرَ چڙُ ڪنواڻَ، وِڪون وِڄه وڏنڊِيُون،
سَئِي سُپيرين جي، ونگِي پاءُ مَ واٺَ،
چَڙُ جُهوري ڏي جهاڻَ، هونديءَ رات هُتِ مِڙُون.

وڏيءَ راتِ راڻِي کي ڳَرهي ووي ڪاڪ رسايو. ڏسي تہ مومل ڪنهن مرد سان گڏ سُتي پئي آهي، سو راڻو ماٺِ ماٺِ ۾ پنهنجو لَڪُڻُ نشاني رکي روانو ٿي ويو. مومل جاڳي ڏسي تہ راڻو رات آيو هو جيڪو ڪاوڙجي پنهنجي نشاني لَڪُڻُ رکي هليو ويو.

ڪاڪِ ڳڙهِي وڻَ ويا، جَلي منهنجي جانِ،
رکي ڪامَ ڳَڙڪِيو، مارِيَسِ تنهن گُمانَ،
هَڏِ نہ جيئان هاڻِ، سِگهو موٽِجُ سُپَرِين.

فقير چوي ٿو راڻي ملئي مومل کي گهٽا ڏينهن ٿي ويا هئا سو مومل

سومل کي چيو تہ راڻي جي وڏي سِڪَ لڳي آهي تون مون سان مردن وارا ڪپڙا پائي سمهُ، ان رات مومل کي خبر ڪان هئي تہ ڪو راڻو ان رات اچي پيو، سو مومل سومل سان گڏ سمهي رهي، راڻي جيئن ئي مومل سان ڪو مرد سُتَلُ ڏسي شڪ جي بنياد تي ڪاڪِ کي ڪاٽياري ڪري وڃي عمرڪوٽ مان نڪتو هِتي مومل جي من ۾ جڻ مچُ ٻري ويو.

ڪاڪِ ڪڙهي وڻ ويا، جلي منهنجي جان،
رکي ڪامَ ڪڙڪيو، مارِيَسِ تنهن گمان،
هَڏِ نہ جيئان هاڻِ، سِگهو موٽجُ سُپرين.

--

هئي جي نہ هئي، تہ نہ راڻو رنجُ رکي ويو،
ماريس تنهن مامري، جا سڀ ڪنهن ڳاله سُئي،
ڳُٽَنِ سان ڪُهي، ويو نهوڙي ننڊَ ۾.

فقير چوي ٿو مومل کي راڻي کان وڇڙڻ کان وڌيڪ ان داغ جو غم ٿيو جيڪو گناه هن ڪيو ئي ڪو هو. تنهن غم ۾ هيءَ ڏينهون ڏينهن اندر ئي اندر ۾ ڳرندي وئي.

راڻا رُسِي ڪاڪِ سِين، وڇوڙو وِڌوءِ،
فوڙائي فراق جو، قدر ڪونَ پيوءِ،
دل کي داغُ ڏنوءِ، مُئِيءَ نہ وسري مينڌرا.
راڻو رُنو ڪاڪِ سِين، ٿي قيامت ڪاري،
جنهن پر مير مينڌرو، سا پر نہ مون پاري،
ڍولي سا ڍارِي، جيئن ڪنڌُ مٿاهون نہ ڪڍان.

مومل کان راڻي جي رُسڻَ بعد ڪائڻ، پيئڻ، کِلَڻُ، ڳُڌَڻُ سڀ وسري ويو هاڻِ ڪاڪِ تي اصل ڪانگ ويهي رهيو.



ڪاڪِ ڪڙهي وڻَ ويا، ٻريا رنگ رَتولَ،
تو پُڄاڻا سُپرين، هينئڙي اچن هولَ،
هُو جي ڪَيَئِي قولَ، سي سگها پارجُ سپرين.

فقير چوي ٿو راڻي ۽ مومل جي ملڻ جو وقت رات جو هوندو هو ۽ اڳي رات جو وقت جو تعين چند، تارن، ڪتين، لوڏي، ٽيڙوئن جي هلچل تي ڪيو ويندو هو ۽ مومل جون سڄيون راتيون نگاهون، راڻي جي راهَ ۽ تارن جي هلچل تي هونديون هيون.

ڪَتِينِ ڪَرَ موڙيا، ٽيڙو ايا ٿئي،
راڻو رات نہ آيو، رات ٿَرِي ويئي،
ڪُوءِ سا ڪاٽِي راتڙي پِرِيَنِ لئہ پيئي،
مون کي ڏَنءِ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍَٽِ قراريو.

هاڻِ اهو ڪاڪِ محلُ جنهن ۾ مومل کي ئي ڪوڏَ ڪيا سو مومل کي جڻ ڪائڻ پئي آيو. راڻو رسيو جڻ مومل جي مَتِ کَسِي چرين وانگر لُڏاڻي ڏانهن اڪ هجي هاڻ راڻي ۽ راڻي جي ڪرهي کي ساريو پئي رتُ روئي.

مومل وينئي مينڌرو سدائين ساري،
وَلِيون واسَ ورنيون، چانگي کي چاري،
جڏهن تڏهن سپرين، ايندمُ اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪنديس ڳُجهيُون.

راڻي ڏانهن نياپو موڪليندي چوي ٿي راڻا تو جيڪا مونکي عيبن هاڻي سمجهي سا آئون نہ آهيان، منهنجي من ۾ صرف ۽ صرف تنهنجو ئي ٻارڻُ آهي، جي تون نہ آهين تہ سمجه مون لاءِ ڪجه بہ نہ آهي. اها ڪاڪِ، اهي باغ، اهي ٻانهيون، اهي ٻايون مون لاءِ حرام آهن. تون هڪ ڀيرو ڪاڪِ تي ڳُهِي اچ.

ڏجانءِ ڏاڻي ڏولَ کي، سنيهو ساري،
مونکي ڦَٽَ فراق جو، ميندڙا ماري،
اچين جي واري، ڪرهو ڪميٽيءَ تي.

چوي پئي راڻا آئون تنهنجي ئي رنگ ۾ رنگيل آهيان. مونکي ٻيو ڪجه بہ نہ ٿو سُجهي، تون ئي منهنجو ننگُ آهين تون ئي مون کي عيبن هاڻي ڪندين تہ پوءِ آئون ڪيڏانهن وينديس.

راڻا تنهنجو رنگ، ڪنهن ويسريءَ نہ وسري،
اسان ڏي اچڻ جو، دوست وجهجُ مَ دنگُ،
نَرَ سجاڻِجُ ننگُ، مِهڻِي آب متان ڪرين.

پر راڻو نہ آيو مومل ارادو ڪيو هاڻِ راڻي ڏانهن مونکي پنهنجي صفائي ڏيڻ لاءِ خود وڃڻو پوندو. سو مومل مردانو ويسُ ڪري ڪاڪِ ڇڏي لُڏاڻي ڏانهن پنڌ ڇڪيو اچي عمرڪوٽ پر سان ڏيرو ڏنائين. راڻي کي خبر پئي تہ ڪو پرديسي آيل آهي جيڪو چوپڙ راند جو وڏو ماهر آهي، راڻي کي شوق ٿيو تہ ان سان بہ اها راند ڪجي. سو راڻو بہ اچي رسيو. ڏسي تہ هڪ مرد جنهن جي چهري تي پردو آيل آهي اهو ماڻهن کي چوپڙ راند ۾ ماتِ ڏيو وينو آهي. راڻي بہ رَءُ ڪيو تہ چو نہ ان کي راند هارائجي، سو راڻي راند رهڻ جي حامي ڀري راند رهڻ شروع ڪئي. راند هلندي رهي هڪ راڻو راند ماري تہ ٻيءَ مومل ماري، اصل راند جو نبيرو ٿئي ئي نہ اچي شام ٿي. راند ڪندي مومل جي هٿ جي ڪرائيءَ تان ڪپڙو لهي پيو جنهن سان راڻو مومل جي هٿ جي ڪرائيءَ تي نشان ڏسي سمجهي ويو تہ اها مومل ئي آهي جنهن سان آئون راند پيو ڪيڏيان. راڻو ڪاوڙ ۾ اٿي روانو ٿيو ۽ چوڻ لڳو مومل هاڻِ تون ڪيڏا بہ هيلا بهانا ڪرين پر راڻو تنهنجو ڪو نہ ٿيندو، سنو آهي تون هتان هلي وڃُ. مومل رڙيون ڪندي چوندي رهي راڻا آئون پاڪ آهيان تون مونکان ساکَ وٺ جيڪا آئون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پر مونکان ناراض نہ ٿي.



پائي پانڌ ڳچيءَ ۾، اڱڻَ جي اَچن،
منهن ۾ مديُون تن کي، ڏسڻ سين نہ ڏجنِ،
اوڳُڻَ عيب اُٽايون، ڍڪڻُ ٿي ڍَڪِجن،
توڙي ڪچيُون ڪنِ، تہ بہ معاف ڪجن ميندڙا.

فقير چوي ٿو راڻي ڪون مڃيو اتان کان اٿي هليو ويو ۽ چوندو ويو مومل تون هتان هلي وڃ. مومل رڙيون ڪندي رهي ۽ چوندي رهي راڻا آئون توکان سواءِ ڪيڏانهن وڃان جيڏانهن ٿي وڃان اوڏانهن تنهنجو ئي عڪس سامهون اچي ٿو.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چِٽاڻو،
منجهئي ڪاڪِ ڪَڪوري، منجهيئي لُڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، رءَ راڻي ناهي ٻيو ڪو.

پر راڻو اتان کان هليو ويو، مومل راڻي ڏانهن نياپو موڪليو تہ راڻا جيڪر توکي مون تي اعتبار نہ آهي تہ سياڻي اچي ڏس آئون مَچَ جي آڙاهَ ۾ توکي پنهنجي ساک ڏيان ٿي. ٻئي ڏينهن مچُ ٻريو ملڪ ۾ هوڪو هليو، خلق اچي گڏ ٿي، مومل تيل ڦليلَ ڪري هارن سينگارن سان گڏ ڪلندي ڪڏندي اچي مَچَ ۾ ٽپو ڏنائين. فقير چوي ٿو اها ڳاله جڏهن راڻي جي ڪَنَنِ تائين پهتي تڏهن راڻي بہ اچي پنهنجو پاڻ مچ ۾ وڌائين.

مون گهر اچي ٿئي، ميندڙو مهمان،
آڻي جهوڪيان آگ ۾، جيري وجهان جاڻ،
تاڻي تنورن ۾ پيري هٽا پاڻُ،
پيڪنِ سوڏو پاڻ، گهرُ، تڙُ، گهوريان ٻِرَ تان

## موکي منڍُ پيارُ، اُونچو اُونچي مَٿَ مان

فقيرچوي ٿو موکيءَ جو جنهن جاءِ تي هَٽُ هو ان جاءِ وٽان متارنِ جو گَسُ هو. موکي جي هَٽَ تي شراب ملندو هو ۽ متارا موکيءَ جي ان منڌَ جا مشتاق هئا. هونءَ تہ ان گَسَ تي ٻيا ڪيترائي هٽَ هئا پر موکي جي هٽَ جو چَسُ ئي ٻيو هو.

عاشق! معشوقن جي، وٺي ويهُجُ واٽَ،
موکي سندي مَٽَ تي، اَچِجِ اُوچي ڳاٽَ،
لاهيندئي اُساٽَ، وَٽِيُون پياري وڪَ جون.

فقير کان پڇيم موکيءَ هئي ڪير؟ چوي ٿو هُونئن خلق ڳالهيون تہ ڳچُ ٿي ڪري، پر مونکي جيڪا ڳاله عقل ۾ ٿي اچي ٿي اُها اِها آهي تہ موکي ناترِ جي ڏيءَ هئي. جيڪا ناتَرِ مومل جي ٻانهي هئي.

آيا اُو ڪائي، پَسِي گام گجرئين،
تنهن ناتَرِ گهٽا نهوڙيا، جا دَرَ مٿي دائي،
اجان مومل منجه ٿي، جا ٻاڻَ هٽي ٻائي،
ساٿيا سانباهي، ڪامل ڪجو ڪاڪِ جي.

فقير کان پُڇيم متارا ڪير ۽ ڪيترا هئا؟چوي ٿو لطيف سرڪار موکي جي مئخاني جي مستانن کي متارا ڪري پڪاري ٿو. متارن جي باري ۾ بہ مختلف ڪهاوتون آهن، ڪي چون ٿا اهي ڇَهَ ڄڻا هئا تہ ڪي چون ٿا اهي اَٺَ ڄڻا، پر هڪ بيتُ شاهدي ڏئي ٿو جيڪو لطيف سرڪار



جو آهي يا ٻئي ڪنهن درويش جو آهي، جنهن مان شاهدي ملي ٿي تہ اُهي اَٺَ ڄڻا هئا، پر جي مزارن تي وڃبو تہ اتي ڇَه قبرون هڪڙيءَ لانڍَ ۾ آهن ۽ ستين قبر انهن کان الڳ آهي.

ٻہ سمان، ٻہ سومرا، ٻہ چنا، ٻہ چوهان،
موکيءَ دَرِ مهمانَ، ايندا هئا اَٺَ ڄڻا،

موکي جو هَٽُ ڪراچيءَ جي اُيَرنديين پاسي ناراٿر جبلَ جي ٽڪريءَ تي هو. جتان کان سامونڊي واپاري لنگهندا هئا. اهي واپاري وڏا مالدار، ملڪيت وارا هوندا هئا. انهن جو ٽَڪُ لاهڻ لاءِ موکيءَ بہ اچي شراب جو هٽُ کوليو هو.

عاشق! معشوقن جي، وٺي ويهج راهَ،
موکي جي مَئِخانَ تي، نَمِي ڪِجُ نگاهَ،
وَڄُ تہ ڏِينَئِي واهَ، سُرڪي ڪا شراب جي.

موکيءَ ماٽسِ وانگر ڏسڻ ۾ سُهٽي هئي ۽ هن جي ادائن ۾ بہ وڏي نماڻائي ۽ نِوڙَتَ هئي. جنهن ڪري موکيءَ جي هَٽَ جو وڏو چرچو هو.

وِڄهجُ واٽاڙن تي، مئخاني جي ماڪَ،
ٽيندي سُڌِ سيڪنهن، هنڌَ هنڌَ پوندي هاڪَ،
پِرِهَ جا پياڪِ، جہ سي اگهڻ آئيا.

هڪ دفعي موکيءَ جي متوالن اچي موکيءَ وٽ لَڏُون لاٿيون. ايندي ئي موکيءَ کان سري جي سَڌَ ڪيائون.

جہ سي اگهڻَ آئيا، تہ سرو ڪندا سُڄَ،
سائي ٽيندي اُڄَ، هِي پيتو هُو آڻ ڪي.

موکي وڃي مٽنِ جا منهن اُپٽِيا تہ مار هي چا! مٽ تہ سمورا خالي لڳا پيا آهن ٻيا مٽَ خالي ڏسي هُن جڏهن آخري مَٽُ اُپٽِيو تہ چا ٿي ڏسي

تہ ان مَٽَ ۾ هڪ وڏو ڪاريهر نانگُ مُئو پيو آهي، پر ان سري جي بُوءِ وچي متارنِ تائين پهتي.

موڪي سندي مٽ ۾، سِري سَپُ پئو،
ڳري سو ڳيا ٿي، پرزا ٿي ويو،
ڪنڌن ڪرون جهليون، مڇي منڊُ پيو
قضا ڪم ڪئو ڪونهي ڏوهہ ڪلاڙَ جو.

موڪيءَ انهن کي انڪارُ ڪيو تہ مون وٽ منڊُ ختم ٿي چڪو آهي ان ڪري آئون توهان جي اها خدمت نٿي ڪري سگهان. متارن سمجهيو موڪيءَ سَري جو مُلہ مهانگو ڪرڻ لاءِ پئي نخرا ڪري. تڏهن متارن موڪيءَ کي چيو "موڪيَ تون پئسي جي پرواهہ نہ ڪر جيڪو توکي مُلہُ کپي سو وٺ پر اسان کي شراب تنهنجي ئي هٽان پيئڻو آهي".

موڪي متارنِ جا نِنڍيا ڪِيمَ نهارَ،
ساماٽا سري ڏٽي، اچا اڳڻَ ڏارَ،
ناٽو ڪِيمَ نهارَ، سِرَ پُڻُ ڏيندا سَٽَ ۾.

موڪي کي چيائون اسين بہ ڪنهن رياست جا راجہ آهيون پر موڪيءَ تو اسان جي بہ سردار آهين تنهنجي هٽن جو ناهيل شراب اسان کي ڪٿي بہ ڪون ٿو ملي، نہ ئي تو جهڙو ساقي. نہ ڄاڻ کهڙو تو ۾ ۽ تنهنجي شراب ۾ نشو آهي جو اسان ٻئي ڪنهن ڏانهن ڪنڌ کڻي نهاريندا ئي ڪون آهيون. تنهنجي شراب مان اسان کي وڏا قرار اچن ٿا.

موڪي! منڊُ پيار، اُونچو اُونچي مَٽَ مان،
ڏيندي ڏاتارن کي، وَتِي وِڄه مَ وار،
سِرَ کڻي سردار، اڳڻ تنهنجي آئيا.

پر سائين متارا کي مُڙَنِ هنن کي موڪيءَ جي ميخاني مان سَري



جي بوءِ تہ پهريان ئي پهچي چڪي هئي، تن ضدُ ڪيو تہ جيڪو تو وٽ موجود آهي سوئي اسان کي پيش ڪر.

موڪي مَٽَ اُپٽِئا، سوارا صُبُوح،
اُونچي جي عبداللطيف چئي، باسَ پُهتينِ بُوءِ،
ڪڙو جي ڪَڪُوهہ تہ بہ وَٽَ سِرِ گُهرن وتِيُون.

موڪي مجبور ٿي ان مَٽَ منجهان متارنِ کي وٽيون ڀري ڏيندي وئي ۽ متارا تِڪُون ڏيندا ويا ۽ پيئندا ويا. تان جو وچي مَٽُ خالي ڪيائون.

عاشق زهرَ پياڪَ، وِهُ پَسِئو وِهِسَنِ گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪَ،
لَڳِيَنِ لَئُون لطيف چئي، فنا ڪِئا فِراقَ،
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلَنِ عامَ کي.

موڪيءَ متارن کي وِهَ واريون وٽيون ڏيندي وئي، متارا ان وِهَ کي پنهنجو جيءُ دانُ ڪري پيئندا ويا. موڪيءَ ڏٺو هنن جو پيڳنِ مان پورائو نٿو ٿئي، سو آٽي مَٽُ اڳيان رکيائين.

گُهٽَنِ ۽ گُهٽِڪَنِ، وتِيُون پيئن وِهَ،
سِر گاڏئون، ٻِده ساقي برخيز پيار کي پرين،
هو ڀِڪين نہ پرچنِ، مَٽَ تَڪِيائون منجهيان.

موڪي ڏٺو سڄو سَرو تہ سُڄَ ڪري ويا پر مُرڳو متارا مستيءَ ۾ اچي اچا وڏيڪ منڊُ پيا گهرن.

مشتاقَ مئخاني جا، مُوران نہ موٽنِ،
جہ ڪاتَ ڪلاڙَ ڪِديا، پتنگ جيئن پونِ،
نَفِيان نابود ٿي، اثِباتان اچن،
ڪنهن جنهن چالِ چلنِ، آڳِڙيا اَجلَ کي.

موڪيءَ جي من ۾ اها وِرونهن تہ متارا اجهي مٺا، پر متارا مستيءَ وچان منڊُ منڊُ ڪندا راهي روانا ٿي ويا.

نَڪي منڊُ مَٿَنِ ۾، نَڪي جهولي جهانءِ،
متارا ناهِنِ ڪي ڪَڱُوهُ ڪيِيان، ڪنهن لاءِ،
وِٺا ڪنهن ڏينهاءِ، ٻہ ٽي لڳِنِ ڏينهڙا.

گهڻو عرصو لڳي ويو متارا وريا ڪون، اهي محبت جا ماريل، پِرهَ جا پياڪ اڳي هر ڇهين مهيني موڪيءَ تي مهربان ٿيندا هئا پر هن دفعي هُنن کي سال ٿيڻ جي ويجهو اچي ٿيو پر متارن موٽڻ جي ڪان ڪئي. هاڻ موڪي جي اک متارن جي واٽ تي هجي ۽ اندرو اندر پئي ڳري.

موڪي مٺَ مٺي تي، ايِي نِهاري واٽَ،
متارا نہ موٽِئا، اُونچا جني ڳاٽَ،
گهڙيو ڪئين گهاٽَ، واٽون جَهليو وِجُهلي،

تان جو اچي سال ٿيو هڪ ڏينهن موڪيءَ کي خبر پئي تہ متارا اچن پيا.

ٻئي گُهتِ ٻارهين آئيا، اڳي ڇهين ماهَ اچِنِ،
اچي گهريائون گهورن سين، پروڪو پرين
پِئا لالَ لُچِنِ، ڪنهن ڪڙي ڪيفَ خمارئا.

موڪي متارن کي زنده ڏسي خوش بہ ٿي تہ حيران بہ ٿي تہ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جيڪي پڙ سال هتان زهريلي نانگ وارو شراب پي ويا هُئا سي وري زنده سلامت منهنجي اڳڻ تي ڪيئن اچي ويا آهن.

جي اٿئي سڏَ سُرِڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلاڙَنِ ڪاٽي،
لاهي رڪُ لطيف چئي، مٿو وَٺِ ماٽي،



تِڪَ ڏيئي ڀِڪَ پيءُ، تون گهوٽَ منجهان گهاٽي،
جو وِرونهنَ وِهاٽِي، سو سِرَ مَٽِ سَرو مهانگو.

--

ماءُ! متارا آئيا، سَري جا سردار،
مڙني مهاين جي، هٿن پئي هاڳار،
سٽي سا تنوار، موڪي مٽ اپٽيا.

موڪيءَ متارن کي پنهنجي مئخاني ۾ وهاري وجي مٽنِ جا ڍڪ اُپٽيا.

موڪي مٽَ اُپٽئا، آٽي اُتر هيٺَ،
گهوٽَ گهرِئون نِڳِئا، ناٽا ٻڌي ٻيٺَ،
متارا تنهن ميٺَ، اچن سِرَ سنباهيو.

متارنِ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ موڪي هارَ سينگار ڪري متارنِ جي خدمت ۾ لڳي وئي، متارا تہ اڳي ئي موڪيءَ جي محبت ۾ مستان هئا.

چڪي مَٽي مٽنِ جي، آڳڙيا آئيا،
ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورونہَ وهائيا،
هي گُهورن سين گهائيا، پيئڻ تہ پري ٿيو.

موڪي متارن کي شراب اچي پيش ڪيو متارنِ بہ هيجَ منجهان وٽيون وات ڪيون، پر متارنِ کي مزو نہ آيو تنهن تان متارنِ موڪيءَ کي چيو تہ موڪي تنهنجي منڊَ ۾ اڳيون مزو نہ رهيو آهي. اسان کي اهو منڊُ پيار جيڪو تو اسان کي پڙ پياريو هو.

موڪي متارنِ کي، پَروڪو پِئار،
ناٽو ڪيمَ نِهارُ، ماٽڪَ ڏيندئي مُوڙيين.

موکي چيو پروڪو منڊُ هيلُ ڪٿان آڻيان. هيلوڪو پيئو اهو منڊُ مون پنهنجي مَنَ سان توهان لاءِ ٺاهيو آهي. پر متارن جو تہ پروڪو پيتلُ هو. تَنِ چيو موکيءَ توکي خبرَ آهي اسين هر ڇهين مهيني تو وٽ ايندا آهيون پر هن دفعي سال ٿي ويو آهي پر پروڪي منڊَ جا خمار اسان تان اجان ڪون لٿا آهن. منڊُ اسان کي پروڪو ئي پيار. اسان تي مهرباني ڪر پنهنجي مٽنِ ۾ نهارُ من ڪو پروڪي منڊَ جو ڇُڪو بچيل هجي.

موکي مٽ نهارِ، مَنَ پروڪِي پلنگ لَهِين،
ان سري جي سُرڪَ سِين، اَپر لَڳِين آر،
دائم تو دربار، اجهي آگهوري آئيا.

موکي ڏنو متارا مُرِّنِ ئي ڪون ٿا. تنهن تي موکيءَ پروڪي شراب جو قصو ڪندي ٻڌايو چوي ٿي تہ "اهو شراب ڪون هو زهرُ هو. ان مَٽَ مَٽَ ۾ ڪاريهر اصيلُ نانگُ مئل هو.

جو پَرُ پيتو آن، سو سندو سَپِنِ ساڻ،
جي واسينگ وتِن ويڙهين، سي نہ وَهيٽا ماڻ،
تيلانهن لَجَ مران، جئن اَڱهوند آئين گهرو.

--

موکي سندي مَٽَ ۾، پِئو نانگُ نَچِي،
ڳنڍَنِ ڳر جهليا، پِئو مَٽُ مَچِي،
اَسارَنِ اَچِي، پِيتيُون سُرڪِيُون سِڪَ جُون.

توهان ضد ڪيو مون آڏي پيش ڪيو توهان پيئندا ويا آئون ڏيندي ويس توهان تي زهرَ ڪو اثر ڪون ڪيو پر نشي جي خمارَ ۾ وڃي ويا.



موکي سندي مَٽَ ۾، آهي عاشقن آرِ،
پيئَنِ وٽيون پُرِ ڪيو، سَجو ڏينهن سارو،
ڪَنو جي ڪارو، پئا اوتِينِ اندرَ ۾.

توهان هتان ڪان مستيءَ مستيءَ ۾ روانا ٿي ويا. مون سمجهيو توهان ڪڏهن جا مري ڪپي ويا هوندا پر توهان وري ان ئي وِهَ جي گهرجَ ڪري رهيا آهيو.

پَروڪو پَرو، موکي متارنِ کي ڏنو
جنهن ٻارهين ماهَ ٻڌايو، هي سپاٽو سَرو،
ڳالهاءُ ٿِيَنِ ڳرو، سِرَ ڏِنائون سَٽَ ۾.

فقير چوي ٿو موکيءَ جيئن ئي اها ڳاله متارن کي ٻڌائي ڇيهُ ڪئي، تيئن اچانڪ ئي متارنِ تي پروڪي پِيتلَ زهرَ جو اثرَ چڙهڻ شروع ٿي ويو. موکيءَ کي متارا چون ٿا موکي اسان توتي ڀروسو ڪري ايندا آهيون نہ تہ هٽَ ملڪ ۾ ٻيا گهڻا آهن. تنهنجي ادائن، تنهنجي نازن، تنهنجي نخرن جا اسين مستانا آهيون توکي اسان سان اهو قهر ڪون ڪرڻو هو. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي محبت جو تہ مانُ رکين ها.

موکيءَ متارن سِين، ڪِي جا ڳُجهي ڳاله ،
وَ نَحنُ اَقرَبُ اِلَيہِ مِن حَبلِ الوريدِ، ويجها ٿئا وِصالَ،
ڪري نام نِهالَ، سُتا ٻُنيءَ ٻَرِ ۾.

متارن تي پروڪي زهرَ ايترو تہ اثر ڪيو جو متارن تڙپي تڙپي موکيءَ جي مئخاني تي دم ڏنو.

ڪلاڙڪي منَهين، ڪُسَڻَ رِيَ پيو ڪِينَ،
مٿا متارنِ جا، پئا پَسُ زمينَ،
رکي رُوهَ رهينِ، وٽيون پيتائون وِهَ جون.

فقير چوي ٿو متارا مري ويا. موڪيءَ جو ويڙهو ويران ٿي ويو ۽ مئخاني تي ماڪَ ڇانئجي وئي موڪيءَ متارن مرڻ بعد چرين وانگر پئي روئي ۽ رڙي.

وِڇهئو منهن مَٿَنِ ۾، موڪي اُڀي روءِ،
متارا مري ويا، اڳڻ اڇي نہ ڪوءِ،
متارَئُون پوءِ، منا مَٿَ متي ٿِيا.

موڪي متارن جون ڳالهيون ياد ڪندي اندر ئي اندر پئي رت روئي.
موڪي متارنِ کي مئخاني ۾ دفناني انهن جي قبرن جي مٿان آهو زار پئي روئي.

نہ اڳڻ آڳڙيا، نہ سا سِٿَ سري،
ڪٽورا قاتل جا، پيتا جن پري،
ائئي پهرَ اُلٽِيا، ڏرتي سِرِ ڏري،
وَئي اجهامي اُن جي، بٺي بَس ڪري،
ساريو سورَ چري، موڪي متارن جا.

موڪي کي ڏکُ ان ڳالهہ جو هو تہ جيڪر آئون هنن سان اها ڳالهہ نہ ڪريان ها تہ اهو شراب ڪون زهرُ هو تہ شايد اهي اڄ زنده هجن ها.
موڪي انهن جي موت جي ملامت پنهنجي پاڻ تي ڪٽي، سندس ويڙهو ئي ويران ڪري ڇڏيو.

نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾، نہ ڪنهن سورَ ٻَري،
اوريجن هئا تان نہ آئيا، جيڪس ويا پري،
هاٽي رُئان ڪيئن ڪري، مادر متارن کي.

موڪي سوچي پئي ڪاش اهو زهر وارو مٽُ آئون پيچي پورا ڪري ڇڏيان ها، تہ آئون انهن منهنجي مئخاني جي مورن کي هن ويلَ زندهَ سلامت محبت جو مَي پيئندي پئي ڏسان ها.



ڳُوڪِيين ڪِينَ ڳلاڙَا جُہ ڏِنَہِ سَپُ صُراحَ ۾،
پَچِي مَٽُ پورا ڪري، هنڌ اُنِهين ئي هار،
دائم تو دربار، اِڃُهي آڳهوري آئيا.

ان غَمَ موڪيءَ کي جهوري وڌو نہ کائڻ نہ پيئڻ، موڪيءَ لاءِ جيئڻ جڻ زهرُ ٿيڻ لڳو. پنهنجي پاڻ کي مياروڻ ڏيندي چئي پئي موڪي تنهنجا مستان متارا تو ماري ڇڏيا تون ڪنهنجي ڪارڻ پئي جيئين.

متارا مري ويا، موڪي! تون بہ مرُ،
الفراقُ اَشَدُ مِنَ الموتُ، سَچو سراسرُ،
پي پيالو پُرُ ٿِيا، جَهلِياڻون ٻُنِيِنِ پَرُ،
گهوڙا ڇڏي گهرُ، وِيرَ سُتا ويرانَ ۾.

ان بعد موڪيءَ بہ سِگهوئي دمُ ڏٽيءَ کي ڏنو.

موڪي متارَنِ سِين، ڪهڙو قَهَرُ ڪِيوءِ،
سنڌِيَلُ سَپُ سيدُ چئي، ڏيندي ڏُکُ نہ ٿِيوءِ،
اِنَ اوپالِيان پوءِ، موڪي ماڳِ مَرِي وئي.

هاڻِ ان مئخاني ۾ متارا ابدي ننڊ ستا پيا آهن ٺورڙو پريان موڪي جو مَڙُهُ هڪ ويران ويڙهي ۾ اداس ماحول جوڙيو وينو آهي.

وِيرَ سُتا ويرانَ ۾، ڇڏي ماڳَ مڪانَ،
پيئندي پورا ٿئا، ڦهري لڳن ڪانَ،
موڪي ۽ مهمانَ، اَڄُ نہ انهيءَ پيٽِيين

# جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پُڻُ لِيلائيجُ

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پُڻُ لِيلائيجُ،
آسَرو مَ لاهيجُ، سڄڻَ سڀاجها گهڻا.

فقير چوي ٿو چنيسر لِهورَ رياست جو بادشاهہ هو. لِيلان چنيسر جي راڻي هئي، سندن پاڻ ۾ وڏي محبت هئي. ليلان حُسنَ ۾ راڻين جي بہ راڻي هئي، ان حُسنِ جي هاڪ ليلان جو متو خراب ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري ليلان چنيسر جي محل ۾ پئي انگل آرا ڪندي هئي.

وڏيري هُياسِ، چنيسرَ جي راڄَ ۾،
ڍُهلين دَمامين، نَفَرين، پَرَ ۾ پُڇيئاسِ،
جيلانهن ڍِولي ڍِلياس، تي تِنَسِ ڏُهاڳڻِ ڏيہَ ۾.

هُنن جي محل ۾ هڪ ٻانهي هئي جنهن جو نالو ڪنئرو هو. چون ٿا ڪنئرو چنيسر ڪي پاڻ لاءِ ٿي محل ۾ ٻانهي ٿي آئي هئي، ڪنئرو جي ماڻسِ بہ ساڻس گڏ هئي.

هُيَسِ دادلِي درگاهَ جي، ٻيو وَرَ جو هومُ واءُ،
چانڪَ ڪِلِي چڙهنديسِ، ڪَٿَ تي ريجهائينديسِ راءُ،
ڪنئرو جهڙيون ڪيتريون، دايُون در مَهَنداءُ،
پوءِ اهڙو ئي اللهُ، جنهن ڪلنديءَ ڪان وَرُ ڪسيو.

چون ٿا ليلان جي جڏهن چنيسر سان شادي ٿي هئي تڏهن چنيسر ليلان سان واعدو ڪيو هيو تہ ليلان توکي پنهنجي زندگي ۾ ٽِن غلطين



جي معافي ڏئي سگهان ٿو ان ڳالهہ تي ڳنڍِ ٻڌي ليلان محل ۾ مغرور ٿي اچي انگلَ ڪرڻ شروع ڪيائين.

ڇئي چنيسر جامَ سِين، ليلا تون مَ لَڪاءُ،
دوست تنهنجو داسڙو، ڪاندِ وڏي ڪاءِ،
ڍولو ڍَڪُ سنڌياءِ، عيبنِ ڪي آڏو پَئي.

ليلان چنيسرَ جو چاهُ ڏسي مستيون ڪرڻ شروع ڪيائين. پر چنيسر پنهنجي چاهَ هٿان مجبور ٿي هن کي ڪڏهن ڪون روڪيو. روڪيندو بہ ڪيئن جو چنيسر پنهنجي دل جي هٿان مجبورُ عوام هو.

ڇَئي چنيسرَ جامَ سِين، ليلا لَڪاءِ مَ تون،
اِيءُ ڪانڌُ ڪنهن جو نہ ٿئي، نَڪا مون نہ تون،
روئنديُون ڏٺيون مون، ان در متي داڌليون.

ليلا جي پنهنجي حُسنَ جي بانورَ تي سندس عيبن تي ڪو ڌيان ڪون ڌريندي هئي ، هُوءَ حُسنَ جي زور تي هُوڙاهِيُون ڪندي رهي ۽ چنيسر سهندو رهيو.

ليلا لڪڻَ پانهنجا، سارجُ سَيِيئي،
وَرَ سِين وِڙهيو اُٿِيِين، ڏوراپا ڏيئي،
ڪُهُ جاڻان ڪيهي، چنيسرَ جي چِتَ ۾.

چنيسر جو چاهُ ۽ ليلان جا نازَ نخرا اصل محل جي ماحول کي مچايو وينا هئا، هڪ ڏينهن ڪنئروءَ ليلان کي هڪ قيمتي مَٽِيَنِ سان ههڪندڙ هارُ ڏيکاريو جنهن تي ليلان جو منُ اچي ماندو ٿيو تہ اهو هارُ مونکي ڏئي.

مَٽِيي اُتي موهجي، هاريا پاٽِئِي هَسُ،
تو پانئيو مون سِين هوندا، رِهاڻيُون رَسَ،
وري ويئي وَسَ، تي آيو ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

تڏهن ڪنئوروءَ وَجُه وٺي ليلان سان شرط رکيو تہ توکي جيڪڏهن اهو هارُ کپي تہ ان جي بدلي چنيسر هڪ راتِ لاءِ منهنجي حوالي ڪرڻو پوندو. ليلان ان ڳاله کي هلڪو وٺي ڪنئروءَ کان هارُ وٺي پنهنجي گلي ۾ پاتو ۽ چنيسر کي هڪ رات ڪنئروءَ جي حوالي ڪرڻ جي حامي ڀري ڇڏيائين. ان رات چنيسرَ کي شراب جي نشي ۾ ڪنئرو جي حوالي ڪري ليلان اهو قيمتي هارُ گلي پائي خوش ٿي.

جو تو ڀانيو هارُ، سو سُورن سندو سڳڙو،
چنيسر چِتُ ڪٽي، ٿِئو پورهيت جو پارُ،
اَوَڳِتِ جو آچارُ، ڪانڌُ ڳنهِين سِين نہ ڪري.

صبح ٿي چنيسر کي هوش آيو ڏسي تہ آئون جنهن عورت سان ستو پيو آهيان؛ اها ليلان نہ پر مون واري نوڪرياڻي ڪنئرو آهي. جنهن تي پشيمان ٿي محل ڏانهن هلڻَ لڳو تہ ڪنئرو چنيسرَ کي روڪيندي چوي ٿي "چنيسر تون مون وٽ وِڪِيلُ آهين توکي تو واري لاڏليءَ زال مونکي کي هڪ هار جي بدلي وِڪيو آهي."

مَٽِيي اُتي موهجي، مُوڙهي ڪِيوءِ مَرَڪُ،
ڇَڏي چنيسرَ جامَ سِين، وِڏوءِ وڏو فرقُ،
وري وِئو وَرَقُ، آيُئِي ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

تڏهن چنيسرَ کي هوش آيو مار ڀَٽِسان مونکي ان وِڪيو آهي جنهن سان آئون تمام گهڻي محبت ڪريان ٿو. تنهن ڏينهن کان چنيسر ليلان کان منهن مٽيو. تڏهن ليلان کي بہ هوش آئيو تہ مون وڏو ڏوھ ڪري وڏو آهي. هارُ اڇلائي پٽَ تي هنيائين ۽ ايلازيون ڪرڻ شروع ڪيائين.

مَٽِيُون هارُ هٽِي، ڀَلنگَ سِرَ پِٽُون ڪيان،
جنهن تان چِتُ ڪٽي، وِئو ويندَڙِيارو وَلَهو.



فقير چوي ٿو هاڻِ ليلان کي اُها ڳاله ياد آئي جيڪا ليلان چنيسر جي شادي مهل چنيسر ڍَڪڻَ رسم ۾ ناڪام ويو. فقير کان پڇيم اها وري ڪهڙي رسم ٿيندي آهي؟ چوي ٿو جڏهن گهوٽُ سنبري تهي ڪري ڪنوار جي گهر ڏانهن ويندو آهي تنهن مهل گهوٽ جي ڪٺ هيٺيان هڪ ڍَڳڻَ تي ڏونگهي رکي ويندي آهي، ان ڏونگهيءَ کي گهوٽُ کي پير هٽي ڀڃڻو پوندو آهي. چنيسر اها ڏونگهي ڀڃڻ ۾ ناڪام ويو هو. اڄ بہ عام خيال اهو آهي تہ ان رسم ۾ ناڪام وڃڻ جو مطلب اهو تہ اها شادي ان گهوٽ کان نڀئي نہ سگهندي.

پونچا ڏِنمُ پير ڍِڪڻَ مٿي ڍِولَ جا،
مون ڀانئيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پرِيتڙي.

هاڻِ ليلان کي هوش آيو تہ مون جيڪي حُسُنَ جي زور تي زورآوريون پئي ڪيون تَنِهن تہ مون کي آٽي چنيسرَ جي چِتَ تان لاٿو مون کي جيڪر اهو هوش هجي ها تہ اهو هارُ منهنجي ڏهاڳ جو سبب بڻبو تہ آئون ان کي مورهون تن تي آڻيان ئي ڪون ها.

جيڪرَ ڀانيان ايئن، تہ ڪو دل مٽائيندو داسڙو،
تہ سُوڙهَ لڳندي سِينئَن، هوندَ هٿين هارُ نہ جهليان.

فقير چوي ٿو هاڻِ ڪنئروءَ جو قبضو چنيسر تي ٿي ويو. چنيسر ليلان کي ڏهاڳُ ڏئي من تان لاهي ڇڏيو. ليلان هارُ اڇلائي ڦٽو ڪيو. هاڻِ چنيسر جي ڏهاڳَ جي ڏپ کان پئي روئي ۽ رڙي.

داغُ تنهنجو دائما، ماري معذوري،
سائين ڪارڻ سپرين، وڃِهجُ مَ ڏُوري،
آءُ تون حُضُوري، تہ مَٽِيُون وڃان مَڇَ ۾.

ليلان جيڪا چنيسر جي لاڏلي زال هئي تنهن ڏنو چنيسر ان چِتَ

ئي ڪون آهي جيڪو آئون سمجهيو ويٺي آهيان. ليلان چنيسر وٽ وڃي اهو واعدو بہ ياد ڏياريو جيڪو چنيسر شادي مهل ليلان سان ڪيو هو تہ ڪڏهن بہ ڪا غلطي ٿي تہ معاف ڪرڻ وارو ڪيو هو. چنيسر چيو ليلان اهو واعدو آئون ڪڏهن جو پاڙي چڪو آهيان. هن ڪان پهريان تو ٿي نہ پر ڪيتريون ئي غلطيون ڪيون جيڪي مون توکي معاف ڪيو پر هاڻوڪي غلطي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندس. ليلان ڏنو چنيسر جيترو هِنَ ڪان پهريان منهنجو هو سو هاڻ اوترو ئي ڪنئرو جو آهي.

چئي چنيسر جامَ سِين، ليلا لَڪايو،
تو جو پائيو پنهنجو، تنهنجو پرو ڪون پِيوءِ،
ڪنئروءَ ڪانڌُ سندوءِ، دوست ڪيو داسڙو.

ليلان پڇي وئي ڪنئروءَ کي چيائين تہ هي وٽ پنهنجو هارُ مونکي منهنجو وَرُ ورائي ڏي.

جان مون پوءِ پروڙيو، ايُ وڏوريو واپارُ،
هاڻ ڪرڻُ هيُ پنهنجو هارُ، واري ڏي مون وِلَهو.

ڪنئورو چيو مون جنهن مهل توکي اهو هارُ ڏنو هو تنهن مهل تہ تو ڪِلِي ڪُڏي هارُ ڳِچيءَ پاتو هو. تڏهن تو کي اهو هوش ڪون هو تہ هيءُ آئون چا پئي ڪريان.

ڪِلِي هارُ هَٿِ ڪَيُئِي، ٿي سَرَهي سانجهيءَ ويرَ،
خبر پئي تنهيرَ، ڪا پِرِهَ ٿيندي پَڌِري.

ليلان وري پڇي چنيسر وٽ وئي چوي پئي چنيسر تنهنجيون ڪيتريون ئي زالون ۽ ٻانهيون آهي مونکي انهن برابر سمجهي تو وٽِ وِهارُ آئون تنهنجي ٻانهي ٿي گزاريندس پر مون کي ڏُهاڳُ نہ ڏجانءِ.



ڪوڙين تنهنجيون ڪامڙيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌُ،
مون کي ڇڏ مَ داسڙا، تہ وجان نہ وِڻواند،
مون ڳچيءَ ۾ پاندُ، تو چنيسر هٿَ ۾.

ليلان وڏيون ايلازيون ڪندي روئندي، رڙندي چنيسر جي پيرن پئي چئي ٿي چنيسر آئون پليل هيسِ مون توتي وڏا انگل ڪياَ جيڪي تو وڏي دل ڪري سَنا، هاڻي هيءَ غلطي بہ معاف ڪر. مون توبه ڪئي هن کان اڳيان ڪڏهن بہ اهڙو ڪجو ڪم ڪون ڪنديس. چنيسر چوي ٿو ليلان تو ڪان وقت ويو مون گهڻيون غلطيون معاف ڪيون آهي پر اها غلطي توکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندس.

جيڪَرَ چَڱِين ٿي هيرَ، تنهن جي اَنِين پَنِي جي اڳُ چَڱِين،
تہ خُونَ سَيَئِي بخشيان، مَنَ ۾ آڻي مَهيرَ،
هاڻ جهڙا ڪنيَئِي پيرَ، تهڙا موتي آيَئِي منهن ۾.

هاڻ ليلان بي حالُ ٿي محل ۾ چرِبنِ وانگر پئي ڦري، هوءَ پنهنجا انگلَ آرا، منَ مستيون ساريو پئي رتُ روئي.

ٽِڙڪي پَسي ٿوڪُ، ٽِرڪي تڪبر پئي،
اڇئو اڇئو اَڳِلي، چَئي ليلا کي لوڪُ،
اندرُ اوپالن سِين، ساڙي ڪيائونسِ سوڪُ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪُ، وئو ويچاريءَ وسري.

ليلان پڇي وڃي پنهنجي سهيلين کي چيو توهين وڃي چنيسرَ کي سمجهايو تہ ليلان هارُ ڏسي پلجي پئي، پر تون تہ وڏي دل ڪر ليلان کي نہ ڇڏينسِ ماڻهو چا چوندا چنيسر، ليلان کي ڏُهاڳُ ڏئي ڇڏيو.

پيئَرُ پيريو داسڙو، چنيسرُ چئي،
هيءُ جو ڏَنيُ ڏُهاڳَ جو سگهان تان نہ سهي،
مون کان تان پئي، تون ڪَمِ ڪانديلا سُپرين.

فقير چوي ٿو، چنيسرَ هڪ بہ نہ مڃي، نيٺِ اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن چنيسر ليلان کي ڏُهاڳُ ڏئي محل ڇڏڻ جو چيو. تڏهن ليلان وري چنيسر وٽ ليلائي ٿي چنيسر مون کي محل مان ڌڪي نہ ڪڍُ آئون تنهنجي ٻانهي ٿي محل ۾ نوڪري ڏينديس، پر مونکي محل مان تڙي نہ ڪڍي.

لڏي نڪرُ لِهورَ مان، ويو چئي چنيسر،
ڪجاڙيان ڪاوڙيو ڌڪاياءِيم در،
ڪونئروءَ اهو قهر، پسو پاڙي ۾ ڪيو.

وري چوي ٿي مونکي تون محل ۾ رهڻ نٿو ڏيئين تہ ٻيلي پاڙي ۾ ڪو اجهو ڏي تہ تنهنجي ڇانوَ ۾ بقايا زندگيءَ جا ڏينهن گهاريان.

جي مون کي وَرَ وهارئين، مٿي هٿ ڏئي،
تہ پاڙي ۾ پيئي، هوندَ ڪانڌَ ڪميٽي گهاريان.

پر چنيسر هڪ نہ مڃي، هاڻ محل ۾ ڪونئروءَ جا فرمان پيا هلن، چنيسر هاڻ ڪونئروءَ جي ڪڇَ ۾ وينو ڪونئرو ڪونئرو پيو ڪري.

ڪونئروءَ ڪوسو چاڙهيو، تون ليلا پنهنجو لاهِ،
سندي هار اُهاءِ، وڃي اورُ ارٿَ سِين.

ليلان وڏيون منٿون ميڙون، ايلازيون ۽ نيازيون ڪرڻ بعد ٿڪجي هارجي پئي اندرون اندر ڳري ۽ رت روئي.

لَڄَ منهنجي لوڪ ۾، واريءَ جيئن ويئي،
جيئن اٽو پئي پاٽيءَ ۾، تيئن پگهرجي پئي،
مٿي هٿ ڏيئي، ڪانڌُ نہ ڪوني ڪڏهن.

اهو حشر ڏسي ليلا چنيسر جي محل مان لڏڻ جي تياري ڪئي.



ليلان ڇڏ لِهورُ، وڃُ پنهنجي مائٽين،
هار منجهاران هور، تو سوٻيءَ سورُ پرائيو.

فقير چوي ٿو جڏهن ليلان چنيسر جي محل مان نڪرڻ محل اٺ تي سوار ٿي وڃڻ لڳي تڏهن بہ اٺ کي جهيڪي ماٺهن کي چيائين وڃي هڪ دفعو وري چنيسر کي چئي اچو تہ ليلان لڏيو پئي وڃي.

نيهو جهليو روءِ، اگهڻ جهوڪيو گَرَهو،
ڪو چنيسر کي چوءِ، تہ ليلان وڃي لڏيو.

خلق وڃي چنيسرَ کي چيو ليلان لڏيو پئي وڃي، چنيسر چيو ليلان کي آئون نہ روڪيندس اِها اُها عورت آهي جنهن مون کي هڪ هارَ جي بدلي وڪيو هو، هن کي نہ روڪيو ڇڏيو تہ هتان کان لڏي وڃي.

لَڏي تہ لَڏايوءِ، منڌَ مَ روڪيو ماڙهان،
هيءَ اها ئي جوءِ، جنهن مِٽِئِي تي وَرُ مٽيو.

ليلان ويچاريءَ وڃي پنهنجي مائٽن جو ويڙهو وسايو، اڳلا انگل، وسري ويا، منهن مٿاهون ڪرڻ وسري ويو، هاڻ چِتَ ۾ چنيسر ئي چنيسر آهي.

پيئنَرَ پِنيءَ رات، مون چنيسرُ چِتَ ۾،
سُتو لوڪُ ننڊُون ڪري، مون پِرِيان جي تاتِ،
سَجَڻَ سِينِ پِرِياتِ، مَنان مُورِ نہ وِسِري.

فقير کان پُڇيم نيٺِ آخر ليلان جو ڇا ٿيو؟ چوي ٿو ٿيندو وري ڇا ليلان ٻين جي لاءِ سبق ڇڏي وئي، تہ جيڪا مون جيئن مغرور هوندي سان مون جيئن ڏهاڳڻ ٿيندي.

ڏيئين جي ڏُهاڳُ، تہ سَنئُون سُهاڳُ آئون پانئيان،
تنهنجو مونکي سُپرين، سَيوئي سُياڳُ،
دوستَ تنهنجو داڳُ، ڏُئان ڏوتو تہ لَهي.

چوي ٿو ليلان پهريان غافل هئي، پنهنجي وَرَ جي وَڙَنِ کان پهريان هن کي پنهنجي حُسُنَ ۽ رُتبي مغرور ڪري ڇڏيو هو. هوش تڏهن آيو جڏهن محل مان تڙجي نڪتي. ۽ ٻين لاءِ سبق ڇڏي وئي تہ ڪو مون جيئن غافل ٿي پنهنجو وَرُ وڃائي ويهي.

سهاڳَ پُڻُ سنبران، ڏُهاڳُ پُڻُ ڏِٺوم،
هن اپاڳي حال کي، ڪٺي هٿين هار ڇُتوم،
تِهان پوءِ پيوم، قدرُ ڪاڻيارين جو.

ꙮ

# محرم موٽي آئيو، آئيا تان نہ امام

محرم موٽي آئِيو، آئِيا تان نہ مام،
مديني جا چام، مولا مون کي ميڙين .

فقير چوي ٿو جڏهن بہ محرم ايندو آهي تڏهن مون کي امامن جي غم هر انسان کي ڏکوئيل ڏنو آهي، اهي هندو هجن يا مسلمان چڻ تہ اهو قضيو انهن جي گهر ۾ ٿيو آهي.

ڏنو محرمُ ماهُ، سونڪو شهزان ٿيو،
جاٽي هيڪُ الله، پاڻ وٽنديون ڪري،

چوي ٿو جڏهن شهزادا پنهنجو قافلو ڪاهي ڪوفي ڏانهن روانا ٿيا تڏهن مڪي، مديني جي ماڻهن ۾ وڏي غم واري ڪيفيت هئي، ۽ پڻ حسين کي صلاح ڏنائون آئي حسين تو ڪُوفي ڏانهن نہ وڃ، اهي ڪُوفِي تو سان وفا نہ ڪندا. پر حسين رَبَ جي رضا سمجهي ڪوفي ڏانهن روانا ٿيا .

ڏِنو محرم ماهُ، سونچو شهزادن جو ٿيو،
مڪي، مديني، ماڻهين رُنُو مٿي راهَ،
تنهن واحدَ کي واهَ جو حُڪمَ همڙائي ڪري،

فقير چوي ٿو ڪوفي جي رهاڪن حسين کي خط لکي موڪليو هو تہ ائي حسين تون سهڻي نبي محمد صلي الله عليہ وسلم جو ڏوهيٽو آهين اسان تو مان ٿي اميد رکيون ٿا ۽ تو کان ٿي مدد گهرون ٿا تہ اچي



اسان کي يزيد جي ظلم کان ڇوٽڪارو ڏيار. اچي اسان کي آزاد ڪراءِ.

ڪُوفِينِ ڪاغذ لکيو، وچ وجهي الله،
اسين تابعَ تنهنجا، تون اسان جو شاهہ،
هيڪرَ هيڏي آءُ، تہ تخت تابئي تنهنجي.

ڪوفي جي رهاڪن جي خط جي تصديق ڪرڻ لاءِ حسين پنهنجو نمائندو موڪليو تنهن پڻ اتي پهچي تصديق ڪئي تہ واقع ڪربلا جي ماڻهن جو مطالبو درست آهي.

ميرَمدينئان نڪري، ڏيرا ڏنائون،
ڪانيءَ، پاٽيءَ، گاهَ کي، ماڻهو مڪائون،
چڙنهندي چيائون، تہ ٿيندي ويڙهِ وڏاندڙي .

تنهن بعد حسين رفيقن سان صلاح ڪري شام ڏانهن قافلو ڪاهڻ شروع ڪيو.

ميرَ مدينئان نڪري، رِڙهِيا مٿي رندَ،
گهوڙا تَنِ گهوٽنِ جا، پُڙِيا مٿي پندَ،
ڪُلها ڪرنگرَ ڪندَ، جُهرَنِ جُهوجهارن جا .

چون ٿا تہ حسين جي ڪل قافلي ۾ ٻاهتر ماڻهو هئا، جنهن ۾ عليءَ جو سچو اولاد، ڪجه رفيق، ڪجهہ ٻيلي ۽ ڪجهہ جانثار گڏ هئا .

چنڊ وهاٽيءَ چڙهيا، مَلَہَ مدينئان ميرَ،
اُن سِين طبلَ، ٻازَ تبرُون، ڪُنڌَ، ڪٽارا، ڪِيرَ،
علي پُٽَ امير، ڪندا راڙو رُڪَ سِين .

اچي ڪربلا جي ميدان ۾ رسيا اتي سنگت کي حڪم ڪيائون تہ قافلي جو پڙاءُ ڪيو وڃي.

ڪربلا جي پَٽَ ۾، خيما کوڙيائون،
جھيڙو يزيد سامھون، جنبي جوڙيائون،
منھن نہ موڙيائون، پسي تاءُ تَراڙ جو .

ڪربلا ۾ پڙاءُ ڪرڻ بعد حسين پنھنجي رفيقن سان صلاح ڪري دشمن سان ڳالھيون ڪرڻ شروع ڪيائين.

ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ پيھي،
پَہُ ڪيائون پاڻ ۾، مقابل ويھي،
قضا هيءَ ڪيھي، هَئِي هَئِي ٿي حسين سِين.

ڳالھيون هلنديون رهيون، حسين حق ۽ سچ جي راهَ جو عَلَمُ ڇڏڻ کان انڪاري هو ۽ يزيد ظلم ۽ ڏاڍ جو. انهن ڳالهين ۾ حُرُ جيڪو يزيد جو سپہَ سالار هو تنھن حسين کي صلاح ڏني تہ توهان هتان موٽي وڃو ڇو جو يزيد جي نيت توهان لاءِ بَدِ آهي ۽ حُرَ ان وقت حسين جي پويان نماز پڻ پڙهي هئي.

حُرُ هلي آئيو مانجھي مردانو،
آهيان عاشق آڳ جو پَتنگُ پروانو،
مانَ راضي ٿِئي رسولُ رَبَ جو نبي تو نانو،
هيءُ سِرُ سمانو گھوٽَ مٿان ئي گھوريان.

فقير چوي ٿو جنھن تي يزيد ڏمري حُرَ کي هٽائي ٻيو ماڻھو ڳالھين لاءِ چونڊيائين پر حُرُ انهن ڳالهين ۾ گڏ هو. نيتِ حُرَ ڏٺو تہ نبيءَ جو ڏوهيٽو حق تي آهي ۽ يزيد ناحق تي آهي، جڏهن جنگ جي ميدان ۾ حسين جو قافلو ۽ يزيد جي فوج آمھون سامھون هئا، تڏهن حُرُ يزيد کان ڦري حسين جي ياران يزيد سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ فقير چوي ٿو ان جنگ جو پھريون شهيد بہ حُرُ آهي.



هُئي هدايتَ حُرَ کي، اَزَلَ ۾ اَصُلان،
چڙهي آئيو جَنگِ تي، هلي هُنَ پاران،
ايندي ڇپائين امامَ کي، گھوريس آئون مٿان،
لايُڪَلِف الله نَفِسًا اِلا وُسْعَها، جيڪا پُڇَنديِم سان،
گھوٽَ بہ لڳا گھاءَ، سِرُ پُڻُ شيرُ شهيدُ ٿيو.

حُرَ حسين جي قافلي ۾ شامل ٿي يزيد کي اهو پيغام موڪلي ٿو:

جھيڙو لاهِ يزيدَ، عليءَ جي اولاد سين،
سا نہ پسندِين عيدَ، جا هوندي ميرَ حُسينَ سين.

فقير چوي ٿو جڏهن حُرُ حسين سان وڃي مليو تڏهن يزيد جا ساٿي حُرَ تان ڪليا تہ ڪيڏو نہ چريو آهين، جو يزيد جي هيڏي فوج ڇڏي وڃي حسين جي ننڍڙي ٽولي سان مليو آهين.

ٻهادُرَ ڳڏِيا ٻهادُرين، ڪَڙڪَ ڪِلِوِلِ ڪَنِّ،
وِجَهِن ڏَڙَ ڏَڙَنِ تي، هاڪارِين هڻَنِّ،
ڪِرَن ڪَندَّ نَچَنِّ، رِڻُ ڳَجِيو راڙو ٿِيو.

تڏهن حُرَ يزيد جي ساٿين کي چوي ٿو.

جَنين جھيڙو اَڄُ، عليءَ جي اولاد سين،
پَئي تَنِي کان پَڄُ، جي جماعتي يزيد جا.

يزيد ڏٺو تہ حسين هُنَ جي داٻ ۾ نٿو اچي تڏهن يزيد عليءَ جي اولاد جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو.

ڪُوفي ڪربلا ۾، پاڻي نہ پيارين،
اُتي علي شاهَ کي، شهزادا سارين،
نِڪريو نهارين، چڙهُ ميرَ محمد عربي.

پاڻي بند ٿي ويو شهزادن تي سختي اچڻ شروع ٿي وئي، پوءِ به صبر ڪيائون، ڇو جو صبر هنن جي رت ۾ شامل هو.

سختي شهزادن جي، ملارُ مڙوئي،
زرو ناهِ يزيد جو، آثارُ اُهو ئي،
ڪُسَڻَ جو هوڪوئي، اصل امامن سين.

آخر اهو ڏينهن به آيو جڏهن يزيد جون فوجون سِرَ تي هيون. يزيد جي فوجن جو تعداد هزارن ۾ هو ۽ حسين جا ساٿي سَوَنِ ۾ به ڪون هئا. حُرَ حسين کي عرض ڪيو ته سائين پَهِرِ مون کي ڏيو ته آئون توهان تان سِرُ صدقي ڪيان.

پاٻوهيو پُڇَنِ ته ڪٿي هٿُ حبيب جو،
نيزي هيٺان نِيهن جي، پاسي پاڻ نه ڪنِ،
عاشق اَجَلَ سامُهان، اُوچي ڳاٽِ اچن،
ڪُسَڻُ قرب تَنِ، مرڻ مشاهدو تَنِ جو.

جنگ هلندي رهي سُورهَ سِرَ صدقو ڪندا رهيا. هِنَنِ مان هڪ شهيد ٿئي ته هُنَنِ جا ڪيترائي ڪُسِڄِي وڃن. حسين جي جانسارن جي جانِ نثار ڪرڻ جو عجيب طريقو هو.

اڳيان اَڏِينِ وَٽِ، پوئين سِرَ سنپائيا،
ڪاٺُ ته ٻِڙين قبولَ ۾، مَڃُڙُ پانئين ڳهٽِ،
ڪلاڙڪي هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪُوپُ وَهي.

فقير چوي ٿو جنگ هلندي هڪ حسين جو جانثار واپس ڪنهن ضروري ڪم سانگي زخمي حالت ۾ حسين وٽ آيو تڏهن ڪجھ عورتن ان جانثار جي وني ءَ کي چيو ته لڳي ٿو ته تو وارو وَرَ پٺي آيو آهي، تڏهن اها وني چوي ٿي،



پڳو آئون نه چوان، ماريو ته وسهان،
ڪانڌَ مُنهن ۾ ڏَڳڙا، آئون سيڪِيندي سُونهان،
ته پُڻُ لَڄَ مران، جي هُئَنِسِ پُٺِ ۾.

اُها وَني سندس وَرَ جا ڦَٽَ اُگهندي وڃي، روئندي وڃي، ۽ چوندي وڃي،

سُورهَ مَرِين سوبَ کي، ته دِلِ جا وَهَمَ سَبِ وِسارِ،
هَڻُ ڀالا، وِڙُ ڀاڪرِين، آڏي ڍالَ مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مارُ ته متارو ٿِئِين.

اها وڪي پنهنجي وَرَ کي چوي پئي ته ٻين سڀن جا ورَ جنگ جي ميدان ۾ حسين تان سر صدقو پيا ڪن، ۽ تو اچي مون تان ماٺهو ڪلايا آهن.

ٻَڄي آئين ڀَڄِڻا، لَڄايئي مون سيڻَ،
ويٺيون وجهن ويڻ، منهن مٿاهان جن جا.

پنهنجي وَرَ جا ڦٽَ صاف ڪري پٽيون ٻڌي وري جنگ جي ميدان ڏانهن موڪلي چوي پئي،

مَرُ مَرين آئون روئين، موٽي ڪانڌَ مَ آءُ،
مَڃُڙُ تو پُٺان، ڪچا ڳَنِمِ جيڏيون.

حسين جي ساٿين جي وڙهڻَ جو طريقو مخالفن جون وايون بتال ڪري ڇڏڻ وارو هو، مخالفن تي وارُ ڪرڻ سان گڏگڏ سندن ساٿين جي پُڻُ پَرَ گهورَ لَهنِ پيا، ته ڪٿي اسان جو ساٿي منجهي نه وڃي يا ڪٿي ڦاسي نه پوي.

هَٽَڙُ هَڪِلَڻُ، ٻيلي سارڻُ، مانجِهيان ئيءُ مَرڪُ،
وِجَهنِ تانَ نه فرقُ، رُڪَ وَهَندي راند ۾.

حسين جي جانسارن حسين مٿان پنهنجا سِرَ ايئن جانسار ڪيا جيئن پتنگ باھ ۾ اچي سِرُ صدقو ڪندا آهن.

پتنگن پَہُ ڪيو مڙيا مٿي مَچَ،
پَسِي لَهَس نہ لِڇيا، سڙيا مٿي سَچَ،
سندا ڳِچين ڳَچَ، ويچارن وڄائِيا.

فقير چوي ٿو حسين جي جانسارن تي دشمن جا جيترا تير وسندا هئا، هِي اوترا ئي خوش ٿيندا هئا، ۽ هڪ ٻِڙڪَ به آھَ جي ٻاهِرِ نہ ڪييندا هئا.

عاشق زهرَ پياڪَ، وِهُ ڏِسي وِهسَنِ گهڻو
ڪَڙي ۽ قاتل جا، هميشہ هيراڪَ،
لَڳِين لَئُون لطيف چئي، فَنا ڪِئا فِراقَ،
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهن سَلِين عامَ سِين.

فقير چوي ٿو سُورهن جا ڏڌَّ ڏرتيءَ تي هئا، ۽ ڳِجهن جا آسمان ۾ لامارا هئا. چوي ٿو ڳجه هميشهہ ڪِنو ڍوندَ ٿيل ڪائيندي آهي پر هتي عالم ئي ٻيو هو. حسين جا بزدل دشمن پئي ڪِنُ ٿئا، ڳِجُنِ اچي سُورهنِ جا ڳارا ڪيا.

ڳِجهڙين ڳارو، راتو ڏينهان رِڻَ ۾،
پُٽِيون پُڇَنِ پارَ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو،
ڪِين ڪَڳُ مارو، ڪائنرُ پيو ڪِنو ٿِئِي.

فقير چوي ٿو ڳِجُهن کي تڏهن کان پتَ آهي تہ هميشه ڪنيَ ڪُتَّلَ هوندئي، چو جو ئي ڳِجهڙِي توکي انهن سُورهن مٿان پرنِ جون ڇانهون ڪرٽيون هيون ۽ تو ان کي ڳارا ڪري ڪاڙو.

ڪنيَ ڪُسَنَئِي ڳِجهڙِي، لِڱين پِوئَئِي واءُ،
آميرن مَٿاءُ، جِئَن تو ڦُلين ڇانهون نہ ڪيون.



آخر ڏهين محرمَ جو چند چڙهيو حسين پڙَّ ۾ پير پائڻ جو پَہُ ڪيو فجر نماز پڙهي حسين ذوالجناح کي تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

گهوڙو گهوتَ پلاڻِئو مَٿِسِ زِينَ ڏَري،
علي شاهُ پُٽَنِ کي، بينو سَڏَ ڪري،
قَضا ڪيئن ٽَري، جيئن اَمُرُ اِلاهي آئِيو.

حسين پنهنجي پيارن کان موڪلائي جنگ جي ميدان ۾ لٿو.

ڪامل ڪربلا ۾، اهلِ بيتَ آئيا،
ماري مِصرِين سين، تَنِ ڪامِلَ ڪنبائيا،
سَچُ ڪي ٻِيبيءَ ڄائيا، هَيَڙا سُورهَ سُپِرِين.

فقير چوي ٿو جنگ جي ميدان ۾ لهڻ کان پهريان جانسارِ حسين زرهَ (پاڪر) ڪٽي آيا، حسين انڪار ڪندي چيو مونکي موت جو ڊپ ناهي، پاڪر سي ئي پائيندا جَنِ کي جيئڻ جو شوق هوندو، آئون تہ آيو ئي منهنجي پياري ناني محمد صلي الله عليہ وسلم جي دين جي راھَ ۾ شهيد ٿيڻ آهيان.

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، پاڪر جو پائي،
اجان انَ کي جِيئَڻَ جو آسانگو آهي،
سُورهُ سو چائي، جو رُڳو ئي رِڻِ گهڙي.

پوءِ جنگ جو ميدان هو دشمن سامهون هئا، جيڪو حسين جي سامهون ٿي آيو سو ٿي ويو. اصل پڙُ ڪري بينو هو، سامهون هزارن ۾ هئا هيءُ اڪيلو هو.

ڏِنو ڪالهَ گهِين، جُهونجهارڪو جهڳڙو
هاٿِيَنِ هَڏَ ميچائيا، ريلو رَتَ نَئِين،
پائِنِ سا سَئِين، جِئان جيءُ جوڪو ٿِئِي.

حسين جنگ جي ميدان ۾ هو ۽ دشمن جي تيرن جو وسڪارو هو تير وسندا رهيا حسين وڙهندو رهيو. ظهر نماز جو وقت آيو حسين رَتَ سان لتڙيل ذوالجناح لهي نماز پڙهڻ شروع ڪئي. دشمن موقعي جي تلاش ۾ هو. جيئن ئي حسين سجدي ۾ ويو دشمن حسين جو سِرُ دَڙَ کان ڌار ڪري ڇڏيو.

پاڪَ جَنِين جا پيرَ، کَتان هيٺِ نہ کوڙيا،
تنگ تَراين تِڇيا، ڇَٽِئو پُون ڇُڳيرَ،
دَڙَ تَنين جا ڍيرَ، ڳِجهڙين ڳَر لائيا.

# رَچِي جي ريٽو ٿيان، ڪِينَ اُباٽِجَنِ اُوءِ

رچِي جي ريٽو ٿيا، ڪِينَ اُباٽِجَنِ اُوءِ،
ڪُهنبُ نہ ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوبيءَ ڏوءِ، تہ بہ لالائي نہ لَهي.

هن بيت جو پيرو ڪٽي وڃي هٿونگي شهر جي چاچي گوپال داس ڪَٽِيءَ سان مليس. چاچو باندوٽي ڪپڙي جي رنگاوت جو بهترين ڪاريگر آهي، جنهن جي مهتا ۾ ڪيس صدارتي ايوارڊ پڻ مليل آهي. چاچي کي مٿيون بيت ڏئي سمجهاڻي پڇيم تڏهن ٿڏو شوڪارو هڻي چوي ٿو پُٽَ لطيف کي تون، آئون ڪٿي ٿا رسون؟ لطيف جي اڏام تمام مٿي آهي هن بيت ۾ لطيف انهن سالڪن جي ڳاله پيو ڪري جن پنهنجي پاڻ کي پچائي راس ڪري ڇڏيو آهي، تن کي هن دنيا جي گردش ڪجه بہ نٿي ڪري سگهي، انهن تي جيتريون سختيون ايندريون اهي اوترا ئي مضبوط ٿي ثابت قدم رهندا.

چيم حقيقت تہ اها آهي پر تو واري ڪم جو لطيف سرڪار هن بيت ۾ ذڪر ڪيو آهي، ان جي باري ۾ تہ ڪجه ٻڌاءِ، چوي ٿو لطيف اسان جي ڳاله ڪون ڪندو تہ ٻيو ڪنهن جي ڳاله ڪندو اسين لطيف جا آهيون لطيف اسان جو. چوي ٿو مٿين بيت ۾ لطيف سرڪار اسان جي ڪم ۽ ڏوبيءَ جي ڪم جو ذڪر ڪيو اٿس، چوي ٿو اسين ڪم ڪندا آهيون بندڻ جو بندڻ واري ڪپڙي کي باندوٽو چئبو آهي اهو ڪپڙو



پندرهن مرحلن مان نڪري وڃي پنهنجي اصل روپ ۾ ايندو آهي، پوءِ هن کي ڏوبي ڌوئي يا ڏوبن هن جو رنگ نہ مِٽائي سگهندا، ان کي جيترو ڌوئيندا اوترو ئي نکرندو.

پڇيم اهو ڪپڙو ڪهڙو هوندو آهي جنهن تي اوهين رڱاوت ڪندا آهيو؟ چوي ٿو اهو نِجُ سوٽي ڪپڙو هوندو آهي، جيڪو سُٽَ مان ٺهندو آهي انکي کي پهريان پاڻيءَ ۾ پُسائي پوءِ پٿر تي ستيندا آهيو تہ جيئن ان جو ڪلف نڪري وڃي ۽ ڪپڙو نرم ٿي وڃي. ان پٿر جي سَٽَ ڪُٽَ واري مرحلي کي ڪوڙ چوندا آهيون. اهو ڪوڙ وارو مرحلو پنج يا ست دفعا ڪندا آهيون.

جان پَرِ جُڙِيَمُ جوڙَ دوستُ پيهِي در آيو،
ڏڪِنِ اچي سڪنِ کي، مُحَڪم ڏني موڙَ،
جان پَرِ ڪَتِيءَ ڪوڙَ سا پَرِ سُورن سانئِي.

ان بعد ايرنڊي جي تيل ۾ سوڊا ڪار پاڻيءَ ۾ ملائي پوءِ ان ۾ ڪپڙي کي وجهندا آهيو پوءِ ان ڪپڙي کي پاڻيءَ مان ڪڍي اُس تي سڪائيندا آهيون اهو سلسلو پنج دفعا هلندو آهي تہ جيئن ڪپڙو بلڪل نرم ٿي وڃي.

انهن مرحلن کان پوءِ ان ڪپڙي کي تلاءَ يا واهَ تي ڪٽي وڃي ڌوئيندا آهيو تہ جيئن تيل ۽ ڪار نڪري وڃي.

ان کانپوءِ ان ڪپڙي کي ڦٽڪڙيءَ (ڦٽڪي) واري پاڻيءَ ۾ چوبهن ڪلاڪن لاءِ وجهي ڇڏيندا آهيون.

وري ان ڪپڙي کي واهَ يا تلاءَ تي ڪٽي وڃي ڌوئيندا آهيون. ڌوئي اُس تي سڪائي ڇڏيندا آهيون.

پڇيم ڦٽڪڙي ڇو ڏيندا آهيو؟ چوي ٿو ڦٽڪڙي واري ڪپڙي تي رنگ پڪو چڙهندو آهي.

پوءِ ان ڪپڙي تي هلڪي گلابي رنگ جا پور هڻندا آهيون.

ان بعد ٻنڌڻ جو مرحلو ايندو آهي. جيڪو تمام ڏکيو ۽ پيچيده هوندو آهي.

ٻانڌوٽا ٻَڌِ ڏيان، اَرِغَجَ ۽ انبِيرَ،
ماروءَ سِين مانڻيان، ڪَتِيءَ جهڙي ڪيرَ،
اندرِ اُجَ اُڪيرَ، مون کي پرينءَ پنهوارَ جي.

پڇيم اهو ٻنڌڻ ڪيئن ڪندا آهيو؟ چوي ٿو ٻنڌڻ واري ڪپڙي کي ڌاڳي سان پينديون ٻڌيندا آهيون، انهن ٻڌل پيندين واري جاءِ تي رنگ نہ چڙهندو آهي، باقي سڄي ڪپڙي تي رنگ چڙهي ويندو آهي.

چيم اهو وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي، چوي ٿو اهو ئي تہ ڪتيءَ جو ڪمال آهي نہ تہ سڄي خلقت رنگريز ٿي وڃي هجي.

پوءِ ان ٻڌل ڪپڙي کي چروءَ جي ٻنهي پاري اليجر رنگ چاڙهيندا آهيون، اهو مرحلو ڪلاڪ کن جو هوندو آهي.

پڇيم اهو چَرُو ڇا ٿيندو آهي؟ چوي ٿو اهو پِتَلِ جو وڏو هنڊو جيڪو ڪپڙا رڱڻَ جي ڪم اچي ان هَنڊي کي چَرُو چوندا آهيون.

پوءِ ان ڪپڙي کي چروءَ مان ٻاهر ڪڍي سڪائي ٻنڌڻُ کوليندا آهيون، ان ڪپڙي ۾ جنهن جاءِ تي پيندي ٻڌل هوندي آهي، اها جاءِ اڇي هوندي آهي باقي ڪپڙي جو رنگ هالاري ٿي ويندو آهي.

پڇيم اهو هالاري رنگ ڪهڙو هوندو آهي؟ چوي پيو ڪُنَلَ ٻَڪِري جو رتُ ڏنو اٿئي ان رت جهڙي رڱَ کي هالاري چوندا آهيون. ۽ جيڪڏهن ان ڪپڙي کي ڪاڪِريچي رنگ ڏيڻو پوندو تہ اليجَرَ رنگ کي نِيرَ سان ملائڻو پوندو تہ جيئن ان ڪپڙي جو رنگ نيرو ڪارو ٿي ويندو. ان رنگ واري ڪپڙي کي ريٽو پُڙُ چوندا آهن.

پڇيم ٻنڌڻَ کان سواءِ ٻيو ڪپڙي جي رنگڻ جو ڪهڙو ڪم



ڪندا آهيو؟ چوي پيو ٻيو ڪم اسان ڪپڙي تي پور (بلاڪ پرنٽ) هڻندا آهيون جنهن کي ليمائي رنگت وارو ڪپڙو ڇٻو آهي .پڇيم اهو ڪپڙو ڪهڙو هوندو آهي؟ چوي ٿو اهو ڪپڙو بہ سوٽي هوندو آهي، سوٽيءَ (سُٽَ مان ٺهيل ڪپڙو) ڪپڙي ڪانسواءِ ٻئي ڪپڙي سان اسان واري چَرُوءَ جو چاهُ ئي ناهي، جيڪڏهن ٻيو ڪپڙو هوندو تہ اهو هڪ دم ڦاٽي پوندو .
پڇيم ان ڪپڙي جي رڱَڻَ جا ڪهڙا مرحلا آهن؟ چوي ٿو ان سوٽيءَ ڪپڙي کي پهريان نرم ڪرڻ لاءِ آسري لَئي (وڻ) جي ٻجن (ساڪوڻُ) کي ڪُٽي، پيهي پائوڊر ٺاهي ان پائوڊر کي پاڻيءَ ۾ وجهي ٿورڙو ان ۾ تيل وجهي، ان ڪپڙي کي ان پاڻي ۾ وجهي ڪجه دير سَهِي پوءِ اُسَ تي سڪائي ڇڏيندا آهي .ڪپڙو سُڪِي وڃڻ بعد ان تي ڪَٿُ جو ٺپو هڻندا آهيون. پڇيم اها ڪَٿُ ڇا آهي؟ چوي ٿو لوهَ جي ٽڪڙن کي هڪ مَٽَ ۾ پاڻي وجهي پندرهن ڏينهن رکي ڇڏيندا آهيون، تہ جيئن اهو لوهُ ڪَٿُ ڇڏي. پوءِ ان ڪَٿُ واري پاڻيءَ سان گدامڙيءَ جي ٻج جو اٽو ٺاهي پاڻي ۾ ملائي ان پاڻي مان ڪپڙي تي ٺَپا هڻيندا آهيون. اڄ ڪله ان جاءِ تي ڪيمڪل استمال ٿيو ٿئي، جنهن کي هيراڪَسُ چوندا آهن .پوءِ ايندو آهي پاهَ جي ٺپن جو مرحلو. پڇيم اهو پاهه ڇا آهي؟ چوي ٿو ڦٽڪڙي ۾ گدامڙي جو ٻجَ جو اٽو ٺاهي، پاڻي ۾ ملائي ان ڦٽڪڙيءَ واري پاڻيءَ جا ٺَپا ان ڪپڙي تي هڻندا آهيون، پوءِ جتي ڦٽڪڙيءَ وارو ٺپو لڳل هوندو اتي ئي رنگ ٻيهندو، ٻيو سارو رنگ لهي ويندو .پَرِتوو پُنهونءَ جو سهائي سِياهُ مُنهُن ڏئي مون آئيو، رنگا رنگي راهُ، پهرين ڏيندا پاهُ پوءِ رڱيندا رنگ ۾ .
پوءِ ان کي چروءَ جي ٻنيءَ تي چاڙهي اَليجَرُ رنگ چاڙهيندا آهيون. ڪجُ دير ان پاڻي ۾ اڪاري چَرُوءَ مان ڪڍي اُسَ ۾ سڪائي ڇڏيندا آهيون. ان اليجر ڏنل واري ڪپڙي جو رڱ ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، جنهن کي اسين ڳاڙهو گهنڊُ چوندا آهيون .پوءِ ان رنڱيل ڪپڙي کي واريءَ وارا پورَ هڻي،

وري ان ڪپڙي کي چَرُوءَ تي چاڙهي نيرَ (انڊيگو) سان رڱيندا آهيون ان رنگتِ واري ڪپڙي کي ليمائي رنگ وارا ڪپڙا چوندا آهيون. پڇيم ڪُنيُ ڇا کي چوندا آهن؟ چوي ٿو ڪُنيُ ڏوٻيءَ جي ڪپڙا ڏوئڻ جو ٿانوَ آهي جيڪو هڪ وڏو پتلِ جو هنڊو هوندو آهي ساڳئي اسان واري چَرُوءَ وانگر ان کي ٻنيءَ تي چاڙهي ڏوٻي ان ڪنيَ ۾ پاڻي پري ان جي مٿان ڪاٺين جو جارُ ٺاهي هڪ ويڙهيل پُسِيل ڪپڙن جي گول ديوار ٺاهي وِچُ خالي ڇڏي ان گول ڪپڙي جي ديوار نما سَٽِيءَ مٿان ڪپڙو ويڙهي ڍڪي ڇڏيندا آهن ان ڪنيَ واريءَ ٻنيءَ کي مسلسل ٽي ڪلاڪ ٻاريندا آهن. پوءِ ان ڪنيَ وارا ڪپڙا مَرُ ڇڏي ڏيندا آهن. انهن ڪپڙن کي ڏوٻي تلاءَ تي ڪٽي وڃي پٿر تي سٽيندا آهن تہ جيئن مَرُ نڪري وڃي ۽ ڪپڙا اڇا اُجرا ٿي وڃن.

رَڇي جي ريٺو ٿيا، ڪِينَ اُٻاٽجَنِ اُوءِ،
ڪُنيُ نہ ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوٻيءَ ڏوءِ، تہ بہ لالائي نہ لهي.

پڇيم رنگ گهڻن قسمن جا رڱيندا آهيو؟ چوي ٿو عورتن ۾ سهاڳڻ عورت جي ڪپري جو رنگ ٻيو تہ ڏهاڳڻ عورت جي ڪپڙي جو رنگ ٻيو هوندو آهي. عورت جي شاديءَ جي ڪپڙن جو رنگ ٻيو تہ عام زندگيءَ ۾ ڪپڙا پائڻ جو رنگ ٻيو هوندو آهي. چوي ٿو اڳي تہ ذاتين جا پورَ (ٺپا) ئي الڳ هوندا هئا، هندوئن جا الڳ تہ مسلمانن جي ڪپڙن جي پورن جا ڇِٽَ الڳ هوندا هئا.

پڇيم پُورَ ڪيترن ڇِٽَنِ جا هوندا آهن؟ چوي ٿو سائين پورن جو تہ ڪو ڪاٿو ئي ڪو نہ هوندو هو.

پڇيم عورتن جي اوڍڻ جا ڪهڙا ڪپڙا رڱيندا آهيو؟ چوي ٿو عورتن جا پَڙا، پيتِيُون، پُنِيُون، پوتيون رڱيندا آهيون. پڇيم توهين رڳو عورتن جي پهرڻ جو ڪپڙو رڱيو يا مردن جا ڪپڙا بہ رڱيو؟ چوي ٿو ٻانڌوٽو يا پورَ وارو (ليمائي) ڪپڙو اسين عورتن لاءِ رڱيندا آهيون، باقي



مردن جو ڪپڙو ڪو نہ رڱيون. پڇيم اجرڪ رڱيو؟ چوي ٿو اسين اجرڪ ڪو نہ رڱيون، اجرڪ گهڻو ڪري هالا، ڀٽ شاهہ، نصرپور، بدين ۽ ڀرپاسي وارا کٽي رڱيندا آهن. اهي مسلمان کٽي آهن جيڪي گهڻو ڪري سومرا ذات جا آهن، ۽ اسين هندو کَٽِرِي آهيون. چوي ٿو اڳي اهي مسلمان کٽي اسان وارو ٻنڌڻ وارو ڪم ڪندا هئا. پر هاڻ اهي اهو ڪم گهٽ ۽ گهڻو ڪم اجرڪن جو ۽ ٻيو فيشني ڪم ڪندا آهن. اسان وارو ڪم صديون پراڻو ڪم آهي، جيڪو هٿونگي، ڪپري، مٺيءَ ۾ اڃان بہ ٿئي ٿو پر تمام ٿورڙو. چوي ٿو اڳي رڳو هٿونگي شهر ۾ رڱڻ جون اَسِي ڀٽيون هونديون هيون هاڻ صرف هڪ ڀَٽِي آهي اها بہ ڪجه عرصي ڪانپوءِ بند ٿي ويندي.

پڇيم اهو وري ڇو؟ چوي ٿو تو اسان جو ڪم ڏُنو ۽ ان ۾ محنت بہ ڏٺي پر ان جي بدلي معاوضو تمام گهٽ ملي ٿو. چوي ٿو اسان وارا رنگ ئي قيمت ۾ ڪم لاهيو ڇڏين ۽ ٻيو وري ڪپڙو. چوي پيو اهو پانڌوٽو پَڙو جيڪو پريان پيو اٿئي اهو پورا ست وال اٿئي، پر ان جي قيمت چار ڪان پنج هزار ملي ٿي، ۽ اهو جيڪو ليمائي پَڙو آهي، ان جي قيمت تہ مُرُڳو پنجَ سئو رپيا ملي ٿي. چوي ٿو ان ڪم ۾ هاڻ اسان جو گذران نٿو ٿئي هاڻ اسان جي برادري جا ماڻهو هاٿي ٻيا ڪم ڪارِ ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪي واپاري، تہ ڪي سرڪاري ملازم آهن. ڪي ماستر، ڪي ڊاڪٽر، ڪي وري انجنيئر پڻ آهن. چوي ٿو مونکي منهنجي ابي هيءُ بيتُ ٻڌايو هو جنهن ۾ کٽي کي سکيو ستابو رهڻ جي دعا ڪيل آهي. بابو چوندو هو تہ اهو بيت ميُون شاهہ عنايت جو آهي.

کَٽِي کيٽُ مَ کيڙُ، توڙي ٿيندئي سونا سنگڙا،
هيجَ مجهاران هٿڙا، مٿي پِيندٻيءَ پيرُ،
ابي، ڏاڏي جي پير، سکيو هوندين سيد چئي.

# ڪَڙهي ۾ ڪَڙي، پَرَ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو

ڪَڙهي ۾ ڪَڙي، پَرَ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو
سِڪَ ٻَڌائين سندرو، جانِبَ لئہِ جَڙي،
لَڱِنِ سِرِ لطيف چَئي، مُنڌَ جهيڙي ۾ جَهڙي،
پَٽيءَ تان نہ پَڙي، جي عُمرِ سَپِ اِيئن ڪري.

فقير کان پڇيم لطيف سرڪار هن بيت ۾ ڪَڙي جو ذڪر ڪري پيو اهو ڇا آهي؟ چوي ٿو سَسُئِي ويچاريءَ ٻَرنِ پَٽَنِ ۾ پنهونءَ جا پيرَ پِٽِي ڪَڙِيا لطيف اها ڳاله پيو ڪري. ٻهراڙي ۾ ڪا چوري ٿيندي آهي تڏهن پيري ڪانيءَ سان چور جي پير تي گول دائرو ڪڍي نشانوَرُ ڪندا آهن ان کي پير ڪَڙَڻُ چوندا آهن. چيم فقير سسئيءَ جي چوري تہ ڪون ٿي هئي جو پير پئي ڪَڙِيائين؟ چوي ٿو ان کان وڏي ڪا چوري ٿيندي آهي ڇا، چوري نہ پر جَتَ ڏاڙو هڻي ويا هئا ويچاريءَ جو، سُتي رات سڄڻ ڪڃي ويو تہ سمجه ڏاڙو لڳو.

پيئر هنَ پنيورَ ۾، منهنجو ڪڃاڙو،
ڪلهي ڦاٽَمُ ڪنجرو، مٿو اگهاڙو،
ڏوٻَرِ جو ڏاڙو، هُو جو هوتَ هڻي ويا.

فقير کان پڇيم فقير ڏي خبر تون پير سڃاڻي ويندو آهين؟ چوي ٿو هائو ابا پيو اسان ڪيو سين بہ ڇا، سڄي عمر پير ئي تہ ڪنيا سين، ماڻهو جا تہ ڇا پر جانورن جا بہ پير سڃاڻون. پڇيم اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو اها لوڪ ڏاهپ آهي، جيڪا تو جهڙن جي وس جي ڳاله ڪونهي. اها ڏاهپ



انهن وٽ هوندي آهي جيڪي ڳوٺن، جهنگن ۽ رڻپَٽنِ ۾ رُلندا آهن.

جيڪِي ڏَڏَنِ ڏي، ڳُجهيائي ڳجهہ ۾،
سو جي سُڻَنِ ڪڏهن، ڪِرِتِ وارا ڪي،
تہ سازَ مِڙَئِي سي، پِڻُون ڪن پَلَڪَ ۾.

چوي ٿو هڪڙي ٿيندي آهي چوري، ٻيو ڪاٿُ، ٽيون ڏاڙو، چوٿين ٿيندي آهي ڦُرِ، چوري ۽ ڪاٿُ هڻندڙ کي چور چئبو آهي، ڏاڙو هڻندڙ ڏاڙيل، ڦر ڪندڙ کي ڦورو چئبو آهي. چوري مال (ڌڻ) جي ٿيندي آهي، ڪاٿ گهر ديوار توڙي يا ان مان سوراخ ڪري ان مان سامان ڪڍيو ويندو آهي، ڏاڙو اهو جيڪو سڄي ڳوٺ جو گهيرو ڪري هنيو ويندو آهي ڦر اها جيڪا اڪيلي يا هڪڙي گهر وارن کي يرغمال ڪري سامان ڦريو وڃي. پڇيم اها ڪيئن سڃاڻپ ٿيندي آهي تہ اهو ڪنهن جو پير آهي، چوي ٿو هڪ دفعي پاڙي واري ڳوٺ ۾ ڪاٿُ لڳي ويو ڪاٿُ وڏيري جي گهر جو لڳل هو سو پورو ملڪ اچي ڪَٺو ٿيو. مونکي گهرايَئُون مون ڪاٿَ واري جڳه ڏٺي ڪاٿ ڪنهن ڏاهي چور جو هنيل هو. پير ڏٺو سين ٻن چورن جو پير سرزمين تي هو، هڪڙو ڪوٽ کان ٻاهر چونڪيءَ تي بيٺل هو. پير ڏٺم انهن مان هڪ چور جو پير سڃاتم، خير اهو راز رکيم ٻيو ڏينهن ٿيو اچي پيرين جي ذات گڏ ٿي، ٽئي ڏينهن پيرن جي پريڊ ڪوٺائي وئي. اچي چورن جو راڄُ گڏ ٿيو پير لڳو، ساڳيو چور بہ اتي آيو هو ان چوريءَ وارن چورن مان هڪ ٻيو چور بہ آيو هو. سيڻي پيرين پير ڏٺا مون ۽ ٻين ٻن پيرين انهن ٻن چورن ۽ ٻين ٽن جا پير ڪَڙِيا سين. وري ٻيو دفعو انهن پنجن چورن جو پير هڻايو سين، انهن مان ٻن اصلي ۽ هڪ ٽئي همراه جو پير ڪَڙِيو سين. وري ٽيون دفعو انهن ٽنهِي جو پير لڳو وڃي آخر ۾ اصلي چورن جو پير ڪڙيو سين. پوليس انهن چورن کي گرفتار ڪيو نيٺِ آخر چورن چوري ٻاسي. پڇيم اهو چور اوهان سڃاتو ڪيئن؟ چوي

ٿو پيريءَ جي اها ڪِرتِ هوندي آهي تہ ايندي ويندي جي پيرَ تي نظر رکندو آهي، خاص ڪري چورن جو تہ اسين پنڌ ڪري بہ وڃي پير ڏسندا آهيون ان ۾ خاص ڪري پير جو چِٽُ، ماپ، چالَ، لَهِرو وِڪَ جي مفاصلي جو اندازو رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن جُتي پاتل هجي تہ ان کي ڪيئن سڃاڻبو؟ چوي ٿو جُتيءَ ۾ وِڪَ، چالِ، لَهِرو ماپَ، تي نظر رکبي .اِنهنِ چورن جو پير ايئن سڃاتو سين جو هڪ چور جي پير کان آئون اڳ ئي واقف هُئس، ۽ ٻئي چورَ پير هڻڻ مهل پنهنجي پير جي چال مٽائي تنهن تي سڃاتو سين. چوي ٿو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي هلڻ جي چال مَٽائيندو تہ ان جي مفاصلي ۽ چالِ ۾ گهٽِ وڌِ جو فرق ايندو، تنهن تان اهو ماڻهو پنهنجي چالاڪيءَ ۾ ئي ڦاسي ويندو آهي. ٻيو وري پير جي نشان ۾ خبر پئجي ويندي آهي .چوي ٿو پيري اهو جيڪو سُبَتا ۽ اُبَتا پير سڃاڻي، پڇيم اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو سُبتو پير اهو جيڪو چور چوري ڪري جيڏانهن ويو ان پنيان پير ڪڻي، ابتو اهو پير جيڪو چور جتان چوري ڪرڻ آيو اهو پير ڪڻي.

چوي ٿو هڪ همراه جي ڏاندن جي جوڙي چوري ٿي وئي، مونکي گهرايو ويو ڏسان تہ ٻن چورن جو پير سر زمين تي موجود آهي هڪ کي سليپر پاتل هو ۽ ٻئي کي چپل، صبح سوير پير کنيو سين، پير کڻندا اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پيرُ هنيو سين، چور وڏا هشيار هئا، پير ڳوٺ ۾ هڻي، ڳوٺ جي ٻرِيين پاسي ڏاندَ ڪاهي نڪرِي ويا. ان ڳوٺ ۾ اسان کي دير لڳي وئي ڳوناڻن ڏاندن جي ساک ڏني مون ڳوٺ جي پريين پاسي پير اهاڙيو ڏسان تہ چور ڏاندن جي جوڙي ڪاهي ان ڳوٺ مان نڪري ويا آهن، پوءِ پير کنيو سين رات پئجي وئي وڃي هڪ ڳوٺ ۾ پياسين جيڪو بدنام چورن جو ڳوٺ هو چئني طرفان اهاڙيو سين پير ڳوٺ کان ٻاهر ڪو نہ نڪتو، ڳوناڻن تي زور پريو سين، يا ڳوٺ کان ٻاهر پير ڪڍي ڏيو يا ڍڳا ڏيو وڏي



زور کان پوءِ ڏاند واپس ٿيا يا ڀڳيا ڪاهي گهر پهتا .

پڇيم توکي ڇا مليو؟ ٺهڪ ڏئي چوي ٿو چورن سان دشمني ٻيو وري ڇا ملندو. پڇيم اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو چور ڳولي ڏيندس تہ چور دشمن ئي ٿيندا. پڇيم ڪو نقصان؟ چوي ٿو اهڙو ڪو خاص تہ ڪون مڙي هلڪي ڦلڪي موسيقي هلندي رهي ٿي. پر چورن جي اسان سان ياري بہ هوندي آهي، پوءِ ڏسندا آهيون ڪٿي يار ڦاسي ٿو تہ مڙي بچائي ويندا آهيون، اهو بہ ڪنهن امير، يا ظالم جي چوري هجي تہ ، غريب جي چوري مون ڪڏهن بہ وڃائي ڪون پوءِ پلين چور ڪيڏو زوراور ڇو نہ هجي يا پلين ڪٺي دوست هجي .

پڇيم اها ڪيئن خبر پئي ٿي تہ چور سيکڙاٽ آهي يا پراڻو؟ چوي ٿو سيکڙاٽ گهڻو ڪري ڪا نہ غلطي ڪندو آهي، هوشيار چور هميشه غلطيءَ جي گنجائش گهٽ رکندو آهي. چوي ٿو هشيار چور چوري ڪرڻ مهل ان ڳاله کي بہ نظر ۾ رکندو آهي تہ سياڻي پير بہ کڻندا، تنهنڪري هو هميشه پير وڃائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ جيئن پيري پير کڻڻ مهل پلجي پوي .چوي ٿو سياري جي وڏيڪ سيئَنِ وارين راتين ۾ چوريون گهڻيون ٿينديون آهن، ڇو جو پاڳيا سيءَ ڪري اندر ڪمرن سمهندا آهن ۽ مال ٻاهر اڪيلو هوندو آهي، ۽ ٻيو سياري جون راتيون وڏيون ٿينديو آهن، جنهن ۾ چور چوريءَ کي پاڻاريءَ تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ويندا آهي .چوي ٿو اسان کي هر ذات جي ماڻهوءَ جي پير جو پتو پئجي ويندو آهي.

پڇيم اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو هر ذات جي قد، بُتَ ۽ هانيءَ جو پنهنجو نمونو هوندو آهي، ۽ پڻ هلڻ جي چال ٻڌائي ڇڏيندي آهي تہ همراه ڪهڙن منجهان آهي .پڇيم جانورن جا پير ڪيئن سڃاڻو؟ چوي ٿو جانور جو پير ماڻهو کان بہ سَوَلو آهي. چوي ٿو رڳو اسين نہ گهڻا پاڳيا

پنهنجي جانورن جا پير سڃاڻندا آهن. اٺ جو پير سڃاڻڻ ۾ صفا سَوَلو هوندو آهي، جيڪڏهن ڪا ٻڪري يا ڍڳي وڃائجي ويندي آهي پاڳيا ان جو پير کڻي وڃي ڳولي لهندا آهن. چوي ٿو هوشاري اهڙي جو سَوَنِ ڍورن جو ڌڻ پيو وڃي پر پاڳيا ان مان پنهنجي ڍور جو پير ڳولي لهندا آهن. چوي ٿو هڪ دفعي منهنجيون ٽي ٻڪريون وڃائجي ويون. منهنجي گهر واريءَ چيو تہ پنهنجي ٻڪرين جا پير مون وَڏَ کان پَريين پاسي ڏٺا هئا. شايد اهي انهيءَ پاسي ئي هجن. پوءِ اهي پيرَ وٺي ڪنيم ٻئي ڏينهن وڃي ڏسان تہ اهي ٽئي ٻڪريون رُهِيءَ ۾ پيون وڙڪن. ڪاهي اچي گهر پهتس. چوي ٿو هڪ اٺ جي چوري ٿي وئي. منهنجي استاد ان چوري جو پير ڪنيو. پير کڻندا وڃي هندستان ۾ هڪ ٺَڪُرَنِ جي ڳوٺ ۾ پيا سين ٺڪرن اسان کي ڪاڏو رڌڻ لاءِ ڪچو سيڌو ڏنو. ان سِيڌي ۾ جيڪو اَٽو هو سو هٿ سان ٽِڦِيَلُ هو. منهنجي استاد ان ٽڦيلَ اٽي تي هٿ واري نشان ڏانهن اشارو ڪندي ساٿين کي چيائين چوري هتي آهي. سنگت پڇيو اهو وري ڪيئن؟ چيائين رستي ۾ چورن جتي ساهي ڪاڏي هئي اتي هڪ چور اٺڻ مهل هٿ جي تِرِي ڪوڙي اٿيو هو. ان هٿ جا نشان هن اٽي تي لڳل عورت جي هٿ جي نشان مان لڳي ٿو اها عورت ان چور جي پيڻ ڪا ويجهي رشتيدار آهي .اسان اها ڳاله انهن ٺَڪُرَنِ سان ڪئي تڏهن ٺڪرن پيريءَ جي ڏاهپ جو انصاف ڪندي اٺ موٽائي ڏنون.

چوي ٿو هڪ دفئي جي ڳالهہ آهي، پر واري ڳوٺ مان ڪا مادي اُٺِ وڃائجي وئي، وڃائي پورا پنج سال ٿيا همراهہ ڳولي ٿڪا پر نہ ملي. هڪڙي ڏينهن ڪو پرپاسي واري ڳوٺ ۾ پَٽُ هيو ان پَٽَ ۾ وڃايل مادي اُٺِ واري مالڪ هڪ نر اُٺَ جو پير ڏٺو ان پير کي ان پاڳئي ڪَڙِي چيو تہ هيءُ اُٺُ منهنجي وڃايل اُٺِ جو ڦَرُ آهي. نيٺ آخر ڳچ اٺن جا پير هنيا ويا انهن ۾ بہ ان پاڳئي انهيءَ ساڳئي اُٺَ جو پير ڪڍيو پوءِ ٿيو



ايئن جو پوئتي ڪونٽي ڳولڻ سان اهو اٺ واقع ان وڃايل اُٺِ جو ڦَرُ نڪتو. پوري پَنجين سالين اهو اٺُ ۽ ان جي ماءُ اها بہ سلوار پاڳئي جي حوالي ٿي.

چيم اهو وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ چوي ٿو توکي پهريان ٻڌايم تہ اها ڳالهہ اوهان جي سمجه کان مٿانهي آهي، چوي پيو اها ڪماوت ڪون ٻڌي اٿئي .راڳي، (راڳ ڳائڻ وارو)، پاڳي (پير نهارڻ وارو)، پارکو (سڄاڻُ)، ناڙي ويڄُ (طبيب)، نياءُ (فيصلو ڪندڙ) ڳُرُ سيڻي هيڪڙو اُڪِلي سَپِن هنيانءَ.

# پونچا ڏِنُمُ پيرَ، ڍَڪڻَ متي ڍولَ جا

پونچا ڏنم پيرَ، ڍَڪڻَ متي ڍولَ جا،
مون پانئيو تَنهن ويرَ، ڪوجهي ڪندو پِريتڙِي

فقير ڏي خبر لطيف سرڪار ڪهڙي ڳاله پيو ڪري، تڏهن مسڪرائي چوي ٿو لطيف سائين پاڙئي ۽ مڙس ماڻهو جي سچاٽپ پيو ڏسي. اهو وري ڪيئن؟ ان کي لوڪ ڏاهپ چوندا آهن سنڌين جي شادين جي رِيتُنِ رَسمُنِ ۽ سَوڻَ، سانڻنَ جو اهم حصو هوندو آهي، جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي پرک ڪئي ويندي آهي، تہ همراهن ۾ ڪيترو دم آهي.

چوي ٿو توکي منڍَ کان منهنجي شادي جي ڳاله ٿو ٻڌايان ٿو تہ منهنجي ٻَرِڙِپ ۾ ڪهڙا ڪهڙا سَوَڻَ سانڻَ ڪيا ويا. چوي ٿو ڳاله ڪريون ٿا، سنگُ گهرڻ جي، جڏهن منهنجو سنگُ گهرڻ لاءِ مانگا ويا، پڇيم اهي مانگا وري ڪير آهن؟ چوي ٿو سنگُ گهرڻ وارن کي مانگا چيو ويندو آهي، مانگا چوڪري جي مائٽن سان سنگ جي ڳاله ٻول ڪري منگڻيءَ (مڱڻيءَ کي کيرُ پيئڻ بہ چئبو آهي) جو ڏينهن پڪو ڪندا آهن.

جانڪِين سَتِيين سِيرُ، تان ڪِينَ وِهَندِئَسِ ڪوٺَ ۾،
سِپَ سَمُنڊرين سِپِجي، نَدِيءَ پئي نه نِيرُ،
جِئَن اُوءِ اَبرَ آسري، تِئَن منهنجي جي مَنِ مليرُ،
ڪاٽُڙ پيئڻ کيرُ، جي امانت اُتِ وڃي.

کيرُ پيئڻ مهل منهنجا مائٽ چوڪريءَ لاءِ کيرَ منڊي ۽ مليرَ وٺي



ويا، منڊي ڪنوار کي پارائي ۽ گڏوگڏ ڪنوار کي مليرَ پڻ اوڍايئون. پڇيم اها ملير وري ڇا آهي؟ چوي ٿو ڪنوار جي پائڻ جي پوتي جيڪا گهوٽيتن پاران ڏني ويندي آهي، جيڪا ڪَتِريءَ جي هٿن جي رڱيل هوندي آهي، جنهن جو مخصوص ڇاپو هوندو آهي. ڪنواريتن مون لاءِ مڱڻيءَ جي اجرڪ موڪليائون جنهن جا پلا پيرت ۽ ٽئورن سان پيريل هئا.

نَڪا جَهل نہ پَلَ، نَڪو راتُرَ ڏيهَ ۾،
آڻيو وڃهِن آهُريِن، روڙيو رَتا ڳُلَ،
هڪ مارو پاڻ امُلهَ، ٻيون مَليرون مُرڪِڙِيُون.

مڱڻيءَ بعد شاديءَ جا ڏينهن پڪا ڪيا ويا. ان مهل ڪچي ڌاڳي کي هئيڊَ جو رنگ ڏئي ڳنڍيون ڏنيون ويون، اهي ڳنڍيون هر روز سج لٿي مهل هڪ هڪ ڪري ڳائي وڄائي ڇوڙيون ويون. پڇيم ڳِنڍيون؟ چوي ٿو اڳيين زماني ۾ ڏينهن ڳڻڻ جو اهو طريقو هوندو هو. پوءِ جيترا ڏينهن هوندا اوترويون ڌاڳي ۾ ڳنڍيون ٻڌي هر روز هڪ هڪ ڪري ڇوڙيون ويندڀون هيون.

چوي شاديءَ کان اڳ سَتَ ڏينهن يا پنج ڏينهن ڳائي وڄائي مهندي لائي لاڏا ڳائي سَڳو (ڳانو) ٻڌو ويندو آهي.

مون مارُوءَ سِين لَڏِيُون، لوئيءَ ۾ لائُون،
سونَ برابر سَڳِڙا، مونکي ٻانهُنِ ٻڌائون،
عُمَرَ ڪِيئَن آئُون، پَٽُ پَهِريان سومرا.

ڳاني ٻڌڻ بعد ڪنوار کي وَنواهہ ۾ ويهاريو ويو. چوي ٿو جيڪڏهن ڪنوارِ مويي آهي تہ ست ڏينهن ۽ جيڪڏهن ننڍي آهي تہ پنج ڏينهن. پڇيم تو واري ڪنوار مويي هئي يا ننڍي؟ ٺهڪ ڏئي چوي ٿو اها ياڳن پري مويي آهي. ڪنوار کي اهي سَتَئِي ڏينهن سج لٿي محل سانجهي ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ مخصوص گيت ڳايا ويندا آهن.

پڇيم ڪنوار ڪي وَنواهہ ۾ ويهارڻ جو ڇا مقصد هوندو آهي؟ چوي ٿو ڏيءَ ڏَڻُ ٻاهر جي ماحول ڪان اڻ واقف هوندي آهي، تنهن ڪي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ سندس سهيلين سان گڏ ست ڏينهن ويهاري ويندي آهي، جيڪي ڪنوار سان گهوٽ ۽ گهوٽيتن جون ڳالهيون ڪري واقف ڪنديو آهن. تہ جيئن ڪنوار دل ۽ دماغ سان گهوٽ ۽ گهوٽ جي گهر وارن ڪي قبول ڪري.

وينيسِ ڪاله وناحَ، منهنجي ڪپڙن لَنيُءه نہ لڏي،
لائي منهندي لطيف چَئي، ڏنو پاڙيچنِ پناهُ،
جتي پِڙا گهميا پئي پُنهل جاَ. انهن پيٽينِ لاتم باهہ
ڦريجي آئون فقير ٿيس، غريب رِءَ گناهہ
هنن اٺن ٻنيان آهہ منهنجو مرڻ جيڏيون.

ڏورو ٻڌڻ مهل منهنجي هڪ ڪنواري دوست ڪي اَنهِيَرُ چوندبيو ويو. جيڪو سَتَئي ڏينهن مون سان گڏ هو. پڇيم اهو اَنهِيَرَ ڇو ڪندا آهن؟ چوي ٿو گهوٽ دوستن يا عزيزن جي مائُرن جي اها آس هوندي آهي تہ جيڪو ڇوڪرو ڪنهن گهوٽ جو اَنهِيَرُ ٿيندو تنهن جي شادي جلدي ٿيندي. تنهن ڪري ڪُنوارن ڇوڪرن جو مائُرون وڏي هوڏ ۾ هونديون آهن تہ منهنجو پُٽُ انهير ٿئي.

آخر شاديءَ وارو ڏينهن آيو مونکي سينگاريو ويو ۽ ڪنوار ڪي سينگاريو ويو. سيگارڻ مهل مون کي هجام ۽ ۾ منهنجي ڪنوار ڪي هجامڻِ پيڻِي/ ڇِڪِيو (هئيڊ. ميٺ. تيل ۽ شين ڪي ملائي ڪريم ٺاهيو ويندو آهي) هنيو تہ جيئن حُسن ۾ نکارُ اچي.

ان بعد اسان ٻنهي کي سائي وڻ هيٺيان وهنچاريو ويو. پڇيم سائو وڻ ڇو؟ چوي ٿو سائي وڻ جو مطلب تہ جوڙي سدائين سائي رهي. وڻ نہ هوند تہ سائي وڻ جي ٽاري وڍي ان هيٺيان وِهنجاريو ويندو آهي.



مون کي وهنجاري هڪ سينگاريل کٽ تي ويهاري ڪپڙا پارائي، پٽڪو پڌرائي، پٽڪي مٿان ٻِٺَ ٻڌرايئون. پڇيم اها ٻِٺَ وري ڇا آهي؟ چوي ٿو گوٺ کي سينگارڻ مهل اجرڪ ۽ پوتي اوڍرائي ويندي آهي ان کي ٻِٺَ چوندا آهن. ان ٻِٺَ واريءَ پوتيءَ کي آخر ۾ ڪنوار کي اوڍايو ويندو آهي. ٻِٺَ اوڍائي ان مٿان موڙ ٻڌرايئُون. ان وقت هڪ مخصوص پرتيل رومال جيڪو منهن تي رکڻ لاءِ هوندو آهي، ان رومالَ جي پلي ۾ هڪ ننڍڙو چاڪو پڻ ٻڌل هو ۽ هٿ ۾ سينگاريل لَڪُڻُ پڻ ڏنئون.

چوي ٿو ڄڃ جڏهن رواني ٿيڻ واري هئي، تڏهن هڪ پوڙهيءَ ڏوڪريءَ چيو تہ ڄڃ اوڀر طرف رواني ٿيندي، مزي جي ڳاله اها هئي تہ اوڀر طرف گهر جي گهٽي ڪون هئي، ان وقت لوڙهو ٽوڙي اوڀر طرف چارو ٺاهيو ويو. چيم اهو وري ڇا؟ چوي ٿو اسان سنڌي اڄ بہ ڪنهن ڪم لاءِ نڪرندا آهيون تہ وارُ جانچي پوءِ نڪرندا آهيون. مثال طور، ڦلاڻي ڏينهن ڦلاڻي طرف سفر ڪرڻو آهي يا نہ جيڪڏهن ان ڏينهن اوڏانهن سفر نہ ڪرڻو آهي ۽ اوڏانهن سفر ڪيو سين دل ۾ اهو الڪو هوندو آهي ڪٿي خراب وار جي ڪري ڪم خراب نہ ٿي وڃي.

جيئن مثال طور، ڪنهن ڪم سان ويندڙ ماڻهوءَ جي اڳيان خالي دلا اچن تہ سمجهيو ويندو خير ناهي، ۽ جي ڀريل هوندا تہ واهہ واهہ. ڪير آيو تہ واهہ جو ڪم ٿيندو.

پويان سڏ ٿيو تہ ڪم خراب. ڏائي پاسي مالهاري، يا ڪانوُ ٻوليو تہ ڪم خراب ٿيندو ۽ جي سائي پاسي ٻوليو تہ ٻيڙا ئي پار.

ڏائي چڙهي ڏارَ تي، ڪِي جو ڪانوَ ڪهيو،
سورائِتِيءَ سورِ پئي، ڪامي ارٿُ ڪنيو،
پَهو پَتِ هنيو، هو هَٿُ هُتِ رهيو.

فقير چوي ٿو جڏهن آئون تيار ٿي ڪنوار وٺڻ لاءِ روانو ٿيس تڏهن منهنجي جي ڪٽ جي هيٺيان ڊڪڻ تي ڏُونگهي رکي ويئي جيڪا مونکي پير سان پڇڻي هئي. پڇيم اهو ڊڪڻُ ۽ ڏُونگهِي ڇو پڇبي آهي؟ چوي ٿو ان مهل گهوٽ جي پرک ڪئي ويندي آهي تہ همراهہ ۾ ڪيترو دم آهي. جيڪڏهن اها ڏونگهِي ڀڳَئِين تہ سمجھ همراهہ شادي ۾ ڪامياب جي تہ تہ ياڙيو پال جو نڪرندو. پڇيم تو واري ڏونگي ڀڳي يا تہ ؟ تڏهن جوش ۾ اچي چوي پيو پهرين ڌڪ ۾ ڏونگهِي ۽ ڊڪڻُ اصل ڇرِيُون ڇرِيُون ٿي ويا.

پونچا ڏنم پير، ڊَڪَڻَ مٿي ڊولَ جا،
مون پانئيو ٿَهِين وير، ڪوجهي ڪندو پريتڙِي.

ڄَڃَ رواني ٿيڻ مهل منهنجي پيئرن مون کي ڪٽ تان لهڻ ڪون ڏنو چيائون ادا ابا ۽ چاچن کان پوڳرُ وٺي پوءِ ڪٽَ تا لَهُ پوءِ بابا ۽ چاچن پوڳرُ ڏنو تڏهن ڪَٽ تان لٿس.

پڇيم اهو پوڳر ڇا آهي؟ چوي ٿو ڪو مائٽ يا عزيز گهوٽ کي ڪو ڍڳُ، زمين يا ملڪيت مان حصو ڏئي ان کي پوڳرُ چيو ويندو آهي.

ڄڃ رواني ٿيڻ مهل بندوق جو فائر ڪيو ويو. منهنجي ڄڃ اُٺَنِ تي رواني ٿي پهريان ڄَڃَ اسان جي ڳوٺ واري قبرستان تي حاضري ڀري قل ڏئي رواني ٿي. پوءِ دوستن يارن جون چانهِيُون کيرَ پيئندا وڃي ساهرن جي ڳوٺ جي ويجهو ٿيا سين، اتي هڪ مائي ڏَرَڻَ مان کيرُ ڏُهي اچِي اسان جي رستي تي بيٺي، مون ۽ ٻين ڄاڃين اهو کير پيتو ان مائيءَ کي ڪارڪون ڏئي روانا ٿيا سين. چوي پيو اها اسان جي پراڻي رسم آهي تہ جڏهن ڪا ڄڃ ڪنهن وٿاڻ وٽان گذر ڪندي آهي تہ ان کي تازو کير ضرور پياريو ويندو آهي. چوي پيو سُهڻي کي بہ ان سُرڪيءَ ڇريو ڪيو هو.



ميهاران مِرڪَ، پِيتائين پِريم جي،
تنهن منڌَ متوالي ڪي، سندِي ساءِ سرِڪَ،
لڳِيَسِ ڪامَ ڪِرڪَ، لوهان تِڪي لطيف چئي.

ڳوٺ ۾ پهچڻ کان پهريان ڳوٺ جا ڇوڪرا لَٺيون ۽ ڀِتر کنيو بيٺا هئا، تن اسان جي واهہ جي ڄَڃَ ڪئي. پڇيم لٺين ۽ ڀترن سان وري ڪهڙي ڄڃ ٿي؟ چوي ٿو اهو ڀاڪو تو ڪڏهن ڀڏو ڪون آهي تہ ڦلاٽي همراه جي واهہ جي ڄَڃَ ٿي، ٺهڪ ڏئي چوي پيو اِها ئي تہ اُها ڄڃ آهي. چوي پيو اهي مڙي اسان جون پاڻ ۾ هجتون هجتون هلنديون رهنديو آهن. پوءِ انهن کي ڪارڪون ڏئي ڪجھ راضي ڪيو سين.

پوءِ ڳوٺ جي ٻاهران اچي اسان جي ڄڃ جو پَڙاءُ ٿيو. ٿوريءَ دير ۾ ڪنواريتن مان ڪجھ ماڻهو اسان کي وٺڻ آيا. جيڪي اسان جي پَڙَ ڄڃ ڪري وٺي ويا. اتي اسان جو وڏو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. عورتن اسان جي آجياڻي جا سهرا ڳايا. پڇيم اها پَڙَ ڄَڃَ ڇا ٿيندي آهي؟ چوي ٿو جڏهن ڄڃ ڳوٺ جي ٻاهران اچي پَڙاءُ ڪندي آهي تنهن کي ڪنوارتا اچي وٺي ويندا آهن ان کي پَڙَ ڄڃ چئبو آهي.

اچي ڪنوار جي گهر پهتا سين. ڪجھ دير ۾ ڄڃ لاءِ منو کير ڪڄي آيو جنهن ۾ مصري ۽ ڦوٽا هئا. ان بعد اسان لاءِ ٻُسِرين (ڳُڙهيري) جا وٽا ڀرجي آيا. پوءِ سڄي ڄڃ انهن ٻُسِرين جي چُوري ٺاهيندي وئي ۽ کائيندي وئي.

ڪنواريتا اَنهِيَرَ ۽ ڄاڃين سان کِلَ ڀوڳَ ڀُڻُ ڪندا آهن. جنهن لاءِ گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا اڳ ئي تياريءَ ۾ هوندا آهن پوءِ پاڻ ۾ کل ڀوڳ جو وڏو مقابو ٿيو. نيٺ آخر مون وارن همراهن هارَ مڃي تڏهن وڃي هنن جي جان ڇُٽي.

گڏو گڏ رهاڻِ ڀُڻ هلندي رهي، جنهن ۾ نشا پتا، ڪارڪو ڏوگهيون،

سوپارين جا دور پڻ هلندا رهيا.

ڪجه دير ڪانپوءِ ڪجه عورتون آيون جيڪي مون کي وٺي وڃي ڪنوار جي ڪمري جي اڳيان بيهاريَئُون ڪمري جي در تي ٻن ڇوڪرن کي ڳاني جهليل هئي، ڪنوار جي ڪمري ۾ انڌيرو هو مون کي هُوءَ ڪون پئي ڏسڻ ۾ آئي، پر هن مون کي ڏٺو پئي. هاڻ ٽيٽو ايئن هو جو مون کي ان ڳانيءَ کي ڏڪ هڻڻو هو ۽ هن کي مونکي چانوَرَ هڻڻا هئا. مونکي منهنجي انهير چيو ته يار ان ڳانيءَ کي اهڙو لَڪُڻُ هڻينس جو اها ٽُٽِي پوي يا هٿن مان ڇڏائي وڃي، پوءِ مون به اهڙو وار ڪيو جو ڳاني اڇي پَٽَ تي پئي، ۽ ڪجه اندران ڪان اڇلايل چانور به مونکي اچي لڳا، ان سلسلي کي ڪيهه چنبڻ چوندا آهن. پڇيم ان ڪيهه چنبڻ ۾ ڪهڙو راز آهي؟ چوي ٿو ان جو مطلب ته زندگي ڪاروهنوار ۾ منهنجي ڳاله ئي ٻڌبي، جيڪڏهن آئون ڳاني ڪيرائيان ها ۽ چانور نه لڳڻ ڏيان ها ته زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ منهنجون ئي من مانيون هلن ها. جڏهن مون کي چانور لڳا ته ان جو ملطب انهن فيصلن ۾ منهنجي گهر واري جي صلاح پڻ هلندي. ان مهل ڪنوار جي سهيلين ۾ وڏي سرهائي آئي ۽ خوش ٿي کلڻ لڳيون، پر مون وارو انهيرُ مون مان مايوس ٿي چوڻ لڳو يار هيءُ ڇا ڪَيُئِي توکي ڳانيءَ کي جلدي ڏڪ هڻي نڪرڻو هو تون واٹُ ڦاڙيو بيٺو هئين ته توکي چانور لڳن.

وري اچي کٽَ تي ويٺا سين ڇاڇين اها ڳاله ٻڌي ته مون تي چرچا ڪرڻ لڳا، ته يار تو سڄي ڄڃ جي بي عزتي ڪرائي ڇڏي، خير قصو ڪوتَهُ، ڪچهري هلندي رهي وري ساليون مون کي وٺڻ آيون ڇيائون ته هل ته ڏانوَڙَ جي رسم ڪريون.

مون کي وري وڃي ڪنوار جي ڪمري اڳيان بيهاريئون، هڪ پيلو ڏاڳو ڪٽي آيون جنهن جو هڪ ڇيڙو منهنجي سائي پير جي چيچ ۾ ٻڌائون ۽ ٻيو ڇيڙو سائي هٿ جي چيچ ۾ ڦاسايئون، پوءِ ساليون واري واري



تي ان ڏاڳي کي آڱرين مٿان وڙهينديون ويون ۽ آئون انهن ورن کي کوليندو ويس، جام دير بعد ٻنهي هار مڃي، تڏهن وڃي ڏاوڻ جي رسم پوري ٿي.

پڇيم ان ڏانوَڙَ جي رسم ۾ ڪهڙو منتق آهي؟ مسڪرائي چوي پيو منطق وري ڪهڙو مڙي دل وندرائڻ. چوي ٿو اصل ۾ ڏانوڻ ڏيڻ جو مطلب ته گهوٽ کي ساهراڻي گهر قابو ڪرڻ ته جيئن گهوٽ ساهرن جي وڏيڪ ٻُڌي، ۽ پنهنجي مائٽن جي گهٽ. پڇيم تون ڪنهنجي ٻڌندو آهين، کلي چوي پيو آئون ته پنهنجي زال جي ٻڌندو آهيان، نڪو ساهُرنِ جي نڪو مائٽن جي.

ڪجه ننڊ ڪئي سون فجر مهل وري سڏ ٿيو ته اچ ته ڏهي لِلاڙَ جي رسم ڪريون، وڃي ڪنوار جي ڪمري اڳيان بيٺاسون، مون کي منهنجي سَسُ ڪنڌ ۾ ڪپڙو وجهي به ٽي دفعا منهنجي ڪنڌ کي هيٺ جهڪايو پوءِ منهنجي منهن ۾ مصري ٻُرڪي دعائون ڏنائين. پڇيم ان ڏَهي لِلاڙَ جي رسم جو مطلب ڇا آهي؟ چوي ٿو ان جو مطب ته ساهراڻي گهر هميشه ڪنڌ جهڪائي هلڻو آهي، ۽ جي ڪنڌ جهڪائي هلندين ته هميشه مصريون کائيندين.

ان مهل اسان آندل پڙو ڪنواريتن جي حوالي ڪيو. پڇيم اهو پڙو ڇا آهي؟ چوي ٿو گهوٽيتا ڄڃ سان گڏ ڇوڪريءَ، ڇوڪريءَ جي ماءُ، پيٺن، ماسين، ڇاچين جا ڪپڙا، ڪارڪون، ڏونگهيون، چانور، مصري، ڳُڙُ، سوپاريون، ۽ ٻئي سامان کي ٻڌي هڪ هَڙَ ناهيندا آهن، ان هَڙَ کي پڙو چوندا آهن.

ايتري دير ۾ اچي ڏينهن ٿيو صبح سوير ڳوناٺا اچي ڪنا ٿيا. مولوي کي گهرائي اسان جو نيڪاح پڙهايو ويو، ڪجه دير بعد سڏ ته اچو ته ڏاج ٿو ڳٽائجي مائٽن کان سواءِ ڪنوار جي ٻين عزيزن ۽ ڳوناٺن پڻ

مڏيون ڳٽايون. پڇيم اهي مڏيون ڇا آهن؟ چوي ٿو ڪپڙن جو جوڙو ۽ ان سان گڏ اڳٺ، سڳي، پوتي، ۽ ٻيو پڻ ڪجھ سامان هوندو آهي تنهن کي مڏ چوندا آهن.

پوءِ ساليون وٺڻ آيون هل تہ تو کي ڪنوار سان لائون ڏيرايئون مونکي وٺي وڃي هڪ وڏي ورانڊي ۾ ويهاريئون اتي ڪنوار کي بہ وٺي آيون اسان ٻنهي کي آمهون سامهون ويهاريئون، وچ ۾ وهاٽو رکي پوءِ واري واري تي ڪنوار جي پيٽن ۽ سهيلين اسان ٻينهي جا مٿا پاڻ ۾ ملائينديون ويون ۽ بسملا چونديون.

پڇيم انهن لائُنُ جو ڇا مطلب آهي؟ چوي ٿو ان جو مطلب هاڻ توهان بہ جسم هڪڙي جان ٿي ويا آهيو.

مون ماروءَ سِين لڏِيون، لوئيءَ سين لائون،
سونَ برابر سڳڙا، مونکي پانهُنِ پڌائون،
عمرَ ڪيئن آئون، پَٽُ پهريان سومرا.

ان کان پوءِ مُنڊي ڳولڻ جو سلسلو شروع ٿيو منڊيءَ کي چانورن جي وٽي ۾ لڪائي ڳولڻ لاءِ چيو ويو، اسان ٻنهي جا هٿ ان چانورن جي وٽي ۾ منڊي ڳولڻ ۾ لڳي ويا، منهنجي گهر واريءَ منڊي ڳولي لڌي، مون تي هن جي سهيلن ٺٺوليون پڻ ڪيون. ان منڊي ڳولڻ جو مطلب پڇيم؟ چوي پيو ان ۾ هوشياري يا چالاڪيءَ جي پرک پوي ٿي.

پوءِ ان منڊيءَ کي ڪنوار جي مُٺ ۾ جهلائي مونکي چَيَئون تہ اها مُٺِ کولي ڏيکار. مون بہ يارن کان مُٺِ کولڻ سکِي ورتي هئي سو جَهٽَ ۾ مُٺ کولي ڏيکاريم، تنهن تي منهنجي چاچين، منهنجي سالين تي ٺَٺوليون ڪيون.

پڇيم ان مُٺِ کولڻ جو ڇا مطلب آهي؟ چوي پيو ان مان خبر پوندي آهي تہ ٻنهي همراهن مان زوراور ڪير آهي.

ان بعد ڪنوار جي ڪپڙن تي ڪپہ جا ٻُڙا رکيا ويا، مون کي



چيائون اهي ٻُڙا لاهينس، آئون پنهنجي رومال سان اهي ٻُڙا لاهيندو ويس ۽ ساليون اهي ٻُڙا رکنديون ويون، مون کي منهنجي انهيَر روڪيو تہ اهو ٻڙو جيڪو ڪنوار جي مٿي تي رکيل آهي ان کي نہ لاهجان. پڇيم اهو ٻڙو ڇو نہ لاٿئي؟ چوي ٿو اهو ٻڙو سهاڳ جو هوندو آهي، ان ٻڙي کي لاهڻ جو مطلب تہ ڪنوار ڏُهاڳڻِ ٿيندي.

مارو مِٺَ ملير جا، سيئي پَرِڪيا سون،
سوکِيءَ پانئي سيڪو، اوکيءَ تون هي تون،
مولا مٿان مون، ٻڙو مَ لاهِجُ ٻاجھ جو.

اهو سجو ڏينهن ريتن رسمن ۽ کِلَ يوڳ ۾ گذريو. رات ٿي مونکي سيج تي وٺي ويا، ڪچهريون ٿيون روهَ جا ٽڪَ لاٿا سين. صبح ٿيو سالين اچي در کڙڪايو مٺي ماني کڄي آئي ٻنهي کاڌي سين، اچي شام ٿي نيڪيتي جو تياريون ٿيون ڪنوار جي گهر ۾ مايوسي هئي، ڪنوار ۽ گهر وارن هڪ ٻئي کان روئي موڪلايو. منهنجي اجرڪ جي پلي ۾ ڪنوار جي پوتيءَ جو پلو ٻڌائون، ان ۾ سلاڙجي اچي پنهنجي گهر پهتاسين.

ٻڌو ڪنهن ٻڌاڻ، هينئڙو هوتاڻن سِين،
ڪاجا پيَسِ ڪاڻِ، نِبيريانسِ نہ نِبري.

گهر جي اوٽي تي ٻڪر ڳُهي رتَ چاڙڻ ڪئي وئي. پڇيم اها رت چاڙڻ ڇا آهي؟ چو ٿو اهو اسان جي جان جي امانَ جو صدقو آهي، تہ جيئن ڪا آفت هجي تہ ٽَري وڃي. اهو ٻڪرو اسان جي اوٽي جي گهٽيءَ تي ڪُٺائون تہ جيئن ان ٻڪري جي رَتَ ۾ سائي پير جي ڇيڇَ ٻوڙي گهر ۾ داخل ٿيون، ان عمل کي رَتَ چاڙڻ چوندا آهيون.

پڇيم اهي ريتون رسمون اجان هلن پيون؟ چوي ٿو اڄ بہ اُهي

ماڻهو اِهي رسمون ڪن پيا جن کي تاريخ ۽ تهذيب جي ڄاڻ آهي، باقي جيڪي فيشني يا اڻ واقف آهن انهن کي ڪهڙي خبر تہ اسان ڇا آهيون، ۽ اسان جي تارخ ڇا آهي.

پڇيم پوءِ ڇا ٿيو؟ ٿهڪ ڏئي چوي پيو پوءِ ٿيو ايئن جو اسان جا پنج ٻار آهن، پوءِ بہ هُوءَ مون تي ساهہ ڏي ٿي ۽ آئون هن تي ڄڻ تہ اُهي ڏينهن اُهي نيهن آهن.

ﮘ

# مارِيءَ ميرا ڪپڙا، بَغَلَ منجهہ بندوق

ماريءَ ميرا ڪپڙا، بغلَ منجهہ بندوق،
ماريو ميرَ ملوڪ، لَتاڙيو لَڪَ چَڙهي.

مُحِبَ فقير کي ميرا ڪپڙا پاتل هئا مٿان پورو ڪوٽُ ۽ ڪُلهي تي بندوق، بغل ۾ ڪارتوسن وارو ٿيلو هو. فقير لَڪُ وٺيو پکين جي لانگهي تي تاڙَ ۾ ويٺو هو. مون بہ وڃي سلام واريو مون کي هيٺ ويهڻ جو هٿ سان اشارو ڏئي پاڻ پکين ڏانهن بندوق تاڻيندي ڏڪ هنيائين، ڏسان تہ ٻہ پکي اچي پَٽِ پيا، ٻنهي پکين کي سِيرَ ڏئي، وري گوڏو منڍي پکين جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. پوءِ پکي ايندا ويا ۽ فقير ڪيرائيندو ويو. اچي انڌيرو ٿيو ڏزن کن پکي ڪٽي اتان روانا ٿيا سين.

مارِي مَرِين شالَ، ڏُب پَچِنَئِي ڏِيِهُون،
تو پُٺُ اچي ڪاله، وِڏا ويچا وَرِهِيَنِ جا.

مونکان پڇيائين تو هتي ڪيئن آيو آهين چيم تهنجو شڪار ڏسڻ ۽ تو سان ڪچهري ڪرڻ آيو آهيا.

چيائين ڀَلِين آئِين، پڇيمُ فقير سائين نڪو ڍَنڍَ نہ پاٽي پر پکي ڪوڙُ سارا ماريو پيو وڃين، اهو ڇا ماجرو آهي؟ مسڪرائي چيائين ڍَنڍَ اسان جي ويجهي هئي پاڻ پکين جي گَس تي ويٺا هئا سين. جنهن کي اسين شڪاري لَڪُ چوندا آهيون. ان جڳهہ تي پکي تمام ويجها لڳندا آهن سي مارڻ ۾ سَوَلا هوندا آهن.



فقير ميرا ڪپڙا پاتا اٿئي؟ چوي ٿو ميرو ڪپڙو هوندو تہ شڪارُ شڪاريءَ کي ڏسي ڪون سگهندو. اڇو يا چمڪيلو ڪپڙو پري کان ڏسبو آهي جنهن کي شڪار پري کان ڏسي رستو ئي مٽائي ويندو آهي.

ڍَنڍَ ڪناري پُهچي مون کي چيائين اڄ تہ ڪانئيون ڪريون، ڪانئيون ڪري ڪجهہ پکي صاف ڪري وِڍي ڪُٽي گوشت سان چانورَ وجهي ڪچهري ڪرڻ لڳا سين. ڪچهري ڪندي چانورَ پچي ويا ديڳڙي کي دم ڏئي چانور کائي وري ڪچهري کي لڳا سين مَڇُ ٻرندو رهيو ڪچهري هلندي رهي.

سياري جي رات هئي ۽ ڍنڍَ ڪنارو هو. فقير کان پڇيم سيءُ ڪو نہ ٿو لڳي؟ چيائين سيءُ لڳندو تو جهڙن کي اسين سيءَ کي لڳندا آهيون.

اهو وري ڪيئن؟ چيائين فجر مهل ڏسجان، وري ڪچهري ڪرڻ ويهي رهياسين. اهي پکي ڪهڙا آهن جيڪي ماريا اٿئي؟ ٻہ سهٽا رنگين پکي ڪٽي چوي پيو هي نِيرَڳَ اٿئي، ٻين ٽن ڏانهن اشارو ڪري چيائين اهي ٽُراندا پکي اٿئي. باقي پيل پکين جي باري ۾ چيائين اهي ڊِگوش آهن.

پُڇيم ڀلا هنن ۾ ڪا آڙي بہ آهي؟ ٺڪ ڏئي چيائين اها ڪاري لَڪَ تان لنگهي ئي ڪو نہ. پڇيم ٻيا ڪهڙا پکي هوندا آهن؟ چيائين پکي تہ هزارين آهين پر هتي سنڌ ۾ جيڪي شڪار وارا پکي اچن ٿا سي، نيرڳ، ڊگوش، ٽُراندو، آڙي، ڇِيڪِلا، رتُونيا، شينهون، سانءِ، خاص اهي آهن. پڇيم اهي اچن ڪٿان ٿا؟ چوي ٿو چون ٿا تہ اهي روس جي رياست سائبريا مان اچن ٿا، اتي جڏهن سيءَ پارا پون ٿا تڏهن ڍنڍون برف ٿيو وڃن، تڏهن اهي پکي هيڏانهن اچن ٿا. سياري جا ٽي مهينا رهي وري پنهنجي وطن واپس هليا وڃن.

شڪار ڪهڙن پکين جو ڀلو هوندو آهي؟ چوي ٿو نيرڳَ پکي جو شڪار معشوق شڪار هوندو آهي، جنهن جي پُڇَ ۾ وريل ڪنيُ هوندو

آهي، جنهن کي شڪاري خاص ڪري ٿوپيءَ ۾ لڳائيندا آهن. ٻيو ڏگوش، ٿراندي ۽ رتونيي جو شڪار بہ پلو لڳندو آهي باقي جي نٿو شڪار ملي تہ چيڪلا، يا آڙيون ماري مڙي شوق پورو ڪندا آهيون. ڪچهري ڪچهري ۾ ڏينهن اچي ٿيو. فقير بندوق ۾ ڪارتوس پري گوڏ پائي لانگوٿو ڪري ڊنڊ واري پاٽيءِ ۾ گهڙيو پاٽي اصل پارو هو، مونکي چيائين هاڻ ڏسجاءِ نظارو فقير کي چيله تائين پاٽي آيو. اَجان ڪجه انڌارو هو. ڏٺم تہ فقير بندوق تاٽي نشان ڪري ڏڪ هيائين، لڳو لڳ بہ فائر ڪيائين ڏسان تہ فقير پاٽيءَ ۾ پکي پيو ڳولي، پکي ڪانبيءَ ۾ وجهي وري شڪار جي تاڙَ ۾ بيٺو، ڏسان تہ هڪ پکين جي ٽولي فقير مٿان لامارو ڏنو فقير بہ وجه وٺي فائر ڪيو، ٽي پکي اچي فقير جي اڳيان ڍيرِ ٿيا، سج اچي اڀريو فقير بہ ڊنڊ مان ٻاهري نڪري آيو ساڻس ويهارو کن پکي هئا. مون کي پري کان رَڙِ ڪري چيائين يار مَڇَ کي مڇائينس سيءُ مريو ٿو وڃان. اچي مَڇَ تي هٿڙا سڪيائين. ڪپڙا پائي چيائين هل تہ هلون ڏيري تي.

رستي ۾ پڇيم فقير ڪڏهن هنجهُ پکي ماريو اٿئي؟ توبہَ ڪندي چيائين، يار هنج مارڻ جا پکي ٿوري هوندا آهن، هنجن جا تہ نظارا ڪبا آهن، جيڪي موتي چڻن تن کي بندوقون ٿورئي هڻبيون.

هَنجهَ نہ بندِ ڳَجَنِ، پَکي نہ وجهجن پڃِرِي،
مَڇُڻُ مري رهنِ، سارينديِ کي سڄَڻِين.

پڇيم پلا اهي هنجه پکي تو ڏٺا آهن؟ چيائين هائو اهي پکي اڳي هتي جام ايندا هئا، هاڻ الاءِ ڪهڙو واءُ وريو آهي جو هاڻ ڏٺي ڏينهن ٿيا، وري نہ ڏٺا سين ڪڏهن.

ڪارايَلَ جي ڪوڏَ، مون ڪينجهر سَپِ نِهاريو،
وري وانهيري نہ وِرِئا، لَلا لاڪِيڻِي لوڏَ،
هِينئَڙي جَنِي هوڏَ، سي هنجهڙا سَپِ هلِي ويا.



پڇيم پلا ڪو هرڻ ماريو اٿئي؟ چوي پيو ڏاڍا ماريا سين، چوي ٿو شڪاريءَ لاءِ هرڻ جو شڪار وڏي خوشيءَ جي ڳاله آهي. پڇيم پلا اهو شڪار ڪيئن ڪندا آهيو؟ چوي ٿو هرڻ وڏو سڄاڳ جانور آهي هرڻ کي شڪاري ڪون ماريندا هرڻ کي سندي ڪُتِي ماريندي آهي. پڇيم اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو هرڻ جي سونگهڻ جي سگه وڏي آهي پري کان ماڻهوءَ جي بُوءِ سونگهي ويندو آهي. هرڻ جي هڪڙي عادت جيڪا مارائيندي آهي. اُها اِها تہ هرڻ ڀڄندي، بيهي پوئتي لوٽو هڻندو آهي ان مهل هشيار شڪاري تاڙَ ۾ هوندو آهي سو وجُه وٺي ڏَڪُ هڻي ڪيڏيندو آهي.

چوي پيو مون ڪڏهن بہ بندوق سان هرڻ نہ ماريو، هميشه رائفل سان نهرا ڪيرايا، پڇيم اهي نهرا وري ڇا آهن؟ چوي ٿو سال جو جوان هرڻ کي نهرو چئبو آهي، سال کان ننڍو هوندو تنهن کي ٻَڙُ چئبو آهي. چوي ٿو مون ڪڏهن بہ مادي يا سلوار نہ ماري، هميشه نَرُ سو بہ نهرو. پڇيم شڪار رات جو ڪرين يا ڏينهن جو؟ چوي ٿو ڏينهن شينهن آهي، رات جو تہ چوريون ٿينديون آهن. اڄ ڪله ظالم رات جو سرچ لائيٽ تي شڪار کي انڌو ڪري شڪار ڪندا آهن، اهو شڪار ڪون ظلم آهي. شڪاري اهو جيڪو شڪار کي ٻولائي ماري.

چوي ٿو هرڻ جو گوشت رڌڻ ۾ لذيذ ڪون هوندو آهي پر جي ان جي سيخَ پچائجي تہ پوءِ ٻوٽيون واهه جون ٿينديون آهن.

پڇيم ڪڏهن سَهي جو شڪار ڪَيَئِي؟ چوي ٿو سَهي جو شڪار بہ ڪو شڪار آهي، سُهو ويچارو معصوم جانور آهي، ان جو گوشت بہ مزي وارو ڪون ٿيندو آهي. ڪجه شڪاري نہ پر خفتي سهي جو شڪار ڪُتنِ سان بہ ڪندا آهن.

تِتِرن جي باري ۾ پڇيم تڏهن پَڙِڪو ڏئي چوي پيو تتر جو شڪار شاهي شڪار اٿئي، اهو بہ اُڏامندي پيرن ۾ ڪيرائيندو هئس. ڪڏهن بہ

چاڙهيڪي جو تتر نہ ماريو. پڇيمُ چاڙهيڪو وري ڇا؟ چوي ٿو پورڙو تتر رات جو وڻ تي آرام ڪندو آهي سو بہ ٽولن ۾. ڪي ظالم انهن سُتلن کي بہ ڏَڪُ هَٽِي وٺندا آهن. اسان ڪڏهن بہ چاڙهيڪي يا ماديءَ جو شڪار ڪڏهن ڪون ڪيو سين.

پڇيم پلا ڪڏهن ڪا ڪونج ماري اٿئي؟ توبه ڪندي چوي ٿو، نہ مناڪونج جو شڪار ڪون ٿيندو آهي. چوي ٿو ڪونج جي ڪِيهَ ستين آسمان تائين پُهچي ٿي، ڪونج جنهن ماري تنهن جا اصل جَڻَ ٻچا رُلي ويندا.

وَڳَرَ ويا وَهِي، ڪالهہ تنهنجا ڪُونجِڙي،
سَرَ ۾ سارِينئَي، گهٽو پينَرَ ۾ پائي،
پَسِين نہ ڦاهِي، جا ماريءَ سندي مَنَ ۾.

چوي ٿو تلورِ جو بندوق سان شڪار ڏاڍو ڏکيو آهي، هيءُ پکي ڏاڍو هوشيار آهي پري کان خطري جي پڙڪ پئي ويندي اٿس، پڇڻ جو ٽِڪو ۾ اڏام بہ پري ڪندو آهي.

پر پوءِ بہ هوشيار شڪاري تلور ڪيرائي وٺندا آهن. ٻيو وري عرب سڳورا تلور جو باز سان شڪار ڪندا آهن، اهو شڪار ڏسڻ منجهان هوندو آهي.

پڇيم بندوق هلائڻ ڪٿان سِکِيِين؟ چوي ٿو بندوق تہ ننڍي هوندي سکيل هيسِ، جوانيءَ ۾ ئي منهنجي ڀَرِتِي حُرُ مجاهد فورس ۾ ٿي وئي، پوءِ 65 ۽ 71 واريون جنگون وڙهيُس، اتي تہ رڳو گولين جي راند هئي، گولي هڻڻ مجاهديءَ ۾ سِکيُس. پوءِ نشان اهڙو پڪو ٿيو جو جيڪو پکي يا جانور وَرَ تي چڙهيو سو اصل پَٽَ تي ڪريو.

پڇيم گوشت ڪهڙي پکيءَ جو پلو ٿيندو آهي؟ چيائين تتر جو گوشت سڀني پکين مان پهريون نمبر تي آهي، ٻيو نمبر تلور، ٽيون نمبر



پاٽيبڙ جو ٿيندو آهي، ڍنڍ جي پکين جو پلاءُ پلو ٿيندو آهي، خاص ڪري آڙيءَ جو پلاءَ جا اصل هٿ پيو چٽيندين.

پڇيم ڪو گڊ، سرهَ يا ڦاڙهو ماريَئِي؟ چوي ٿو جوانيءَ ۾ جبل واري پاسي اهي جانور مارڻ ويندا هئا سين هڪڙو سرهہ مون بہ مايو هو. پر گڊَ ۽ سَرَهَ جو شڪار تمام ڏکيو ٿيندو آهي. اهي جانور خطري کي ڏسي جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويندا آهن پر جبل جي ڪڇ ۾ ڦاڙها، روجهون ۽ ڪارا هرڻ ڪئين ماريا سين.

گوشت جو پڇيم ڪهڙي جانور جو سنو ٿيندو آهي؟ چوي ٿو جبل جي جانورن جو گوشت صحتمند ۽ لذيذ ٿيندو آهي. چوي ٿو اسين گوشت لاءِ ٿوروئي شڪار ڪندا آهيون، شڪاري جو شوق هوندو آهي تہ شڪار هن جي پهرين ڏَڪَ سان پيرن تي ئي ڪِري تہ مزو ٿئي.

پڇيمُ شڪارن جا بہ ڪي قسم هوندا آهن ڇا؟ چوي ٿو ڪوڙ سارا شڪار قسم آهن مثال طور تير ڪمان، غليل، ڪوڙڪي، دام، ڦنڌُ. ڄار ۾ لٺ سان شڪار سان ڪيو ويندو هو. ڪتن ۽ باز سان پڻ شڪار ڪيو ويندو آهي. هاڻ تہ گهڻو ڪري بندوق سان شڪار ڪيو ويندو آهي.

ڍنڍ جي پکين جو بندوق ۽ ڄار سان ڪيو ويندو آهي. تتر جو شڪار بندوق، دام، ڄار ۽ غليل سان ڪيو ويندو آهي. هرڻ جو بندوق ۽ ڦنڌ سان شڪار ڪيو ويندو آهي.

ڪتن سان خاص ڪري خفتي سوئر، سهي، جو شڪار ڪندا آهن. پڇيم اڳم شڪار جو مزو هوندو هو يا هاڻي؟ چوي ٿو شڪار هو اڳم هاڻ شڪار آهي ئي ڪون آهي تہ مزو وري ڪهڙو ايندو.

پڇيم پلا ڪو شينهن وغيره جو شڪار ڪيئي؟ ٺهڪ ڏئي چوي ٿو، تون شينهن جي ڳاله ٿو ڪرين هتي اسان کي سهو بہ ڳولئي ڪون ٿو ملي. هن ملڪ ۾ شڪار وارا جانور تہ رهيا ئي ڪو نہ آهن، ڪي ايڪڙ

ٻيڪڙ پکي اچن ٿا سي بہ اسان کان رُسي ويا آهن.

پڇيم مڇيءَ جو شڪار ٻلا؟ چوي ٿو اڙي ابا ڪهڙا ڪِيَس پڇين ٿو اسان جي ڳوٺ جي ڀر سان ڍنڍ هوندي هئي تنهن ۾ ڏاڍي مڇي هوندي هئي، تنهن کي مارڻ لاءِ اسين روز ڪُنڍِي ڦاسايو ويٺا هوندا هئا سين.

ڪُنڍي ڪَلِيَنِ وچ ۾، جڏهن هنيائون،
موتُ نہ مارِيائون، ڏورِ ڏِنِي ويا ڏُکَ جي.

ڳالهيون ڪندي شڪار جون اچي فقير جي ڏيري ڀيڙا ٿياسين، شام جو وقت هو ٻڪريءَ جي کير جي چانه پيتي سون. مون موڪلائڻ جي ڪئي، فقير جو زور پريو تہ ماني کائي وڃ، نيٺ آخر فقير اڌُ ڊزن پکي مون کي ڏانائين تَنِ جو پلاءُ سامهون آهي ٻيو مڙئي خيرُ.

ﮩﮪ

## هيرائي هَٿِ ڪيو، هينئڙو حبيبَنِ

هيرائي هَٿِ ڪيو، هينئڙو حَبِيبَنِ،
ٻڌِي ڳچِيءَ تندُ ۾ سلهاڙيو سيڻَنِ،
جُه وِڏا پيچَ پرِيَنِ، ته هينڙو هٿِيڪو ٿيو.

محبوب پڇيو هيتري حياتي ڪٿي هُئين، چيمُ ڪاله رات ڄائو آهيان ڪاله صبح تنهنجي خبر پئي اڄ اچي پهتو آهيان، هڪڙي رات وچ ۾ پئي ان جي معافي ڏيو. چيائين توکي خبر آهي؟ ته هڪڙي رات جي سزا ڇا آهي؟ چيم ها مونکي خبر آهي مون اهو عذاب ڀوڳيو آهي، راتوڪي رات مون لاءِ ايئن هئي، ڄڻ ته .

ڏَءُ لڳو ڏونگر ٻريو ڀينرُ ڪاٺي ڀون،
جتن ڇڏي آهيان، الله ڇڏُ نه تون،
.مَنان لاٿو مون، جيئڻ سندو آسرو

چيم تون هيتري حياتي ڪٿي هُئِي؟ چوي پئي آئون ٻه ٻه ڄڻ ته ڪاله صبوح ئي ڄائي آهيان، ڪاله شام خبر پئي پرين پنڌ ۾ آهن راتوڪي رات انتظار جي گهاٽي ۾ پي پيڙهِيُس، صبح تون مليين ڄڻ منزل ملي، راتوڪي راتِ جو صفر مون پڻ هيئن گذريو.

ڏينهن تَتو ڏونگر ٻريو، ڇِپَرَ هَنئِي ڇاٽَ،
رندَ پَسِيو رِيهُون ڪري، ڳوڙهن پريو ڳاٺُ،
آڏيءَ اٿي هليا، سَنوَڻَ ڪي ساٿَ،
روئي ڪندو ماٺ، هينئڙو ٻانهيءَ ٻارَ جيئن.



چيم توکي ته منزل ملي وئي پر اسان جو سفر ته اڄ شروع ٿيو آهي. توکي خبر آهي انهن مسافرن کي سفر ۾ وڏيون اذيعتون ايندديون آهن؟

ٿَڪِيءَ ٿَڪَ نه جهوريو، ويهي ڪٿي واٽَ،
تَتِي ڏونگر تَئي ٿيو، ڇِپَرُ هَٽي ڇاٽَ،
اندرَ جي اُساٽَ، ڪالهوڻِيان اڄ گهٽي.

چوي پئي منزل ماڻڻ کان ٻڇين ٿو ته . تو سان گڏ هلڻَ وارن مسافر جو ته الاءِ ڇا ٿيندو؟

ٿَڪِيءَ ٿَڪَ نه جهوريو رهي ڄِتي رات،
پِيَسِ گهٽو پِتي تي، ڪا بلوچاڻي باتِ،
تَنَ اندر ۾ تاتِ، جيڪا سا ڄَتَنِ جي.

چيمُ ساٿي مسافر تو جهڙا ڀِرِ جهلا هوندا ته سفر سکيو ۽ منزل ملي ويندي.

ڪالهوڻِيان اڄ ڪَٿَرَ ٿي، اُچِلي وِکُون اڄ،
مرندي مارڳَ وِچَ ۾، ايئن لوڪاٽي لڄ،
پوري اُٿي پڄ، ته سفر ۾ سڱَرَ ٿِئِين.

چوي پئي اهي ڳالهيون ڪر ته رُوحَ راضي ٿين نه ته ٻئي وچ منزل ۾ ئي ڪپي ويندا سين.

سَڱَرَ ٿِئين ساٿَ جي، مَنَ ڪوٺي ڏِينَئِي ڪانڌ،
نه ته لَکِين اِنهِين لَڳِنِ تي، مِرُوئن ڪاڏيُون مانڌ،
ٻانيَڙِ عشقُ ٻروچَ جو رُلِي ڀانءِ مَ راند،
ته پُنهُون وڃائي پانڌ، وِهارِينئِين وچ ۾.

چيم گهبراءِ نہ منزل بہ ملندي، ۽ مسافر کون ٿکبا.

وِهاريندو وچ ۾، جَنِ ڪانڌَ جي ڪئي،
جَنِين پارُ پُنُهُوءَ جو، ساڄهرُ رَسِيُون سيئي،
هوتَ اُڪاريُون هَٿَ سِين، ڏونگرَ پيرَ ڏيئي،
پاڙِي هُجُ پيئي، اَڱَڻَ نِهاريو اُنِ جا.

پُڇيمُ فقير سائين پوءِ ڇا ٿيو؟ چوي پيو پوءِ ٿيو ايئن جو نئون نيهُنُ هو هن جو ننڊون حرام هيون ۽ منهنجو سُکُ چينُ، مِلُون تہ وڃي ڪُڄُه مَنَ ۾ ماٺارَ ٿِئي نہ تہ جدائي جا ڏينهن جڻ عذاب هئا.

نئون نِيهُنُ لڳو ڳري ۽ ڳالهيون ڪري،
اَرِٿُ سورِيندي اوچِتو پرينءَ پورُ پيو،
پَهو پَتِ پِيو، هُو هٿُ هُتِ رهيو.

پڇيم فقير سائين پهرين ملاقات ۾ جيڪا ڪله رات جمڻ واري ڳاله ڪئي هئي اها ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.

چوي ٿو هن جي حسنَ جا چرچا پوري جڳ ۾ مشهور هئا ۽ منهنجي مست جواني جا چئوگرد چئوپول هئا. ملڻ کان بہ ڏينهن اڳ ستي خواب لڌمُ، خواب ۾ ڏسان سڄڻ سان وڃي مليو آهيان.

سُتي سَنبِريومُ، کو ڳُڻُ ٻاروچَنِ جو،
ڳَلِ وِهاٽو پِنُو هَرِيو هَٿُ ٿيومُ،
پرينءَ پُورُ پِيومُ، جاڙِ جيان ٿي جيڏيون.

خواب ۾ هڪ ٻئي سان حال اوريا سين، تن ڳالهين اڃي اسان کي پاڻ ۾ ملايو. مون کي هن جو حسن ڏسڻو هو هن کي منهنجي جواني.

ڏِسنِ سي پَسَنِ، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورينديون ڏسن، اڳڻَ عجِيبن جا.

فقير چوي پيو انسان جڏهن عشق جي وَرِ چڙهندو آهي تڏهن ايئن



محسوس ٿيندو آهي، جڻ هن جي زندگي هاڻِ شروع ٿي آهي اڳيئين زندگي جڻ ايئن ئي هئي.

تہ ڪَرِ ڪنهن سُئِي، جي سِيرَ نہ گهڙي سُهڻِي،
هِتِ حياتيءَ جندڙا، هَڏَ هِنَ تان نہ هئي،
چُڪيءَ تنهن چَرِي ڪَئِي، جا ڏِنَسِ اُنَ ڏُهي،
سُهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قُربَ ڪُهِي،
هُئِين هوندَ مُئِي، ٻُڏِيءِ تان ٻيڻا ٿيا.

سو مون سان بہ ڪجه اهڙو ئي معاملو هو ۽ سڄڻ جا سان بہ ايئن ئي ٿيو هو، جڻ ٻئي ان ڏينهن اڳهيا هئا سين.

پُنهونءَ ساڻِ پِرِيتِ جو، ڪو جو پيچُ پِيومِ،
پَنيِي هن پنيورَ ۾، ويهڻُ وِهُ ٿِئومِ،
مَتِيُون موتڻَ سنديُون، ڪاڪيُون ڪِيمَ ڏِيومِ،
سرتيون ساهُ سندومِ، ٿِئو حوالي هوتَ جي.

فقير چوي ٿو جڏهن عشق لڳندو آهي تڏهن عقل، جِڏائي ويندو آهي. ساري حياتي سڄڻ جي ئي سِڪَ هوندي آهي، سواءِ سڄڻ جي روحُ راضي ئي نہ هوندو آهي ۽ من هر وقت ملڻ لاءِ ماندو هوندو آهي.

ڪو جو مَٿس مينهن، آريءَ جي اُڪيرَ جو،
راتيان روئي رَتَ ڦُڙا، سُکُ نہ سارو ڏينهن،
ٻاروچاٽو نينهن، مُنِيءَ مانو نہ ٿئي.

پڇيمُ پلا ڪا روڪ توڪَ ٿي ڪڏهن ملڻ جهلڻ ۾، چوي ٿو نہ بابل اسان جي عشق جي سواءِ قريبن جي ٻئي ڪنهن کي ڪَلَ ئي کون پئي. اسان اهڙو سنهو ڪَتِيُو ئي کون جو ڪٽي وِٽي يا ڇِنُ پئي.

عاشق ايئن نہ هُونِ، جيئن تون سَئِين آڳُرِيين،
دَرِ وجي دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙِي رُونِ،
ٻِئِي پَرَڪَ نہ پُونِ، ماڳَرِ محبوبن سِين.

پڇيم ان سان تنهنجي شادي ٿي؟ چوي پيو نہ مٺا شادي تہ منزل ڪٿائي چڙهيندي آهي ۽ اسان کي منزل تي پهچڻو ضرور هو. ڇو جو اسان پهرين ڏينهن کان ئي منزل ماڻڻ جا وچن ڪيا هئا.

پَهِرين تون پاريجُ، پارَڻُ پوءِ پُنُهونءَ تي،
ٻولُ مَ وِساريجُ، هُو جو ڪَيُئي هوتَ سِين.

چيم شادي نہ ٿي تہ منهنجي نظر ۾ منزل نہ ملي، تڏهن مون ڏانهن گهوري ڏسي چوي پيو لڳي ٿو تون اڃان ڪو ڪورو آهين. عشق ۾ شادي جي ضرورت ناهي هوندي بلڪ عشق کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي هوندي سواءِ سڄڻ جي راضپي ڪانسواءِ. عشق ۾ ملڻ لازم ناهي، عشق ۾ لازم آهي تَنَ اندر جي تاتِ جيڪا عاشق کي جيئرو رکندي آهي.

آئون ڳولِيِنِ شالَ مَ مِلِين، پرين هُئِين پري،
هَڏِ ساهُ نہ سَري، تَنِ تَسَلِي نہ ٿِئي.

چيمُ اهو وري ڪهڙو عشق جنهن کي ملڻ جي ضرورت ئي ناهي، تڏهن ٿڌو ساهہ ڀري چوي ٿو ملڻ سان اندر جي تڙپ ختم ٿي ويندي آهي، ۽ اسان کي ان تڙپ ۾ جي قرار ملن ٿا سي ڪٿي ملڻ ۾ ملندا.

ڳوليان ڳوليان مَ لَهان شلَ مَ ملان هوتَ،
مَنَ اندر جا لوچَ،مَچُڻُ مَلَڻَ سان مانٺي.

فقير کان پڇيم پوءِ ڇا ملبو ئي ڪون ڇا؟ چوي ٿو اسين تہ مليل آهيون پاڻ ۾، هو منهنجي روحَ ۾ رچيل آهي ۽ آئون هن جي ۾، ائئي پهر سڄڻ جي سار آهي، ڏاران سڄڻ ٻيو ڪو مَنُ ڪري ئي ڪون ٿو. بيشڪ



هو مون کان جسماني پري آهي، پر اسين روحاني پاڻ ۾ سلهاڙيل آهيون.

جيئاريسُ سنپارَ، ڪُهُ ڪريندِيَسِ گڏجي،
ويرو تارَ وُجودَ ۾، پِرِيَنِ جي پَچارَ،
سي سَجَڻَ هُونِ نہ ڏارَ، جي هيئين ۾ حَلِ ٿِيا.

فقير چوي ٿو جڏهن سڄڻ مون کان موڪلايو پئي تڏهن مون سڄڻ جي سيرانديءَ کان ٻيهي نِوڙِي حال پڇيا تنهن مهل منهنجا لُڙِڪَ لَڙِي محبوبن جي گلڙنِ تي ڪِرِي پيا. مون ڏانهن اکڙيون کڻي پاڻ بہ لُڙِڪَ لاڙي چوي پئي، ويچارو پورو ٻانئي پيو تہ آئون ڪو مران ٿي، آئون مران ڪون ٿي، توکي ڇڏي ڪيڏانهن وينديس تون روءِ نہ آئون ڪيڏانهن ڪون ٿي وڃان، ڳالهيون ڪندي زندگيءَ ڀر گڏ رهڻ جون سڄڻ موڪلائي ويا، اها ڳاله ڪندي فقير پاڻ بہ روئي ڏنو ۽ مون کي رئاري وڌائين.

ڏونگَرَ ڏُکوئِيَنِ جا، ڳَلِ نہ سُڪا ڳوڙها،
هُو جي پَهَڻَ پَبَ جا ڀَڃِي ٿِيا ڀورا،
گوندر جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪِيو.

# مينهون هِنَ ميهارَ جون، الله سَپِ بَچِنِ

ڏسان تہ هڪ سريلي اڏڙوٽ عمر جي انسان جي ڪلهن تي نيٽَ جي لٺ رکيل هجي مينهيُون هونگاريندو هليو پيو وڃي. جهڙو پاڻ سريلو تهڙيون ئي مينهيُون سريليون، گَسُ وٺيو هڪ قطار ۾ ڪنڌُ هيٺ ڪري هلنديون پيون هلن، ڪنڌين جي ڪنڌ ۾ ٻڌل ڇڙن جي آوازَ سڄي ماحول کي سُرَ ۾ وٺي ڇڏيو هو.

ڇَڙَنِ چوري آهيان، سُڪُ تي سُمُهان ڪِيئَن،
ڏَمُر ڏوراپا ڏي، ڏَهَ ڏَهَ ڀيرا ڏِينهَن،
مون مَرڻَ سِيئَن، نِيئَرُ پاٹُمُ نِيهَن جو.

همراهَ کان نالو پڇيم چيائين منهنجو نالو ڪريم ذات جو مري ڳوٺ ڪريم بخش مري لڳ پراٹي ميرپور آهي. پڇيم ڪڏهن کان مينهيون پيو چارين؟ چيائين مئٽرڪ ڪري پٽاريون چارڻ شروع ڪيم. چيم ٻيو ڪو ڌنڌو ڪرين ها مينهيون پيو چارين؟ چوي پيو ٻيا ڌنڌا سڀ وسري ويا جڏهن کان هنن سان پيچُ پيو اٿم، ٻيو ڌنڌو هاڻ ٿئي ئي ڪون ٿو فجر مهل ڪير ڏُهي صبح سوير پٽارين کي چارڻ لاءِ نڪري ويندو آهيان، تان جو سج لٿي اچي وٿاڻ تي وهنديو آهن.

مَري مَ ميهارُ، وٿاڻُ وِلهو مَ ٿِئي،
وَڃُنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ،
ساهڙُ مون سينگارُ، ماٹهن ليکي مِهِٹو.



مينهيون هن ميهار جون، الله سپ بچن،
وچون جي ڪِيرَنِ سِين، سدا ٿيون سُونهَنِ،
مونکي ماٹِڪِيِنِ، تاٹي هنيو تارِ ۾.

چوي ٿو مون ڪي مينهيون عشق چارايون. پڇيم اهيو وري ڪين؟ چوي ٿو جڏهن عشق لڳم تڏهن ڏينهن جو مينهون چاريندو هوس ۽ راتِ جو تريڪٽر هلائيندو هوس. ٿڪ ڏئي چيم عشق، مينهيون ۽ تريڪٽر ڪوڙو لڳو ڪون ٿو پاڻ مسڪرائي چوي پيو چوٿون جلال بہ گڏ هو چوي ٿو عشق لڳو جڻ ڏَنءُ لڳو ننڊ نيٹن کان اصل رُسي وئي. سڄي رات تريڪٽر هلائيندو هوس فجر مهل جلال واتان راٹو ٻڌي بس ڪندو هوس. وري صبح سوير مينهيون ڇوڙي پرين جي گس ڏانهن روانو ٿيندو هوس.

آڏيءَ اُڏاٹا، سرتيون سُڪَ ميهارَ جا،
لنگهي سِيرَ سنوان ٿيا، ساهڙَ سيباٹا،
پيچَ پِنِيءَ پاٹان، پَسان مانَ پرينِ جا.

پڇيم تو چيو پئي مينهيون عشق چارائيون اهو وري ڪيئن؟ چوي ٿو اسين ٻئي گڏ پڙهندا هئا سين، ميٽرڪ ڪرڻ بعد هن کي مائٽن اسڪول وڃڻ کان روڪي ڇڏيو تڏهن کان منهنجو مَنُ بہ اسڪول کان کڄي ويو. هن جي گهر جي اڳيان منهنجي مينهين جو چارو هو، هن جا ديدار پسڻ لاءِ مينهيون ڪاهي هن جي گهر جي اڳيان گذرندو هوس. اکين جا صبوح شام نارَ ٿيندا هئا، نشا نينهن ۾ ٿيندا هئا.

سِڪَ تنهنجي سُپَرين، جيئن تران تيئن تار،
تون ئي رهيو رُوهَ ۾، تون ئي اکين نار،
پرين تنهنجي پار، مون واجهائيندي وَرِهَ ٿيا.

پڇيم ٽريڪٽر جو قصو ڇا آهي؟ چوي ٿو رات جو سڄڻ جي سار ۾ ننڊ ايندي ئي ڪون هئي پوءِ وچي ٽريڪٽر هلائيندو هئس ۽ جلالُ جيءَ جا جوش جلائيندو هو.

چوڏاري چَڙا، ٻُرَنِ ٻيلاين جا،
سُتي سانيرن جو، پِيَمُ ڳَنَ پَڙاءُ،
وِهَڻُ مون وَڙاءُ، سُٽِيو جهانءِ جِهجي هينيُون.

چيم جلال وري ڪهڙا جوش جلائيندو هو؟ چوي ٿو جلال ڪي ڪڏهن لطيف جي ٻولي ڳائيندي ٻڌو اٿئي؟ اهو بہ رات جي پوئين پَهَرَ ۾ لطيف جو راڳو ڳائي جڻ عاشقن جا ڇٽلَ ڦٽَ جاڳائائي ڇڏيندو.

هِنَ ٻِرِ سُئَمُ هاڪَ، سُتي سنپارن جي،
محبتي ميهارَ جي، چَڙَنِ چوريا چاڪَ،
اُنهِين جي اوطاق، وڃڻُ مون واجب ٿيو.

چوي ٿو آئون جنهن جوءِ ۾ ٽريڪٽر هلائيندو هوس اتان سڄڻ جو ويڙهو ويجهو هوندو هو. پوءِ سڄي رات جاڳي دل خوش ڪندو هئس، دل ۾ اها آس هوندي هئي تہ جلال جي آواز ۾ لطيف جو راڳو ٻڌي مَنَ سڄڻ جو منُ مون لاءِ ماندو ٿيندو هجي.

پڇيمُ ڪڏهن مليا بہ يا رڳو مَنُ ماندو ڪندا هئا؟ چوي ٿو ملڻ نہ محبوبن جي وس ۾ هو ۽ نہ ئي اسان جي وس ۾. چوي پيو سائين زمانو ڏاڍو ظالم آهي هن ظالم دنيا ۾ پيار ڪرڻ وڏو ڏوهُ آهي، جيڪر پنهنجن کي خبر پوي تہ اهي پنهنجا بہ پراوا ٿي ويندا آهن.

ڳئورا ٻئي پارَ، هينيُون حيرت ۾ پيو،
وِهان تہ ويرَ ۾ ٿئي، نيهن ۾ پئي نِهارَ،
وچان تہ واڪو ٿئي، پاڙي ۾ پئي پچارَ،
هُتِ واعدي جي وارَ، هِتِ سُوٽو ڏِيَنُمُ سرتيون.



ڳالهيون ڪندي عشق جون ڏسون تہ هڪ پوريءَ پٺاري پڇي وچي پر واري فصل ۾ پيلَ ڪئي. سو هن ٻوڙي وچي لَٺِ جا اولارا ڏئي مينهن کي واپس ورايو. چوي پيو اها پَٺاري پاڙي وارن جي آهي بہ ڏينهن ٿيا آهن ڪٺان وئي آيا آهن. هاڻ مونکي ڏني اٿَنِ چارڻ لاءِ، پٺاري نئين آهي جيسيتائين وچي مون وارين مينهين سان پِري تيسيتائين پئي ٻئي پاسي ڇڪَ هٽندي.

وڏي وَڳُرَ هيرِيين، ڇِنِي نہ ٻين گڏ،
ڪونجَ ڪريندي سڏ، وئي وهامي راتڙي.

پڇيمُ تو وارين مينهين جو نسلُ ڪهڙو آهي؟ چوي ٿو اهي ڪُنڍِيون اٿئي، اصلوڪيون سنڌي نسل جون ڪنڍِيُون پٺاريون ٿورَ ڪايُون، ڪير جون پليون ۽ مُهانڊي ۾ موچاريون هونديون آهن.

مينهيُون هِنَ ميهارَ جون، الله سپِ جِيئَنِ،
ڪاريُون، ڪَڪِيُون، ڪُنڍِيُون، وارا ڪِيو ويئَنِ،
جُوءِ جا جانارنِ جي، ٻيلا ٻَہ ٻَہ ڪن،
اچي ريلَ رهنِ، مون سانپارا سُپَرين.

پُڇيمُ مينهين ۾ ٻيا ڪهڙا نسل ٿيندا آهن؟ چوي ٿو سنڌ جو سدا ملوڪ نسل ڪُنڍِي مينهن آهي، جنهن جا ڪُنڍا وريل سِنڱَ ٿيندا آهن، پنجاب ۾ جيڪا مينهن ٿئي ٿي تنهن جا سِڌا، يا اَڌُ وريل سنڱَ ٿيندا آهن. ٿي وري پناٽن واري پاسي ٿئي ٿي تنهن جو رنگ اڇو پورو ٿيندو آهي. انهن تنهي مان ڪنڍيءَ جو ڪو مقابلو ئي ڪون آهي.

چوي پيو تہ رنگ، مهانڊي ۽ عمر سان مينهين کي سُڃاتو وڃي ٿو. ڪي رنگ جون ڪاريون، تہ ڪي ڪڪيون، ڪي پوريون، تہ ڪي ٻولاهيون، ڪي چالون، تہ ڪي ماٽڪيون ٿينديون آهن.

چوي ٿو عُمرِ سان مينهين کي هيئن سجاتو ويندو آهي.

ننڍڙي کي وَڇَ.. ٿوري وڏي کي پاڏي، ڦرجڻ جي لائق کي ٿِهاڻِ ۽ وڏي کي مينهن، اهي وصفون مينهين جي عمر جي سڃاڻپ ڏين ٿيون.

اَنڍِيءَ وَڇُون، ڪنڍِيءَ وَڇُون، تَنگئا لَهي نہ تِڪَ،
صُورتَ جا ساهڙَ جي، ڏيلَ پنهنجي ڏِڪَ،
واهُڙُ تَنِين وِڪَ، جَني سانيارَ سُپرين.

مُهاندي ۾، ماڪي، پِلَ، حالي، ٻولاهي مينهين جو مُهاڍري ۾ سڃاڻپ جا اهڃاڻ آهن.

ڳالهيون ڪندي اچي نماشام ٿي فقير ڪٽي مينهن کي گهر ڏانهن موٽَ ڏني، مونکي بہ دعوت ڏنائين هل تہ هلون ڏيري تي، پوءِ ڀٽاريون پاسا پلاند چرنديون سڏيون اچي وٿاڻ تي پهتيون.

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مٿي آرَ،
ڪوڙين ڪَرَ ڪَٽَندِيُون، سُٺِي سَڏَ ڏرارَ،
مينهِيُون ساڻِ ميهارَ، ٻَرِچي پار لڳهينديُون.

وٿاڻ تي پهچڻ سان ئي ڀٽاريون وڃي پنهنجن ڪِلَنِ تي بيٺيون، هڪ هڪ ڪري مينهين جي پيرن ۾ پينگهون ڦاسايائين.

مري تان مَ ميهارُ، وٿاڻُ وِلَهو مَ ٿِئي،

وَڇُنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ،

ساهَڙَ مون سينگارُ، ماڻهن ليکي مِهِٽو.

پينگهيون ڦاسائي مينهين جو پاڻ گڏ ڪر دونهي دکايائين. پڇيم اهو ڇا پيو ڪري؟ چوي پيو دونهي پيو دکايان تہ جيئن ڀٽارين کي محا (مڇر) نہ لڳن.



ڪٿي ٿيو ميهارُ، ڪِٿي ٿو ڳِهنڊُ ڳُڙي،
ڪِٿي ڏُونهِي دوست جي، ڪٿي پريون پارُ،
جنهن مون سڀِ ڄمارَ، ڄَرَ ۾ جهوتون ڏنيون.

پڇيم تو وارا محبوب بہ سهڻيءَ وانگر سهڻا آهن يا نہ؟ تڏهن چوي ٿو اڙي درويش ڀلا ڪير چوندو تہ منهنجا محبوب ٻين کان گهٽ آهن،

مون کي پوري مينهن ڏُهي کير سان گڏ ماني ڏنائين، آئون بہ ڪائي نَڙُ ٿيسُ، گهران بسترو ڪڍي آيو مونکي ڇيائين تون سُمَهي پَوُ آئون وڃان ٿو ٽريڪٽر ڪاهي ڪيڙي ڪرڻ صبح سوير وري ٿو اچان.

آڏيءَ اُڏاڻو، هينڙو مون هٿَنِ مان،
وَهٍ پِئو، واهُڙُ تري ساهَڙَ سيباڻو،
پيڇِ پِنيءَ پاڻو، پِيَہ جو پَسِي آئِيو.

اتي هڪ وَڇَ ڇنائي وئي، پوءِ اسان ٻنهي جي هٿن ۾ رسا هئا گهڻيءَ دير ڪانپوءِ پوءِ وَڇَ وڃي وٺ ڏنو وڇَ ٻڌي تڙ تڪڙ ۾ ٽريڪٽر ڪاهي يار نڪري ويو.

وَڃُنِ سِين وينِي، سُورُ وهاڃي سُهٽي،
آنَ ڪا ٿي ڏينِي، مينهِين جي ميهارَ سين.

سڄي رات ٽريڪٽر هلايائين ۽ جلال ٻڌائين. فجر مهل اچي مون وٽ بريڪ هنيائين. چيم ڏي خبر ڪي ملاقاتو يا ديدار ٿيا؟ چوي ٿو يار اهڙا اسان جا نصيب ڪٿي مڙي پئي جلال هڪ ٻئي کي جاڳايو.

ڪرڪين خوش ڪِياسِ، محبتي ميهارَ جي،
پَسَڻَ ڪارڻَ پرينءَ جي، آڏي ٿي اُٿياسِ،
سُتي جاڳاياسِ، سانيَرَ سُپيرِين جي.

صبح ٿيو ماکي، مکڻ، لَسِي ۽ ماني کڻي آيو ٻنهي کاڌي، مون

موڪلائڻ جي ڪئي، هن چيو تہ  بيهہ تہ آئون ڀتاريون کولي وٺان پوءِ ڀئي ڳڏ تا هلون، مينهيون ڪاهي روانا ٿيا سين. وچ ۾ هن جي محبوبن جو گهر آيو هيءُ ديدار ڪري ڏاڍو خوش ٿيو اڇي روڊ جي ويجها ٿيا سين. وري ملڻ جا وچن وٺي ڌار ٿيڻ سان اتي فقير هيءُ بيت ڏنو.

اوهين جي وجو اوٺيا، تہ الله کي پرتا،
اوهان تہ ڪئي سيڪا، پر مون نہ ڪئي ڪا،
سُڪن هيريو جندڙو، تنهن ڏُکَ مَ ڏيجا،
وري وَڙُ ڪريجا، الله ڪارڻ اوٺيا.

ﷺ